
واجھائيندي ورھ ٿيا
(ڪهاڻيون)
شگفته شاهه
ناري پبليڪيشن

# واجهائيندي ورهه ٿيا

(ڪھاڻيون)

شگفته شاهه

ناري پبليڪيشن
ناري ميڊيا سينٽر
443/3 صدر حيدرآباد
2018ع

ڊجيٽل ايڊيشن:
2018ع
سنڌ سلامت ڪتاب گهر

**ڪتاب جا حق ۽ واسطہ ليکڪا وٽ محفوظ آهن.**

ناري پبليڪيشن جو ڪتاب نمبر ٻاهٺون

| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | **واجهائيندي ورهہ ٿيا** |
| ليکڪ: | شگفتہ شاهہ |
| ڇاپو پهريون: | 8 مارچ 2018ع |
| ٽائٽل ڊزائن: | مور ساگر |
| لي آئوٽ: | جهانزيب علي جوڻيجو |
| ڇپيندڙ: | ساحل پرنٽرز رابعہ اسڪوائر حيدرآباد. 03332634650 |
| ڇپائيندڙ: | نذير ناز |
| پاران: | ناري پبلڪيشن / ناري ميڊيا سينٽر 443/3<br>صدر حيدرآباد سنڌ<br>فون: 2731165 |
| قيمت: | 300/_ روپيا |

# ارپڻا

پنهنجي ان پرائمري ٽيچر جي نانءُ
جنهن مونکي لکڻ سيکاريو.
۽ انهن تمام پرائمري استادن جي نانءُ
جن کي هن سماج ڪڏهن عزت پريو
بلند مقام نہ ڏنو.

# سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”واجهائيندي ورهہ ٽيا“** اوهان اڳيان پيش آهي. هي ڪتاب مصوره، شاعره ۽ ليکڪا **شگفتہ شاهہ** جي ڪهاڻين جو مجموعو آهي.

شگفتہ شاهہ نئين ليکڪا ناهي، ڪافي عرصي کان لکندي پئي اچي. شگفتہ شاهہ سنڌ جي هڪ حساس شاعره آهي جنهن جو هڪ ناول پڻ لکيل آهي جيڪو شايع ٿي چُڪو آهي. شگفتہ شاهہ، گهرو جهيڙا، شادي جا مسئلا، ڏاج وغيره مطلب تہ عورت جي گهر، ڏُک سُک، جيوَن جي هرپهلو تي لکيو آهي. عورت جي حساس جذبن کي چڱي طرح اُجاگر ڪيو آهي.

هي ڪتاب 2018ع ۾ **ناري پبليڪيشن، حيدرآباد** پاران ڇپايو ويو آهي. ٿورائتا آهيون آپا نذير ناز ۽ مور ساگر جا جن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي سنڌ سلامت ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڃاهہ وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# فھرست


1. خواتين جي عالمي ڏينهن جي سوکڙي — نذير ناز
2. الا ڏاهي مَ ٽيان... — ڊاڪٽر فهميده حسين
3. پنهنجي پاران — شگفتہ شاھہ
4. اديبہ، شاعرہ، مصورہ ۽ استاد — عبدالغفار صديقي
5. اعتراض
6. بک ۽ اديب
7. وارث
8. سوال
9. پيٽ
10. مون مارو مڃيا
11. ... سو ديس مسافر منهنجو ڙي
12. اڌوري تصوير
13. رُڃَ جا مسافر
14. واجھائيندي ورھہ ٽيا...
15. جن کي سُور سرير ۾
16. ڳولهيان ڳولهيان مَ لهان...
17. ضرورتِ رشتہ
18. فيصلو
19. عورت، روبوٽ ۽ فنڪار
20. فتح
21. لَو مئريج
22. امن جي تلاش ۾
23. مائي مِنل ۽ زَري
24. عورت جي هڪ ڪٿا
25. انجام
26. تو بنان ڊوليا
27. روشني
28. حادثو

## مِني ڪهاڻيون


29. اسٽينڊبرڊ
30. صلو
31. پناهه
32. شناخت
33. بار
34. سزا
35. غيرت
36. غيرت مند
37. محافظ
38. قلم ۽ قلمدان
39. زلزلو
40. چماٽ
41. خيال رکجو
42. ڪهاڻي مڪمل ڪريو
43. انصاف يا ناانصافي
44. وقت
45. رهجي ويل پل...
46. چادر ۽ چئوديواري
47. چاٻي
48. نيٽ جي ڪهاڻي
49. ترقي
50. سوري
51. فرق
52. سزا
53. قلم
54. بهادري
55. انتقام

# خواتين جي عالمي ڏينهن جي سوکڙي

ٿو جلي هي جبل، ٿورو هوريان تہ هَل،
پنڌ پنهنجو پري، ڏينهن آهي ٽَٽَل. (شيخ اياز)

ناري پبليڪيشن طرفان 64 هون ڪتاب ”واجهائيندي ورھہ ٽيا“ حاضرِ خدمت آهي. انهيءَ اميد سان اڳتي ناري پبليڪيشن پاران ڪتاب پيش ڪندي دير ڪانہ ٿيندي. پر ڇا ڪجي، دل سان نہ چاهيندي بہ ڪا نہ ڪا رُڪاوٽ دير جو سبب بنجي ويندي آهي. ڪڏهن منهنجي صحت جو مسئلو، ڪڏهن گهر جي مصروفيت، ڪڏهن خانداني مسئلہ، خوشي، ڪڏهن غم، انهيءَ مسئلن ڪي منهن ڏيڻو پوي ٿو. ڪڏهن سڀ ڪان وڏيڪ مالي مسئلو.

پبلشر لاءِ مالي مسئلو پيدا نہ ٿئي، جيڪڏهن سنڌ سنڌ ڪري قوم جا رکوالا، سنڌي ٻوليءَ ۾ شايع ٿيندڙ هر ڪتاب خريد ڪن. بلڪِ پنهنجي ڪارڪنن / دوستن کي اِها ترغيب ڏين تہ سنڌي ٻولي جو اسان تي حق آهي تہ اسان سنڌي ٻولي ۾ شايع ٿيندڙ هر ڪتاب خريد ڪري پڙهون.

سچ پڇو دوستو! اِهو رڳو نعرو زباني حد تائين آهي نہ اُنهن کي ڪا سنڌ پياري آهي نہ سنڌي ٻوليءَ سان ڪا بہ دلچسپي آهي.

ٻيو اسان جا وڏا اديب، دانشور، ڏاها وڏا وڏا نالا نوَن لکندڙ جا ڪتاب وٺڻ تہ پري جي ڳالهہ پر پڙهڻ بہ گواره نٿا ڪن. اُنهن جو نظريو اِهو آهي تہ اسان جيڪو لکيو بس انهيءَ کان پوءِ ادب ختم ٿي ويو نوَن لکندڙن ۾ اِها صلاحيت ئي موجود ناهي.

جيڪڏهن اِهي وڏا نالا، وڏا ليڪ نوَن لکندڙن کي پڙهي ڏِسن عقل دنگ رهجي ويندن. انهي ڊپ کان اُهي نوَن ليکڪن کي موقعو ئي نٿا ڏين تہ ڪِٿي اسانجي جاءِ تي اڳيان نہ اچي ويهن.

ڪتابن جي وڪري جو ايترو مسئلو پيدا نہ ٿئي، جيڪڏهن حڪومت سنڌ طرفان ثقافت کاتي وارن تي اهو لازم هجي تہ سنڌي ٻوليءَ جي ڪتاب جون بہ سئو ڪاپيون خريد ڪن ۽ اسڪولن، ڪاليجن، سرڪاري لائبريرين ۾ موڪلين تہ ٻوليءَ لاءِ ڪارائتو قدم ثابت ٿيندو. هونئن بہ ٻوليءَ جي نالي وڏا پروگرام ميلا، ملاکڙا ڪرايا وڃن ٿا. پر ثقافت کاتي وارا ڪتاب خريد نٿا ڪن. بلڪِ ٻولي جي نالي جيڪي ادارا ٺهيل آهن اهي پنهنجي طور تي ڪتاب ڇپرائين بہ گهٽ ٿا ۽ ملازم لکن جي تعداد ۾ پگهارون کڻن ٿا پر اُتي آهن ڪاري وارا ڳڳ، رزلٽ ڪجهہ بہ نہ آهي. انهيءَ کان بهتر

آهي تہ ٻاهرين پبليشرن کان ڪتاب خريد ڪن عام ماڻهن پڙهندڙن کي سهولت ميسر ڪن ۽ ثقافت ڪاتي کي سوچڻ گهرجي ۽ ٻوليءَ کي عام ڪرڻ لاءِ بهتر کان بهتر قدم کڻڻ گهرجن.

بهرحال معاف ڪجو!

”واجهائيندي ورهہ ٽيا“ اسانجي بهترين ليکڪا ”شگفتہ شاهہ“ جي ڪهاڻين جو ڪتاب آهي. شگفتہ شاهہ نئين ليکڪا ناهي، ڪافي عرصي کان پئي لکندي اچي. شگفتہ شاهہ سنڌ جي هڪ حساس شاعره آهي جنهن جو هڪ ناول پڻ لکيل آهي جيڪو شايع ٿي چُڪو آهي.

شگفتہ شاهہ، گهرو جهيڙا، شادي جا مسئلا، ڏاج وغيره مطلب تہ عورت جي گهر، ڏُک سُک، جيوَن جي هرپهلو تي لکيو آهي. عورت جي حساس جذبن کي چڱي طرح اُجاگر ڪيو آهي. مونکي پڙهندڙن آڏو اهو ڪتاب پيش ڪندي فخر محسوس ٿي رهيو آهي.

ناري پبليڪيشن پاران هميشہ صاف سُٿرو ادب، هر گهر جي ضرورت ادب پيش ٿيندو رهيو آهي. تمام جلد ناري پاران مئگزين جو سلسلو بہ شروع ٿي رهيو آهي. اميد تہ اوهان جو ساٿ ۽ سهڪار جاري رهندو.

ٻيو ڪُل خير اوهانجي پنهنجي

**نذير ناز**

8 مارچ 2018ع

# الا ڏاهي مَ ٿيان...

شگفتہ شاهہ جون ڪهاڻيون پڙهي آئون الائجي ڪيئن ستر جي ڏهاڪي جي شروعات ڏانهن هلي ويس ۽ منهنجو ذهن ڪڏهن هلال پاڪستان اخبار جي ”سگهڙين سٿ“ صفحي لاءِ ايڊٽ ڪيل ۽ ڇپيل ڪهاڻين ۾ وچڙي ٿي پيو تہ ڪڏهن ”سوجهري“ رسالي لاءِ آيل ڪهاڻين جي ايڊٽنگ مهل مَن ۾ اٿندڙ سوالن ڏانهن هليو ٿي ويو.. گهرن جي چوديوارين، لوڙهن ۽ ڪوٺن ۾ قيد نارين، برقعن ۽ چادرين جي اندر ٻُوساٽيل ساهن، رسمن رواجن ۽ سماجي ٽئبوز جي شڪار ٿيل عورتن جي نڙيءَ ۾ گهٽيل آهن ۽ دانهن جڻ تہ پنهنجو رستو ڳولي ورتو هو ۽ هو انهن ڪهاڻين کي نئين جاڳرتا ۽ آزاديءَ جا اهڃاڻ سمجهي، ڪاڳرن جي ڪينواس تي چٽي، پنهنجو احتجاج رڪارڊ ڪرائي رهيون هيون... سندن اهي ڪهاڻيون، سنڌي سماج ۾ ذهني انقلاب ڪر موڙي جاڳيو ۽ سنڌي ناٽيون اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين تائين پهتيون يا ادبي ڪيتر ۾ ايري آيون ۽ ڪيترائي اهم نالا سنڌي ادب جي آسمان تي چمڪڻ لڳا... جن صدين جي غلاميءَ وارن غلافن کي ڇيون ڇيهن ڪري اڇلائي ڇڏيو. ڪوڙي انا جا ڪوٽ ڪيرائي ۽ ٽئبوز ٽوڙي ڇڏيا ۽ سموري سنڌ ۾ جاڳرتا جي جوت جلائي... جنهن جي هڪ ڪڙي... شگفتہ شاهہ جو روپ ورتو جنهن نہ صرف ڪهاڻين ۾ چترڪاريءَ ۾ بہ پنهنجي فني ۽ تخليقي صلاحيتن کي ميرايو ۽ بنا ڪنهن ٽيڪ يا سهاري جي پنهنجي ٻَل تي ميجتا ماڻي.

سندن هي ڪتاب آهي تہ ننڍڙين ڪهاڻين تي مبني پر هر هڪ ڪهاڻيءَ ۾ هوءَ عورت جو لائيف سائيز چٽ پيش ڪري سندس اندر ۾ موجود ڪنهن نہ ڪنهن ڏک کي هاءِ لائيٽ ڪري ٿي... اهو ڏک دائمي آهي، يونيورسل آهي، جيڪو صدين کان عورت سهندي آئي آهي ۽ ستر جي ڏهاڪي کان هن وقت تائين سجاڳيءَ ۽ آزادي جي پانڌياڻي بنجڻ کان پوءِ بہ، ڪنهن نہ ڪنهن روپ ۾ سندس اندر اڌ ڪري ٿو وجهي... اهو ڏک اڳ ۾ اڻپڙهيل، اڻوجهہ، اڻ ڄاڻ ۽ پروَس عورت جو ڏک هو پر اڄ جي عورت پڙهيل لکيل با شعور فرد آهي، جيڪا پاڻ هيٺي ۽ خود ڪفيل هوندي بہ سڳائي ڏک کي سهڻ تي مجبور ڪئي ٿي وڃي. بي شعور ۽ اڻوجهہ عورت جي پيٽ ۾ باشعور ۽ پاڻ وهيٽي عورت لاءِ اهو ڏ ٻيڻو ٿيو وڃي، جو ان سان ذهني پيڙا بہ شامل ٿيو وڃي، انهيءَ ڪري ئي شاهہ سائين چيو هو تہ:

الا ڏاهي مَ ٿيان ڏاهيون ڏک ڏسن.

اهو ڏاهي ٿيڻ کان انڪار نہ سمجهيو وڃي، بلڪہ اهو ان احساس کي جاڳائڻ جو سڏ آهي، جيڪو ڏاهپ جي ڏک کي گهٽائي سگهي، اهو احتجاج آهي، چماٽ آهي، ان سموري سماج لاءِ جيڪو

”ڏاهپ“، ”شعور“، ”دانائي“ وارن آوازن کي دٻائڻ جون ڪوششون ٿو ڪري، انهن جي سوچ، فڪر ۽ ذهني وسعت جي رستا روڪ ٿو ڪري، يا تہ وري ان کي پيرن ۾ لتاڙي پائمال ٿو ڪرڻ چاهي شايد ان ڪري جو اهو انهن کان خائف آهي، ڊنل آهي.

شگفتہ جي ڪهاڻي ”اعتراض“ ان احساس جو چٽو پٽو عڪس ٿي پيش ڪري، شعور جي ڦهلاءَ کي روڪڻ لاءِ عام تاثر اهو گهڙيو ويو آهي تہ ”اعليٰ تعليم يافتہ ڇوڪريون چالاڪ، تيز ۽ الائي ڇا ڇا هونديون آهن. ان ڪري سندن نباهہ ٿي نہ سگهندو آهي. اهو ئي تہ هي سماج چاهي ٿو تہ ڇوڪريون اعليٰ تعليم حاصل نہ ڪري، اڻڄهہ رهن، چالاڪ ۽ تيز نہ پر مت جون موڙهيل ۽ گگدام جانور جهڙيون هجن تہ جيئن سولائيءَ سان سندن حقن کي دٻائي ۽ ڦٻائي سگهجي، ڪين انسان بدران متاستا جي وٿ بنائي سگهجي ۽ هو غلامن جهڙو سلوڪ ڪرڻ تي بہ ٻڙڪ ٻاهر نہ ڪڍن!

شگفتہ جي ننڍڙي ڪهاڻي ”شناخت“ تہ جهڙوڪر گهر گهر جي ڪهاڻيآهي، ذهني بردباري وارو جيون ساٿي پائڻ هر هڪ انسان جو حق آهي پر عورت لاءِ اهو اڃ بہ جهڙوڪر ڪو خواب آهي.

”قلم ۽ قلمدان“ نالي ڪهاڻيءَ ۾ شگفتہ انهن منافق ليکڪن کي وائکو ڪيو آهي جيڪي وڏا ترقي پسند، روش خيال، ايماندار ۽ غريبن جا هڏ ڏوکي هئڻ جو ڍونگ ڪندا آهن، پر جڏهن ڪنهن وڏي ”قلمدان“ کي هٿ ڪندا آهن تہ بي حس بنجي اونده انڌڪار جا حامي ۽ ڪرپٽ ڪامورا ٿي پنهنجي ئي ديس ۽ ديسواسين سان دشمني ڪندا آهن... ۽ پوءِ بہ اوچي ڳاٽ سان هلندي پنهنجي لاءِ عزت ۽ احترام جا طلبگار هوندا آهن.

”غيرت“ نالي ڪهاڻي ٻٽن معيارن جي ڪهاڻي آهي. اهو بہ عام مشاهدو آهي تہ سماج ۾ اخلاقيات ۽ شرافقت جا مردن لاءِ هڪڙا معيار تہ عورتن لاءِ ٻيا معيار ٺهيل اهن. ساڳئي قسم جا ٻٽا معيار ڪهاڻي ”پيڻ“ ۾ بہ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. جتي ڏم کي ڇڏي ميهار سان ميلاپ ڪندڙ شاهہ لطيف جي ڪردار ”سهڻي“ کي سورمي سمجهڻ وارو مرد پنهنجي ڀيڻ کي سندس پسند جي شاديءَ جو حق ڏيڻ بي غيرتي ٿو سمجهي ۽ وري پاڻ پنهنجي پسند يا پريميڪا سان روح رهاڻ ڪندي اهو وساري ٿو ويهي تہ اها بہ ڪنهن جي ڀيڻ ٿي سگهي ٿي.

شگفتہ شاهہ نہ صرف برش ۽ قلم ذريعي پنهنجي اندر جو اظهار ڪيو آهي پر سندس ريڊيو لاءِ لکيل گيتن ڀريون ڪهاڻيون هوائن جي آڏار اظهار جا پر لڳائي ٻڌندڙ کي متوجهہ ڪن ٿيون. سنڌي ليکڪائن مان ٽيليويزن تي لکڻ وارين ۾ نورالهديٰ شاهہ سنڌيءَ ۽ اردو ۾ پاڻ مڃايو ويٺي آهي، جڏهن تہ ريڊيو تي مختلف حوالن سان ڪيئي ليکڪائون پاڻ مڃائي چڪيون آهن. جن مان شبنم گل وانگر شگفتہ شاهہ جو بہ هڪ نالو آهي. سندس انهن ڪهاڻين جو هڪ مختلف انداز آهي ۽ اهي گهڻو ڪري رومانوي آهن. جيڪا شايد ريڊيو جي ٻڌندڙن جي گهر کي سامهون رکي پوري ڪيل هڪ ضرورت آهي پر انهن ڪهاڻين ۾ بہ هن عورت جو غم نمايان ڪيو آهي ۽ سماج جي بيحسي ۽

رشتن جون مجبوريون سندس راھہ جون رڪاوٽون آھن. جيئن ھن ”وانجھائيندي ورھيہ ٿيا“ نالي ڪھاڻيءَ ۾ توڙي ”رڃ جا مسافر“ ۾ ڪيو آھي. ھنن ڪھاڻين جي ھڪ خوبي انھن ۾ شامل شاھہ جي شاعري آھي، جنھن کي موقعي ۽ مھل جي مناسبت سان پيش ڪيو ويو آھي ۽ ائين صرف اھڙو ماڻھو ڪري سگھي ٿو جيڪو شاھہ جي شاعريءَ کي نہ صرف سمجھي سگھي پر ان ۾ موجود معنائن جي گھڻ رنگيءَ جو بہ اندازو ھجيس.

”عورت روبوٽ ۽ فنڪار“ نالي ڪھاڻيءَ ۾ ”ياد ماضي عذاب ھي يا رب“ وارو تاثر بہ آھي. شھري زندگيءَ جي مصروفيتن ۽ نفرت، بيائيءَ، منافقت ۽ مطلب پرستيءَ ۾ گم ٿي ويل معصوميت جو ڏک بہ آھي، ۽ ان ۾ ڪنھن مشيني روبوٽ جيان، بنا سوچ، بنا احساس جي رڌل رھڻ سبب اندر جي فنڪار جي موت جو نوحو بہ آھي.

اھي سيئي ڪھاڻيون نہ صرف ٽيڪنڪ جي لحاظ کان بھتر آھن، پر اظھار ۾ بہ ڪامياب آھن، سنڌي ڪھاڻيڪار عورتن ۾ جيئن خيرالنساء جعفريءَ فرسٽ پرسن (متڪلم) ۾ اظھار ڪيو ھو ۽ پنھنجا پراوا ڏک پنھنجي ذات تي طاري ڪري لکيو ھو جنھن سان ڪھاڻيءَ ۾ سچائي جو تاثر پيدا ٿي پيو، ائين ٻي ڪا ليکڪا نہ ڪري سگھي آھي، پر ٿرڊ پرسن (غائب) ۾ لکڻ جي باوجود شگفتہ جي ڪھاڻي ۾ اھڙو تاثر اڀري ٿو، جھڙو ذاتي تجربي مان پيدا ٿيندو آھي، ڇاڪاڻ جو ھن ھڪ حساس عورت وانگر ھر اھا ڳالھہ دل تي محسوس ڪئي آھي، جيڪا سندس ذات جي نفي ڪري ٿي يا ان کي ٻي مانو ڪري ٿي. ان ڪري چئي سگھجي ٿو تہ شگفتہ شاھہ سنڌي ڪھاڻيڪارن جي موجوده ٿھيءَ ۾ ھڪ منفرد ۽ اھم جاءِ والاري ٿي.

**ڊاڪٽر فھميده حسين**

# پنهنجي پاران

هڪ زمانو هو تہ انهن ڪهاڻين سنڌي ادب ۾ ترٿلو مچايو هو جيڪي وڏن خاندانن جي قيد ۾ بند ۾ پيل عورتن جي جذبن ۽ احساسن بابت ڇپيون ۽ هر طرف هاءِ گهوڙا مچي وئي تہ ڪيئن نہ انهن جا حق ماري حق بخشرايا ٿا وڃن. زمانو بدليو ۽ سوچ بدلي ۽ اهڙن وڏن خاندانن توڙي اپر مڊل ڪلا س۽ مڊل ڪلاس سنڌي ماڻهو ڳوٺن مان لڏي شهرن ۾ شفٽ ٿيا ۽ پنهنجي نياڻين کي پڙهائڻ لڳا ۽ ڪافي حد تائين آزادي بہ ڏني يعني شهرن ۾ بنا پردي جي ڪيترين ئي عورتن مختلف سماجي حلقن ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو پر اتان وري شهري سماج سان لاڳاپيل مسئلا اڀرڻ لڳا پر اڄان تائين فقط ڳوٺاڻي سماج متعلق ئي لکجي پيو (جيڪو پنهنجي جاءِ تي اهم آهي) باقي شهري عورت جڏهن تعليم لاءِ ٻاهر ٿي نڪري، يونيورسٽين تائين پهچي ٿي ۽ نوڪري بہ ڪري ٿي تہ هوءَ ڪهڙي ڏکيائين کي منهن ڏي ٿي ۽ ڪيتري ذهني اذيت ۽ ٻين مسئلن کي منهن ڏي ٿي ان بابت سنڌي اديبن تہ بنهہ گهٽ لکيو آهي (شايد لکيو ئي ڪونهي) پر اديبائن بہ ايڏو ناهي لکيو جيترو ڳوٺاڻن مسئلن تي لکيو ويو آهي. جنهن جو سبب اهو آهي تہ گهڻو ڪري اديبائن جو تعلق بہ ڳوٺاڻي طبقي ننڍن شهرن جي سان رهيو آهي ۽ ڪي گهٽ اديبائون آهن، جيڪي نج شهري آهن تن پڙهيل لکيل ۽ بظاهر آزاد عورتن جي مسئلن کي کنيو آهي.

عورت چاهي ڳوٺ سان تعلق رکي، ننڍي شهر سان يا ڪنهن وڏي شهر سان، هڪ عام عورت جو حلقو محدود رهيو آهي، يعني گهر، مٽن مائٽن، اسڪول ڪاليجن، يونيورسٽين ۽ وڌ ڪان وڌ نوڪري، سان لاڳاپيل ادارا، هن محدود حلقي جا بہ پنهنجا تمام گهڻا مسئلا آهن، خاص ڪري معاشري جي بنيادي يونٽ ”گهر“ جا مسئلا تمام گهڻا آهن. گهر مان ئي انسان ٺهي ٿو گهر مان ئي بگڙي ٿو. هر عام ۽ معمول جي زندگي گذاريندڙ فرد جا ڏک سک گهر سان ئي وابستہ هوندا آهن پر بدقسمتيءَ سان ليڪن گهر جي مسئلن تي بنهہ گهٽ لکيو آهي يا شايد ان کي ”اديبائن جو ڊپارٽمينٽ“ سمجهيو آهي.

آئون بہ شهر جي هڪ محدود سرڪل تائين محدود ليکڪا آهيان، ان ڪري اسان جي (ايڪڙ ٻيڪڙ اديبائن کي ڇڏي) ٻين اديبائن جيان منهنجي علم، مشاهدي، تجربي ۽ ڪهاڻين جو ڪينوَس محدود آهي ۽ اسان جي 90 سيڪڙو ڪان بہ مٿي عورتون ان ئي محدود دائري ۾ زندگي گذارين ٿيون نہ فقط عورتون پر مرد بہ پوءِ هنن مسئلن کي گهر جا سيئي فرد، مرد توڙي عورتون فيس ڪن ٿا:

رشتن ناتن جا معاملا،

گهرو جهيڙا،

شادي مرادي جا مسئلا،

ڏاج ڏيڻ جا مسئلا وغيره.

عورت جيڪڏهن نوڪري ڪري ٿي تہ اتي بہ ڪيترن معاملن کي منهن ڏي ٿي. خاص ڪري جڏهن مردن سان گڏ ڪم ڪري ٿي، مسئلا تہ انهن عورتن کي بہ فيس ڪرڻا ٿا پون، جيڪا گهر سنڀالي ٿي، نوڪري بہ ڪري ٿي، بِلَ بہ ڀئاري ٿي، بينڪ جا معاملا بہ ڏسي ٿي، ٻارن کي خود ڪار ڊرائيوَ ڪري ڇڏي ۽ وٺي اچي ٿي... يعني بظاهر آزاد ۽ خود مختيار لڳي ٿي پر حقيقت ۾ ڪو بہ فرد رشتن ناتن ۽ گهرو ذميدارين کان آجو ڪو نهي، چاهي مرد هجي يا عورت سو منهنجي محدود علم، ڄاڻ ۽ مشاهدي تحت لکيل هي ساديون گهرو ڪهاڻيون اوهان آڏو آهن پر حقيقت کان ڪا بہ وانجهيل ڪانهي. شهري سماج ۾ رهندڙ عورت بہ ڳوٺن ۾ رهندڙ ننڍين شهرن ۾ رهندڙ عورتن وانگر ٻوڙي ٿي. خاص ڪري ان ڪري بہ جو هوءَ پنهنجن حقن کان واقف هوندي بہ پنهنجا سڀ جائز حق وٺي نٿي سگهي. ڪڏهن هوءَ خاندان جي عزت خاطر تہ ڪڏهن هن سينور جي ويل سماج جي غليظ ڇنڊن کان بچڻ خاطر پنهنجي مرضيءَ خلاف مجبوري ۾ Compromises ڪري ٿي. ۽ از خود ڪيترن حقن کان حق بخشائڻ بنا خود حق بخشي ٿي ڇڏي فقط ٻين خاطر، پنهنجي رشن ناتن خاطر، پنهنجي گهر ۾ سڪون رکڻ خاطر، جهيڙي کي ختم ڪرڻ خاطر.

مون اهو ئي لکيو آهي جيڪو پنهنجي اردگرد ڏٺو آهي، جو اهو ئي لکي سگهان ٿي. آئون اعتراف ٿي ڪريان تہ آئون ڳوناڻي سماج جي مسئلن تي نہ لکي سگهي آهيان جو منهنجو واسطو ان سان رهيو ئي نہ. ان ڪري منهنجو مشاهدو ڪونهي پر مون پڙهيل لکيل ۽ شهري سماج جي مسئلن کي منهن ڏيندڙ عورتن جا ڏک سک، جذبا ۽ خواب لکيا آهن.

منهنجون ڪجهہ ڪهاڻيون بنهہ شروعاتي دور جون آهن، جيڪي ڪي قدر ڪچيون بہ لڳن ٿيون، هاڻي ادي نذير ناز جي اسرار تي سڀ ڏنل آهن. ادي نذير ناز جي همٿ افزائي سبب مون لکڻ شروع ڪيو ۽ ناري پبليڪشن جي مئگزين ۾ ئي منهنجون شروعاتي ڪهاڻيون ڇپيون. ادي نذير ناز مون کي ”ناري سنگت“ پاران 2008ع ۾ ”بيسٽ آرٽسٽ“ جو ايوارڊ ڏنو. سنڌ جي روايتي ماحول ۾ هڪ روايتي گهراڻي جي ڇوڪري 80، 90 جي دور ۾ ادب، ريڊيو ۽ آرٽ جي ميدان ۾ اچي، سا وڏي ڳالهہ هئي. ادي نذير ناز پنهنجي واعدي ۽ پراڻي خواهش مطابق مون کي ايوارڊ ڏئي مون کي وڏو مان ڏنو. شل خوش هجي!

منهنجون هي ڪهاڻيون ترتيب وار 1990 کان وٺي 2011 تائين جون آهن جن مان ptcl کان وٺي سيل فون ۽ نيٽ جو بدلجندڙ دور نظر ايندو. اڄڪلهہ آئون فلش فڪشن (سنڌيءَ ۽ اردوءَ ۾) ۽ يادگيريون لکان پئي.

**شگفتہ شاھہ**

10 فيبروري 2018ع

# اديبه، شاعره، مصوره ۽ استاد

سُندر سوچن واري سباجهڙي، حليم طبع، بردبار ۽ پختي ليکڪا محترمه شگفته شاهه گهڻ پاسائي شخصيت آهي.

هيءَ اديبه آهي ته شاعره به، مصوره آهي ته معلمه به. سنڌي ٻوليءَ جي سيوا ۽ سنڌ ۽ سنڌيت لاءِ سڪ گويا سندس زندگيءَ جو مول متو آهن.

سنڌ جي معزز سيد گهراڻي جي روايتي ۽ پابند ماحول ۾ جنم وٺندڙ هن ليکڪا سماجي ڏاڍ، جبر، پيڙائن ۽ ناانصافين تان پردو کڻڻ لاءِ انتهائي بي ڊپائي ۽ بهادريءَ سان قلم کنيو اندلٺ جي رنگن مان برش ٻوڙي قرطاس تي آندو ۽ باوجود نامناسب حالتن ۽ روين جي، تعليمي نظام ۾ سڌارا آڻڻ لاءِ اڻ ٿڪ ڪوشش ۾ رڌل آهي.

سماجي مشاهدو گهرو هئڻ ڪري ماحول نگاري ۽ ڪردار نگاريءَ ۾ مهارت اٿس. سندس تخليقون، ايامن ڪان، جڳ مشهور اداري سنڌي ادبي بورڊ جي سه ماهي مهراڻ، ماهانه سرتيون ۽ ٻين ڪوڙسارن ادبي رسالن جي زينت بڻجنديون رهيون آهن. انداز بيان دلين کي ڇهندڙ ۽ روح پرور اٿس. ناول هجي يا ڪا ادب جي ٻي صنف، زندگيءَ جا مختلف عڪس ۽ فڪري سجاڳي منجهن نمايان نظر ايندا.

مصوريءَ ۾ رنگن جي Contrast، نرالي تخيل جي شاهدي ڏيندڙ ڪيترن ئي ڪتابن جا سرورق آهن، جي فنونِ لطيفه ۾ سندس تخليقي وصفن جي عڪاسي ڪن ٿا. پنهنجي سٽ ۾ هڪ مجيل معلمه پڻ آهي ۽ سندس ڪتاب اوهان آڏو آهي.

شال سندس قلم جي رواني اهڙي ئي بهادري، بيباڪي ۽ جريت سان سدائين قائم رهي ۽ پڙهندڙن کي فڪري سجاڳي ۽ سماجي شعور جا سبق ڏيندي رهي.

**عبدالغفار صديقي**

20 جون 2012ع

# اعتراض

ريحانه: ”صفيه“

صفيه: ”هون“

ريحانه: ادي نوريءَ جي سڱ جي جيڪا ڳالهه ٻولهه هلي رهي هئي تنهن جو ڇا ٿيو؟

صفيه: اهو معاملو ته ختم ٿي ويو.

ريحانه: ڇو..؟

صفيه: ڇوڪري کي اعتراض هو.

ريحانه: ڇوڪري کي ڪهڙو اعتراض هو؟... الله ادي نوري ته ايڏي پياري سلڇڻي ڇوڪري آهي. جهڙي اُٿس صورت پياري تهڙي ئي سيرت اُٿس.

صفيه: ريحانه! توکي ته خبر آهي ته اڳ اسان جي خاندان ۾ ڇوڪرين کي پڙهائڻ و رواج ڪو نه هو انڪري ادي نوريءَ کي رڳو پنج درجه پڙهائي پوءِ گهر ويهاري ڇڏيائون، ٿوري گهڻي ڀرت، ٽوپو رڌ پچاءَ ۽ گهرداري جا ٻيا هنر سيکاريا ويا. جڏهن ته ڇوڪري جو ڇوڙ هو ته جيئن ته هو پاڻ اعليٰ تعليم يافته آهي ان ڪري سندس نباهه گهٽ پڙهيل ڇوڪريءَ سان نٿو ٿي سگهي. هن کي ڪنهن ماڊرن ۽ اعليٰ تعليم يافته ڇوڪريءَ جي ضرورت هئي، جيڪا نه صرف هر هنڌ هن سان گڏ ڇڄي وڃي سگهي، پر جيڪڏهن ڪنهن وقت ضرورت پوي ته نوڪري ڪري گهر جي ضرورتن ۾ پڻ سندس هٿ ونڊائي سگهي.

ريحانه: اوهه... آئي سي“

•

ريحانه: صفيه!

صفيه: هون!

ريحانه: ڪجهه عرصي کان تنهنجي سڱ بابت جيڪا ڳالهه ٻولهه هلي رهي هئي ان جو ڇا ٿيو؟؟

صفيه: اهو معاملو ته ختم ٿي ويو.

ريحانه: ”ڇو!!؟؟...

صفيه: ڇوڪري کي اعتراض هو.

ريحانه: ڇوڪري کي ڪهڙو اعتراض هو؟... تون ته ايڏي سٺي تعليم يافته، ٻولڊ ۽ ذهين ڇوڪري آهين.

صفيه: ريحانه!... توکي ته خبر آهي ته ادي نوريءَ ته رڳو پنج درجا پڙهي پر پوءِ مون ضد ڪري اڳتي پڙهڻ جي ڳالهه مڃرائي ورتي ۽ آئون اسان جي خاندان جي پهرين ڇوڪري آهيان جيڪا يونيورسٽي ليول تائين پڙهي سگهيس ۽ ڇوڪري لاءِ اهائي ڳالهه اعتراض جوڳي آهي. ڇو جو

سندس خيالآهي تہ جيڪي ڇوڪريون ايڏيون ماڊرن ۽ ڇوڪرن سان گڏ پڙهنديون آهن سي آزاد خيال هونديون آهن ۽ سٺي ڪردار جون نہ هونديون آهن. ٻي ڳالهہ تہ اعليٰ تعليم يافتہ ڇوڪريون چالاڪ تيز ۽ الائي ڇا ڇا هونديون آهن ان ڪري سندس نباهہ ٽي نہ سگهندو جو هوءَ مٿس پنهنجي تعليم جو رعب وجهندي ۽ وري جي نوڪري ڪندڙ هوندي تہ پوءِ گهر جو ذميواريون ڇٽيون... جڏهن تہ ڪيس ڪا گهٽ پڙهيل ۽ سادي سودي ڇوڪري گهرجي ٽي.

ريحانہ: اوهہ... آئي سي.

# بک ۽ اديب

هو جيڪو هڪ اديب هئڻ سان گڏوگڏ ”وڏو ماڻهو“ بہ آهي. جنهن کي اديبن جي ست جا ڪيترائي اديب ”برک اديب“، ”ديس جو هڏ ڏوکي اديب“، ”وطن جو نمائندو اديب“ ۽ ٻين انيڪ لقبن سان سڏيندا آهن... هن غربت، افلاس ۽ عام ماڻهوءَ جي ڏکن سکن تي بيشمار ”ادبي شاهڪار“ تخليق ڪيا آهن... پر هو پاڻ شهر جي هڪ اعليٰ سوسائٽي يعني ”وڏن ماڻهن“ جي علائقي ۾ رهندڙ آهي... هڪ ڀيري جڏهن سندس هڪ ”فارينر“ (پرڏيهي) دوست وٽس گهمڻ آيو هو تہ ڪيس عاليشان ڪار ۾ وٺي هو پنهنجي ”اعليٰ سوسائٽي“ سان لاڳو ”غريبن جي بستي“ وٽان لنگهيو هو تہ سندس دوست اتي گاڏي بيهاري غريبن جي ڏکوئيندڙ رهڻي ڪهڻيءَ کي ڏسي کيس چيو: ”توهان جهڙا ماڻهو هنن غريبن جي مدد ۽ واهر لاءِ اڳتي ڇو نہ ايندا آهن... ڏسو.. هيڏي وڏي ماڻهن جي علائقي ڀرسان غريب بنيادي ضرورتن کان بہ محروم آهن ۽ توهان سڀ خاموش...! ۽ پوءِ هن ڪار مان لهي سندس ملڪ جي هڪ تمام وڏي نڪرندڙ مشهور رسالي (مئگزين) لاءِ پنهنجي ڪئميرا سان بيشمار تصويرون ڪڍيون هيون. ان مهل ئي ان اديب انهن ”غريبن“ جو حساب ڪتاب صاف ڪرڻ لاءِ سوچي ورتو هو ۽ ترت پنهنجي پرڏيهي دوست کي ايئرپورٽ تي ڇڏي موٽڻ کان پوءِ انتظاميہ جي ”وڏن ماڻهن“ کي شڪايت ڪئي هئي تہ ”غريبن“ جي بستي اتي غير قانوني ۽ ”وڏن ماڻهن“ جي علائقي لاءِ ”آلودگي“ جو سبب هئي ۽ وڏي ڳالهہ Low Standard (گهٽ درجي واري) هئي. جنهن ڪري ترت ئي انتظاميہ جا پگهاردار ان وسنديءَ جي ماڻهن کي اتان تڙڻ لاءِ اچي ويا... ان ڏينهن ئي هن ”اديب“ جو ٽيليويزن تي هڪ ”ادبي پروگرام“ ۾ انٽرويو رڪارڊ ٿيڻو هو... ۽ جيئن ئي سندس چلڪڻي ڪار سندس وڏي عاليشان بنگلي جي گيٽ مان نڪتي تہ ٿورو اڳتي هلڻ کان پوءِ ڊرائيور گاڏيءَ کي اوچتو بريڪ هنئي... ڀرسان ”غريبن جي وستي“ ۾ گوڙ متل هو ۽ انتظاميہ جي پگهاردارن ۽ غريبن وچ ۾ رستي خالي ڪرڻ تي ڇڪتاڻ متل هئي... اوچتو هڪ ”پگهاردار“ جو زوردار ”ڏنڊو“ ڪائي هڪ ضعيف شخص ”اديب“ جي ڪار جي اڳيان اچي ڪريو هو ۽ سندس مٿي مان رت نڪري رهيو هو. اديب جي پڇڻ تي هڪ ”پگهاردار“ چيو هو:

”ڪا خاص ڳالهہ ناهي سر!... ڪجهہ ئي دير ۾ سڀ ٺيڪ ٿي ويندو ۽ بستي خالي ٿي ويندي.. سڀني کان گهڻو گوڙ پوڙهو ڪري رهيو هو ۽ چوي ٿو تہ اسين هيءَ بستي خالي ڇو ڪريون؟ هيءَ زمين تہ پيڙهين کان اسان جي آهي. غاصب تہ اهي وڏا ماڻهو آهن. جن اسان جهڙن ڪيترن جون

هتان زمينون ڦٻائي ۽ پڪا پٽائي، هي محل ماڙيون نهرايون آهن... پر مٿي تي ڏنڊي کائڻ کان پوءِ اميد تہ هن پوڙهي جو دماغ ٺيڪ ٿي ويندو... اوهان وچو سڀ ٺيڪ ٿي ويندو...“

اهو چئي ”پڳهاردار“ بيدرديءَ سان پوڙهي کي ٽنگ کان پڪڙي روڊ جي ڪناري تي ڦٽو ڪيو ۽ ”برک اديب“ جي ڪار چيڪاٽ ڪندي تکي هلي وئي... اڳتي هلي سگنل تي ڪار بيٺي تہ هڪ فقيرياڻي فٽ پاٿ تي وينل هئي. سندس ڪڇ تي هڪ اڌ اگهاڙو ٻار هو جنهن جو پيٽ بک ڪري وچي پٺيءَ سان لڳو هو... فقيرياڻي ڪيس ڏسي صدا هنئي ”سائين! الله جي نالي ڪجهہ پئسا ڏي تہ هن معصوم کي ڪجهہ کارايان، جيڪو گهڙي پل جو مهمان آهي...“

”نان سينس!... هنن ماڻهن تہ جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي... ڊرائيور جلدي هل...“ اديب ڪروڌ مان ڪار جو شيشو چاڙهيندي چيو... ۽ پوءِ ”ادبي پروگرام“ ۾ ڪانئس انٽرويو وٺڻ دوران سيني کان آخر ۾ جڏهن ڪانئس سندس وڏي کان وڏي خواهش بابت پڇيو ويو هو تہ هن ٿڌو ساهہ ڏاڍي ڏک سان چيو هو: ”جڏهن مرڻ کان پوءِ آئون قبر ۾ دفن ٿي مٽيءَ سان مٽي ٿي ويندس تہ اها مٽي منهنجي ديس جي مٽيءَ ۾ شامل ٿي ويندي. ڪاش! جيڪڏهن منهنجي ان مٽيءَ مان ڪو ڪٽڪ جو هڪ سلو پيدا ٿئي ۽ اهو هڪ سنگ ٿي ڪيڏي جنهن کي منهنجي وطن جو ڪو ”ڏڪاريل“ هڪ ئي ڄٽو کائي، پيٽ ڀري تہ آئون سمجهندس تہ مون پنهنجي ڌرتيءَ جي مٽيءَ ۾ ملي پنهنجي ماڻهن ۽ وطن جو تر جيترو ئي سهي ڪجهہ تہ قرض لاٿو...“

انهن جملن تي ڪمپيئر توڙي آڊينس ۾ ”واهہ واهہ“ مچي وئي هئي ۽ اهو پروگرام نشر ٿيڻ کان پوءِ تہ ڪيترن ئي اديبن ۾ بہ ”واهہ واهہ“ ٿي وئي هئي ۽ ڪجهہ اديبن تہ سندس آخري خواهش وارن لفظن کي ”لافاني“ هئڻ جو درجو ڏنو هو ۽ سندس اهي لفظ ڪيترين ڪهاڻين ۾ Quote ڪيا ويا، مثالن ۾ ڏنا ويا. ڪتابن ۾ لکيا ويا... پر... شايد... ڪنهن کي بہ اها خبر نہ آهي تہ اهو انٽرويو ڏئي جڏهن پنهنجي ايئر ڪنڊيشنڊ ڪار ۾ موٽيو هو تہ ساڳئي فٽ پاٿ تي هن جي نگاهہ ان ئي فقيرياڻيءَ تي پئي هئي... سندس ڏٻرو ڪارو ۽ ڏرا ڏنل اکين ۽ پٺيءَ لڳل پيٽ وارو ٻار مري چڪو هو ۽ سندس ڪڇ ۾ وات کوليو پيو هو... هن جي کليل وات تي مکين جا ميڙ هئا... سندس ٻي جان اکيون سندس ماءُ جي ڇهري ڏانهن نهاري ڪانئس انيڪ سوال پڇي رهيون هيون... ۽ سندس ماءُ وري آهستي آهستي گڏ ٿيندڙ ماڻهن جي ميڙ ڏانهن هر هر ڏسي ڄڻ هر ڪنهن کان انيڪ سوال پڇي رهي هئي ۽... هن اديب نفرت سان هنن ڏانهن ڏسي وري منهن ڦيري چيو: ”نان سينس!... ڊرائيورا!... ڪار کي جلدي هتان ڪڍ...“

(ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ جي سهيڙيل ڪتاب ”سون ورنيون سوڊيون“ تان ورتل)

# وارث

جن پٽن کي ماءُ ۽ پيءُ لاڏ ڪوڏ سان نپايو هو. جڏهن هو پيرسن ٽيا تہ پٽ کين سنڀالي نہ سگهيا هئا. پيءُ جي وفات کان پوءِ پٽائرن ماءُ کي بالڪل لاوارث ڪري ڇڏيو تہ ڌيءُ کيس پنهنجي گهر وٺي آئي. هوءَ شادي شده هئي پر خوشنصيب هئي تہ کيس سٺو ور مليو هو. هو بہ سندس ماءُ کي گهر وٺي اچڻ تي ڏاڍو خوش ٿيو ڇو تہ سندس ماءُ پيءُ سندس ننڍپڻ ۾ ئي گذاري ويا هئا ۽ هو انهن هستين جي شفقت کان محروم هو. هنن ٻنهي ماءُ جي ڏاڍي خدمت ڪئي. سندس علاج ۽ آرام جو پورو خيال رکيائون. پر جڏهن هوءَ گذاري وئي تہ رسم جي مطابق ماءُ جو جنازو پٽن جي گهر مان کنيو ويو ڌيءَ تہ هڪ پاسي ماءُ جي جدائي ۾ روئي رهي هئي ۽ ٻئي طرف ڪفن دفن جي انتظام ۾ لڳي پئي هئي. جڏهن تہ ڀاڄايون ماءُ جي ڪٻٽن جون چاٻيون هٿ ڪري، زيور ۽ ٻيون شيون قبضي ۾ ڪرڻ ۾ مصروف هيون. هوءَ سڀ ڪجهہ ڏسي رهي هئي.

کيس ڪيئن ٿي وسري سگهيو تہ سندس پيءُ، جيڪو برک عالم، محقق ۽ اديب هو. جڏهن هو گذاري ويو هو تہ ڪفن دفن کان واندڪائيءَ کان پوءِ پٽائرن گڏجي ميٽنگ ڪئي ۽ پيءُ جي ڇڏيل ملڪيت مان پنهنجي پنهنجي حصي وٺڻ لاءِ حساب ڪتاب ڪيو ۽ سڀ ملڪيت ڪٺي ورتي، سواءِ پيءُ جي لکيل قيمتي ڪتابن جي تڏهن هو پنهنجي گهر واري سان گڏجي پيءُ جا ڪتاب ۽ ٻيون يادگار شيون کڻي انهن کي وڏي لائبريري ۾ ڪارنر ناهي رکائڻ لاءِ رلندا رهيا. جڏهن سندس عظيم پيءُ جي نالي جو ڪارنر ٺهي ويو ۽ جنهن ڏينهن ان جو شاندار افتتاح ٿيو هو تہ ان رات کيس سڪون جي ننڊ آئي هئي. کيس لڳو تہ مٿس جيڪو پيءُ جو قرض هو سو لاهي ڇڏيائين.

هوءَ سوچيندي رهي تہ پوءِ بہ آخري مائٽ ڌيئرن جي جمڻ تي ناخوش ڇو ٿيندا آهن ۽ پٽن جي جمڻ تي ڏاڍا خوش ٿيندا آهن. جو چوندا آهن تہ پٽ تہ ”وارث“ هوندا آهن.

بيشڪ! اهي وارث هوندا آهن...

پر... ڇا جا؟ فقط ملڪيت جا؟!!!

# سوال

”ھنن نوڪرياڻين بہ بيزار ڪري رکيو آھي. مھيني ۾ ھڪ بہ موڪلون تہ ضرور ڪنديون.“ ليڪچرر صاحبہ پنھنجي مھانگي برينڊ جي سوٽ جي رَئي کي ھڪ ادا سان ڪلھن تي وجھندي چيو:

”مون واري مائي تہ اڄ ٽن ڏينھن کان پوءِ شڪل ڏيکاري آھي، آئون بہ موڪلن جا پئسا ڪٽي پگھار ڏيندي سانس.“

ڊاڪٽرياڻي صاحبہ پنھنجون نيون نھرائي پاتل سونيون چوڙيون ڪنڪنائيندي چيو تہ جيئن بار بار اھي نظر اچن.

”اسان جي اديب الاھي چوچو آھي؟“

ھنن ڪيس اوچتو مخاطب ڪندي چيو تہ ھوءَ... جيڪا پري.. ڪمري کان ٻاھر ويڪري ورانڊي ۾ نوڪرياڻي کي ڏاڍي تڪليف سان جھڪي فرش تي پوچو ھڻندي ڏسي رھي ھئي، چو تہ ھوءَ ماءُ بنجڻ واري ھئي. سندس چھري تي وڪريل درد جون ريکائون ظاھر ڪري رھيون ھيون. تہ ھوءَ سُورَ جون سَٽون سھي رھي ھئي... ھن پنھنجي اعليٰ تعليم يافتہ فرينڊز ڏانھن متوجہ ٿي، ھڪ گھرو ساھہ کڻي چيو:

”اسين سڀ سرڪاري ادارن ۾ ڪم ٿيون ڪريون، اسان کي ڪيتريون (Casual) لِيوز (leaves) ملن ٿيون ھڪ سال ۾؟“

”پنجويھہ موڪلون“ ھنن گڏجي چيو.

”معنيٰ پگھار کڻڻ ڪانسواءِ اسان کي سال ۾ پنجويھہ اتفاقي ضرورتن جي پوئواريءَ لاءِ موڪلون ملن ٿيون. تنھن ڪانسواءِ مھيني ۾ چار ڏينھن يعني آچر جو موڪلون سال ۾ ٻيون عيد براد ۽ قومي ڏينھن وغيره جون. انھن ڪانسواءِ ميڊيڪل بنيادن تي الڳ موڪلون، عمره حج ڪرڻ جون ان ڪانسواءِ... جيڪڏھن Casual leaves تي بہ ڊيلي ويجز (Daily wages) وارو قانون لاڳو ڪري اسان جي پگھار مان ڪٽوتي ڪئي وڃي تہ؟“

”اھو تہ ظلم ٿيندو“ ڊاڪٽرياڻي يڪدم چيو.

”سالياڻي انڪريمينٽ (increment) يعني ھر سال وڌندڙ پگھار روڪي وڃي تہ؟“

”ائين ڪيئن ٿو ٿي سگھي اھو تہ اسان جو حق آھي“ ليڪچرر جلدي چيو.

”پوءِ... اسين بہ گهرن ۾ پورهيو ڪندڙن... خاص طور تي عورتن کي ساڳيا حق ڇو نٿيون ڏيون. هوءَ ويچاري حال کان بيحال آهي. ميٽرنٽي لِيوِ (maternity leave) تي تہ نٿي وڃي سگهي پر ٽي ڏينهن موڪل بہ نٿي ڪري سگهي؟ نوڪر آچر جي ڏينهن بہ موڪل نہ ڪن تہ سندن اهي چار موڪلون تہ توهان وٽ هونئن بہ قرض آهن, جيڪي هو گڏي ڪري ٽا سگهن ٿا... ها... ڇا اسين کين ساليانو انڪريمينٽ ڏيندا آهيون؟“

جواب ۾ فقط خاموشي هئي.

# پيڻ

”يوسف“

”هون“

”مون کي سيني لوڪ داستانن مان سهڻي ميهار جي داستان عجيب لڳندي آهي“

”ڇو“

ڏس نہ، هسڻي شادي شده هئي ۽ هڪ شادي شده عورت جو اهڙو ڪردار معاشرتي ۽ شرعي لحاظ سان بہ غلط آهي.

”ڇريا! هي تہ عشق جا اسرار آهن ۽ ڇون ٿا تہ اهي جيڪي بہ داستانون هيون انهن داستانن جي ماڻهن جو عشق عام ماڻهو وارو عشق ٿوروئي هو ۽ ڪي تہ ڇون ٿا تہ اهو سڀ ڪجهہ حڪمِ الاهيءَ سان ٿيو هو. انهيءَ ڪري سهڻي بہ اهڙي تہ بيوس ٿي پئي هئي جو پوءِ ڪيس شريعت، معاشري ۽ ڪنهن بہ ڳالهہ جي پرواهہ نہ رهي بقول ڀٽائي:

عقل، مَت، شرمُ ٿيئي نينهن نِهوڙيا.

”آئون اڃا بہ مطمعين نہ ٿي آهيان.“

”ڀي تون پاڻ سوچ آڌي رات جو وڄن جي چمڪاٽ، برسات ۽ مئي متي مهراڻ ۾ ڪا عام عورت تہ گهڙي ڏيکاري، خدا انهن انسانن جي اندر عشق جي اهڙي باهہ ٻاري جو سڀ ڪجهہ ڏسندي بہ انڌا ٿي پيا ۽ انهن جيڪو بہ ڪجهہ بہ ڪيو اهو خدا انهن جي تقديرن ۾ لکي ڇڏيو هو. بقول ڀٽائي:

”ڪاري رات، ڪچو گهڙو اُٿنيهہ اونداهي،  
ڇَندِ نالو ناهِ ڪو، درياهہ ڏڙلائي،  
ساهڙ ڪارڻ سُهڻي، آڌي تي آئي،  
اِي ڪَم اِلاهي نات ڪُنن ۾ ڪير گهڙي؟“

”اڃان ٻي ڪا دليل؟“

”ها...! مون ڪٿي پڙهيو هو يا ٻڌو هو تہ جڏهن خدا کي انسان کي ٺاهڻ جو خيال آيو تہ پهريائين تمام انسانن جا روح وجود ۾ آندائين ۽ پوءِ انهن روحن مان ڪن ماڻهن جا روح اتي ئي پاڻ ۾ مليا ۽ اتي هڪ ٻئي کي چاهيو. جيئن تہ تڏهن اتي ڪا ذات، پات مذهب يا قومون نہ هيون تہ انهن جي چاهت انهن سيني ڳالهين کان آجي ۽ پاڪ هئي ڇو جو اهي روحن جون روحن سان چاهتون هيون، ۽ پوءِ انهن روحن

ڪي انسان جي خاڪي بت ۾ وجھي جڏھن دنيا ۾ موڪليو ويو تہ سندن مذھب، ذات پات ۽ قومون قبيلا الڳ ٿي ويا، پر پوءِ دنيا ۾ جڏھن اُھي انسان ھڪٻئي سامھون ٿيا تہ سندن اندر اھا ئي شناسائي، محبت ۽ چاھت جاڳي پئي ۽ کين محسوس ٿيو تہ ھو ھڪ ٻئي کي ڄاڻن ۽ سڃاڻن ٿا. پوءِ جن جي جذبي ۾ سچائي ھئي اُھي عشق جي انھيءَ مقام تي پھچي ويا. جتي ذات، پات، مذھب ۽ معاشرتي قدرون پٺيان رھجي ويون پر اھو ڪم رڳو سچن عاشقن جو ڪم ھو عام ماڻھن جو نہ. البت چيو ويندو آھي تہ اڄان بہ ڪي انسان دنيا ۾ ھڪ ٻئي کي ڳولي لھندا آھن. جن جا روح پاڻ ۾ ملي چڪا آھن. ان ڳالھہ جا دليل شاھہ سائين جي بيتن ۾ بہ ملن ٿا جيئن:

نَڪا ڪُن فَيَڪون، ھُئي، ٿڪو لِڳُ لَحَمُ،

بنيو ھو نہ بُتَ ۾، اڃان ڪِي آدَمُ،

مون توھين سين سڱُ، اُھا ساڃاءِ سپرين!

”ھا! ھاڻي آئون قائل ٿي ويس.“

”پڪ؟“

”پڪَ“

”۽ مون کي بہ پڪ آھي تہ اسان جا روح بہ اڳ ملي چڪا آھن ۽ اسان کي بہ خدا ھڪ ٻئي لاءِ پيدا ڪيو آھي. اسان ضرور ملنداسين.“

•

”يوسف!“

”ھون.“

”ڇا ڳالھہ آھي منھن ڳاڙھو لڳو پيو اٿئي ڪاوڙ مان؟“

”ھن... ڳالھہ ئي اھڙي آھي.“

”ڪھڙي ڳالھہ آھي؟“

”اڄ اوچتو منھنجي پيڻ کي ڏٺم سندس ڪلاس فيلو سان گڏ ويٺي ھئي.“

”پوءِ؟“

”پوءِ ھن ڇوڪري کي وچي گريبان کان پڪڙي بہ ٿي جھٽڪا ڏنا مانس ۽ چيومانس تہ آئنده وري ھن کي منھنجي پيڻ سان نہ ڏسان.“

”پوءِ ھن ڪجھہ نہ چيو؟“

”چيائين تہ ھو ٻئي ھڪ ٻئي کي پسند ڪن ٿا ۽ شادي ڪرڻ چاھين ٿا.“

”اھا تہ عام ڳالھہ آھي تہ تنھنجي پيڻ بہ کيس پسند ڪري ٿي تہ پوءِ پلي شادي ڪن.“

”ھوءَ ڪير ٿي ٿئي پسند ۽ ناپسند ڪرڻ واري! اڃان اسان وينا آھيون فيصلو ڪرڻ وارا سندس قمت جو.“

”پر... يوسف! تو تہ ڪالهہ چيو هو تہ قسمت جا فيصلا تہ خدا آسمان تي ئي ڪري ڇڏيندو آهي. ٿي سگهي ٿو تہ هنن جي چاهت بہ خدا جو فيصلو هجي. تو چيو هو نہ...؟“

”اُها ٻي ڳالهہ آهي.“

”۽... تو اهو بہ چيو هو جن جا روح آسمان تي مليل هوندا آهن سي هڪ ٻئي کي ڳولي لهندا آهن جيئن اسين... ۽ ٿي سگهي ٿو تہ هو بہ ائين هجن...!“

”پر مون کي ڇوڪرين جو ايڏي آزاديءَ سان غير ڇوڪرن سان ملڻ جلڻ ۽ ڳالهائڻ پسند ڪونهي.“

”پر هو... هڪڙي ڪلاس ۾ پڙهن ٿا سو هڪ ٻئي سان ڳالهائڻ ۾ ڪهڙي برائي آهي؟ ۽... اسين بہ تہ هڪ ٻئي سان ڳالهايون ٿا، بحث ٿا ڪريون ۽ آئون بہ ڇوڪري آهيان...“

”اها ٻي ڳالهہ آهي.“

”پوءِ هوءَ ڪهڙي ڳالهہ آهي؟“

”هو ڀيڻ جو معاملو آهي. پر... تون اٿي ڪيڏانهن پئي وڃي؟“

”گهر.“

”ڇو؟“

”... ۽ وري تون مون سان ملڻ جي ڪوشش بہ نہ ڪج.“

”ڇو... ڇو؟“

”... ڇو... جو... آئون بہ ڪنهن جي ڀيڻ آهيان.“

# مون مارو مجيا

”مون کي تہ سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ آخر هي شعار ڪهڙي نظر سان حسن تلاش ڪن ٿا. جڏهن شعاري ڪندا تہ ڪولهياڻين، ڀيلياڻين، ايستائين جو فقيرياڻين جي حسن جي شان ۾ اهڙا تہ قصيدا چوندا جو تصور ايندو آهي تہ شايد انهن کان وڌيڪ حسين ٻيو ڪير ٿي نٿو سگهي. حسن صرف شڪل صورت ۽ قد بت جو تہ نالو ڪونهي. آخر صفائي سُٿرائي، ڪپڙا پائڻ جو ڍنگ، اٿڻ ويهڻ ۽ ڳالهائڻ جي فضيلت بہ تہ ضروري هوندي آهي...“

مون پنهنجي تقرير جاري رکي، ڪافي دير کان آئون پنهنجي ڀيڻ نسرين سان حسن جي وصف تي بحث ڪري رهي هُيس. اسان ٻئي گهر جي لان ۾ وينل هونسين. آئون گرميءَ کان بچڻ خاطر شام جو ٿوري دير هوا کائڻ لاءِ ٻاهر اچي وينس پر پوءِ نسرين سان بحث ڪرڻ ۾ وقت جي خبر ئي نہ پئي.

”ڏس عنرين!“ نسرين مونکي سمجهائيندي چيو ”هر ماڻهو آڏ حسن جا ڪي معيار هوندا آهن ۽ اهو ضروري ڪونهي تہ هر ڪنهن جا اهي معيار هڪجهڙا هجن پوءِ ڪنهن کي سندس معيار جو حسن انهن هارياڻين، ڪولهيانين، ڀيلياڻين ۽ فقيرياڻين ۾ بہ نظر اچي سگهي ٿو. ضروري تہ ڪونهي تہ جيڪڏهن اسين اکين جي بناوت، آئي بروز (Eye brows) جي Shape يا ڪنهن جي Hair style وغيره کي اهميت ڏيندا هجون تہ ٻيا بہ اسان وانگر ئي ائين ڪندا هجن.

ڪن ماڻهن آڏو اٿڻ ويهڻ، پهرڻ يا ڳالهائڻ جو سليقو نہ هجڻ ضروري ناهي هوندو.“

اسان ٻئي اجان بحث ڪري رهيون هيوسين تہ اوچتو هڪ اٺن نوَن سالن جي ڇوڪري گيٽ مان لنگهي گهر جي اندر اچڻ لڳي. هوءَ سِڌو اسان ڏانهن لان واري پاسي اچڻ لڳي. ڪيس هڪ ميرو سوٽي پڙو ڀيل هوءِ سندس ظاهري شڪل صورت ۽ ڏيک ويک ڪري مون ڪيس فقيرياڻي سمجهيو. هوءَ ڏاڍي بي تڪلفيءَ سان لان ۾ اچڻ لڳي. اجان آئون ڪيس ڏسي ئي رهي هيس تہ وري اوچتو هڪ عورت پڻ گيٽ مان اندر داخل ٿي. هن کي بہ هڪ ميرو پڙو ڀيل هو ۽ ڪڇ ۾ هڪ ننڍڙو ٻارڙو هيس. هوءَ بہ تيز تيز قدم کڻندي لان ڏانهن اچڻ لڳي. اهو ڏسي مون کي ڪاوڙ لڳي ۽ سوچيم تہ گيٽ کي بہ سيءِ ائين کُليو ڇڏيو ڏين ۽ پوءِ جنهن کي بہ کپي تہ ائين مُنهن کڻي اندر گهڙندا وتن ۽ هنن فقيرياڻين کي بہ شرم ڪونهي. اڳي نہ رڳو در تي بيهي پنڌيون هيون، هاڻي تہ مرڳو درن کان اندر گهڙيو اچن. اهو بہ خيال نٿو ٿين تہ ٿي سگهي ٿو تہ گهر ۾ رڳو مرد هجن ۽ ڪهڙي خبر تہ ڪهڙا ماڻهو هجن. نيٺ آئون برداشت ڪري نہ سگهيس ۽ نسرين کي مخاطب ڪندي چيم: ”ڏس تہ سهي هي ٻئي ڪيڏي نہ

مزي سان اندر گهڙنديون پيون اچن!؟ الائي ڪير آهن؟“

نسرين ڪنڌ ورائي پٺيان نهاريو ۽ پوءِ چيائين: ”اڙي! هيءَ تہ ڪامني آهي.“

”ڪير ڪامني؟ مون حيران ٿيندي پڇيو.

”پنهنجي هارياڻي آهي. اڪثر ايندي رهندي آهي.“ نسرين چيو.

”پر مون تہ ڪڏهن بہ ڪيس نہ ڏٺو آهي.“ مون چيو.

”اتفاق سان هيءَ هميشہ اهڙي وقت تي ايندي رهي آهي، جڏهن تون گهر ۾ نہ هجين.“ نسرين وضاحت ڪئي. ايستائين پارٽي اسان جي ويجهو آئي ۽ نسرين ۽ مون کي ڪيڪاري مون کان ٿورو پريري ٿي چپر تي ويهي رهي. هن سان گڏ آيل ننڍڙي ڇوڪري جنهن جو نالو ڪامني ”سوني“ ٻڌايو هو. باغ جي ٻي ڪنڊ ۾ وڃي ٻوٽن مان گل چنڻ لڳي.

”جيجي هيءَ ڪير آهي؟ ٻين کي تہ ڏٺو اٿم پر هن جيجيءَ کي اڳ تہ ڪو نہ ڏٺو اٿم.“ ڪامني نسرين کان مون بابت پڇي رهي هئي. ”هيءَ منهنجي پيڻ آهي امبرين. مون کان ننڍي آهي. هيءَ پڙهندي آهي ۽ تون سدائين صبح جي وقت ايندي آهين، جڏهن هيءَ پڙهڻ لاءِ ويل هوندي آهي ان ڪري تو اڳ هن کي ڪونہ ڏٺو آهي.“ نسرين مون کي ٻڌايو مون ڪامني تي گهڻو ڌيان نہ ڏنو ۽ اڌ ۾ ڇڏيل بحث وري شروع ڪئي. آئون رواني ۽ جوش ۾ ڳالهائي رهي هيس تہ اوچتو مون کي ڪجهہ ٻي چيني محسوس ٿي ۽ ڪنهن جي نظرن جي تپش کي پنهنجي چهري تي محسوس ڪيم. مون ڳالهہ اڌ ۾ ڇڏي ۽ ڪامني ڏانهن نهاريو تہ ڏٺم تہ هوءَ ڏاڍي دلچسپيءَ ۽ معصوميت سان منهنجيون ڳالهيون ٻڌي ۽ منهنجي چهري کي تڪي رهي هئي. سندس ان محويت مون کي هن ڏانهن متوجہ ڪيو ۽ آئون پوءِ وڌيڪ بحث نہ ڪري سگهيس. مون غور سان ڪامني ڏانهن ڏٺو تہ پوءِ ڏسندي ئي رهجي ويس. جنهن کي ٿور دير اڳ پري کان سرسري نظر سان ڏسندي مون عورت سمجهيو هو پر هوءَ تہ وڏ کان وڏ ويهن ٻاويهن سالن جي ڇوڪري ٿي لڳي. هن وقت سندس چهرو سانورو هوندي بہ ڏاڍو پرڪشش هو. بظاهر تہ سندس نقش بہ مخصوص سنڌي غوني وارا ۽ تکا هئا پر ٻي بہ ڪا اهڙي ڪشش ضرور هئي هن ۾ جيڪا ڪنهن کي هن ڏانهن متوجہ ڪري تي سگهي.

”جيجي!... تو بہ پڙهندي آهين؟“ هن مون کان پڇيو.

”هون...!! ها...“ آئون سندس چهري جي ڪشش ۾ ايتريقدر گم هُيس جو سندس مخاطب ڪرڻ تي ڇرڪجي پئي هيس. هن وقت مون کي پنهنجا ڪجهہ دير اڳ وارا خيال پڄندا پرندا محسوس ٿيا ۽ منهنجي ذهن ۾ شاهہ سائين جي بيت جي سٽ گونجي رهي هئي.

”جيها جي تيها، مون مارو ميجيا.“

”ڇا پئي ڏسين؟“ نسرين شرارت مان چيو ”ڏس!... هي آهي تنهنجن انهن سوالن جو جواب جيڪي ڪجهہ دير اڳ تنهنجي ذهن ۾ ۽ زبان تي هئا.“ آئون ڪيس ڪو بہ جواب ڏئي نہ سگهيس.

”جيجي!... تو بہ پڙهندي آهين؟“ هن مون کان پڇيو.

”جيجي!... تون ڪائون درجو پڙھين.“ ڪامني وري مون کي مخاطب ڪندي پڇيو.

مون کي سمجھہ ۾ نہ آيو تہ آئون آخر ھن کي ايم.اي. ڪرڻ بابت ڪيئنڊ سمجھايان ڇو جو منھنجي خيال موجب ھوءَ ايڏي سمجھدار نہ ھئي، جو منھنجي ڳاڍلھہ سمجھي سگھي ھا ۽ پوءِ آئون بيوقوفن وانگر دل ۾ حساب ڪرڻ لڳيس. ”ميٽرڪ... اھي ٿيا ڏھہ درجہ، انٽر... معنيٰ ٻارنھن. بي.اي... ٿيا چوڏھن درجا ۽ ايم.اي. پارٽ ون جو امتحان ڏنو اٿم اھي ٿيا پندرھن درجا... ھا... معنيٰ سورھون درجو پڙھان پئي...“

”ڪامني!... آئون سورھون درجو پئي پڙھان.“ مون کيس چيو.

”سچي جيجي!...“ ھن حيرت ۽ خوشيءَ مان چيو ”اسان جي سڄي راڄ مان رڳو ھڪڙو ڇوڪرو سورھان درجا پڙھيل آھي پر....“ جلد ئي سندس چھرو اداس ٿي ويو ۽ ھن پوءِ چيو:

”ھا جيجي!... ڏاڍو سنو ڪم ٿا ڪريو. ڇوڪرين کي علم پرائڻ گھرجي. جي علم نہ پرائينديون تہ اسان وانگر سڄي عمر ويھي ڏڪا کائينديون.“ سندس لھجي جي صفائي ۽ غير متوقع طور تي سندس واتان عام اڻ پڙھيل ڇوڪرين جي ڳالھين جي برخلاف اھڙي ڳالھہ ٻڌي آئون حيران ٿي ويس.

”ڇو.. ڇو..؟ جيڪڏھن توھين علم پرائي، نہ سگھيون تہ پوءِ بہ توھين ٻني ٻارن ۾ پورھيو ڪري پنھنجو بار ڪڍو پيون، پورھيو ڪرڻ ۾ ڀلا ڪھڙو عيب؟“ مون کيس چيو.

”جيجي!... پورھيو ڪرڻ عيب ڪونھي پاڻ مَرڪَ آھي پر اسان جي مردن وٽ نہ اسان جو قدر آھي نہ وري اسان جي محنت جو احساس.“ ھن چيو.

”سو وري ڪيئن؟“ مون پڇيو.

”ڏس نہ جيجي!...“ ھن چيو. ”اسان ٻنيءَ ۾ سڄو ڏينھن مردن وانگر ۽ مردن جيترو ئي ڪم ڪريون پر پئسا تہ سڀ رڳو اسان جا مرد ئي ڪڻندا آھن.“

”ڇو...!!؟؟ اوھان کي اوھان جو حساب ڪو نہ ملندو آھي؟“ مون پڇيو.

”اھو تہ جيجي مرد مڙان آھي. جيڪڏھن مرد ڀلو ماڻھو ھوندو تہ پنھنجي زال جو خيال ڪندو ۽ جيڪڏھن ھو پئسا زال کي نہ بہ ڏيندو تہ بہ گھر جي خرچي ۾ ئي پئسا ھلائيندو باقي جي ڀلو ماڻھو نہ ھوندو تہ پورھئي جا پئسا تہ زال کي نہ ڏيندو اٽلو انھن وٽ تہ نہ سندن عزت آھي ۽ نہ ئي وري قدر. مايون ٻنيءَ تي بہ ڪم ڪن تہ وري گھر اچي بہ گھر جو ڪم ڪن. ٻار پالين... پرڪين ڇا ٿو ملي؟ اسان وٽ تہ ڏاڍو خراب ھڪ رواج اھو بہ پيل آھي تہ جيڪڏھن ڪا عورت بيمار ٿي پوي يا ان ۾ ڪو عيب ٿي پيو تہ سندس پر گھور لھڻ بدران مرد ٻي عورت پئسن تي وٺي ايندا.“ ڪامني چيو ”پئسن تي...؟؟!!... ڇا مطلب؟؟“ مون پڇيو.

”ھا جيجي!...“ ھن چيو ”اسان وٽ عورت کي پئسن تي وڪيو ويندو آھي. جنھن کي بہ شادي ڪرڻي ھوندي آھي اھو پئسا ڏئي ٻانھن وٺي ايندو آھي. پوءِ ڀلا... وڪاميل شيءِ جو فڪر ڪير

ڪندو؟... اسان وٽ گهڻو ڪري هر مرد ڪي ڪيتريون ئي زالون ٿين.“
”ڪامني پلا تو ڪي تنهنجو مڙس گهڻي ۾ وٺي آيو؟“ مون پڇيو.
”الاهي جيجي! هوندا ڪجهہ هزار...“ هن ڏک مان چيو.
”تنهنجي مڙس تہ اجان ٻي عورت سان شادي نہ ڪئي آهي؟“ مون وري پڇيو.
”نہ... پر جيڪر آئون بيمار ٿي پوان يا مون ۾ ڪو عيب ٿي پوي تہ پوءِ اصل ويرم ئي نہ ڪندو.“
آئون حيران ٿي سندس ڳالهيون ٻڌڻ لڳس. هن مون کي پوءِ سندن مذهب، روايتن ۽ ڏکن جو ٻيون بہ ڪيتريون ئي ڳالهيون ٻڌايون. آئون ڏاڍي دلچسپي ۽ غور سان ٻڌي رهي هيس. مون کي هن ۾ جيڪا ڳالهہ سڀ کان سٺي لڳي اها هئي سندس ”شعور“ هوءَ الف بي بہ پڙهيل ڪو نہ هئي پر هن ۾ ايترو شعور ضرور هو تہ تعليم کان سواءِ ڪا بہ ترقي نٿي سگهي.
”پوءِ... تون تہ ڪا نہ پڙهئين پر پنهنجي اولاد لاءِ ڇا سوچيو اٿئي؟“ مون ڪائنس پڇيو.
”جيجي!... منهنجا بہ پٽ آهن وڏا ان کان پوءِ هيءَ ڇوڪري آهي.“ هن گلن سان راند ڪندڙ ٻارڙي ڏانهن اشارو ڪندي چيو.
”... ۽ پوءِ... هيءَ آهي... سُرتي“ هن وري سندس هنج ۾ ويٺل اٺن نوَن مهينن جي ٻارڙيءَ ڏانهن اشارو ڪيو جيڪا سانوري مگر ڏاڍي مزي جهڙي ٻارڙي پنهنجي روشن، حيران ۽ وڏين وڏين ڪارين اکين سان مون کي ڏسي رهي هئي. پارتي وري پنهنجي ڳالهہ کي اڳتي وڌائيندي چيو:
”پٽن لاءِ تہ مون ڏاڍي ڪوشش ڪئي پر هو پڙهيا ڪو نہ. روز اسڪول مان ڀڄي گهر هليا ايندا هئا. وري بہ آئون ڪوشش ڪري ڪين پڙهائيندا سين ضرور باقي هن مون واري وڏي ڇوڪري کي تہ پڙهائي نہ سگهيس پر جڏهن سُرتي وڏي ٿيندي تہ ان کي ضرور پڙهائيندس.“
”اهو وري ڪيئن؟... جڏهن هڪڙيءَ کي نہ پڙهائي سگهين تہ ٻئي کي وري ڪيئن پڙهائيندينءَ؟...“ مون پڇيو.
”جيجي...! هي زمانو ڪجهہ ٻيو آهي پر جڏهن سُرتي وڏي ٿيندي تہ ان وقت شايد اهڙو وقت هجي جو آئون پنهنجي مرضي هلائي سگهان.“ هن چيو ۽ مون سندس عزم، همٿ، حوصلي ۽ سندس پرڪشش چهري کي ڏسندي سوچيو تہ اهڙي عورت جي قيمت صرف ڪجهہ هزار لڳائي وئي؟؟!!
آئون ڪجهہ دير هن سان ڳالهيون ڪري پوءِ اٿيس ۽ ٻئي ڪم ڪار کي اچي لڳس، پر ڪم دوران بہ مسلسل آئون نسدس باري ۾ سوچي رهي هيس. سندس اندر مون کي احتجاج ڪرڻ، پنهنجو حق وٺڻ ۽ شعور جي ٿمڪندڙ لاٽ پوري شدت سان چمڪندي محسوس ٿي. آئون ڪم ختم ڪرڻ بعد رات جو جلد سمهي پيس. صبح جو نيرن ڪرڻ کان پوءِ يونيورسٽي وڃڻ لاءِ تياريءَ جي آخري مرحلي ۾ هيس. تہ آئيني ۾ پنهنجن چهري کان علاوه پارتيءَ جو چهرو پڻ نظر آيو تہ مون پنيان ڪنڌ ورائي ڏٺو هوءَ منهنجي ڪمري جي در وٽ بيٺل هئي ۽ تجسس مان منهنجي ڪمري جي هر هڪ شيءِ کي تڪي رهي هئي ۽ پوءِ مون ڏانهن ڏسي چيائين:

”جيجي...! پڙهڻ لاءِ وچڻ جي سنبت پئي ڪرين؟“

”ها“ مون ڪيس متصر جواب ڏيندي ڏنو. هوءَ ان قوت وڏيڪ پرڪشش ۽ ڏوتل ڏوتل لڳي رهي هئي. ڇو جو هوءَ وهنجي سهنجي ۽ ڌوتل ڪپڙا پائي آئي هئي ۽ سرخ رنگ جي پڙي ۽ رئي ۾ هوءَ رات کان وڌيڪ پرڪشس لڳي رهي هئي. سندس اکين ۾ سرمو ۽ ڇپن تي مساڳ لڳل هو جنهن ڪري سندس اکيون ۽ چپ وڌيڪ نمايان ۽ خوبصورت لڳي رهيا هئا. سندس ننڍڙي ٻارڙي کي بہ هن وهنجاري ڌوتل ڪپڙا پارايا هئا ۽ سرمون لڳايو هو جنهن ڪري هوءَ بہ مزي جهڙي گڏي لڳي رهي هئي. هوءَ ڪجهہ دير اتي ويٺي رهي ۽ پوءِ هلي وئي. آئون بہ تيار ٿي پوءِ ڪِچن ۾ چاءِ ڪڻڻ لاءِ ويس. ان وقت اتي پاپي موجود هئي. مون هن سان ڪامني جو ذڪر ڇيڙي ڇڏيو: ”سچي پاپي...! مونکي تہ هوءَ ڏاڍي ٿي وڻي. ڪاش!... مون وٽ ڪئمرا هجي ها تہ سندس بہ ٿي خوبصورت ڪلوز اپس ضرور ناهي وٺان ها ۽ ڪنهن سٺي عورتن جي رسالي جي ٽائٽل لاءِ موڪلي ڏيان ها، سچي ميڪ اپ سان ٿقيل ۽ بناوتي حسن کي ڏسي ڏسي بيزاري ٿيڻ لڳي آهي. قدرتي حسن ۽ سادگيءَ جي تہ ڳالهہ ئي ٻي ئي آهي.“

”توبهن... تون تہ رات کان وٺي منهنجا ڪن کائي وئي آهين، ڪامنيءَ جي حسن جا قصيده ٻڌي ٻڌي آئون تہ بيزار ٿي پئي آهيان ۽ تون فڪر نہ ڪر هوءَ ڪو پهريون ۽ آخري دفعو تہ اسان جي گهر ڪو نہ آئي آهي. تون ڪئمرا هٿ ڪري رک وري ايندي تہ پنهنجي حسرت پوري ڪري وٺجان ۽ سندس فوٽو ڪڍي، وٺجان.“ پاپيءَ بيزاريءَ مان چيو.

”سچي... مو کي تہ هوءَ ايڏي وڻي ٿي...“ مون چيو.

”ايڏي ٿي وڻئي ٿي تہ وڃي پنهنجي ڪمري ۾ راڻي ناهي پلنگ تي وهارينس.“ پاپيءَ چيو.

”حقيقت خبر اٿئي ڇا آهي...؟“ مون ڪيس سمجهائيندي چيو: ”مون کي صرف سندس حسن نہ موهيو آهي پر مون کي سندس اندر هڪ باشعور، نئين سوچ رکندڙ ۽ پنهنجي حقن کي سڃاڻندڙ عورت ليئا پائيندي نظر آئي آهي، جنهن مون کي وڌيڪ هن ڏانهن ڇڪيو آهي.“

”ڇا مطلب؟... اهو وري ڪئين؟؟...“ پاپيءَ حيران ٿي پڇيو.

”هينئر تہ مون کي دير پئي ٿئي...“ مون چانهہ جو ڪپ خالي ڪندي رکندي چيو: ”واپس اچي ٻڌائيندي سانءِ...“

اهو چئي آئون پنهنجو پرس کڻي ڪِچن مان ٻاهر نڪتس ۽ پوءِ تڪڙا تڪڙا قدم کڻندي گيٽ کان ٻاهر نڪس ۽ صبح جي خوبصورت سمي جي ٿڌڙي هير ۽ پرپاسي ۾ موجود وڻن جي ساوڪ ۽ گلن جي سرهاڻ کي محسوس ڪندي مين روڊ ڏانهن ينڊڙ رستي تي هلڻ لڳس. هلڻ جي دوران آئون سوچي رهي هيس تہ اسان وٽ اڪثر ڪري عورتن جا خاص رسالا، اخبارن ۾ مخصوص صفحا ۽ مئگزين وغيره نڪرندا آهن ۽ ٽي وي ۽ ريڊيو تان پڻ مختلف عورتن جا پروگرام پيش ڪيا ويندا آهن پر در حقيقت جن عورتن ۾ شعور بيدار ڪرڻ ۽ حقن جي سڃاڻپ جاڳائڻ لاءِ مواد ڏنو ويندو

آهي، اهو صحيح معنيٰ ۾ انهن عورتن تائين پهچڻ بدران رڳو مخصوص طبقن تائين رسي سگهندو آهي ڇو جو اصل ۾ جن عورتن بابت مواد هوندو آهي. انهن وٽ نہ تہ ريڊيو ۽ ٽي وي هوندا آهن ۽ نہ ئي وري هو تعليم يافتہ هونديون آهن جو اهي رسالا ۽ اخبارون وٺي پڙهي سگهن. هو تہ ويچاريون سڄو ڏينهن نٽهڻ اُس جهڙي زندگيءَ ۾ پچنديون ۽ پڄرنديون رهنديون آهن. باقي جن عورتن تائين ريڊيو، ٽي ويءَ جا پروگرام پهچن ٿا يا جيڪي ايتريون پڙهيل آهن جو اخبارون ۽ رسالا پڙهي سگهن تہ انهن کي وري جيڪو مواد ڏنو ويندو آهي ان ۾ کين صرف اهو احساس ڏياريو ويندو آهي تہ عورت ڪمزور ترين ۽ مظلوم هستي آهي پر عورتن کي پاڻ کي مضبوط ڪيئن بنائڻو آهي يا پاڻ کي ڪمزوري ۽ مظلوميت جي اثر کان آجو رکڻ جو شعور گهٽ ئي ڏنو ويو آهي پر اڄ... ڪامني جي اندر شعور جي ٻرندڙ لاٽ کي ڏسي مون کي خوشي محسوس ٿي ۽ مون سوچيو تہ شعور جي اها لاٽ ثبوت آهي. ان ڳالهہ جو تہ سنڌي عورت سجاڳ ٿي رهي آهي ۽ ڪجهہ وقت ضرور لڳندو پر جڏهن بہ هن پنهنجو پاڻ کي هٿ ٺوڪي رسمن، رواجن، ظلم ۽ ڏاڍ کان آزاد ڪرايو تڏهن ئي در حقيقت اسان جي قوم ۾ انقلاب ايندو. اها ڳالهہ تہ اڄ کان ڪيترائي سال اڳ، شاهہ سائين جهڙي آفاقي شاعر بہ محسوس ڪئي جنهن عورت کي ڪمزوري ۽ هيڻائپ جي Symbol بدران همٿ، جرائت، عزم، ڪردار جي مضبوطي ۽ ثابت قدمي جي علامت طور ڏيکاريو آهي، نہ صرف اهو پر عشق ۾ ثابت قدمي ۽ برداشت جو مادو پڻ عورت ۾ ئي ڏيکاريو آهي ۽ جيڪر مارئي، سهڻي، سورٺ، ليلا، سسئي، نوري ۽ مومل نہ هجي ها تہ اڄ عمر، ميهار، راءِ ڏياچ، چنيسر، پنهون ۽ ڄام تماچي پڻ امر ڪردار نہ هجن ها ڇو جو سچي عشق ۾ پاڻ کي فنا ڪري محبت کي هميشہ لاءِ امر ڪرڻ جو درس انهن شاهہ جي انهن سورمين کان ئي سکيو هو. شاهہ جي سورمين بابت سوچيندي سوچيندي ان وقت اوچتو مون کي يونيورسٽي جي بس سامهون کان ايندي نظر اچي ٿي تہ آئون سوچن جا سلسلا ختم ڪري تيز وکون کڻي بس ڏانهن هلندي وڃان ٿي.

# سو ديس مسافر منهنجو ڙي

هوءَ ڪيتري دير کان پنهنجي ڪمري ۾ ويهي امتحان جي تياري ڪري رهي هئي. ٻئي ڏينهن کان سندس پيپر شروع ٿيڻا هئا. پهريون پيپر سنڌيءَ جو هو ان ڏينهن وري شهر جون حالتون خراب ٿي ويون هيون ٿوري ٿوري وقفي سان مختلف ماڻهو کان نئين کائين ڪا نہ ڪا خبر پهچائي رهيا هئا. سول اسپتال وٽ فائرنگ ٿي رهي آهي. نئين لائين ۾ ”مارڪيٽ وٽ حالتون خراب آهن.“

”گاڏي کاتي ۾ ٽينشن آهي“... وغيره

هو اجان ڏاڍي مشڪل سان مس ڪنهن ٽاپڪ کي پڙهڻ شروع ڪرڻ لڳندي هئي تہ ڪانہ ڪا شهر جي حالتن بابت ٻڏل خبر سندس ذهن کي منتشر ڪري ڇڏيندي هئي ۽ پوءِ هوءَ ڪجهہ بہ پڙهي نہ سگهندي هئي هوءَ وري ڪتاب کولي پڙهڻ لڳي.

تحفة الڪرام موجب مخدوم احمد وقت جو ڪامل درويش ٿي گذريو آهي هميشہ گوشا نشيني ۾ گذاريندو هو. مخدوم احمد جو سماع جي مجلس ۾ سوناري ڇوڪري کان شعر ٻڌندي روح پرواز ٿي ويس:

سڏ سٽي پرينءَ جو، وانگي جي نہ ورن،
ڪوڙي دعوي دوست جي، ڪجاڙي کي ڪن،

ڇوڪر وري هيءُ شعر پڙهيو.

سر ڏئي سٽ جوڙ ڪنهن پر ڪلاڙ سين،
مرڻا منهن مَ موڙ اڄ وٽي ٿي وڏ لهي.

ايترو پڙهي هو ٿورو ترسي اندر ۾ جڻ ڪا ڇڪ آيس ڪيس ائين محسوس ٿيو جڻ هي بيت اڄ جي سنڌ جي حالتن مطابق چيا ويا هئا. جن ۾ سمورن سياستدانن، وڏيرن، ڏاڙيلن، سنڌيت جي ڪوڙي دعويدارن ۽ غدارن کي آئينو ڏيکاريل آهي... جيڪي ظلم ڪرڻ وارا ناهن تہ ظلم سهڻ وارا پڻ.

”اف خدايا!.... آخر هي آئون ڇا پئي سوچيان؟... ڪٿي سنڌي ادب جي تاريخ ۽ ڪٿي وري هي

حالتون!!؟... مون کي تہ امتحان جي ”پوائنٽ آف ويو“ کان صرف رتو هٽڻو آهي پر ڇا ڪجي...؟... شهر جي حالتن ذهن کي مائوف ڪري ڇڏيو آهي. الا... امتحان بہ ڪهڙي خبر ٿين الائي نہ ڪهڙي خبر امتحان ٿين ئي نہ... ڪهڙي خبر امتحان ٿين پر اسان امتحان ڏيڻ لاءِ موجود ئي نہ هجون... اُف!... ڇا مطلب؟!!... آخر آئون فضول ڳالهيون ڇو پئي سوچيان؟...“

هن وري پاڻ کي پڙهائيءَ ۾ مصروف ڪري ڇڏيو ۽ زور شور سان رتو هڻڻ لڳي پڙهندي پڙهندي وري شاھہ لطيف جي هڪڙي بيت تي اچي اٽڪي پئي:

”اج نہ اوطاقن ۾، طالب تنوارين
آديسي اٿي ويا، مڙهيون مون مارين،
جي جيءَ کي جيارين، سي لاهوتي لڏي ويا.“

هو سوچڻ لڳي تہ شاھہ صاحب هن بيت ۾ تہ تمام وڏي ۽ وسيع معنيٰ کي سهيڙيو آهي پر ڪيس ان وقت شهر ۾ دهشتگردن هٿان بيگناھہ ماريل ياد اچڻ لڳا مرزا حيدر قلي، ڊاڪٽر ايوب جت... ۽ ڪيترا ماڻهو جيڪي روز اخبارن جي خوني خبرن جي سرخين ۾ موجود هوندا هئا.

”اُف!... آخر هي مون کي ڇا ٿيو آهي... اهڙي نموني تہ آئون ڪجھ بہ نہ پڙهي سگهندس ڀلا آخر پڙهڻ جي بہ ضرورت ڪهڙي آهي؟... امتحان تہ اج ڪلھہ مزي سان کلي عام ڪتاب کولي ڪاپي ڪري ڏبا آهن، هونئن بہ اسان کي ڊگري ئي تہ و ونڻي هوندي آهي، علم ٿورئي حاصل ڪرڻو آهي، ڇو جو اسان وٽ تہ صرف ڊگري (جائز يا ناجائز طريقي سان حاصل ڪيل) جي ئي اهميت آهي علم ۽ هنر جي ڪونهي ڪيس ان وقت هڪ آرٽسٽ بابت ٻڌل ڳالھہ ياد آئي هن کي خدا جي طرفان ڏات مليل هئي. سندس هٿ ۾ ايڏي تہ سونهن هوندي هئي جو سندس فن پارن کي ڏسندڙ هر ماڻهو ڇڻ محصور ٿي ويندو هو غربت جي ڪري هو وڌيڪ تعليم حاصل ڪري نہ سگهيو هو. پر عملي ميدان ۾ ايترو ڪم ڪرڻ جي باوجود ايڏي ڏات هئڻ جي باوجود ڪيس نوڪري صرف ان ڪري نہ ملي جو هن وٽ فائن آرٽس جي ڊگري نہ هئي... ها... صرف فن هو... ۽ پوءِ جڏهن اها نوڪري فائن آرٽس جي ڊگري يافتہ اهڙي نوجوان کي ملي جنهن جو فن سندس مقابلي ۾ ڪجھ بہ نہ هو تڏهن هن آرٽسٽ بورڊ آف ڊائريڪٽرز جي اڳيان ديوانگيءَ ۾ رڙيون ڪيون هيون.

”سر!... سر... بيشڪ مون وٽ ڊگري نہ آهي پر... سر... آئون توهان جي آڏو موجود آهيان. جنهن قسم جو بہ امتحان وٺو آئون ان لاءِ تيار آهيان مون کي هڪ چانس تہ ڏيو... آئون اوهان کي ان ڪم جو اهل ٿي ڏيکاريندس... سر!... مون وٽ صلاحيتون آهن مون کي انهن جي استعمال جو موقعو تہ ملڻ گهرجي... سر!... پليز سر...“ پر... هن سان بہ اهو ئي ٿيو جيڪو اسان جي بيشمار باصلاحيت نوجوانن سان ٿيندو آهي اڄ سان وٽ ڪيترن ئي ادارن ۾ اهڙا ماڻهو ڀرتي ٿيل آهن جن کلي عام

ڪاپي ڪري ڊگري حاصل ڪئي يا وري ايم اين اي ۽ ايم پي اي جي مائٽي ۽ سفارشن ڪري ڪنيا ويا آهن ۽ ڪيترائي با صلاحيت نوجوان آهن پر ڪين پنهنجي علم ۽ صلاحيتن کي استعمال ڪرڻ جو موقعو ئي نہ ملندو آهي.

ها... ها...!!! ڇا شيءِ آهي هيءَ "ڊگري" ۽ سرٽيفڪيٽ-سرٽيفڪيٽ تي وري ڪيس ياد آيو "ڪريڪٽر سرٽيفڪيٽ... هر نوڪريءَ لاءِ "ڪريڪٽر سرٽيفڪيٽ" ضروري هوندو آهي ڪنهن بہ ماڻهو جي عملي شرافت ۽ نيڪي نوڪري حاصل ڪرڻ ۾ مدد نہ ٿي ڏئي جيستائين هو ڪنهن اعليٰ آفيسر کان پنهنجي ڪردار بابت تصديق ڪرايل سرٽيفڪيٽ پيش نہ ڪري پوءِ چاهي اهو "ڪريڪٽر سرٽيفڪيٽ" اشو ڪندڙ آفيسر پاڻ رشوت خور بدعنوان ٻين خامين سان ڀريل ڇو نہ هجي... پر ان وٽ وڏو "گريڊ" تہ آهي نہ... پوءِ هو چاهي تہ ڪنهن کلي شرافت جو سرٽيفڪيٽ جاري ڪري، چاهي... نہ...

"الله... هي مون کي ٿي ڇا ويو آهي.!!؟؟... نہ... ان ذهني حالت ۾ تہ آئون ڪجهہ بہ پڙهي نہ سگهنديس هونئن بہ ٿڪاوٽ محسوس پئي ٿي ۽ منجهند بہ ٿي چڪي آهي. ڪجهہ آرام ڪري شام جو وري پڙهنديس" اهو سوچي هوءَ سمهي رهي الائي ڪيتري دير ستي... پوءِ اوچتو ڪنهن قسم جو گوڙ هو ناهہ... نوهہ... ڊڙ... ڊڙ... ڏم... ڏڙم... ڏائين (ان کان سواءِ ماڻهن جو گوڙ... رڙيون... دانهون... ڪوڪون) "الله!... لڳي ٿو تہ هتي بہ ڪجهہ گڙ ٻڙ آهي. ڇا هن علائقي ۾ بہ فائرنگ ٿي پئي!؟؟... هو جهٽڪي سان اٿي ۽ ڊوڙي ڪمري کان ٻاهر نڪري ورانڊي ۾ وئي دل دڙ دڙ ڪرڻ لڳس. پوءِ ڪجهہ دير ۾ ننڊ جو خمار لٿس تہ اصل ڳالهہ واضح ٿي پاڙي ۾ شادي هئي. پاسي واري ڪوارٽر ۽ سندن ڪوارٽر جي پٺ هڪڙي ئي هئي ان ڪري آواز هڪ ٻين جي ڪوارٽرن مان ڇٽا ٻڌڻ ۾ ايندا هئا سو اتي دهلن وڄڻ ۽ مائن جي ڳائڻ وڄائڻ جا آواز اچي رهيا هئا، سڀ گهر وارا بہ اوڏهن ويل هئا، ذهني پريشاني ۽ ننڊ ۾ ڪيس دهل جا آواز ڄڻ فائرنگ ۽ برسٽ لڳا ۽ ڳائڻ جي مليل جليل آواز کي هن ماڻهن جون دانهون ۽ ڪوڪون سمجهيو. "توبهہ... آئون صفا ڄڻ چري ٿي وئي آهيان، هنن پاڙي وارن کي بہ هنن هنگامن ۾ شادي ڪرڻي هئي پر... هنن جو ڪهڙو ڏوهہ... شادين جون تاريخون تہ مهينا اڳ رکبيون آهن... تڏهن ڪنهن کي خبر تہ اڳتي حالتون ڪهڙيون هجن... هونئن بہ شهر جي حالت جي خبر ئي نہ پوندي آهي... ڪڏهن نيڪ تہ ڪڏهن اوچتو ئي خون خرابو... هن پاڻيءَ جو گلاس ۾ گلوڪوس ناهي پيتو ۽ ڪرسيءَ تي ڄڻ ساٽي تي ڪري پئي، ڪجهہ دير کان پوءِ هو ڪتاب کڻي وري پڙهڻ لڳي هوءَ ڪيتري دير پڙهندي رهي ايستائين جو شام ٿي وئي آن وقت هو مير عبدالحسين سانگي جي شاعري پڙهي رهي هئي، سانگي جي غزل جي ڪجهہ شعرن کي پڙهي هوءَ کلي پئي.

پر پيچ نانگ پون ٿا، پهري ڪٽي ڪٽي،
سي زلف جا زور آور، زهري ڪٽي ڪٽي،
رخسار تي، چپن تي، پرن تي ۽ خال تي،

ٿا پيچ پائن ڪاڪل، ڪهري ڪتي ڪتي.

ڪيس ائين محسوس ٿيو تہ شهر جي حالتن ۾ ”رومينٽنگ“ شاعري پڙهڻ بہ ائين ئي هو جڻ ڪو ديوانو بارود جي ڍير تي ويهي امن جو جهنڊو ڦڙڪائي رهيو هجي- هن سوچيو.

”الا!... اسان وٽ تہ نلها خواب بہ نہ رهيا آهن نڪا آرزو آهي ۽ نہ ئي امنگ نہ ڪنهن جو انتظار ڪرڻ جي فرصت آهي نہ ڪنهن جي حسن تي غور ڪرڻ جهڙيون حالتون نہ گل و بلبل، لب و رخسار پيارو محبت جا فسانہ وٽن نہ ئي مستقبل جي خوبصورت گهرن جو تصور آهي بس!... سڄو ڏينهن صرف اهڙا بي شمار سوال ذهن ۾ گونجندا آهن جن جو جواب اسان وٽ ناهي مثال طور هي سڀ ڪجهہ هن ڌرتيءَ تي ڇو پيو ٿئي؟... ڪيئن پيو ٿئي؟... ڪيستائين ٿيندو؟ اخر ڇا ٿيندو؟... حڪومت چپ ڇو آهي؟... اسان جو مستقبل ڇا آهي؟... پر!... آخر آئون اهو سڀ ڪجهہ ڇو پيئي سوچيان؟... زمين تي حڪومت کي پرواهہ نہ آهي ۽ آسمان تي بہ بي نياز بادشاهہ آهي... پر آخر منهنجي سوچڻ ۽ پريشان ٿيڻ سان ڪو بہ مسئلو حل ڪو نہ ٿيندو...“

هن ٿڌو ساهہ کنيو ۽ پوءِ خيالن کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ لاءِ هو رڌڻي ۾ اچي چانهہ ٺاهڻ لڳي ۽ جڏهن چانهہ جو ڪپ هٿ ۾ کڻي ورانڊي ۾ آئي تہ سامهون ڪمري لڳل گهڙيال تي نظر پيس. ريڊيو تہ مقامي خبرون نشر جو وقت ٿي رهيو هو هو هن ويجهو رکيل ريڊيو کوليو ۽ ڪجهہ دير ۾ شهر جي حالتن بابت نيوز ڪاسٽر انتهائي بي تاثر آواز ۾ ٻڌائيندي چيو:

”حيدرآباد شهر ۾ اڄ مختلف هنڌن تي دهشتگردي ۽ فائرنگ جي واقعن ۾... ماڻهو مري ويا ۽ ... زخمي ٿيا. زخمين کي اسپتال پهچايو ويو ضلعي انتظاميا شهر ۾ اڻ ڄاتل مدت لاءِ ڪرفيو نافذ ڪري ڇڏيو آهي... وڏي وزير ۽ (اعليٰ عملدار) چيو آهي تہ ڏوهارين کي هر گز نہ بخشيو ويندو هن وڌيڪ چيو تہ هي سڀ حڪومت خلاف سازش تحت پيو ٿئي... هن... فوتين جي وارثن کي معاضو ڏيڻ جو پڻ اعلان ڪيو ۽ زخمين کي پنجاهہ هزار روپيا معاوضو ڏيڻ جو اعلان ڪيو.. وڏي وزير يقين ڏياريو آهي“

تہ هوءَ ريڊيو بند ڪري سوچڻ لڳي ”هلو!... قصو ئي ختم-حسب معمول ڪرفيو نافذ امتحان بہ ڇتا هاٽي جڏهن بہ ٿيندا تڏهن ڏنو ويندو (جيڪڏهن هنن فسادن مان بچياسين تہ)... هن سمورا ڪتاب ميڙيا ۽ ڪمري ۾ وڃي ٽيبل تي رکي آئي ۽ پوءِ رڌڻي ۾ وڃي ماني ٺاهڻ جي تيارين ۾ لڳي وئي ڪم جي دوران بہ سندس سوچون ڀٽڪنديون رهيون ۽ ڪيس ڄڻ هر طرف کان ڌماڪن فائرنگ دانهن ۽ ڪوڪن جا آواز ايندي محسوس ٿيا:

ٺاهہ... ڌم... ڌڙام... ٺاهہ... ڌم... ٺر ٺر ٺر... ر... ر... ر.

# اڌوري تصوير

دانش پينٽنگ کي مڪمل ڪري ان جو تنقيدي جائزو وٺي رهيو هو. هڪ عورت جو خوصبورت پور ٽريٽ هو جنهن جي چوڏاري انڊلٽ جا رنگ پکڙيل هئا. دانش ڪيترن ئي ڏينهن کان ان پورٽريٽ تي ڪم ڪري رهيو هو پر اڃان تائين کيس محسوس ٿي ٿيو تہ ڪا ڪمي رهجي وئي هئي. تصوير ۾ـ هو بي چين ٿي ويو ۽ مختلف زاوين کان ورائي ورائي تصوير کي ڏيڻ لڳو جڏهن بہ هو پنهنجن جذبن ۽ احساسن کي ڪوشش جي باوجود بہ تصويرن ۾ سموئي نہ سگهندو هو تہ منجهي پوندو هو ۽ اندر ۾ جڻ آنڌ مانڌ ٿيڻ لڳندي هيس ۽ هو سوچيندو هو تہ سندس اندر ۾ تہ ڪجهہ هو. ڪا ڳالهہ، ڪو جذبو، جنهن کي هو پينٽ ڪرڻ چاهيندو هو... پر... ڪهڙو جذبو هو. اهو... اڪثر هو پاڻ بہ نہ سمجهي سگهندو هو. هو وري پنهنجي پينٽنگ کي ڏيڻ لڳو ۽ ڏسي اداس ٿي ويو. هو تہ ڄڻ هر وقت ئي اداسي واري ڪيفيت ۾ هوندو هو ڇو جو هو حد کان وڌيڪ حساس طبيعت هو. خوشي ۽ سرهائيءَ جا جذبا تہ محسوس ئي نہ ڪري سگهندو هو ۽ اڪثر سوچيندو هو تہ ماڻهو ايترا لڪن ڪيئن ٿا؟؟... خوش ڪيئن ٿا لڳن...!؟... جڏهن تہ کيس تہ خوشيءَ جي موقعن تي بہ خوشيءَ جو ڪو احساس ئي نہ ٿيندو هو. دانش اڃان اهو سوچيو ئي پئي تہ اوچتو سندس ڪمري کان ٻاهران تيز آواز ۾ وڄندڙ گيت کيس خيالن مان ڇرڪائي ڇڏيو. هن ڪمري کان ٻاهر اچي ڏٺو تہ وراندي ۾ مرڪ وينل هئي ۽ ڪو مئگزين ڏسي رهي هئي ۽ سندس پاسي ۾ ٽيپ رڪارڊ رکيل هو. هو ڪاوڙ ۾ اڳتي وڌيو ۽ هڪ جهٽڪي سان گيت اڌ ۾ بند ڪري ڪيسٽ پليئر مان ڪيسٽ ڪڍيائين مرڪ کيس حيرت مان ڏسي رهي هئي. دانش کيس ڪاوڙ مان چيو.

آخر هي ڪهڙي قسم جو گوڙ آهي...!!!“

”ڪهڙو گوڙ؟... ڪٿي آهي گوڙ؟؟!!...“ مرڪ ڏاڍي معصوميت مان پڇيو. ”منهنجو اشارو هن طوفان بدتميزي نما گوڙ ڏانهن هو“ دانش کيس ڪيسٽ ڏيکاريندي چيو.

”اوهہ!...“ مرڪ کلندي چيو: ”ڇا اوهان خوشي جي ڪيفيت واري هر گيت کي طوفان بدتميزي چوندا آهيو؟ ڏسو نہ... اهو تہ ماڻهوءَ جي موڊ تي منحصر آهي. ڪڏهن ڪلاسيڪل انداز ۾ من کي موهيندڙ آهي تہ ڪڏهن نيم ڪلاسيڪل، ڪڏهن هلڪي ڦلڪي انداز واري موسيقي ۽ ڪڏهن وري ڌڪو ۽ ڌماڪي دار قسم جي موسيقي (اٽريڪٽ) ڪندي آهي. خاص ڪري، خوشيءَ جي

ڪيفيت ۾ آئون اهڙو ميوزڪ پسند ڪندي آهيان...“

”پر... آئون سخت ڊسٽرب پيو ٽيان پنهنجي ڪم دوران... هونئن به مون کي غير سنجيده ماڻهو ۽ غير سنجيده موسيقي پسند ڪو نه آهن“ دانش اجان به ڪاوڙيل هو.

”دانش صاحب!... ضروري ته ڪونهي ته بظاهر غير سنجيده رهندڙ ماڻهو هميشه ئي غير سنجيده هجن. پئي!... سنجيدگي جي ڳالهه تي سنجيده رهڻ سٺي ڳالهه آهي پر هر وقت بنا سبب جي اداسي ۽ سنجيدگي مونکي نه وڻندي آهي... هونئن به ڇا ڪريان...؟ شوخي ۽ شرارت منهنجي فطرت ۾ شامل آهن اها ئي زندگي آهي... ۽ اها ئي عمر آهي لائيف کي انجواءِ ڪرڻ جي...“ مرڪ ڏاڍي آرام سان چيو.

هن وقت آئون بحث ڪرڻ جي موڊ ۾ ناهيان“ دانش رڪائي سان چيو.

”دانش صاحب! ڪڏهن پنهنجي رنگن جي دنيا کان نڪري ٻاهر جي دنيا ۾ به نظر ڊوڙائيندا ته احساس ٿيندو ته زندگي ايڏي بور ۽ ڊل به ناهي جيئن اوهان کي محسوس ٿئي ٿي“ مرڪ چيو.

”مون وٽ ايترو وقت ڪونهي جو ان فضول بحث ۾ مٿو کپايان (ٿورو ترسي) ۽ ها...؟ هيءَ ڪيسٽ به ڪنيو پيو وڃان اهڙي ڪنهن جاءِ تي وجي ٿو مٿو وجايانس جو وري اها فضول ڪيسٽ هن گهر ۾ نه ملي سگهي“. دانش چيو ۽ هليو ويو.

مرڪ دانش جي پيءُ جي مرحوم دوست جي ڌيءُ هئي سندس پيءُ ٻه سال اڳ گذاري ويو هو ۽ وفات کان اڳ هو دانش جي پيءُ کي مرڪ جي پارت ڪري ويو هو. جيڪا ان قوت پڙهائي جي سلسلي ۾ هاسٽل ۾ رهندي هئي ۽ ڇهه مهينا کن اڳ هو پنهنجي تعليم مڪمل ڪري چڪي ته دانش جو پيءُ کيس گهر وٺي آيو هو. مرڪ جي اچڻ کان اڳ ته دانش جي گهر ۾ بيحد خاموسي هوندي هئي. سندس پيءُ نوڪري جي سلسلي ۾ سڄو ڏينهن گهر کان ٻاهر رهندو هو ۽ سندس ماءُ گهڻو ڪري چپ ئي رهندي هئي. هونئن به هن سان ڳالهائڻ وارو هو ئي ڪير...!!؟ دانش پاڻ تمام سٺو آرٽسٽ هو سندس ته ڪل ڪائنات ئي چڙ رنگ، برشن ۽ ڪئنوس ۾ سمايل هئي ۽ هو پنهنجي فن ۾ ايڏو ته جنوني ٿي ويو هو جو کيس ٻاهرين دنيا، گهر، رشتن ۽ دوستن سان به ڪا گهڻي دلچسپي نه رهي ۽ محبت خلوص، فطرت... جيڪي سندس فن جا اص موشوع هئا. هو انهن کي پينٽ ته ڪندو هو پر حقيقي زندگي ۾ هو انهن کان اوڏو ئي پري ٿيندو پي ويو. ان ڪري مرڪ جي وجود سان به کيس ڪا به دلچسپي نه هئي. البت مرڪ جي گهر ۾ اچڻ سان گهر جو ماحول ئي بدلجي ويو هو هوءَ واقعي مرڪ هئي. هر وقت ڪلندڙ ۽ مڪرندڙ اڳ ۾ جنهن گهر ۾ خاموشي هوندي هئي، اتي هاڻي مرڪ جا ٽهڪ گونجندا هئا. عجيب ڇوڪري هئي. خاموشي ۽ سنجيدگي سان ته چڙ پوندي ئي ڪا نه هيس. هو هر وقت ڪنهن نه ڪنهن ڪم ۾ مصروف هوندي هئي. گهر جو گهڻو

ڪم هاڻي يا تہ پاڻ ئي ڪندي هئي يا وري نوڪر ڪان پاڻ بيهي ڪرائيندي هئي. ڪڏهن ڪتابن مان پڙهي پڙهي رڌ پچاءُ جا تجربا ڪندي هئي تہ ڪڏهن وري مالهيءَ جي سر تي بيهي گلن جون نيون چڪيون هٽائيندي هئي يا باغ جي صفائي ڪرائيندي هئي. دانش جي ماءُ سان پڻ هوءَ ڪچهري ڪندي هئي ۽ الائي ڇا ڇا ڪيس ٻڌائيندي هئي جو دانش ڪيس اڪثر کلندي ۽ مرڪندي ڏٺو هو. هوءَ تہ ڏاڍي وندري پئي.

هڪ ڏينهن جڏهن دانش ٻاهران موٽيو هو تہ ڪمري ۾ گهڙندي مرڪ تي نظر پيس تہ پڇيائين. ”مرڪ!... تون هتي منهنجي ڪمري ۾ ڇا پئي ڪرين؟!!“

”ڪجھ نہ...“ مرڪ کلندي چيو ”بس ڪمري جي صفائي پئي ڪيم.“

دانش ٿورو غور ڪيو تہ ڪيس سندس ڪمري جي سيٽنگ بدليل لڳي, اهو ڏسي هو چڙي پيو ۽ چيائين: ”هيءُ... منهنجي ڪمري جي سيٽنگ ڪنهن بدلائي آهي... آخر هي سڀ ڪجھ ڇا آهي...؟“

”اوهہ... دانش! ان ۾ ڀلا ايڏو ناراض ٿيڻ جي ڪهڙي ڳالھ آهي؟... مون بدلائي آهي ڪمري جي سيٽنگ“ مرڪ چيو.

”پر... آخر ڇو...؟؟!...“

”ڏسو نہ ڀلا... ضروري آهي ڇا تہ جيڪڏهن اوهان جو سامان هيڏانهن هوڏانهن وکريل هجي, ڪمرو بي ترتيب هجي, توهان جا وار وکريل هجن... تڏهن ئي اوهان آرٽيسٽ لڳندا...؟ ڇا صاف سٿري ڪمري ۾ رهندڙ ۽ پنهنجي شخصيت تي توجھ ڏيندڙ ماڻهو آرٽسٽ نہ لڳندو آهي...؟!“ مرڪ معصوميت مان پڇيو پر دانش وري رکي لهجي ۾ چيو: ”آئون فضول بحث جو عادي ڪو نہ آهيان...“

مرڪ وري بہ کلي دل سان مرڪندي چيو ”دانش! سچ ٻڌائجو... هاڻي هن ترتيب ۾ اوهان جو ڪمرو وڌيڪ خوبصورت, روشن ۽ کلو کلو نہ پيو لڳي؟...“

”پر...“ دانش بدستور چڙ ما چيو: ”آئون ڪنهن کي بہ اجازت نہ ڏيندو آهيان تہ هو منهنجي شين کي هٿ لائي“

هاڻي مرڪ کي بہ ڪاوڙ اچي وئي هن تيز لهجي ۾ چيو.“ آخر مون ڪيو ڇاهي...!!؟؟ رڳو سامان کي صحيح ترتيب سان ئي تہ رکيو اٿم ۽ هي ڪتاب سڀ هتي وکريا پيا هئا ۽ ڦاٽي رهيا هئا تن کي ترتيب سان شيلف ۾ رکيو اٿم, هيڏانهن هوڏانهن پيل رنگن ۽ برشن کي جمع ڪري, هڪ پاسي رکيو اٿم, نوان پردا سبرايا هئا سي لڳرايا اٿم... بس! اهو ئي جرم آهي نہ منهنجو...؟؟؟“

دانش تي تہ ڄڻ ڪاوڙ جو ڀوت سوار هو. هن مرڪ کي ٻڌو اڻ ٻڌو ڪندو وري ڪاوڙ ۾ چيو: ”اوهہ!... هيءَ دري ڪنهن کولي آهي؟... آئون تہ اها ڪڏهن کوليندو ئي ناهيان پوءِ... ڇو کولي وئي آهي...!؟“

”توهان الائي ڪهڙي قسم جا آرٽسٽ آهيو. اوهان کي فطرت جي حسن سان ڪو لڳاءُ ئي

ڪونهي. ڏسو نہ... هيءَ دري ڪولڻ سان لان جو منظر هتان ڪيڏو نہ خوبصورت نظر پيو اچي. دري جي ويجهو هي گلاب جي گلن سان ڀريل ٻوٽا ڪيڏا پيارا پيا لڳن. هي وشال آسمان، هي سڀ فطرت جا حسين رنگ آهن... ڪجهہ محسوس ڪيو؟!... سڄو ڪمرو گلاسن جي خوشبوءِ سان واسجي ويو آهي.“

”بس!... بس!... گهڻو ٿيو. هاڻي براءِ مهرباني هتان هلي وڃ“ دانش چيو ۽ دريءَ کي جهٽڪي سان زوردار آواز ۾ بند ڪري پڙدا ڏئي ڇڏيا. مرڪ کي ڪاوڙ تہ لڳي پر وري بہ هن نرم لهجي ۾ چيو. ”آخر توهان ايڏا چڙ چڙا ۽ بدمزاج ڇو آهيو؟... ان ڏينهن اوهان کي منهنجو رڪارڊ پليئر ٻڌڻ ناگوارا لڳو ۽ اڄ وري ڪمري جي صفائي ۽ سيٽنگ ڪرڻ... آخر توهان ائين ڇو آهيو؟“

”بس!... براءِ مهرباني آئنده مون تي اها مهرباني نہ ڪجو“ دانش چيو. ”ڪو نہ ڪنديس آئنده“ مرڪ بہ ڪاوڙ مان چيو. ”هاڻي هن آرٽيفشل ماحول ۽ روشنين ۾ ويهي نيچر کي پينٽ ڪريو... وڃان پيئي... هونهہ!... هوءَ ڪهڙي مثل آهي...!!؟؟“ مرڪ ويندي ويندي بيهي رهي ۽ سوچڻ لڳي ۽ پوءِ چپٽي وڄائيندي چيائين.

”ها!... پلاٽي ڪر ڇٽ سان ڦيري هٽي پٽ سان“

”واٽ...“ دانش زوردار رڙ ڪئي ۽ مرڪ زور سان کلندي ڪمري مان ڊوڙي نڪري وئي. ان ڏينهن کان پوءِ مرڪ وري دانش جي ڪمري جي صفائي نہ ڪئي، پر ڪڏهن ڪڏهن رات جو دير تائين دانش کنهن پينٽنگ تي ڪم ڪندو هو تہ مرڪ کيس چانهہ ناهي ڏئي ويندي هئي. هڪ ڀيري مرڪ شام جي چانهہ ناهي کڻي جڏهن سندس ڪمري ۾ آئي تہ هو ان وقت ان ساڳي عورت واري پينٽنگ تي ڪم ڪري رهيو هو. مرڪ غور سان اتي بيهي ان پينٽنگ ڏانهن ڏسي رهي هئي. دانش کي سندس محويت تي کل اچي وئي ۽ هن مرڪندي چيو: ”ڇا پئي ڏسين ايڏو غور سان...“

”ڏسان پئي تہ ڪيڏي نہ حسين عورت آهي. دانش! هڪ ڳالهہ ٻڌائيندا؟“ مرڪ چيو:

دانش جو موڊ ان ڏينهن خوشگوار هو ان ڪري هن فراخدلي سان چيو: ”ها... ڇو نہ... ڪهڙي ڳالهہ آهي...“ مرڪ ڪجهہ سنجيدگيءَ سان چيو ”آئون اڪثر سوچيندي آهيان تہ جيڪي بہ آرٽسٽ شاعر ۽ اديب هوندا آهن، اهي سڀ ايڏا حسن پرست ڇو هوندا آهن؟ شاعر هميشہ خوبصورت عورتن تي ئي شاعري ڪندا آهن“ اديب پڻ سدائين خوبصورت عورتن کي ئي ڪهاڻين جي هيروئين بنائي پيش ڪندا آهن ۽ مصور بہ گهڻو ڪري خوبصورت عورتن کي ئي پينٽ ڪندا آهن ڇا عام ماڻهو يا بدصورت ماڻهو ڪڏهن بہ سندن تخليقن جا خاص موضوع نٿا بنجي سگهن؟... جذبا تہ سڀني جا هڪ جهڙائي هوندا آهن نہ... پوءِ... ڇا اسان جهڙيون عام شڪل صورت واريون ڇوڪريون شاعرن، اديبن ۽ مصورن جو موضوع نٿيون بنجي سگهن؟؟؟...

”پئي سوال تي ڏاڍو ڏکيو آهي... دانش کلندي چيو ۽ شايد آئون هن جو صحيح جواب بہ نہ ڏئي سگهان. باقي حسن پرستي تہ قدرتي نموني فنڪارن جي اندر ۾ هوندي آهي تہ جيئن هن ڏکن ۽

بدصورتي جي ڏيهہ مان فنڪار ماڻھو حسن کي پنھنجي تخليقن وسيلي ٻين ماڻھن جي آڏو پيش ڪن تہ جيئن ڪجهہ لمحن لاءِ ئي سهي ماڻھو ان کي ڏسي پنھنجا سمورا ڏک وساري ويهي... خير!... منھنجو اهو جواب بهرحال ايڏو مطمئن ڪندڙ نہ آهي.“

”نہ... نہ...“ مرڪ جلدي چيو ”منھنجي اها ڳالهہ چوڻ جو ڪو ٻيو مقصد نہ هو منھنجو تہ صرف اهو مطلب آهي تہ حسن پنھنجي جاءِ تي اهميت رکي ٿو پر صرف حسن پرستي ۾ گم ٿي ٻين عام ماڻھن جي حيثيت ۽ چاهتن کي بہ نہ وسارڻ گهرجي ۽ محبت جهڙي جذبي کي صرف حسين چهرن لاءِ بہ وقف نہ ڪرڻ گهرجي... ڪڏهن ڪڏهن... انهن عام صورتن ڏانھن بہ ڌيان ڏجو جيڪي اوهان جي چوڌاري آهن... ۽ اوهان سان پيار ڪنديون آهن...“

دانش اهو ٻڌي چپ ٿي ويو هو يا شايد ڪيس ڪو جواب ئي نہ سجهيو هو. ٿوري دير ڪان پوءِ هوءَ هلي وئي ان ڏينهن هوءَ دانش کي هڪ ٻي مرڪ لڳي هئي، سنجيده ۽ بردبار.

ڏينهن گذرندا رهيا مرڪ جون اهي ئي مصروفيتون هيون، اهو سندس هر دم مرڪندڙ چهرو هو ۽ سندس (ائڪٽوٽيز) ۽ دانش جون بہ ساڳيون مصروفيتون هيون، رنگن جي دنيا ۾ گم... ۽ پوءِ هڪ ڏينهن هڪ نئين تبديلي آئي، جڏهن دانش جي پيءَ کيس لائبرري ۾ ڪجهہ خاص ڳالهين ڪرڻ لاءِ سڏبو هوءِ چيو هئائين. دانش پٽ!... اڄ مون کي تو سان ڪجهہ ضروري ڳالهيون ڪرڻيون آهن.“

جي بابا!... دانش چيو.

پٽ!... سندس پيءَ ڪجهہ سوچيندي چيو تہ:

”مرڪ بابت تو سان ڳالهائڻو آهي... منھنجو مطلب آهي تہ هوءَ توکي ڪيئن ٿي لڳي...؟؟“

مرڪ!!؟؟... دانش پريشان ٿيندي چيو تہ پر بابا! اوهان اهو ڇو پيا پڇو...؟!!

”پٽ!... توکي تہ خبر آهي تہ هوءَ منھنجي مرحوم دوست جي نياڻي آهي، سچ پچ تہ هو صرف منھنجو دوست نہ پر ڀاءُ وانگر هو سندس منھنجي مٿان ڏاڍا احسان آهن، اڄ اسان وٽ جيڪي بہ ڪجهہ آهي، اهو سڀ ڪجهہ (اسٽيبلش) ڪرڻ ۾ هن ئي منھنجي مدد ڪئي هئي ۽ موٽ ۾ ڪڏهن بہ ڪجهہ نہ گهريائين پر جڏهن هو بيماري جي بستري تي هو تڏهن هو هر وقت پنھنجي نياڻي لاءِ پريشان رهندو هو جو ڪانئس سواءِ سندس نياڻي جو ڪو اوهي واهي نہ هو پوءِ هن مون کان اهو واعدو ورتو هو تہ جيڪڏهن کيس ڪجهہ ٿي ويو تہ پوءِ مرڪ جي تعليم مڪمل ٿيڻ تي آئون کيس پنھنجي گهر وٺي ايندس، ۽ سندس ذميواري کڻندس، ائين سندس وفات کان پوءِ مرڪ جي سموري ذميواري هاڻي منھنجي مٿان آهي ۽ هاڻي جڏهن تہ سندس تعليم بہ مڪمل ٿي چڪي آهي تہ سندس شادي جي ذميواري بہ منھنجي مٿان عائد ٿئي ٿي... هونئن تہ سندس لاءِ رشتن جي ڪمي ڪانهي پر تنھنجي ماءُ جو ۽ منھنجو اهو خيال آهي تہ هوءَ هميشہ هن ۾ رهي... اسان جي نياڻي ٿي... جيڪڏهن تون هن سان شادي ڪرين...“

آئون...!!؟؟ دانش جي ذهن ۾ ڄڻ زوردار ڌماڪو ٿيو بابا!... ”مون تہ ائين ڪڏهن سوچيو بہ ڪونهي...“

”پوءِ هاڻي ڪٿي سچو هونئن بہ هوءَ ڏاڍي معصوم ۽ پياري ڇوڪري آهي،“ ڪهڙي ڪمي آهي هن ۾؟ سندس گهر ۾ اچڻ سان ڪيڏي نہ رونق ٿي وئي آهي. دانش جي پيءُ چيو

”بابا! بيشڪ هن ۾ ڪا برائي ڪانهي هوءَ سٺي ڇوڪري آهي پر هوءَ منهنجي معيار تي پوري نٿي لهي ڇو جو هو غير سنجيده ڇوڪري آهي هو ڪڏهن بہ مونکي يا منهنجي فن کي سمجهي نٿي سگهي،“ دانش هٻڪندي چيو.

”هون!...“ دانش جو پيءُ ڪجهہ دير لاءِ ڪنهن گهري سوچ ۾ گم ٿي ويو ۽ پوءِ وري چيائين:

”ٺيڪ آهي، آئون نہ تہ توکي مجبور ڪندس نہ ئي اجايو زور پريندس... پر پٽ! ڪو بہ فيصلو ڪرڻ ۾ ايڏي جلدي نہ ڪر مون کي وري بہ سوچي ٻڌائجان.“

دانش لائبرري کان ٻاهر نڪتو تہ در وٽ مرڪ کي بيٺل ڏٺائين هو شايد اتي ئي بيٺل هئي ۽ هن سيڪجهہ ٻڌي ورتو هو الائي ڇو دانش هن جي نگاهن سان نگاهون ملائي نہ سگهيو ۽ تيز تيز قدم کڻندو ٻاهر هليو ويو ان شام هو گهر کان ٻاهر ئي رهيو پوءِ رات جو گهرو مٽيندي دير ٿي وئي هيس، گهر ۾ خاموشي ڇانيل هئي شايد سڀ سمهي چڪا هئا. دانش پنهنجي ڪمري ڏانهن وڌڻ لڳو تہ اوچتو مرڪ جي ڪمري مان ايندڙ ڪنهن اداس گيت جي آلاپ سندس قوم اتي ئي روڪي ڇڏيا، هن ڏٺو تہ مرڪ جي ڪمري جي بتي پڻ ٻري رهي هئي ڪيس حيرت ٿي تہ مرڪ کي تہ اداس گيت پسند نہ هوندا آهن پوءِ اڄ ڪيس ڇا ٿيو هو. هو ڪجهہ دير اتي اونداهہ ۾ بيٺو رهيو ۽ پوءِ تيز تيز قدم کڻندو پنهنجي ڪمري ڏانهن وڌي ويو. ٿوري دير کان پوءِ هو وري رنگ جي دنيا ۾ گم ٿي چڪو هو اڄ وري هو پنهنجي اڌوري تصوير تي ڪم ڪري رهيو هو. اوچتو ڪنهن جي اچڻ جي ڪڙڪي ڪيس ڇرڪائي وڌو هن پيٺيان مڙي ڏٺو تہ مرڪ هن لاءِ چانهہ کڻي آئي هئي. سندس چهري تي سنجيدگي ڇانيل هئي ۽ اکيون آليون هيون هن خاموشي سان ڪيس چانهہ ڏني ماحول جي ڳنڀيرتا کي ٽوڙڻ لاءِ دانش خوشگوار لهجو ناهيندي چيو.

”مرڪ!... بيٺي ڇو آهين؟!... ويهہ نہ...“ نہ آئون وڃان ٿي... مرڪ اهو چئي وڃڻ لڳي پر وري ڪجهہ سوچي موٽي آئي ۽ سنجيدگي سان چيائين:

”مون کي افسوس آهي تہ منهنجي ڪري اوهان کي ڏاڍي پريشاني ٿي پر اوهان پريسان نہ ٿيو اوهان وڏي آرام سان رشتو قبول ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو.. آئون نٿي چاهيان تہ منهنجو وجود ڪنهن جي ذاتي زندگي تي اثر انداز ٿئي.“ دانش شرمندو ٿيندي چيو:

”مرڪ! تو تہ اڄ مونکي حيران ڪري ڇڏيو آهي تنهنجو هي روپ ڪيڏو نہ انوکو ۽ نئون آهي... مون تہ ڪڏهن سوچيو بہ ڪو نہ هو تہ هر وقت کلندڙ مرڪندڙ ۽ شرارتون ڪندڙ اها ڇوڪري سنجيدگي جي وقت ايڏي سنجيده بہ ٿي سگهي ٿي.“

مرڪ تلخ لهجي ۾ چيو ”توهان بہ انهن ئي ماڻهن مان نڪتا جيڪي فقط سمنڊ جي ڪناري تي بيهي اندازي سان سمنڊ جي گهرائي بابت راءِ رکندا آهن. جڏهن تہ سمنڊ جي گهرائي جي اصل خبر انهن کي هوندي آهي جيڪي سمنڊ جي تهہ ۾ لهي ٽا وجن ۽ جڏهن موٽندا آهن تہ هو خالي هٿ نہ هوندا آهن پر هن جي هٿ ۾ سچا موتي هوندا آهن ماڻهو بہ تہ سمنڊ جيان ئي هوندا آهن مٿاڇري نگاهہ وجهڻ ۾ عام لڳندا آهن. پر جڏهن کين پرکيندا تہ محسوس ٿيندو تہ هر ڪو ماڻهو موتي داڻو توهان منهنجي ڇهري تي پکڙيل مرڪ ۽ غير سنجيده رويو ڏسي مون بابت غلط اندازو لڳايو. ڏکن ۽ محرومين کي مون تمام ويجهو کان ڏٺو آهي اجان الائي ننڍڙي هيس جو ماءُ جي ممتا کان محروم ٿي ويس. شعور جي ڏاڪي تي قدم رکيم تہ بابا بہ هن واڳون جڳ ۾ اڪيلو ڇڏي ويو... ممتا ۽ پيءُ جي شفقت کان محروم انسان ڪهڙا ڏک سهن ٿا، اهو آئون شدت سان ڄاڻان ٿي... ۽ اڪثر سوچيندي آهيان تہ هينئر جيڪڏهن انڪل ۽ آنٽي کان مونکي ماءُ پيءُ جي شفقت نہ ملي ها تہ شايد آئون پاڻ ۾ جيئڻ جو حوصلو آڻي نہ سگهان ها... ۽ پوءِ... پنهنجي اندر جون اهي محروميون ۽ ڏک لڪائي جيڪڏهن آئون خوش رهڻ جي ڪوشش ڪريان ٿي ۽ ٻين کي بہ خوش رکڻ جي ڪوشش ڪريان ٿي تہ ان جو مطلب اهو تہ ڪونهي تہ آئون غير سنجيده آهيان...“

”اوهہ!... آءِ ايم ساري... واقعي مون توکي الاهي هرٽ ڪيو آهي...“ دانش شرمندو ٿيندي چيو تہ پوءِ پنهنجي پينٽنگ مرڪ کي ڏيکاريندي چيائين تہ... ”چڱو هاڻي پلا پنهنجو موڊ ٺيڪ ڪر ۽ هي ٻڌاءِ هي تصوير توکي ڪيئن ٿي لڳي؟... الائي ڇو هيڏي محنت ڪرڻ کان پوءِ بہ هي مون کي اجا اڌوري ٿي لڳي، تنهنجو ڇا خيال آهي.“

”حيرت آهي...؟!!... اوهان پنهنجي فن بابت مون کان رايو پيا وٺو؟ اوهان تہ پاڻ ئي چيو هو تہ آئون پلا توهان کي ۽ توهان جي فن کي سمجهڻ جي صلاحيت ڪٿان ٿي رکان؟“ مرڪ تلخ لهجي ۾ چيو.

”طنز پئي ڪرين...؟“ ... دانش چيو تہ... مرڪ تلخي سان کلندي چيو طنز نہ پر حقيقت بيان ڪئي اٿم... ۽ سچ هميشہ تلخ لڳندو آهي ان ڪري جيڪڏهن اوهان جي پينٽنگ جي خامي بابت سچ چونديس تہ ڪٿي وري اوهان کي ناگوارا نہ لڳي.“

”نہ... نہ!... ڇئو ڪهڙي خامي آهي هن ۾.“

مرڪ ان پورٽريٽ جي سامهون اچي بيٺي ۽ غور سان ان کي ڏسندي چيائين:

”دانش غور سان هن تصوير کي ڏسو هن ۾ ڏيکاريل عورت جو چهرو حسين هئڻ جي باوجود ڪيڏو نہ بي تاثر آهي... ڄڻ ڪو پٿر هجي... جڏهن تہ انسان تہ احساسن ۽ جذبن جو مجموعو آهي ۽ ... هي تصوير ان ڪري اڌوري ٿي لڳي جو هن کي ناهيندڙ فنڪار پاڻ اجان مڪمل ناهي...“

”ڇا مطلب!... دانش حيران ٿيندي پڇيو:“

”جيڪو ماڻهو پنهنجي ذات جي حصار مان نڪري نہ سگهي اهو سچو ۽ مڪمل فنڪار نٿو ٿي

سگھي. مرڪ آرام سان چيو. ”جيستائين فنڪار پنهن جي جذبن ۽ احساسن کي بہ گھرائي ۾ محسوس نٿو ڪري ايستائين هو پنهنجي ڪنهن پورٽريٽ ۾ ڊيڪاريل ماڻهو جي چھري تي بہ هن جي اندر جي ڪيفيت رچي نہ سگھندو. جيئن هن عورت جي اندر جي احساس ڪان هن جو چھرو عاري آهي... ان ڪري جو اوهان خود بہ اڌورا آهيو. چا!...“

”چا!... آئون آئون اڌورو آهيان...!!؟؟“

”ها...؟ ڇو جو پنهن جي احساس جذبن رشتن ۽ محنتن ڪان وانجھيل ماڻهو اڌورو ئي نہ ٿيو نہ...“

مرڪ ڪمري مان هلي وئي ۽ دانش کي اونهي سوچن جي سمنڊ ۾ اڇلائي وئي ۽ ان ڏينهن ڪان مرڪ ۾ جڻ تبديلي اچي وئي هئي هر وقت کلندڙ ۽ مرڪندڙ چھرو اداس ٿي ويو اها ڳالهہ سيني کي محسوس ٿي هئي ۽ پوءِ مرڪ ڪجھہ ڏينهن لاءِ پنهنجي هڪ ساهيڙي جي گھر رهڻ لاءِ هلي وئي هئي. دانش جا ماءُ پيءُ تہ اداس ٿيا ئي هئا پر الائي ڇو ڪيس بہ پنهنجو گھر اوپرو اوپرو لڳي رهيو هو. هن سوچيو تہ هي خاموشي تہ شروع ڪان ئي هن گھر جو مقدر هئي پر هاڻي اها خاموشي بہ اوپري اوپري ڇو لڳي رهي هئي؟ ائين ڪجھہ ڏينهن گذري ويا، ڪيس لڳندو هو تہ جڻ زندگي ۾ ڪمي اچي وئي هئي. ڪيس پاڻ بہ پنهنجي اندر جي ان تبديلي تي حيرت هئي. اڪثر ڪيس مرڪ جون ڳالهيون ياد ايندي‌ون هيون. سندس دل شدت سان چاهيندي هئي، تہ مرڪ اچي ۽ سندس وکريل ڪتابن کي ترتيب سان شيلف تي رکي رنگ ۽ برش هڪ طرف طريقي سان رکي، ڪيس چانهہ ناهي آڻي ڏي.. گھر ۾ زندگي هجي... ٿهڪ هجن... ۽ پوءِ نيٺ هن هڪ فيصلو ڪري ورتو هو. ”ها! مرڪ ئي هن گھر جي ضرورت هئي ۽ هن کي هميشہ هن گھر ۾ رهڻو هو...“ ۽ پوءِ جنهن ڏينهن دانش جو پيءُ ڊرائيور کي مرڪ کي وٺڻ لاءِ موڪلي رهيو هو تہ هن ڊرائيور ڪان ڪار جي چاٻي ورتي هئي ۽ پاڻ ڪار ڪاهي ڪيس وٺڻ ويو هو.

مرڪ جڏهن پنهنجي ساهيڙي ڪان موڪلائي گاڏي ۾ اچي ويٺي تہ دانش کي ڏسي حيران ٿي وئي سفر دوران ڪجھہ دير تہ خاموش رهي پوءِ دانش ڪيس مخاطب ڪندي چيو:

”مرڪ!... منهنجي اڌوري تصوير مڪمل ٿي وئي آهي.“

”واقعي...!! پر ڪيئن...؟!“ مرڪ پڇيو ”شايد!... ان ڪري جو هاڻي آئون بہ اڌورو ماڻهو نہ رهيو آهيان، ڇو جو تنهنجي وڃڻ ڪان پوءِ آئون انهن سيني احساسن ۽ جذبن ڪان واقف ٿي ويو آهيان... جن ڪان اڳي پري ٿي ويو هوس. واقعي محبتون ۽ فطرت جا سڀ حسين رنگ تہ منهنجي چوڌاري موجود هئا ۽ آئون ئي پري ٿي ويو هوس... ۽ اها بہ حقيقت آهي تہ جيڪو فنڪار فطرت جي نظام ۽ قانون جي وچ ۾ رهي انهن کي محسوس نٿو ڪري ماڻهن جي وچ ۾ رهي سندن ڏک سک ۽ مسئلا نٿو ڏسي ايستائين هو مڪمل فنڪار نٿو ٿي سگھي... ۽ ها!...“ دانش ڪجھہ دير ترسي مرڪ ڏانهن شرارت مان مرڪي ڏٺو ۽ پوءِ چيائين ”هاڻي اها بہ خبر پئجي وئي اٿم تہ منهنجي چوڌاري اهي کھڙيون عام صورتون آهن، جيڪي مون سان پيار ڪن ٿيون ۽ جن کي حسن پرستي ۾ گم ٿي وساري وينو هوس.“

مرڪ جي ڇهري تي ڪجهہ حياءُ ۽ خوشي سان ڀرپور تاثر اڀري ويا هئا ۽ ڪيترائي انوکا رنگ وکري ويا هئا ۽ ان وقت اها هڪ عام ڇهري واري ڇوڪري بہ ڪيس ڏاڍي پياري لڳي رهي هئي ۽ ڪيس سندس ڇوڏاري اندلٺ جا رنگ پکڙيل نظر آيا هئا هو ان مهل ڪيس سندس مڪمل ٿي ويل تصوير جيان ئي مڪمل لڳي هئي... ۽ پوءِ جڏهن هو ڪيس گهر وٺي آيو هو تہ ٿوري دير کان پوءِ ئي ڄڻ سڄي گهر جو ماحول بدلجي ويو هو. اها ئي مرڪ جي معصوم مرڪ هئي، رنگ هئا رونق هئي ۽ زندگي هئي. دانش پنهنجي ڪمري ۾ آيو ڪمري ۾ ڪيس اونداهہ ۽ ٻوسٽ محسوس ٿيڻ لڳي، ڪيس مونجهہ ٿيڻ لڳي هن پردا هٽائي دري کولي ڇڏي تازي هوا جي لهر ڄڻ ڪمري مان سڄي ٻوسٽ کي ٻاهر ڌڪي ڇڏيو هن لان ۾ بيٺل گلن جي ٻوٽن ڏانهن ڏٺو وڻن تي منڙيون لاٿيون لوندڙ جهرڪين کي ڏٺو وشال نيري آمان ڏانهن نظر ڪئي، ڪيس زندگي ڏاڍي حسين لڳي. ساهن ۾ گلابن جي سڳنڌ کي محسوس ڪندي اوچتو ڪيس ڪو خيال آيو هن پنهنجي ٽيبل جو خانو کولي اها ڪئسٽ ڪڍي جيڪا هن مرڪ کان ڦري هئي ۽ ٽيپ رڪارڊ ۾ لڳائي ان کي آن ڪيو تہ خوشي جي احساس سان ڀريل گيت سان سڄي ڪمري جو ماحول خوشي سان ٻهڪڻ لڳو.

(ريڊيو حيدرآباد ۽ خيرپور تان نشر ٿيل گيتن ڀري ڪهاڻي)

# رُڃَ جا مسافر

شام جو ويلو آهي. برسات صبح کان وسڪارو ڪرڻ کان پوءِ هاڻي بس ڪئي آهي. آئون پنهنجي گهر جي لان ۾ ويٺل آهيان. برسات کان پوءِ آلي ڇَٻر تي پيرين اگهاڙي هلڻ مون کي ڏاڍو سٺو لڳندو آهي. آسمان اڃان بہ ڪارن ڪڪرن سان ڪاراٽيل آهي. گهميل هوا ۽ پيرن هيٺان پُسيل ٿڌي ڇَٻر سڄي وجود کي ٺاري پئي... پر... سوچيان ٿي تہ اندر بہ ڪڏهن ٺريو آهي!!؟؟...

ڪافي دير تائين هلڻ کان پوءِ آئون لان ۾ پيل ڪرسيءَ تي ويهي ٿي رهان. پاسي ۾ پيل ٽيبل تي منهنجي ڊائري ۽ ريڊيو رکيل آهن. آئون ڪنڌ مٿي ڪٽي آڪاش ۾ نهاريان ٿي. مون کي ان وقت شاهہ سائين جي "سر سارنگ" جا ڪيترائي بيت ياد پون ٿا. ان خوبصورت موسم ۾ مون تي هڪ عجيب سرشاري جو احساس طاري پيو ٿئي. چؤ پاسي کان آلي مٽيءَ ۽ گلن جي مليل جليل خوشبو جڻ سيئي "امپورٽڊ پرفيومز" کي چئلنج ڪري رهي آهي. آئون پاسي ۾ پيل ريڊيو On ڪريان ٿي. مقامي خبرون نشر ٿي رهيون آهن. خاموش فضا ۾ نيوز ڪاسٽر جو آواز گونجي رهيو آهي:

"سنڌ ۾ مسلسل برسات پوڻ سبب ڪيترين ئي پوکن کي نقصان پهتو آهي. ڪڇي جا هيٺاهان علائقا پاڻيءَ هيٺ اچي ويا آهن. ڪيتريون ئي ڪچيون جايون ڪري پيون آهن. ماڻهو پنهنجن گهرن کي ڇڏي محفوظ مقامن ڏانهن وڃي رهيا آهن. سرڪار ڪين..."

آئون ريڊئي جي آواز کي گهٽ تي ڪري ڇڏيان. ٿوري دير اڳ وارو سرشاري جو احساس اُداسيءَ ۾ بدلجي ويو آهي. منهنجي ذهن ۾ ان وقت "سرسارنگ" جو هڪ بيت هري اچي ٿو:

ڪُڪِڙِ ڪانڌُ چِتِ ڪَيو، جُهڙَ پَسيو جهجِن،
وَرَ ريءَ واندڻِ آڏيا، پَڪا سي مَ پُسَنِ،
اُترُ ڊاهي اُن جا، تہ ڪنهن کي ڪارُون ڪَنِ،
وارثُ وَري تَنِ، اَچي شال اولو ڪريس.

... اوچتو فون جي گهنٽي جو آواز گونجي ٿو. آئون اندر اچي فون جو رسيوَر کڻي "هيلو" چوان ٿي. ٻئي پاسان صفيہ ڳالهائي رهي آهي: "هيلو!... مونا، مان آهيان... صفيہ."

"ها صفيہ! ڪهڙا حال آهن." آئون پڇان ٿي. "يئي سچ تہ ڏاڍو مزو پيو اچي. پنهنجو سڄو گروپ پڪنڪ لاءِ وڃي پيو. تون هلين ٿي؟" صفيہ چوي ٿي.

"نہ صفيہ، منهنجو موڊ ناهي." مون ڪيس بيزاريءَ مان چيو.

”تون صفا بور ڇوڪري آهين. پئي نيچر کي انجواءِ ڪرڻ سڪ.“ صفيہ چوي ٿي.

”صفيہ...!“ آئون بيحد اداسيءَ مان ڪيس چوان ٿي: ”اسين ٽريفڪ جي گوڙ، آلوده فضا، پڪن روڊن ۽ بند گهٽين وچ ۾ رهندڙ شهري ماڻهو نيچر کان تمام پري ٿي ويا آهيون. اسين Decorated ڊرائنگ روم ۾ بتي ٻاري ڪافيءَ جو ڪپ هٿ ۾ کڻي برسات کي بند ڪمري جي دريءَ مان ڏسي ڊسڪو ميوزڪ ٻڌندا آهيون ۽ پنهنجو پاڻ کي فطرت جا وڏا شيدائي سمجهندا آهيون پر... هتي رهندڙ ”ٿتيءَ ٿڌيءَ ڪاهڻ“ وارا ماڻهو نيچر انجواءِ نہ ڪري سگهندا آهن ڇو جو بک جو مسئلو ۽ ٻيون انيڪ پريشانيون کين فرصت ئي نہ ڏينديون آهن جو هو پنهنجي چوڌاري ڦهليل وسيع ماحول جا مزا ماڻين.“

”اوهہ... مونا...“ صفيہ ڪاوڙ ۽ بيزاريءَ مان چوي ٿي: ”توکي تہ الائي ڇا ٿي ويو آهي. تنهنجا فلسفا منهنجي تہ سمجهہ ۾ نہ ايندا آهن. تو جهڙا ماڻهو پنهنجن خيالن ۽ اصولن جي ڪري زندگيءَ جي رنگينين کان هميشہ محروم ئي رهندا آهن. آخر تون محض هڪ شخص خاطر پنهنجو پاڻ کي ايڏو تباهہ ڇو پئي ڪرين؟“ عديل تہ هينئر پنهنجي دنيا ۾ مگن آهي. پر تون اڃان بہ سندس يادون ميڙي رهي آهين... آخر آصف ۾ ڪهڙي خرابي آهي!؟ هو توکي بيحد پسند ٿو ڪري پوءِ... هن جو ساٿ ڇو نٿي قبول ڪرين؟؟... دل جي دنيا صرف عديل تي تہ ختم نہ ٿي وئي آهي“

”صفيہ!“ آئون ڪيس چوان ٿي ”مون جهڙي سوچ رکندڙ ماڻهن جي دل جي دنيا تہ هڪ ئي ماڻهو تي ختم هوندي آهي. شاهہ سائين جو هي بيت تہ ٻڌو هوندئي:

”دل جو دلبر هڪڙو، گهڻا تان نہ ڪجن،
دل ڏجي تنهن هڪ کي توڙي سؤ سڏون ڪن،
سي ڇِلوِلا ڇئجن، جي دَر دَر لائين دوستي.“

”مونا!... مان تہ توکي سمجهائي سمجهائي ٿڪجي پئي آهيان“ صفيہ بيزاريءَ مان چيو. ”تون ڄاڻ ۽ تنهنجو فلسفو ڄاڻي... مان تہ وڃان پئي... خدا حافظ.“

آئون بہ صفيہ کي ”خدا حافظ“ چئي وري لان ۾ اڃان ٿي ۽ ڪرسيءَ تي ويهي ٿي رهان. اوچتو هلڪي آواز ۾ هلندڙ ريڊئي تان ڪو آلاپ ٻُڌي آئون ان جو آواز وڌايان ٿي تہ رحمان مغل جو پرسوز آواز غم جو آلاپ بڻجي ماحول ۾ پکڙجي ٿو:

”تنهنجي ياد جي وري آ وِيرَ،

لڳي رهي آ ٽڏڙي ٽير.“

اهو آلاپ آئون ٻڌي بيچين ٿيڻ لڳان ٿي. پنهنجي وجود اندر گهٽ ۽ ٻوسٽ جو احساس ايرندي محسوس ٿئي ٿو ۽ آئون ان پرسوز گيت جي لفظن کي لنوائڻ جي ڪوشش ڪريان ٿي پر ڪنن ۾ وري هي الفاظ گونجن ٿا:

”ڪيئن وساري سگهندس توکي،

من تي تنهنجي ئي تصوير.“

مون کان وڌيڪ برداشت نٿو ٿي سگهي. من جي اندر ڏک جو جام پرجڻ کان پوءِ ڇلڪڻ لاءِ آتو ٿيندو پيو وڃي، ان ڪري ريڊيو بند ٿي ڪري ڇڏيان پر دل ڏاڍي اداس ٿي ويئ آهي ۽ پوءِ... گهڻي بيچيني محسوس ڪري وري ڪرسيءَ تان اٿان ٿي ۽ هلڻ لڳان ٿي. هلندي ڦرندي آئون گلن سان پريل وَلين جي سامهون اچي بيهي ٿي رهان. ٿوري دير اڳ تيز برسات ۽ طوفان جي ڪري ڪيترائي گُل ڇڻي هيٺ ڍير جي صورت ۾ پيا آهن ۽ ڪومائجي رهيا آهن. الائي ڇو... پن ڇڻ جي موسم ۾ وڻن مان خشڪ هوا سان ڪرندڙ پيلا پن ۽ مينهن طوفان ۾ ڇڻيل گل مون تي عجيب اداسيءَ جي ڪيفيت طاري ڪري ڇڏيندا آهن. آئون واپس اچي ڪرسيءَ تي ويهي ٿي رهان... اُتان آئون وري ڪومائل گلن کي ڏسان ٿي ۽ پوءِ ٽيبل تان ڊائري کڻي ان مان اهو ورق سامهون رکان ٿي جنهن تي مون ”رابرٽ هيرڪ (Robert Herrick) جي نرگس جي گلن بابت لکيل نظم ‘To daffodils’ نوٽ ڪيو هو. آئون اهو نظم پڙهڻ لڳان ٿي:

خوبصورت نرگسي گُل!
ڏک ٿيندو آهي اسنا کي اهو ڏسي
توهين ڪومائجي وڃو ٿا ايترو جلد!!!
اجان تہ سورج، پرهہ ڦٽيءَ جو
پنهنجي منجهند کي پهتو ئي ناهي
ترسو... ترسو...
ايستائين جو ڏينهن تڪڙو گذري وڃي
پر شام جي گيت لاءِ
۽ گڏ عبادت ڪرڻ لاءِ
۽ گڏ عبادت ڪرڻ لاءِ
توهان سان گڏ هلنداسين اسان پڻ
اسان وٽ بہ توهان جيان ئي
گهٽ وقت آهي ترسڻ لاءِ
بهار جي موسم اسان لاءِ بہ مختصر
پر اسان جي اوسر تڏهن بہ تڪڙي
فقط لڙندڙ زندگي لاءِ
توهان وانگر ۽ هر شيءِ وانگر
اسان بہ مري ويندا آهيون
جيئن جيئن وقت گذرندو آهي

ختم ڪري ڇڏيندو اهي
اسان کي...
گرميءَ جي برسات جيان
پرهہ ڦٽيءَ جي ماڪ جيان!

آئون ڊائري بند ڪري ٽيبل تي رکي ٿي ڇڏيان ۽ پوءِ آڪاش ڏانهن نهاريندي نهاريندي پوئين وقت ۾ پهچي ٿي وڃان. اڄ وري موون کي اهي ڏينهن ياد پيا اچن. جڏهن آئون ائين ئي برسات جي گهميل ۽ خوشبوءِ سان واسيل شامن ۾ ”شاهہ جي رسالي“ مان سر آسا پڙهندي هُيس. الائي ڇو اڄا بہ جڏهن ”شاهہ جو رسالو“ کوليندي آهيان تہ ”سر آسا“ تي ئي بيهي رهندي آهيان ۽ ٻيا سُر ئي پڙهڻ وسري ويندا آهن ڇو جو ان سُر ۾ نينهن جي نازڪ ناتي ۽ ڪومل جذبن جو ذڪر آهي ۽ خاص ڪري اکين جي مختلف ڪيفيتن جو ذڪر آهي ۽ مونکي اڄ بہ اهو موضوع ڏاڍو وڻندو آهي.

عديل!... توکي الائي ياد هوندو يا نہ... هڪ دفعو مون توکي چيو هو تہ جيڪڏهن آئون مصور هجان ها تہ منهنجي مصوري جو موضوع صرف ”اکيون“ هجن ها. آئون اکين جي هر ڪيفيت کي الڳ الڳ چٽيان ها جن جي مثان انهن بابت مختلف سرا ڏنل هجن ها جيئن... خوبصورت اکيون... ڏکاريون اکيون... مرڪندڙ اکيون... آليون اکيون... حيران اکيون... خوفزده اکيون... آس ونديون اکيون... اجايل اکيون... ڏڪايل اکيون... روئيندڙ اکيون... ۽... ۽ ٻيون انيڪ تاثر رکندڙ اکيون.

... پوءِ الائي ڪيئن ”سر آسا“ پڙهندي پڙهندي منهنجي پنهنجي دل بہ نينهن جي نازڪ ناتي ۽ ڪومل جذبن کان آشنا ٿي وئي ۽ پوءِ جڏهن مون دل جي آئيني ۾ پنهنجي اکين کي غور سان ڏٺو تہ خبر پئي هيم تہ منهنجون اکيون بہ انهن سڀن ڪيفيتن کان روشناس ٿي چڪيون جن جو ذڪر ”سر آسا“ ۾ آهي ۽ منهنجي اکني ۾ بہ هڪ صورت سمائجي وئي هئي... تنهنجي صورت... پوءِ بي اختيار مون چيو هو:

اکين ۾ ٿي ويهہ، تہ آئون واري ڍَڪيان،
توکي ڏسي نہ ڏيهہ، آئون نہ پَسان کي ٻيو.

ها... عديل! تون ئي تہ هئين جنهن منهنجي اکني کي نئين جوت ڏني هئي، نوان خواب ڏنا هئا ۽ دل کي نئين انداز سان ڌڙڪڻ سيکاريو ۽ پوءِ آئون آئون ايڏو تہ اڳتي وڌي ويس محبتن جي راهن ۾ جو پوءِ تو کانسواءِ منهنجي اکين ڪنهن کي بہ ڏسڻ نٿي چاهيو ۽ پوءِ ئي شاهہ سائين جي هن بيت جي پروڙ پئي هئم:

اکين کي آهين، عَجَبَ جيهُون عادَتُون،
سُورَ پَرائي ساٽَ جا، وِڃيو وِهائين،
اُتي لَنؤ لائين، جِتِ حاجَتَ ناهِ هَٿيارَ جي.

پر... مونکي خبر نہ هئي تہ جنهن خاموشيءَ سان تو منهنجي دل جي دنيا کي آباد ڪيو هو ان ئي

خاموشيءَ سان منهنجا سمورا خواب ڇني منهنجي دل جي دنيا کي ايڏو برباد ڪري ويندين جو سڄي عمر به آئون وري ان کي اڳي جيان آباد نه ڪري سگهنديس. تون ته اڄ مونکي وساري ويٺو آهين... الاهي ڪٿي آهين, کهڙي دنيا ۾... پر جيڪڏهن ٿورو وقت ملئي ته اچي ڏجسنا ته آئون اڄ به پنهنجي جهوليءَ ۾ ڪجهه اڻ پورا سپنا ۽ تنهنجون انيڪ يادون کڻي ويٺي آهيان ۽ منهنجون اکيون اڄ به ان ماڳ ڏانهن واجهائين پيون, جتي تون ڇڏي ويو هُئين:

اتي ئي آهين, جتي اوهان ڇڏيون,
اکيون عبداللطيف چئي, ماڳُ نه مَٽائين,
جي ٻي دَرَ واجهائين ته ڳڻي ڪانگن کي ڏيان.

عديل!... اڄ به چانڊوڪي راتين ۾ آئون تنهنجون يادون دهرايان پئي ۽ ڪڏهن اونداهي راتين ۾ آسمان تي انيڪ ٽڙيل پکڙيل تارن کي ڏسي تنهنجي ماڳ جو پتو لڳائيندي آهيان:

هُن تاري, هن هنڌ, هُتِ منهنجا سُپرين,
سڄڻ ماکيءَ مَنڌِ, ڪؤڙا ٿين نه ڪڏهن.

ڪڏهن وري تنهنجا پَنڌَ پڇائي آسمان تي ٽڙيل پکڙيل تارن مان ان رُخ جو تارو ڳولهي ان کي چتائي ڏسندي آهيان ۽ چوندي آهيان:

توڏانهن گهڻو نِهاريان تارا! تِلاهِين,
سَڄَڻُ جيڏاهين, تون تيڏاهين اُڀرين.

... ڪڏهن وري لاڪٽي لطيف جيان چنڊ کي توڏانهن پيغامبر ڪري موڪليندي آهيان...

ناسيندي نِهارَ پهرينءَ ڳچ پرينءَ ڏي,
آئون جي ڏَيِنءَ سَنيها, چئج چَنڊَا! اَپارَ,
ساجَنَ! سڀ چامرَ, اکيون اوهان جي آسري.

عديل!... تون ته مونکي رڃ جي اهڙي رڻ ۾ ڇڏي ويو آهين, جتي تون ته نه آهين. رڳو تنهنجو پاڇو آهي ۽ آئون ان پاڇي پنيان ڊوڙان پئي... ۽ ياد اٿم ته هڪ دفعي جڏهن آئون ڊوڙندي ڊوڙندي پنهنجي پيرن کي زخمي ڪري چُڪي هيس ته ٿڪجي بي حال ٿي ڪري پئي هُيس ۽ سڏڪڻ لڳي هُيس...

۽ پوءِ... سڏڪندي سڏڪندي اوچتو مونکي محسوس ٿيو هو ته ان رڃ ۾ رڳو آئون اڪيلي نه سڏڪي رهي هُيس پر ڪو ٻيو به مونسان گڏ سڏڪي رهيو هو... ۽ پوءِ... مون تي اهو انڪشاف ٿيو هو ته جنهن رڃ ۾آئون تنهنجي پاڇي پويان ڊوڙندي رهي آهيان. ان ساڳي رڃ ۾ آصف منهنجي پاڇي پويان ڊوڙي رهيو آهي. اڄ مون کيس چيو هو:

”آصف! تون ته زبيده کي پسند ڪندو هُئين ۽ هوءَ ته اڃان به تنهنجي آس ۾ ڳوٺ ۾ تنهنجو

انتظار ڪري رهي آهي“ ”پر... مونکي تہ هاڻي اتي موٽي وڃڻو ئي ناهي“ آصف چيو هو.

”پر... ڇو؟“

”مونا!“ آصف بيحد دکي لهجي ۾ چيو هو: ”هڪڙو وقت هو جڏهن آئون ڳوٺ ۾ رهندو هوس. اتي مون زبيده کي چاهيو هو... مون ساڻس شادي ڪرڻ چاهي ٿي پر سندس مائٽن منهنجي غربت جي ڪري مون کي سنگ ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ پوءِ... آئون شهر هليو آيس هاڻي آئون سٺي نوڪري ڪري رهيو آهيان ۽ هاڻي مونکي زبيده جو سنگ ملي سگهي ٿو پر... هاڻي آئون ساڻس شادي نہ ڪندس.“

”پر...ڇو!!؟...“ مون بيچيني مان پڇيو هو.

”ڇو جو... هتي اچڻ کان پوءِ مون کي احساس ٿيو تہ دنيا تمام وڏي آهي، رڳو زبيده تائين محدود ناهي ۽... پوءِ... تو سان ملڻ کان پوءِ احساس ٿيو تہ منهنجي منزل تو تائين اچي ٿي پهچي“ هن بيحد ڳنڀيرتا مان چيو هو.

اهو ٻڌي آئون وڏيڪ دکي ٿي ويس ۽ مون کي احساس ٿيو تہ ان ڳالهہ جي جواب ۾ آئون جيڪو ڪجهہ بہ کيس چونديس اها ڳالهہ کيس وڏيڪ دکي ڪري ڇڏيندي پر پوءِ بہ مون کيس دوکي ۾ رکڻ نہ ٿي چاهيو. ان ڪري نہ چاهيندي بہ کيس چيو هيم: ”آصف!... تنهنجا منهنجا رستا الڳ آهن... اهو تون بہ چڱيءَ ريت ڄاڻين ٿو ۽ جيڪو ڪجهہ تون منهنجي لاءِ محسوس ڪرين ٿو آئون ڪڏهن بہ تنهنجي لاءِ اهو ڪجهہ محسوس نٿي ڪري سگهان.“

”مون کي خبر آهي مونا!... مان ڄاڻان ٿو...“ مون سندس آواز دک جي پاتال مان ايندي محسوس ڪيو هو: ”پر... آئون توکان موٽ تہ ڪو نہ ٿو گهران.... باقي پاڻ کي توکي چاهڻ کان روڪي بہ نٿو سگهان ۽... منهنجو اهو حق تون مونکان کسي نٿي سگهين“

”ڇو ٿو پاڻ کي برباد ڪرين!!؟...“ مون کيس سمجهائيندي چيو هو: ”موٽي وڃ اتي... جتي مون جهڙي ئي ڪا ڇوڪري اکين ۾ لڙڪ سجائي، تنل دل ۾ اڻ پورا سپنا ڪٺي اڃان بہ ڪنهن آس تي زندگيءَ جي اونداهين راتين ۾ تنهنجي موٽي اچڻ واري راهہ تي ڏيئا ٻاريندي هوندي.. باقي آئون تہ تولاءِ ڄڻ رڃ جو پاڇو آهيان ۽ پلا رڃ جا پاڇا بہ ڪنهن کي هٿ ايندا آهن...!!؟“

”مونا!... مون کي ان رڃ ۾ ئي ڀٽڪڻ ڏي ڇو جو رڃ جي ان سفر ۾ موٽڻ جي ڪا واٽ ناهي هوندي.. ان ڪري هاڻي مان اڳتي تہ وڌي سگهان ٿو باقي پوئتي مونکي ناهي ورڻو“ آصف جي لهجي ۾ سندس فطرت جو هٺ نمايان نظر اچي رهيو هو.

آصف جي وڃڻ کان پوءِ مون کي وري تنهنجي ياد اچي وئي آهي ۽ عديل!... آئون سوچيان پئي تہ تو جهڙا ۽ آصف جهڙا ماڻهو مون جهڙين ۽ زبيده جهڙين ڇوڪرين جا سپنا ٽوڙي ”خوب کان خوب تر“ جي تلاش ۾ هليا ويندا آهن، ۽... پوءِ... جڏهن ڀٽڪي ڀٽڪي ٿڪي پوندؤ تڏهن احساس ٿيندَو تہ جنهن پيار ۽ سونهن جي جستجو ۾ توهان ڀٽڪندا رهيا آهيو. انهن کي تہ توهان پاڻ ئي پنٺتي ڇڏي

آيا هئا... ۽ پوءِ... جيڪڏهن اوهين موٽي بہ اچو تہ شايد اتي ڪجهہ بہ باقي نہ هجي.

مُورکَ مامَ نہ ٻجهڻا، هيڏانهن هوڏانهن ڳن،
سي ڪيئن پِرين پَسَن، ڳٽَرَ جن اَکيُن ۾.

منهنجي دل وري اداس ٿيڻ لڳي ٿي... آئون پاسي ۾ ٽيبل تي پيل ڊائري کڻان ٿي ۽ ان جي هڪ ورق تي تحرير ڪرڻ لڳان ٿي:

”اسان جي چئوپاسي ننڍا ننڍا ڏيئا ٻري اسان جي زندگين کي جوت ڏيندا آهن... پر پوءِ بہ اسان انهن جي جوت تي ڏيان ڏيڻ بدران پريان... تمام پريان... اوندهہ ۾ ٽِمِ ٽِمِ ڪندڙ روشنين لاءِ واجهائيندا آهيون ۽ انهن جي تلاش ۾ نڪري پوندا آهيون ۽ هلندائي رهندا آهيون... پر اهي روشنيون تہ اجا بہ اسان کان اوتريون ئي پري هونديون آهن... ۽ پوءِ اهو فاصلو نہ ڪٽندڙ سفر کان پوءِ بہ گهٽ ناهي ٿيندو. تڏهن اسين پوئتي ورڻ چاهيندا آهيون تہ خبر پوندي آهي تہ اهي ننڍا ننڍا ڏيئا جيڪي پاڻ کي جَرڪائي اسان لاءِ روشني پکيڙي رهيا هئا. اهي بہ پري.. تمام پري رهجي ويا آهن ۽ مايوسين جي اوندهہ ۾ ڪٿي گم ٿي ويا آهن... ان وقت اسان کي احساس ٿيندو آهي تہ هاڻي اسان جي ڇوڏاري ٻاٽ اوندهہ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ باقي نہ رهيو آهي.“

آئون ڊائري بند ڪري ٽيبل تي رکان ٿي ۽ بي خياليءَ ۾ ريڊيو آن ڪريان ٿي. ان وقت عابده پروين جو پرسوز آواز هوا ۾ وکرڻ لڳي ٿو ۽ شاهہ سائين جي ”وائي“ منهنجي اندر وري طوفان برپا ڪري ٿي ۽ نيٺ اهو طوفان اکين ۾ اچي بيهي ٿو ۽ لڙڪن جو روپ وٺي اکين وسيلي آزاد ٿئي ٿو ۽ ان وائي جي هڪ هڪ لفظ سان گڏ منهنجي اکين جي آلاڻ پڻ لڙڪ بڻجي فضا ۾ پکڙجي ٿي:

دَرِدَ مٽيءَ جي جا دارُون،
وو! موٽ، سپاجها سُپرين!
مُون لڳيوُن، مون وِسهو،
مُحبَتَ جون مارُن،
وو! موٽُ، سپاجها سُپرين!
مائٽَ نِئان مُون سين گهڻا،
ڪُسڻ ڪيا ڪارُون،
وو! موٽُ، سپاجها سُپرين!
سُکن مون سين ڪين ڪيو،
سُورَن لَڏيُمِ سارُون،
وو! مُوٽَ، سپاجها سُپرين!
مُنهنجون شهرَ ڀنيورَ ۾،
ٻَلَپل ٻَوَن ٻچارُون،

**ووا! موٽِ، سپاجها سُپرين!**
**اَديُون! عبداللطيفُ چئي،**
**لڳيم تَنَ اَندَر تارُون،**
**ووا! موٽ، سپاجها سُپرين!**

(ريڊيو حيدرآباد ۽ خيرپور تان نشر ٿيل گيتن پري ڪهاڻي)

# واجهائيندي ورھ ٿيا...

ڪار ڪي حيدرآباد جي پر رونق شهر مان ڪيڏي ڄامشورو واري رستي ڏانهن رخ رکان ٿو تہ من جي وياڪلتا کي ويتر وڌندو محسوس ڪريان ٿو. ذهن مان پريشان ڪندڙ خيالن کي دور ڪرڻ خاطر ڄام شوري جي شام ۾ چوڌاري پکڙيل ساوڪ ۽ سنڌوءَ جي جل جي نظارن بابت سوچڻ ٿو لڳان ۽ ڪجهہ خبر نٿي پويم تہ سفر ڪيئن ڪٽي پيو... ۽ پوءِ... جڏهن ڄامشوري واري پُل پار ڪريانٿو تہ پوءِ... خود بخود... الائي ڇو... ڪار جي اسپيڊ آهستي ڪريان ٿو ۽ ڪار کي ساڄي پاسي موڙي "المنظر" ڏانهن ڪاهندو ٿو وڃان. ها... ساڳي موسم اهي، ساڳيو شام جو ھي پهر... ۽... منهنجو ذهن وري ماضيءَ ڏانهن وک وڌائي رهيو آهي. آئون ڪار جو دروازو کولي "المنظر" جي لان ۾ پيل ڪرسين مان هڪ تي ويهي ٿو رهان. اتي لان ۾ مون کان سواءِ ٻيا بہ ڪجهہ ماڻهو ويٺل آهن پوءِ بہ هر طرف عجيب اداسيءَ جي ڪيفيت ۽ خاموشي آهي، جنهن کي ڪڏهن جهرڪين جي "چون-چون"، ڪڏهن لان ۾ ويٺل ماڻهن جو هلڪو ڳالهائڻ ۽ ڪڏهن هوٽل جي بيرن جي هٿن ۾ جهليل ٿانوَن جا ڪڙڪا ۽ ڪڏهن وري... ڄامشوري جي پل تان لنگهندڙ گاڏين جا آواز ٽوڙي رهيا آهن. منهنجي سامهون سنڌوءَ جي پوتر پاڻيءَ ۾ ڳاڙهي سج جو عڪس چمڪي رهيو آهي. هوٽل جو بيرو منهنجي لاءِ چانهہ کڻي ٿو اچي تہ آئون ڇرڪ ڀريان ٿو. مون کي تہ اها خبر بہ نہ پئي تہ ڪيڏي مهل مون ڪيس چانهہ کڻي اچڻ لاءِ چيو هو. چانهہ پيئڻ دوران منهنجي ذهن ۾ وري پريشان ڪندڙ خيال اچن پيا ۽ ماضيءَ سان لاڳاپيل ڪجهہ تکين مٺين ڳالهين سان ڀرپور يادون ذهن کي وڪوڙڻ لڳن ٿيون ۽ تصور ۾ رباب جو عڪس ابري اچي ٿو ۽ مونکي ياد اچي ٿو. ها!.. رُباب!... اسان جو خاندان بہ روايتي سنڌي گهراڻن مان هڪ هو. جيڪي خاندان جيترا وڏا هوندا آهن، اوڏائي وڏا مسئلا ۽ جهيڙا انهن ۾ جنم وٺندا آهن. اسان جهڙن گهراڻن ۾ گهٽو ڪري، جائيداد يا وري سنڱابنديءَ تان جهيڙا ٿيندا آهن... جتي ڇوڪرن توڙي ڇوڪرين جي قسمتن جا فيصلا وڏا ڪندا آهن... پوءِ... ڪڏهن ڪي غلط فيصلا نہ صرف ڪنهن هڪ نسل پر ڪيترين نسلن لاءِ نفرتون، پريشانيون ۽ ويڇا ورثي ۾ ڇڏي ويندا آهن. ڪنهن اهڙي ئي فيصلي جي ڪري بابا ۽ چاچا وڏو پاڻ ۾ نہ نهيا ۽ پوءِ وڏن جي جهيڙي ڪري، اسين سڀ سؤٽ ڪيڏا نہ پري ٿي ويا هئاسين... ها!... رُباب!... تون تہ منهنجي بيحد پياري پڦيءَ جي ڌيءَ هُئين، ويچاري پڦي!!!... هن بہ ڏاڍا ڏک ڏٺا هئا. سندس گهروارو خانداني دشمني جي ور چڙهي قتل ٿي ويو ۽ هوءَ ويچاري ان ڏک ۾ ئي بيمار ٿي وئي ۽ ٿي.بيءَ

جهڙي بيماري پالي ويئي ۽ نيٺ. توکي ٽن سالن جي عمر ۾ اڪيلو ڇڏي هميشہ لاءِ هن دنيا کان منهن موڙي وئي. تڏهن کان ئي چاچا وڏو توکي پنهنجي گهر وٺي آيو ۽ سڄي ڄمار توکي پنهنجي نياڻين جيان ئي رکيائين ۽ ڪڏهن بہ تو ۾، فريده ۽ فهميده ۾ ڪو بہ فرق نہ رکيائين. ها!... ياد اٿم!... جڏهن اسان حيدرآباد ڇڏي ڪراچيءَ ۾ اچي رهيا هئاسين ان وقت منهنجي عمر تيرنهن سال هئي ۽ تون مون کان پنج سال ننڍي هُئين ۽ پوءِ.. جڏهن اسان جي وڏن ۾ ويڇا پيا تہ ان کان پوءِ ڪيترن ئي سالن لاءِ اسان سڀ ڪجهہ ٻئي کان ڏور ٿي ويا هئاسين ۽ حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ جو وچ وارو فاصلو اسان لاءِ ڪيئي درجا وڌو بڻجي ويو هو.. ۽ ائين... ايترن سارن سالن گذرڻ کان پوءِ چاچا وڏي جي پٽ ادا اشفاق جي شاديءَ جا ڏينهن رکيا تہ شاديءَ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ چاچا وڏو بابا کي پرچائڻ لاءِ آيو ڇو جو اسان وٽ اهڙن موقعن تي رٺلن کي پرچايو ويندو آهي ۽ اهڙي طرح... ادا اشفاق جي شاديءَ جي موقعي تي اسان سڀ ايڏي عرصي بعد گڏياسين تہ گهڻو ڪجهہ ئي بدلجي چڪو هو ۽... تون بہ...! هوءَ ننڍڙي، شرارتي ڇوڪري ”رُبا“ هاڻي وڏي ۽ سنجيده ڇوڪري ”رُباب“ جو روپ ڌاري چڪي هئي.

تنهنجي ڏکن وقت کان اڳ ئي توکي سنجيده ۽ بردبار بڻائي ڇڏيو هو ۽ تون مون کي خاندان جي ٻين ڇوڪرين کان گهڻو ئي مختلف لڳي هئين. جڏهن سڄي گهر ۾ شاديءَ جو هنگامو هو، سڄو سڄو ڏينهن ڇوڪريون ڪل ڇرچا ڪنديون هيون، شاپنگس ٿينديون هيون، هر وقت ميڪ اپ، جيولري، ۽ ڪپڙن جي ميچنگس تي بحثون ٿينديون هيون ۽ شادي جا گيت ڳايا ويندا هئا، تڏهن... تون انهن سڀني ڇوڪرين کان ڪيڏي نہ الڳ الڳ رهندي هئين!!!؟؟... گهڻو ڪري پنهنجي ڪمري ۾ هوندي هئينين يا وري لان ۾ ويٺل هوندي هئين ڇو جو، توکي تہ صرف ڪتاب پڙهڻ جو شوق هوندو اهو يا وري (Paintings) ناهيندي هئين اڪثر آئون توکي محويت سان پينٽنگس (Paintings) ناهيندي ڏسندو هو س۽ ان مهل تون تہ پنهنجي وجود کان بہ بيخبر هوندي هئين ۽ منهنجي موجودگيءَ کان پڻ، ڪڏهن وري تون ڪتابن مان خوبصورت Quotations ۽ شعر پنهنجي ڊائريءَ ۾ لکندي رهندي هئين... ۽... پوءِ!... الاهي ڪيئن تون منهنجي دل جي گهرائين ۾ لهندي وئين... مونکي خود ان ڳالهہ تي حيرت ٿي ڇو جو آئون يعني دانيال!... سڄي خاندان مان سڀني کان خوبرو ۽ هينڊسم ڇوڪرو هئس ۽ خاندان توڙي يونيورسٽيءَ جي ڪيترين ئي ڇوڪرين جو آئيڊيل پڻ هوس جنهن ڪري ڏاڍو مغرور ۽ خود سر پڻ هيس. جنهن ۾ گهڻو ڏوهہ منهنجو نہ پر گهر وارن، خاندان وارن ۽ انهن ڪيترن ئي ٻين جو هو جن تعريفون ڪري، مون کي انتهائي ضدي ۽ مغرور بڻائي ڇڏيو هو. ڇو جو مون کي يقين هوندو هو تہ آئون جنهن بہ ڇوڪريءَ کي چاهيان تہ وڏيءَ آسانيءَ سان پاڻ ڏانهن متوجہ ڪري سگهان ٿو ۽ اهو پڻ يقين هئم تہ جڏهن آئون توسان دل جو حال اوريندس تہ تون پاڻ کي خوشنصيب ڇوڪريءَ، سمجهندين ۽ پوءِ... ان ڏينهن جڏهن ادا اشفاق جي

مينديءَ جي رسم ٿي رهي هئي، گهر ۾ هر پاسي هنگامو هو خوشيون هيون، ڇوڪريون هٿن ۾ ميندي‌ءَ جون پليٽون کڻي ڳائڻ، نچڻ ۾ هنگامن ڪرڻ جو مقابلو ڪري رهيون هيون تہ ان وقت بہ تون هلڪي سائي رنگ جي هلڪي پرت وارن ڪپڙن ۾ خاموشيءَ سان هڪ ڪنڊ ۾ ويهي ڪين شرارتون ڪندي ڏسي مُرڪي رهي هئين ۽ آئون پنهنجون نظرون توکان پري ڪري نہ سگهيو هئس ۽ پوءِ ان ئي ڏينهن مون موقعو ڏسي توکي پنهنجي دل جي ڪيفيت ٻڌائي هئي. مون کي ناهي خبر تہ ان وقت تنهنجي دل جي ڪهڙي ڪيفيت هئي. ان کان ٻئي ڏينهن جي شام بہ مون کي ڪڏهن وسري نٿي سگهي... ها رُباب! ياد پوي پئي هينئر مون کي اها شام جڏهن ادا اشفاق جي شاديءَ جو ڏينهن هو، سڀ ڇوڪريون ميڪ اپ، ڪپڙن ۽ زيورن جي ميچنگ ۾ ئي قاتل هيون، سڀ مکين جيان آئيني اڳيان خاندان جي ڇوڪرن ڇواٽي پاڻ کي ”راڳو هٽڻ“ ۾ مصروف هيون تون سيني کان ئي پهرين تيار ٿي ڪمري کان ٻاهر نڪتئين تہ آئون ٻاهر ويندي ويندي اوچتو توکي ڏسي بيهي رهيس. توکي هلڪا گلابي ڪپڙا پاتل هئا. ان تي ننڍا سونا جهومڪ ۽ هلڪو ميڪ اپ توکي تمام گهڻو حسن بخشي رهيا هئا. اوچتو ٽيليفون جي رنگ وڳي ۽ تون پنهنجو وڏو رئو ۽ خوبصورت ڪليل ڪارن وارن کي ٺيڪ ڪندي ٽيليفون ڏانهن وڌي رسيوَر کنيو. تنهنجي ڪنهن ڪلاس فيلو جو فون هو جيڪا ڇام شوري ڪالوني ۾ رهندي هئي. سندس ڪار ۾ اوچتو خرابي ٿي پئي هئي. جنهن ڪري هن چاهيو پئي تہ تون ڪيس پنهنجي ڪار ۾ وٺڻ وڃي، ان وقت ادا اشفاق ۽ ٻيا سيئي ڇوڪرا ٻاهر ويل هئا ۽ تون پريشان هئين تہ تنهنجي ڪلاس فيلو ڪيئن اچي سگهندي...!! تڏهن چاچيءَ مونکي چيو هو تہ آئون توکي ڇام شوري وٺي وڃان... اهو ٻڌي منهنجي دل جا ڪنول تہ ٽڙي پيا هئا پر تون پريشان ٿي وئي هئين پر چاچيءَ جو چوڻ ٽاري نہ سگهي هئين، ان ڪري مون سان گڏ وڃڻ تي راضي ٿي وئي هئين.

... ۽ پوءِ... ڇام شوري واري پل پار ڪرڻ کان پوءِ مون اوچتو ئي ڪار کي ساڄي پاسي موڙيو هو ۽ پوءِ ”المنظر“ جي سامهون ڪار بيهاري هوٽل جي ويٽر کي ٻن Cokes آڻڻ جو آرڊر ڏنو تہ تون پريشان ٿي وئي هُئين ۽ مون کان تو اتي ترسڻ جو سبب پڇيو تہ مون شرارت منجهان تو ڏانهن ڏسي چيو هو:

”شام جو هي پهر، نانءُ اسان جي ڪريو.“

اهو ٻڌي تون ويتر پريشان ٿي وئين ۽ تنهنجو چهرو ڳاڙهو ٿي ويو.

... ۽ پوءِ... توکي روئڻهارڪو ٿيندي ڏسي آئون سنجيده ٿي ويس ۽ مون توکي ٻڌايو تہ مونکي تو سان ڪجھ ڳالهيون ڪرڻيون هيون ان ڪري ٿوري دير هتي ترسيو هئس.

... ۽ پوءِ... مون سنجيدگي سان تو سان ڪوڙ ساريون ڳالهيون ڪيون هيون ۽ پنهنجي دل کولي تنهنجي آڏو رکي هئي ۽ محبت جا سمورا جذبا توکي ارپي ڇڏيا هئا ۽... تون... اهو سڀ ڪجھ

ٻڌندي ڪيڏي نه پريشان ٿي وئي هئين...!!؟؟ ۽ منهنجي نظرن ۾ جذبن جي تپش کان بچڻ خاطر دريءَ کان ٻاهر ئي ڏسندي رهئين. ڪڏهن ڪڏهن منهنجي ڪنهن ڳالهه تي تنهنجي ڳلن تي پڻ تنهنجن گلابي ڪپڙن جو عڪس ابري ٿي آيو... ۽ تنهنجي خوبصورت ڪارين، ڪجلين اکين ۾ حيرانگيءَ جا سوين رنگ جرڪي رهيا هئا... ۽ پوءِ... جڏهن مون توکان جيون ڀر ساٿ ڏيڻ لاءِ وچن وٺڻ چاهيو ته ڪنهن نادروني ڪيفيت ڪري، تنهنجو چهرو پيلو پئجي ويو هو... ۽ تو منهنجي ڪنهن به ڳالهه جي ۽ جذبي جي موٽ نه ڏني هئي ۽ هلڻ جي التجا ڪئي هئي. اهو ٻڌي آئون چپ ٿي ويو هئس. مونکي ان مهل ڏاڍو ڏک ٿيو ۽ پنهنجي تذليل محسوس ٿي ۽ پوءِ... مون ڪار کي ڄامشوري ڪالوني واري رستي ڏانهن ڪيو پوءِ اتي پهچڻ ۽ واپسيءَ جي سفر دوران مون خاموشي اختيار ڪئي هئي. پر... رُباب!... ها!... بيشڪ تون چاهين ته سڄي عمر سڄي دنيا کان، پاڻ کان... مون کان... اها ڳالهه لڪائين پر... ان شام مون تنهنجي اکين ۾ خوبصورت جوت جاڳندي ۽ ڳلن تي ڳاڙها گلاب ٽڙندي ڏٺا هئا.

پوءِ ادا اشفاق جي شاديءَ جي ڪجهه ڏينهن کان پوءِ اسان واپس ڪراچي هليا وياسين پر پوءِ به اسان جو اوهان وٽ اچڻ وڃڻ ٿيندو هو. ان سڄي عرصي دوران بي شڪ تو زبان سان ته ڪڏهن به محبت جو اقرار نه ڪيو پر تنهنجون خوبصورت ۽ اسرارن سان ڀرپور اکيون ڪيئي راز پڌرا ڪنديون هيون ۽ آئون اهو سڀ ڪجهه محسوس ڪندي ڏاڍو خوش ٿيندو هوس پر... پوءِ به منهنجي اندر موجود هٺيلو مغرور ۽ اناولو شخص چاهيندو هو ته تون زبان سان پڻ منهنجي اڳيان پنهنجي دل هارائڻ جو اقرار ڪرين ڇو جو آئون ان معاملي ۾ بيحد ضدي ۽ انا پرست ماڻهو ٿي پيس. مون چاهيو ٿي ته تون پنهنجي زبان سان مون سان زندگي ڀر ساٿ ڏيڻ جو وچن ڪرين... پر تون ته هميشه جيان اداس، خاموش ۽ پراسرار بڻي رهئين... ۽ آخر... ان ڳالهه مون کي چيڙائي وڌو ۽ آئون پنهنجي ضدي طبيعت ۽ انا پرستيءَ تي اڙيو رهيس ته جيستائين تون پنهنجي زبان سان پيار جو اعتراف نه ڪندئين ايستائين آئون امان بابا کي توهان جي گهر تنهنجي سڱ وٺڻ لاءِ نه موڪليندس... اهو منهنجو فيصلو هو. ائين ڪجهه سال لنگهي ويا... ۽ اسان جي وچ ۾ خاموش محبت سان گڏوگڏ خاموش جنگ به هلندي رهي پر ٻنهي معاملن ۾ هار مڃڻ لاءِ نه آئون تيار رهيس ۽ نه وري تون...!!

ڪجهه عرصي کان پوءِ بابا ۽ امان مون کي شادي ڪرڻ لاءِ زور ڀرڻ لڳا ۽ سندن خواهش هئي ته ٻنهي ڀائرن جي وچ ۾ ويڇا ختم ڪرڻ جو سڀ کان بهترين طريقو اهو ئي هو ته آئون چاچا وڏي جي ڌيءَ فريده سان شادي ڪريان... ان وقت به مون کي يقين هو ته جيڪڏهن آئون فريده سان شادي ڪرڻ بدران توسان شادي ڪرڻ چاهيان ها ته به نه بابا کي اعتراض ٿئي ها ۽ نه ئي چاچا کي ڇو جو تون انهن ٻنهي ڀائرن جي بيحد پياري ۽ اڪيلي ڀيڻ جي نشاني هُئين پر...! ان وقت ته مون تي هڪ عجيب جنون سوار هو ۽ مون پنهنجي انا ۽ ضد جي تسڪين خاطر توکي هر طرح سان ڏکوئي بدلو وٺڻ ٿي چاهيو ان ڪري مون فريده سان شادي ڪرڻ تي رضامندي ظاهر ڪئي ۽ پوءِ... مڱڻي کان

شادي واري عرصي دوران آئون هر طرح سان توکي ڏکائيندو ۽ ساڙيندو رهيس پر...!! تو ڪڏهن بہ ڪنهن ڳالهہ تي شڪوه شڪايت نہ ڪئي ۽ خاموشيءَ سان سيڪجهہ سهي ويندي هئين... پر...! جڏهن تنهنجو چهرو اداسيءَ مان ڪومائجي ويندو هو تہ مون کي وڏيڪ خوشي ۽ تسڪين ملندي هئي. ائين تون اڳي کان بہ گهڻو اداس، خاموش ۽ الڳ الڳ رهڻ لڳيئين... ۽ پوءِ منهنجي ۽ فريده جي بہ شادي ٿي وئي ۽ مون توهان وٽ اچڻ تقريباً ڇڏي ڏنو پر شادي کان پوءِ بہ منهنجي انا ۽ اندر جو ضدي ماڻهو مطمئن ٿي نہ سگهيو. ائين لڳندو هئم تہ آئون سڀ ڪجهہ هارائي چڪو هئس. پر اهو سيڪجهہ تہ مون پاڻ پنهنجن ئي هٿن سان ڪيو هو... ۽ پوءِ... ڪالهہ جڏهن هڪ ڪم سان حيدرآباد آيس ۽ گهر آيس تہ گهر ۾ توکان سواءِ ڪير بہ نہ هو. سڀ ڪنهن دعوت تي ويل هئا ۽... تون!!! شايد بيمار هئين. ڪيڏي نہ بدلجي وئي آهين هاڻي!!!؟؟... رُبابُ!... تنهنجي خوبصورت اکين جي اها جوت ڪيڏانهن هلي وئي آهي، جنهن کي ڏسي "اياز" جون هي سِٽون ذهن تي تري ايندي يون هيون.

"نينا نيڻ پرينءَ جا، جيئن رڻ ۾ رات نري،
ڪوئي ڪيئن ڪري"

... ڪيڏو نہ ظالم آهيان آئون!!!... مون توکي ڪيڏو نہ ستايو آهي!!!... ڪالهہ بہ تہ مون توتي پنهنجي سموري ڪاوڙ لاٿي. ڪيڏا طنز ڪيم!!!... مذاق اڏايم ۽ تنهنجن ڦٽن کي اکيڙيم!!... ۽ تون!!!... پهرين تہ هميشہ جيان خاموسيءَ سان چپن تي هڪ اداس مرڪ پکيڙي سڀ ڪجهہ ٻڌندي رهئين.. پر پوءِ... آهستي آهستي تنهنجي اکين جي سنڌوءَ اٿل ڪاڏي ۽... جڏهن مهراڻ موج ڪئ ۽ اکين جا سمورا بند ٽوڙي ٻاهر نڪري آيو تہ مون کي ان ويل ڏاڍي خوشي ۽ سڪون محسوس ٿيو ڇو جو... مون تہ هميشہ توکي پاڻ آڏو هارائيندي ڏسڻ ٿي چاهيو.

اڄ... ٿوري دير اڳ ۾ جڏهن آئون ڪراچي وڃڻ لاءِ گهران نڪري ڪار ۾ اچي ويٺس تہ ان مهل تون بہ گهر مان نڪري آئي هئين. تنهنجي هٿن ۾ هڪ پيڪيٽ هو جيڪو تو مون ڏانهن وڌايو ۽ پوءِ ٽڪل ٽڪل قدمن سان واپس موٽي وئي هئين.

... ۽ هاڻي... جڏهن چار شوري جي ڳاڙهي شام آهستي آهستي گهري سرمئي سانجهہ ۾ مَٽجي پئي تہ آئون بہ آهستي آهستي ماضيءَ جي يادن کان موٽ ڪائي زمان حال ۾ اچان ٿو تہ مونکي هن وقت تنهنجي ڏنل پيڪيٽ جو خيال اچي ٿو ۽ آئون اٿي ڪار تائين اچان ٿو ۽ ڪار جي سيٽ تان اهو پيڪيٽ کڻان ٿو ۽ کوليان ٿو تہ هڪ خوبصورت پينٽنگ (Painting) تي نظر پوي ٿي... تنهنجي ئي ٺاهيل پينٽنگ آهي، جنهن ۾ شام جي سرمئي سمي ۾ هڪ ڇوڪرو ۽ ڇوڪري هٿ هٿ ۾ ڏئي پنهنجي گهر ڏانهن وڌي رهيا آهن ۽ ڪنڌ ۾ وڪريل پيلن پٽن درميان ڪوڪلي وڻ هيٺان هڪ اداس ناري هنن ٻنهي کي حسرت مان ڏسي رهي آهي. Painting سان گڏ هڪ لفافو بہ آهي. آئون پينٽنگ ڪار ۾ ئي رکي آهستي آهستي هلندو دريا جيڪناري لڳل ريلنگ جي پرسان اچي

بيهان ٿو ۽ جهڪي پاڻيءَ ۾ ڏسڻ لڳان ٿو... ڪجهہ دير کان پوءِ خيالن مان ڇرڪي پنهنجي هٿ ۾ پڪڙيل لفافو کوليان ٿو. تنهنجو خط آهي هن ۾. آئون خط کولي پڙهان ٿو. تو مون کي مخاطب ڪندي لکيو:

دانيال! سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ توکي ڪيئن مخاطب ڪريان. مائٽ جي حيثيت سان يا وري ان اڻ ڇاتل ٻنڌڻ جي حوالي سان جنهن ۾ تو مون کي ڪيتري ئي عرصي کان جڪڙي رکيو آهي. ها!... دانيال!... خبر اٿم تہ ناراض آهين، مون کان ڇو جو منهنجي رويي جي ڪري تنهنجي انا ۽ چاهت مجروح ٿي آهي، جو مون اڄ تائين ان جذبي جو اقرار نہ ڪيو آهي. جيڪو تو ٻڌڻ ٿي چاهيو. مون تہ سمجهيو هو تہ آئون سڄي عمر اهو راز سانڍي رکنديس ۽ تون آخر ڪار مايوس ٿي منهنجي باري ۾ سوچڻ ڇڏي ڏيندين ۽ مون کي پنهنجي دل مان ڪڍي ڇڏيندين. پر مون کي خبر نہ هئي تہ تون ايڏو ضدي نڪرندين ۽ تنهنجي اندر جو هنيلو ۽ خوددار ماڻهو پنهنجي اها بي عزتي سڄي عمر وساري نہ سگهندو ۽ توکي تا عمر ان احساس جي ڪري سڪون ملي نہ سگهندو. اهو ڏسي اڄ اهو سڀڪجهہ ٻڌائڻ چاهيان ٿي تہ جيئن توکي بہ ڪجهہ سڪون ملي ۽ منهنجي دل تان پڻ بار هلڪو ٿئي.

دانيال!... آئون ڪيئن اظاهر ڪريان ها ان جذبي جو ڇو جو... اسان جي گهرن جي ڇوڪرين کي پنهنجي مرضيءَ سان زندگي گذارڻ جو حق نہ ڏنو ويندو آهي. نہ صرف ڇوڪرين کي پر اڪثر ڇوڪرن جي زندگين جا فيصلا پڻ مائٽ ئي ڪندا آهن. اسان وٽ اولاد کي ڪڏهن پيار تہ ڪڏهن وري مائٽاڻي حقن جي ”بليڪ ميلنگ“ سان پنهنجي مرضيءَ مطابق هلاوي ويندو آهي.

ياد اٿئي دانيال...!!... ادا اشفاق جي شاديءَ جي موقعي لاءِ تنهنجي بابا کي تنهنجو چاچا وڏو يعني ماما وڏو پرچائڻ آيو هو... تو کي پر اها خبر نہ آهي تہ انهن ۾ ڪهڙي شرط تي ناهہ ٿيو هو. ها!... مونکي اها خبر آهي... انهن شرطن ۾ ٻنين جي معاملي کان سواءِ هڪ شرط اهو بہ رکيو ويو هو تہ فريده جو سڱ توکي ڏنو ويندو... پوءِ...! تون ئي ٻڌائي تہ اهو سڀڪجهہ ڄاڻندي بہ آئون پوءِ پيار جي واٽ تي اڳتي قدم ڪيئن ٿي وڌائي سگهيس...!!؟؟؟ هونئن بہ ماما وڏي جا مون تي گهڻا ئي احسان آهن. ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي تہ هنن مون کي فريده ۽ فهميده جيان ئي پاليو... پوءِ اهو ئي تہ موقعو هو تہ آئون سندن احسانن عيوض ڪين بہ ڪجهہ خوشيون ڏيان ها...

ها!... مون کي خبر آهي تہ جيڪڏهن تون فريده جي بدران منهنجو سڱ گهرين ها تہ بہ ماما وڏو انڪار نہ ڪري ها. پر... دانيال!... مون نٿي چاهيو تہ آئون وچ ۾ اچان ڇو جو منهنجي وڏي کان وڏي اها ئي خواهش هئي تہ تنهنجي بابا ۽ چاچا وڏي جي وچ ۾ ٻيهو بہ اهڙو مضبوط رشتو جڙي وڃي جو اسان جو هي خاندان ٻيهر وکري نہ سگهي. هونئن بہ فريده منهنجي سڳي ڀيڻ جيان آهي ۽ سندس خوشيون مونکي پنهنجي خوشين کان وڌيڪ عزيز آهن. باقي جيڪڏهن منهنجي محبت جي اظهار ڪرڻ سان تنهنجي انا جي تسڪين ٿي سگهي ٿي تہ اڄ آئون اهو اعتراف ڪريان ٿي تہ پيار جي خوبصورت جذبي کان مون کي پهرين ڀيرو توئي آشنا ڪيو ۽ شايد... منهنجي زندگيءَ ۾ ايندڙ ٻيو ڪو بہ شخص

منهنجي دل جي تارُن کي ڇيڙڻ محبت جو اهڙو ڪو گيت ٻيهر منهنجي من مان اڀاري نہ سگهي ڇو جو منهنجي من اندر تي تہ شاھہ سائين جو هي بيت اڳ ۾ ئي اڪريل آهي.

سِڪَ تنهنجي سُپرين! جيئن تَران تيئن تارِ
تون ئي رهيو رُوحَ ۾، تون ئي آڪنئيان ٻارِ
پرين! تنهنجي پار، مون واجهائيندي وَرِهہَ ٽيا.

... اوھہ!!!... رُباب!... هي سڀ ڪجھہ ڇا ٿي ويو آهي...؟؟!!!... هي مون ڇا ڪيو؟؟!!!.. ها!... شايد اڄ ڪان پوءِ منهنجي اندر وارو اتاولو انا پرست ۽ ضدي ماڻهو هميشہ لاءِ مات ٿي وڃي ۽ شايد منهنجي دل کي بہ اطمينان ملي وڃي ڇو جو منهنجي دل ۽ روح مٿان جيڪو بار هو اهو هلڪو ٿي ويو آهي... پر مون کي لڳي ٿو تہ آئون محبت جي بازي کٽي بہ هارائي ويو آهيان ۽ تون... محبت جي بازي هارائي بہ کٽي وئي آهين.

... آئون پنهنجن خيالن ۾ ئي گم رهان ٿو تہ اوچتو تيز هوا جو جهوٽو منهنجن هٿن مان تنهنجو خط کسي سنڌوءَ جي پوتر پاڻيءَ ۾ اڇلائي ڇڏي ٿو ۽ مهراڻ جون ڇوليون اتاوليون ٿي ڪاغذ جي هن پرزي کي وڪوڙي ڪٿي دور... دور ڪٺي هلنديون پيون وڃن. آئون ٽڪ ٽڪ قدمن سان واپس ڪار ۾ اچي ويهان ٿو.

... ۽ هينئر!... جڏهن آئون ڪار ڊوڙائيندو ڄامشوري جي حدن مان نڪري حيدرآباد شهر کي پوئتي ڇڏي ڪراچيءَ ڏانهن وڌندو پيو وڃان تہ هن مهل ذري گهٽ رات جي اوندھہ ڇانئجي چڪي آهي. آئون هن وقت ٿڌين هوائن جي جهوٽن دوران سوچيندو پيو وڃان تہ:

”رُباب!... تنهنجي پيار جو واحد اقرار سنڌوءَ جي ڇولين جي حوالي ٿي ويو آهي. شايد!... ان ڪري جو تنهنجو پوتر پيار، مهراڻ جي پوتر پاڻيءَ جي ئي تلاش ۾ هو ۽ ... مهراڻ جي موجن ۾ ملي هميشہ لاءِ امر ٿي ويندو. ڇو جو... ڀلا سچي پيار جي ڇولين ۽ سنڌوءَ جي ڇولين کي بہ ڪوئي مات ڪري سگهيو آهي...!!؟؟...“

(ريڊيو حيدرآباد ۽ خيرپور تان نشر ٿيل گيتن ڀري ڪهاڻي)

# جن ڪي سُور سرير ۾

رَهي اڇجي راتڙي، تَن وايوڙيِن وَٽانءِ،
جَنڪي سُور سَريرَ ۾، گهَٽ منجهاران گهاءِ،
لِڪائي لوڪانءِ، پاڙِهان ڀَڏَنِ پَنِيون.
(شاهہ)

شام جا پاڇا آهستي آسهتي لَڙي هر شيءِ کي پنهنجي گهيري ۾ وٺي چڪا هئا. شهر جي مصروف سڙڪ مختلف آوازن سان گونجي رهي هئي. رڪشائن، ڪارن، ٻين سوارين ۽ ماڻهن جا مليل جليل آواز عجيب قسم جو گوڙ پيدا ڪري رهيا هئا. سڙڪ تي ايندڙ ويندڙ ۽ بيٺل ماڻهن جو ميڙ هو. هر قسم جا چهرا هئا. اُداس، مرڪندڙ، ملول، سهڻا، بدشڪلا... انهن ئي چهرن ۾ هڪ اُداس چهرو احتشام جو بہ هو. احتشام، عام رواجي چهري وارو ماڻهو هو. قد ڊگهو ۽ پورو پنو بدن هئس. چهرو عام هوندي بہ مجموعي طور تي سندس شخصيت پرڪشش هئي. خاص طور تي سندس ڪارين ۽ چمڪيلين اکين مان ذهانت ظاهر ٿي رهي هئي. ڪيس بِلو رنگ جي جينز ۽ اڇي قميص پهريل هئي. سندس وار هوا سان اڏامي بي ترتيبيءَ سان سندس پيشانيءَ تي پکڙجي ويا هئا. هو ٻئي هٿ کيسن ۾ وجهي آهستي آهستي وِکون کڻندو وڃي رهيو هو. سندس نگاهون هر ايندڙ ويندڙ شخص کي ائين گهوري رهيون هيون، ڄڻ ڪيس ڪنهن خاص ماڻهو جي جي تلاش هئي. احتشام جي اها پراڻي عادت هئي، تہ جڏهن بہ ڪيس واندڪائي ملندي هئي تہ بنا ڪنهن مقصد جي سڙڪن تي هلندو رهندو هو ۽ هو ماڻهن جي وڏن وڏن ميڙن ۾ بہ پاڻ کي اڪيلو محسوس ڪندو هو. ڪيس ائين محسوس ٿيندو هو تہ ايترا سارا ماڻهو هئڻ جي باوجود ڪنهن جي ڪمي هئي. ڪو اهڙو شناسا چهرو... جيڪو ڪيس سمجهندو هجي اُهو اتي نہ هو. احتشام هلندو رهيو ۽ مختلف منظرن کي پٺيان ڇڏيندو رهيو. وڏيون وڏيون بلڊنگون، دڪان، گهر ۽ شاپنگ سينٽر هُو پٺيان ڇڏيندو ويو. هلندي هلندي جڏهن هُو هڪ ميوزڪ سينٽر جي سامهون لنگهيو تہ اتي وڄندڙ نغمي جي اداس ڌُن سندس قدمن ۾ ڄڻ زنجيرون وجهي ڇڏيون. ڊوناسمر جو اداس آواز فضا ۾ وکري رهيو هو... Still I am Sad اهي الفاظ سندس دل کي ڇهندڙ محسوس ٿيا ۽ سندس من ويتر اُداسيءَ جي احساس ۾ وڪوڙجڻ لڳو. سندس سوچون ان گيت سان گڏ ڀٽڪڻ لڳيون ۽ پوءِ سوچن جي ان ڄار مان جان

چڏائڻ خاطر ھو تيز تيزِ وِکون کڻندو اڳتي وڌي ويو. ھو ھلندو رھيو ۽ ڪافي پنڌ ڪرڻ .......... ڪيس احساس ٿيو تہ ھو ڪمرشل علائقي مان نڪري رھائشي حصي ۾ پھچي ويو ھو. رستو سنسان ھو گوڙ گھمسان کان وانجھيل ھو صاف ستري سڙڪ جي ٻنھي پاسن تي قطارن ۾ بنگلا ھئا، جن جي ويجھڙائيءَ ۾ سھڻن گلن وارن ٻوٽن ۽ ولين منظر کي ويتر خوبصورت بنائي ڇڏيو ھو. ٿورو اڳتي ھڪڙو پارڪ ھو جنھن جي چوڌاري سھڻن گلن سان ڀريل ٻوٽا ۽ وڻ ھئا. پارڪ ۾ ڪجھہ بينچون بہ ھيون. احتشام ھلندو ھلندو پارڪ ۾ پھچي ويو ۽ ھڪ بينچ تي ويھي رھيو.

سندس سامھون واري بينچ تي ھڪ شخص ڪتاب جو مطالعو ڪرڻ ۾ محو ھو ۽ پارڪ ۾ ننڍڙا ٻارڙا بال سان راند ڪري رھيا ھئا. اولھہ پاسي وڻن جي پنيان سج غروب ٿي چڪو ھو ۽ ان پاسي پکڙيل گھري لالاڻ ماحول کي ويتر اُداس بڻائي رھي ھئي. احتشام شفق جي انھيءَ منظر ۾ جڻ گم ٿي ويو. سندس ذھن وري ڀٽڪڻ لڳو. يادن جا پاڇا گھرا ٿيندا ويا ۽ شديد ڪوشش جي باوجود ھو انھن کي روڪي نہ سگھيو ۽ پوءِ... وقت جڻ پنتي ھليو ويو. ھن کي ياد اچڻ لڳو..

ھو سڀ ڳوٺ ۾ رھندا ھئا. احتشام جو گھراڻو ڪافي خوشحال ھو پر پئسي ھئڻ جي باوجود بہ سندس گھر جڻ دوزخ ھو. ڇو جو سندس ماءُ پيءُ ڪڏھن بہ پاڻ ۾ نہ نڀي سگھيا ھئا. سندس پيءُ ڪنھن ٻي ڇوڪريءَ سان شادي ڪرڻ پئي چاھي ڇو جو ھو پاڻ تعليم يافتہ ھو ان ڪري ھو پنھنجي اڻ پڙھيل زال کي قبول ڪري نہ سگھيو ھو پر احتشام جي ڏاڏي جي مجبور ڪرڻ سبب ھن اھا شادي ڪئي ھئي. وقت گذرڻ سان گڏ احتشام جي پيءُ کي سندس ماءُ کان نفرت وڌندي وئي. احتشام کان بہ ڀينرون ۽ ھڪ ڀاءُ وڏو ھو. اھي سڀئي ٻار مائٽن جي نفرتن ۽ جھيڙن ڪري سندن پيار ۽ توجھہ حاصل ڪري نہ سگھيا ھئا. جيستائين احتشام جو ڏاڏو جيئرو ھو. سندس پيءُ جيئن تيئن نباھ ڪيو، ڇو جو اھو ئي سڄي خاندان جو وڏو ھو سو سندس حڪم کان ڪير بہ لنوائي نہ سگھندو ھو پر ان جي گذاري وڃڻ کان پوءِ حالات يڪدم بدلجڻ لڳا. احتشام جي ڏاڏي جي ملڪيت سندس پيءُ ۽ چاچن ۾ ورھائجي وئي ۽... پوءِ ملڪيت جي ورھاست جي معاملي تان سندن وچ ۾ تڪرار شروع ٿي ويو ۽... جيئن پوءِ تيئن سندن وچ ۾ نفرتون ۽ ويڇا وڌندا ويا. انھن سڀني جا معصوم ٻار انھن ڳالھين کان بيخبر ھڪ ٻئي سان پيار ڪندا ھئا. جيئن تہ احتشام پنھنجي گھر ۾ سڀني کان ننڍو ھو ۽ سندس عمر جي سڄي خاندان مان رڳو سندس سوٽ مريم ئي ھئي. ھو ٻئي گڏ راند ڪندا ھئا ۽ گڏ پڙھندا ھئا، پر... سندن زندگيءَ جو اونداھو باب تڏھن شروع ٿيو جڏھن احتشام ۽ مريم جا پيءُ ۽ ٻيا ڀائر زمينن ۽ ملڪيت جي تڪرار سبب ھڪ ٻئي کان ڏار ٿيندا ويا ۽ نيٺ... سڀ پنھنجو پنھنجو حصو وٺي، الڳ ٿي ويا ۽ سندن وچ ۾ ايڏيون تہ نفرتون ۽ ويڇا پئجي ويا جو ھو ھڪ ٻئي جي شڪل ڏسڻ بہ گوارا نہ ڪندا ھئا ۽ پوءِ سڀ مختلف شھرن ۾ پنھنجن خاندانن سان گڏ آباد ٿيڻ لڳا. مريم جو پيءُ بہ شھر ۾ وڃي آباد ٿيو. احتشام جو پيءُ ملڪيت جو حصو وٺڻ کان پوءِ وڌيڪ سندس ماءُ سان نباھہ ڪري نہ سگھيو ۽ ٻي شادي ڪري شھر ۾ ئي رھي پيو ۽ وري ڪڏھن موٽي سندن خبر

بہ نہ ورتائين. احتشام جي وڏي ڀاءُ ان مهل پنهنجي وکريل خاندان کي سهارو ڏنو. ٿورڙي زمين ملي هئي کين سو هُو پڙهائي اڌ ۾ ڇڏي زمين تي ڪم ڪرڻ لڳو. هو پنهنجي زمين تي پاڻ بہ ٻين هارين وانگر ڏينهن رات ڪم ڪندو هو.سندس ڀيڻون سلائي ۽ ڀرت ڀوپو ڪري گهر جي خرچ ۾ هٿ ونڊائينديون هيون ۽ ائين انهن سڀني احتشام کي ڪوسو واءُ بہ لڳڻ ڪو نہ ڏنو. ڇو جو ان وقت احتشام ئي سڀني جي اُميدن جو مرڪز هو. ڪيس پوءِ شهر ۾ پڙهائي لاءِ موڪليو ويو جتي هو هاسٽل ۾ رهندو هو. جيئن تہ احتشام جو وڏو ڀاءُ ۽ ڀينرون تہ گهٽي تعليم حاصل ڪري نہ سگهيا هئا، پر ڪيس هر سهولت ڏنائون تہ جيئن هو پڙهي لکي پنهنجي زندگي سنواري سگهي. احتشام کي ڊاڪٽري پڙهڻ جو ڏاڍو شوق هو. هُو ڏينهن رات محنت ڪري ڪاميابيءَ سان اڳتي وڌندو ويو ۽ نيٺ هو ميڊيڪل ۾ پهچي ويو. ميڊيڪل ڪاليج ۾ ئي سندس ملاقات مريم سان ٿي. پهرين تہ هو عام ڪلاس فيلوز جيان پاڻ ۾ ملندا هئا، پر پوءِ اوچتو اهو انڪشاف ٿيو تہ هيءَ تہ ساڳي سندس سوٽ مريم هئي... سندس ننڍپڻ جي ساٿي تڏهن احتشام ڏاڍي ڏک مان مريم کي چيو هو:

”مريم! ڪيڏي نہ ٽرئجڊي آهي، اسان پنهنجا هوندي بہ ايڏو عرصو پراون جيان ملندا رهياسين... ۽ هڪ ٻئي کي سڃاڻڻ جو اتفاق بہ ڪيڏو نہ ڏک ڀريو آهي، جو اڄ جڏهن اسان هڪ ٻئي آڏو آهيون تہ اسان جي وچ ۾ سالن جا فاصلا ۽ نفرتون آهن.“

”واقعي!“... مريم بہ اداسيءَ مان چيو ”اسان جي وڏن جي جهڳڙن ۽ نفرتن اسان کي ائين تہ پري ڪري ڇڏيو جو اسان هڪ ٻئي جون شڪليون بہ نہ سڃاڻي سگهياسين، پر... احتشام! اسان جي Generation کي تہ هڪ ٻئي سان نفرت ناهي... پوءِ... ٿي سگهي ٿو تہ اسان ئي ڪڏهن انهن جا اهي ويڇا ختم ڪرائي سگهون.“

”مريم!... اهو جيڪڏهن ناممڪن نہ تہ بہ مشڪل ضرور آهي... ۽ هاڻي تہ اسان جي Generation بہ انهن نفرتن جي ور چڙهي سزا ڀڃي پوڳي...“ احتشام چيو.

... ۽ پوءِ... اڪثر هو ٻئي گڏ ويهندا هئا ۽ ڪڏهن خانداني رنجشون ياد ڪري، اداس ٿي ويندا هئا، تہ ڪڏهن وري ننڍپڻ جون ڳالهيون ياد ڪري کِلندا هئا. ننڍپڻ جون يادون دُهرائيندي هڪ ڀيري احتشام مريم کي چيڙائيندي چيو هو:

”مريم! هاڻي تہ تون بدلجي وئين اهين. مونکي تہ اُهي ڏينهن بہ ياد آهن جڏهن هر وقت ”رين رين“ ڪري روئيندي هئين؟.“

”هاڻي نهيو...“ مريم کلندي چيو: ”پنهنجي باري ۾ ڇا خيال اٿئي...!؟؟ اُهي ڏينهن وسري ويا جڏهن سڄو ڏينهن مٽيءَ سان ڀريو پيو هوندو هئين. منهنجا احسان آهن توتي جو تنهنجو سڄو اسڪول جو ڪم ڪري توکي استاد صاحب جي مارَ کان بچائيندي هُيس.“

”خير سائين...!“ احتشام بہ کلندي چيو: ”احسان تہ منهنجا بہ آهن توتي... ياد اٿئي... ڪيئن نہ چاچي جي باغ مان جان جي بازي لڳائي چوڪيدار کان لِڪي انب آڻي ڏيندو هوس توکي...؟!!“

مريم نندپڻ جون سڀ شرارتون ياد ڪري جڏهن کلندي هئي تہ سندس ٽهڪ گهنٽين جي آواز جي جلترنگ جيان احتشام کي پنهنجي ڪنن ۾ گونجندا محسوس ٿيندا هئا. ان ويل احتشام جي دل چاهيندي هئي تہ هُو ۽ مريم هميشہ هڪ ٻئي آڏو ائين ويٺا هجن. مريم هميشہ ائين کِلندي رهي ۽ هو.. هميشہ ائين سندس ٽهڪن جو جلترنگ ٻڌندو رهي ۽ پوءِ.. هميشہ نندپڻ جي انهن يادگيرين کان پوءِ احتشام چوندو هو:

”مريم!... سچ پچ تہ نندپڻ جا اهي ڏينهن ڪيڏا نہ خوبصورت هئا... ڪيڏا بي فڪريءَ جا لمحا هئا اهي...!!!؟“

”واقعي...!“ مريم هميشہ اهو چئي ڪن ماضيءَ جي تصور ۾ گم ٿي ويندي هئي ۽ ائين... هو يادون دهرائيندا هئا ۽ گڏوگڏ تعليمي منزلون بہ ڪاميابيءَ سان پار ڪندا رهيا. ٻنهي جي پاڻ ۾ ڏاڍي Under Standing ٿي وئي هئي. مريم هڪ آئيڊيل ڇوڪري هئي، جيڪا نہ صرف پڙهائيءَ ۾ هوشيار هئي،پر سندس گفتگو، اٿڻ ويهڻ، ڳالهائڻ... هر ادا ۾ هڪ سادگي هوندي هئي، جنهن ڪري احتشام کيس پنهنجي دل جي ويجهو محسوس ڪرڻ لڳو. هُو ڪيتري ئي عرصي کان گهر کان پري هاسٽل۾ رهيو هو ۽ پاڻ کي هن شهر ۾ هميشہ اڪيلو پاتيو هئائين پر... هاڻي... مريم جي وجود هن جي نديا ۾ وڏي تبديلي آڻي ڇڏي هئي ۽ کيس محسوس ٿي ويو تہ پوري شهر ۾ هڪ هستي تہ اهڙي هئي جنهن سان نہ صرف سندس رت جو رشتو هو. ڪڏهن سوچن جي راهن مان ڀٽڪندي ڀٽڪندي سپنن جي حسين واديءَ ۾ پهچي ويندو هو ۽ انهن سپنن ۾ احتشام ڏسندو هو تہ هو ۽ مريم هٿ هٿ ۾ ڏئي گڏ وڃي رهيا آهن... سندس گهر ڏانهن... پر اوچتو ئي احتشام ان ان سندر سپني مان ڇرڪجي پوندو هو. جڏهن کيس نوريءَ جو چهرو آڏو ايندو هو. نوري.. سندس مڱ، جيڪا سندس پيءُ جي بدي ۾ کيس مڱائي وئي هئي. پر ڪڏهن ڪڏهن احتشام جي دل چاهيندي هئي تہ هُو ان ٻنڌڻ کي هميشہ لاءِ ٽوڙي ڇڏي ڇو جو ذهني طور تي هُو ان رشتي کي قبول ڪري نہ سگهيو هو. پر صدين جي روايتن کان هُو جان ڇڏائي نہ سگهيو هو. هُو ان ڪري بہ مجبور هو جو بدي ڪانسواءِ سندس پيءُ جو سڱ بہ نہ ٿي سگهي ها، جيڪا وڌندڙ وقت سان گڏ عمر ۾ بہ وڏي رهي هئي. وري احتشام سوچيندو هو تہ بَدي جو اهو معاملو نہ بہ هجي ها، تہ بہ هُو مريم کي ماڻي نہ سگهي ها. ڪٿي سندس غريبي ۽ ڪٿي مريم جي اميري. سندس پيءُ جي ڏار ٽيڻ کان پوءِ هنن ڏاڍو ڏکيو وقت گذاريو هو ۽ سندن ملڪيت تي سندن پيءُ هڪ ٻي عورت کي عيش ڪرائي رهيو هو. ان جي اولاد لاءِ بنگلو هو ڪار هئي ۽ شاهانہ زندگي هئي ۽ جڏهن تہ سندن لاءِ غربت هئي، لاچاري هئي ۽ نفرت هئي. پوءِ... ڇا هُو سون ۽ چانديءَ جون اهي ديوارون ڪيرائي مريم کي ماڻي سگهي ها...!!؟؟؟ شايد ڪڏهن بہ نہ... ۽ بدي ۽ غربت جي ان مسئلي کان سواءِ سندن وڏن ۾ پيل ويڇا ۽ نفرتون... هُو ڪنهن ڪنهن معاملي کي منهن ڏئي ها...!!؟؟؟... ۽ پوءِ احتشام مريم بابت سمورين سوچن تي پهرا وجهي ڇڏيندو هو پر پوءِ بہ اهي سوچون سندس دل جي ديوارن سان ٽڪرائجي، انهن کي لوڏي وجهنديون هيون... ان

ڪشمڪش ۾ وقت پڻ گذرندو رهيو هو ۽ نيٺ... هُو ٻئي ڄڻا ميڊيڪل جي آخري سال ۾ پهچي ويا.

هاڻي ڪڏهن ڪڏهن احتشام ۽ مريم خوفزده ٿي ويندا هئا، ته هاڻي ڇا ٿيندو...!!!؟؟؟... ڇا هُو وري هميشه لاءِ هڪ ٻئي کان الڳ ٿي ويندا...!!!؟؟ ڇو جو ٻنهي کي خبر هئي، ته سندن وچ ۾ وقت ۽ ريتن رسمن وڏا ويڇا وجهي ڇڏيا هئا ۽ پوءِ... اهو ڏينهن به اچي ويو جنهن کان ٻئي خوفزده هئا. فائنل ايئر جي امتحانن ۾ ڪجهه وقت وجهي بچيو هو. انهن ئي ڏينهن ۾ احتشام اڪثر مريم کي پريشان ۽ خاموش ڏٺو. هڪ ڏينهن جڏهن صبح کان مينهن وسي رهيو هو. ڪاليج ۾ اچڻ کان پوءِ احتشام صبح کان ئي اها ڳالهه محسوس ڪئي ته مريم ڪجهه زياده ئي پريشان ۽ منجهيل هئي. ان ڏينهن هوءَ احتشام کي وڌيڪ ئي موهي رهي هئي. اڇي شلوار سوٽ ۽ رنگين رَئي ۾ هوءَ کيس سندس نالي جيان ئي مقدس لڳي پر کين پڙهائي سبب ڳالهائڻ جو موقعو ملي نه سگهيو ۽ پوءِ موڪل مهل مريم هن وٽ آئي ۽ هن کيس چيو ته گهر وڃڻ کان اڳ هن سان ڪجهه ضروري ڳالهيون ڪرڻيون هيون. احتشام کيس ڪيفي ٽيريا وٺي آيو ۽ بيري کي آرڊر ڏنو. ڪجهه دير ۾ چانهه اچي وئي، پر مريم پنهنجي سوچن ۾ گُم شيشي جي دريءَ کان ٻاهران برسات جي نظاري ۾ گم ٿي وئي هئي. برسات به وري تيز پوڻ لڳي هئي ۽ احتشام کي ائين محسوس ٿيو ته مريم جي اندر به ايڏي ئي برسات لڪيل هئي. ڇو جو کيس ان مهل سندس خوبصورت ڪارين اکين ۾ جهڙالي موسم نظر آئي. جيڪا ڪنهن به وقت وسڻ لاءِ تيار هئي. کيس سوچن ۾ گم ڏسي احتشام پاڻ ئي چانهن ٺاهڻ لڳو ۽ پوءِ هڪ ڪوپ مريم ڏانهن وڌائيندي مخاطب ٿيو: "مريم!... هي چانهه وٺ" "اوهه...! Thank You مريم ڇرڪندي چيو.

"مريم!..." احتشام کيس چيو "ڇا ڳالهه آهي؟؟... ايڏي پريشان ڇو آهين... ڪو مسئلو آهي...!؟"

"هون... ها..." مريم کيس خالي نظرن سان ڏسندي چيو:

"ها!... احتشام، آئون ڏاڍي پريشان آهيان... پر سمجهه ۾ نٿو اچي ته ڇا ڪريان...؟"

"هون...!" احتشام چيو: "اها ڳالهه ته مون به محسوس ڪئي آهي، ڪجهه ڏينهن کان... پر آخر ڳالهه ڇا آهي...؟!!"

"سمجهه ۾ نٿو اچي ته ڪيئن شروع ڪريان... ۽ توکان سواءِ ٻيو ڪو ماڻهو اهڙو اهي به ڪو نه جنهن کي ڪجهه ٻڌائي سگهان..." مريم ايترو چئي خاموش ٿي وئي ۽ پوءِ وري احتشام ڏانهن ڏسي چوڻ لڳي: "احتشام!... آئون سمجهان ٿي ته توکان وڌيڪ شايد مون کي منهنجا گهر وارا به نه سمجهندا هوندا. اسان تقريباً پنج سال گڏ گذاريا آهن ۽ هڪ ٻئي کي گهڻو سمجهي به ويا آهيون، پر احتشام!... فرض ڪر... جيڪڏهن اسان جا رستا هميشه لاءِ الڳ ٿي وڃن ته پوءِ...؟؟؟!!"

احتشام کي اهو ٻڌي پنهنجو وجود پڇندو پرندو محسوس ٿيو. "پر پاڻ تي ضبط ڪندي هن چيو: "اِهو ته آخر ٿيڻو ئي آهي."

"ڇا... ڇا...؟!!!" مريم انتهائي حيرت ۽ ڏک مان رڙ ڪندي چيو: "هي... هي... تون ٿو چئين

احتشام!... تون!!؟؟“

”ها مريم!“ احتشام پاڻ کي سنڀاليندي چيو: ”حقيقت پسند ٿي سوچيندينءَ تہ تو بہ انهيءَ نتيجي تي پهچندينءَ پر... آخر تون اڄ اوچتواِهو ڇو پڇي رهي آهين؟“

مريم جو چهرو ڳاڙهو ٿي ويو ۽ سندس اکين ۾ لڙڪن جي آلاڻ جمع ٿي وئي. جنهن کي لڪائڻ خاطر هن پنهنجون نظرون جهڪائي ڇڏيون ۽ پوءِ جڻ پاتال مان ڳالهائيندي چيائين:

”منهنجا گهر وارا منهنجي شادي ڪري رهيا آهن... هڪ وڏيري سان... ۽ انهن اها بہ شرط رکي آهي، تہ آئون نوڪري نہ ڪندس نہ ئي هُو مون کي فائنل جو امتحان ڏيڻ ڏيندا... بقول انهن جي تہ نوڪري ڪرڻي ئي ڪونهي تہ وڌيڪ پڙهڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟“

”هون...!... پوءِ...؟“ احتشام پڇيو.

”احتشام!...“ مريم جڻ سڏڪن جي سمنڊ مان ڳالهائيندي چيو:

”دولتمند گهراڻي ۾ پلجڻ جي باوجود بہ مون ڪڏهن بہ وڏا خواب نہ ڏٺا. مون ڪا بہ ايڏي وڏي خواهش ڪا نہ ڪئي. بس... منهنجو تہ رڳو هڪ ئي خواب آهي... ڊاڪٽر ٿيڻ جو. مون هر سال پوزيشن کنئي آهي ۽ هاڻي... هن سال جيڪڏهن مون فائنل ايئر جو امتحان نہ ڏنو تہ منهنجي سڄي عمر جي محنت ۽ پڙهائي بيڪار ٿي ويندي.“

”اوهہ... تہ اها ڳالهہ توکي پريشان ڪري رهي آهي.“ احتشام چيو: ”پر ان ۾ ايترو پريشان ٿيڻ جي ڪهڙي ڳالهہ آهي؟... تون ڪوشش ڪندئين تہ شاديءَ کان پوءِ بہ پڙهي سگهندينءَ ڇوڪريون اڪثر ائين ڪنديون آهن.“

”ڪهڙيون ڳالهيون ٿو ڪرين احتشام!... مريم ڏک مان چيو: ”تون هن شخص کي نٿو سڃاڻي هو پاڻ بہ گهٽ تعليم يافتہ آهي ۽ هُو خالص وڏيرڪي ذهنيت رکندڙ ماڻهو آهي. نوڪري ڪرڻ ۽ پڙهڻ تہ نهيو پر هو تہ مون کي ويتر پوئتي ڌِڪي رهيو اهي. هُو ڳوٺ ۾ رهي ٿو ۽ مون کي بہ وڏين وڏين ديوارن واري انهيءَ حويليءَ ۾ وٺي وڃڻ ٿو چاهي، جنهن جي اندر الائي گهڻيون عورتون بند جي زندگي گذاري رهيون آهن.“

”پر مريم...!... تنهنجو پاءُ تہ تعليم يافتہ ۽ کليل ذهن وارو ماڻهو آهي، اهو ڪجهہ نٿو ڪري...!!؟؟“ احتشام پڇيو.

”احتشام!“ مريم چيو: ”اسان جي گهراڻن جهڙا گهراڻا جيڪي شهرن ۾ اچي رهن ٿا، انهن جا ماڻهو بيون تہ شهر جون سموريون روايتون سکي پاڻ کي Polish ڪري بظاهر ماڊرن، آزاد ۽ فراخدل نظر ايندا آهن، پر هُو پنهنجي ذهنيت ڪڏهن بہ نہ مٽائيندا آهن ۽ اندران اسين اڄ بہ اهي ئي روايت پسند ۽ پنهنجي هٺ توکي رسمن جي زنجيرن ۾ قيد آهيون ۽ اسان وٽ مرد صرف پنهنجي زندگي آسان ۽ آرامده گذارڻ لاءِ تہ پنهنجي ذهينت مٽائي سگهن ٿا، پر... پنهنجي گهر جي عورتن جي جذبن جو احترام ڪرڻ هو اڄ بہ ضروري ناهن سمجهندا. چاهي اهي تعليم يافتہ ۽ ماڊرن ڇو نہ هجن! ها!...

منهنجو پاڻ بہ Broadminded آهي... پر... صرف پنهنجي ذات جي حد تائين... هن ضرورت محسوس ڪئي تہ پاڻ پنهنجي مرضيءَ سان پڙهيل ڳڙهيل ۽ ماڊرن ڇوڪريءَ سان شادي ڪئي. جيڪا هر فيلڊ ۾ سندس ساٿ ڏئي ٿي سگهي، پر... پيڻ لاءِ سندس اها ئي سوچ آهي، تہ ڇوڪريون وڏيڪ پڙهي پنهنجي عمر وڃايو ڇڏين ۽ ٻي ڳالهہ تہ هو ۽ بابا تہ مونکي قربان ڪري، ايڏي وڏي زميندار سان رشتو جوڙي پنهنجو ئي فائدو حاصل ڪرڻ چاهين ٿا...“

”اوهہ!... اڄ جي دؤر ۾ بہ تو جهڙي تعليم يافتہ ۽ باشعور ڇوڪرين سان ايڏو ظلم!!؟؟... پر سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ آخر هن مسئلي جو حل ڇا ڳولهجي“ احتشام پريشان ٿيندي چيو. مريم کيس ڏاڍي اداسيءَ مان ڏسندي وري چيو:

”آئون پڙهڻ ٿي چاهيان ۽ جيڪڏهن ائين نہ ٿيو تہ منهنجي زندگيءَ جو اهو اهم مقصد تڪميل تائين نہ رَسي سگهندو. آئون پاڻ بہ تباهہ ٿي وينديس. منهنجي شخصيت، منهنجي هستي ۽ منهنجي حيثيت جيڪا مون سڄي عمر جي محنت سان ٺاهي آهي، اها ختم ٿي ويندي، منهنجو خواب تہ هينئر ئي ٽٽي پرزه پرزه ٿي ويو آهي.“

”مريم!... خواب تہ منهنجو بہ ٽٽو آهي...“ احتشام درد جي پاتال مان ڳالهائيندي چيو: ”توسان مليو نہ هُيس تہ ڄڻ ڪا خواهش ئي ڪانہ هئي... ڪو آدرش نہ هو. توسان ملڻ کان پوءِ مون جڏهن بہ پنهنجي مسقبل ۽ پنهنجي گهر جو خواب ڏٺو تہ توکي بہ هميشہ پاڻ سان گڏ ڏٺم. پنهنجو پاڻ کي سمجهائڻ جي باوجود دل ۾ سدائين خواهش اڀرندي آهي، تہ ڪاش...!!! اسان ٻئي هميشہ لاءِ گڏ هجون.“

”اوهہ...“ مريم کيس چيو: ”احتشام!... اهو سڀڪجهہ سوچڻ کان پوءِ بہ تون خاموشيءَ سان مونکي تباهہ ٿيندو ڏسي رهيو آهين!!!؟؟؟“ مريم وري کيس وينتي ڪندي چيو:

”احتشام!... خدا جي واسطي مون کي ان جهنم ۾ وڃڻ کان بچائي ڇڏ... نہ تہ... آئون ختم ٿي وينديس. احتشام!... ڪجهہ ڪر“

احتشام اهو ٻڌي پريشان ٿيندي چيو: ”ڇا ڪريان... مريم!... آئون ڇا ڪريان...؟!!“

مريم ڪجهہ دير لاءِ چپ ٿي وئي ۽ پوءِ سندس چهرو حيا مان ڳاڙهو ٿي ويو ۽ هن نگاهون جهڪائيندي اٽڪي اٽڪي چيو:

”احتشام!... ڇا... ڇا... تون مون سان شادي نٿو ڪري سگهين... هيءَ ڳالهہ پنهنجي واتان چوندي مون کي ڏاڍو عجيب پيو محسوس ٿئي پر احتشام!... هن وقت آئون پاڻ کي مايوسين جي اونداهي سمنڊ ۾ ٻڏندڙ اهڙي ماڻهو جيان سمجهي رهي آهيان، جنهن جي اڳيان ڪناري تي فقط هڪ ئي شخص موجود آهي جيڪو ئي کيس ٻڏڻ کان بچائي سگهي ٿو... ۽ مون آڏو اهو شخص تون ئي آهين... بابا جن کي منهنجي شاديءَ جو فڪر آهي... تون ان سلسلي ۾ منهنجي گهر وارن سان ڳالهائين ڇو نٿو!؟“

”مريم!“ احتشام ڏک مان چيو: ”چاچا تہ منھنجي شڪل بہ ڏسڻ گوارا نہ ڪندو ۽ ھونئن بہ تنھنجي ۽ منھنجي وچ ۾ ھڪ بہ نہ. پر ڪيترن ئي مسئلن جا فاصلا آھن جن کي پار ڪرڻ تنھنجي ۽ منھنجي وَس ۾ نہ آھن.“

”نہ... احتشام!... الائي ڇو مون کي يقين آھي، تہ تون ڪوشش ڪرين تہ اھو مسئلو حل ٿي سگھي ٿو. مشڪل ضرور آھي، پر ناممڪن تہ وري بہ ڪونھي. نيٺ بہ تہ اسين مائٽ آھيون، ڌاريان تہ نہ آھيون“ مريم ھن ڏانھن اُميد ڀري نظرن سان ڏسندي چيو: ”مريم!... فرض ڪر اھو مسئلو حل ٿي بہ وڃي...“ احتشام ھن ڏانھن ڏسندي چيو: ”پوءِ بہ تون سوچ تہ سھي... مون وٽ تہ ڪجھ بہ نہ آھي ۽ تون امير گھراڻي ۾ پليل آھين. پوءِ زندگيءَ ۾ منھنجو ساٿ ڏئي سگھندئين!!!؟؟“

”احتشام! اِھا بہ ڪا پڇڻ جي ڳالھہ آھي!!؟؟... آئون بہ تعليم يافتہ آھيان. تو سان ھٿ ونڊائڻ ۾ ٻانھن ٻيلي ٿيندس ۽ پاڻ ڏکيا سکيا ڏينھن گڏجي گذاريندا سين... ۽ آئون سمجھان ٿي تہ مون کان توکي ڪا بہ ڪشڪايت نہ ملندي“ مريم چيو.

”مريم!... ھا!... مون کي يقينن آھي ان ڳالھہ جو“ احتشام چيو: ”تون واقعي ايڏي تہ آئيڊيل ڇوڪري آھين جو ھر ڏک کي مسڪرائي سھي سگھين ٿي!“

”ھا احتشام!...“ مريم ڪيس چاھہ سان ڏسندي چيو: ”جڏھن ماڻھو ھڪ ٻئي کي سمجھي ويندا آھن تہ پوءِ ھو ھڪ ٻئي جي ھر ڏک کي ونڊي ورھائي ڪٽيندا آھن، تہ جيئن ھڪ تي وڌيڪ بار نہ پوي... پوءِ... تون منھنجو ساٿ ڏيندين نہ...؟؟“

”مريم!... اسان تہ الائي ڪھڙي خوابن جي نگري ۾ پھچي وياسين ۽ جڏھن حقيقي زندگيءَ ۾ موٽون ٿا تہ مسئلن ۾ ھر پاسي ڦاٿل آھيون... ۽ منھنجو مسئلو توکي خبر آھي تہ منھنجو مڱڻو ٿيل آھي... پوءِ... چاھيندي بہ آئون تنھنجو ساٿ نہ ڏئي سگھندس. تون پاڻ ئي سوچ آئون ائين ڪيئن ٿو ڪري سگھان؟“ احتشام چيو.

”احتشام!... ڇا تون واعي پنھنجي ڀيڻ جي سڱ جي بدلي ۾ اڻ پڙھيل ڇوڪريءَ سان شادي ڪندين...!!؟؟ ۽... مون کي ڇاڙي واڙي دوزخ ۾ وجھندين؟!!؟؟... ھڪ خاموش تماشائيءَ جيان...!!“ مريم حيرت ۽ ڏک مان چيو.

”مريم!... آئون ان ڪانسواءِ ٻيو ڪري بہ ڇا ٿو سگھان!!؟“

احتشام چيو: ”آئون تہ انھن سيني ريتن رسمن آڏو بي وس آھيان ۽... آئون تہ ان مھل بہ خاموش تماشائي ھئس، جڏھن منھنجي وڏي ڀيڻ جي ٻَدي ۾ منھنجي وڏي ڀاءُ کي چوڏھن سالن جي معصوم ڇوڪريءَ سان پرڻايو ويو. آئون تہ بابا کان اھو بہ پڇي نٿو سگھان تہ جيڪر منھنجي ماءُ اڻ پڙھيل ھئي، تہ ان ۾ ھن جو ڪھڙو ڏوھہ ھو جو ڪيس ايڏي سزا ملي. ڏوھہ اصل سندس نہ پر ھن System جو ھو. اسان جا ماڻھو پاڻ تہ اڳيان وڌڻ چاھيندا آھن، پر پنھنجي عورتن کي اڳتي نہ آڻيندا آھن. ڳوٺاڻا ماڻھو پڙھڻ ۽ نوڪريءَ خاطر جڏھن شھرن ۾ اچن ٿا، تہ پوءِ شھرن جي رنگيني ۽ روشني ۾ گم ٿي پاڻ

بہ انھن جو حصو بڻجڻ چاھيندا آھن ۽ پوءِ تعليم يافتہ، ماڊرن ۽ شھري ڇوڪرين جا خواب ڏسندا آھن ۽ پوءِ گھڻو ڪري اتي ئي شادي ڪري رھي پوندا آھن. پر... جيڪڏھن ھو چاھين تہ ڳوٺاڻين عورتن کي پنھنجي علم جي روشني مان ڪجھہ ڏئي سگھن ٿا. ھُو صرف پاڻ ترقي ڪرڻ بابت نہ سوچين پر جيڪڏھن اھي پنھنجي عورتن کي پڻ شھرن ۾ وٺي رھائن تہ ڪجھہ وقت ۾ ئي اھي بہ ترقي ڪري سگھن ٿيون. اسان جون عورتون باشعور ۽ پرخلوص آھن. پر اڳتي اچڻ لاءِ کين بہ موقعا تہ ڏنا وڃن. بابا... بہ امان کي شھر وٺي وڃي رھائڻ بدران ٻي شادي ڪري شھر ۾ ئي رھي پيو پر آخر امان ۽ اسان اھا سازا ڇو ڀوڳي آھي، جنھن جا قصور وار اسان نہ ھئاسين... اھو ظلم ناھي تہ بابا شھري زال جا ٻار وڏنوڏن انگلش ميڊيم اسڪول ۾ پڙھن ۽ منھنجو ڀاءُ ڀينرون پڙھي بہ نہ سگھيا“... سندس شھري زال جا ٻار بنگلي ۾ رھن ٿا، ڪار ۾ چڙھي گھمن ٿا ۽ منھنجو ڀاءُ سڄو ڏينھن ٻنيءَ ۾ ھَر ھلائي ٿو... ڇو... ڇو... آخر اھو سڀڪجھہ ائين ڇو آھي...!!!؟؟؟“ احتشام جون ھٿن جون مُٺيون ڪاوڙ ۽ جوش ۾ ڀيڙجي ويون ۽ مريم کيس ڏاڍي غور سان ڏسي رھي ھئي ۽ سندس درد کي پنھنجي اندر ۾ محسوس ڪري رھي ھئي ۽ پوءِ ھن کيس چيو:

”احتشام!... اسان پنھنجن وڏن جون ڏنل ڪافي سزائون ڀوڳي چڪا آھيون... ان ڪري ھاڻي اسان کي انھن غلط ريتن ۽ رسمن کي ختم ڪرڻ گھرجي. پر... تون تہ وري تاريخ کي دھرائين پيو. آئون ڇوڪري آھيان... مجبور آھيان جو مون وٽ منھنجن مسئلن کان بچڻ جي ٻي ڪا واٽ ڪانھي... پر... تون تہ مرد آھين. ڇو تُو پنھنجي زندگي برباد ڪرين. تون سوچ تہ سھي تہ تون ان ڇوڪريءَ سان تہ Compromise ڪري سگھين ٿو پر خوش گذاري نہ ٿو سگھين“

”ھا مريم!... آئون بہ اھا حقيقت ڄاڻان ٿو...“ احتشام چيو: ”پر... آئون ائين ڪرڻ تي مجبور آھيان. ڇوجو بابا جي وڃڻ کان پوءِ منھنجي ڀاءُ ڀگھر جو پورھيو ڪري ۽ منھنجي ڀينرن ڏيئن ۽ چمنين جي روشنيءَ ۾ سلائي ۽ ڀرت ڪري مونکي پڙھايو آھي، ھاڻ انھن سڀني جون اُميدون مون سان ڳانڍاپيل اھن. منھنجي باقي ھڪڙي ڀيڻ آھي ۽ ان جي شادي انھيءَ صورت ۾ ٿي سگھندي. جڏھن آئون ان جي بَدي ۾ شادي ڪندس ۽ آئون ايڏو خود غرض بہ نہ آھيان جو پنھنجي خوشين خاطر ان کي قربان ڪريان. آئون جيڪڏھن پنھنجن گھر وارن کي سک نٿو ڏئي سگھان، تہ گھٽ ۾ گھٽ ڏک بہ تہ نہ ڏيان.“

”ائين ڇو آھي...!!؟!“ مريم لڙڪن ھاڻين اکين سان احتشام کي ڏسندي چيو: ”ڇا ريتن رسمن ۽ نفرتن جون اھي ديوارون ڪري نٿيون سگھن!!؟؟“

”شايد نہ...“ احتشام چيو: ”ڇو... جو... انھن جون پاڙون اسان جي سماج ۾ ايتري تہ گھرائيءَ ۾ کُتل آھن، جو اسان ٻئي ڪوشش جي باوجود انھن ديوارن کي ڪيرائي نہ سگھنداسين“... ھو ٻئي چپ ٿي ويا ڄڻ ڳالھائڻ لاءِ ھاڻي ڪجھہ رھيو ئي نہ ھو. مريم جي چھري مان ظاھر ٿيو ھو تہ ھوءَ پنھنجي اندر جي طوفان کي روڪي رھي ھئي. سندس اکين ۾ ڄڻ تہ برسات جمع ٿي وئي ھئي.

ٻاهرين برسات کان بہ تيز برسات... ۽ احتشام خوفزده هو تہ جيڪڏهن اها برسات اکين جا بند ٽوڙي، ٻاهر نڪري آئي تہ ان جي سيلاب ۾ سندس وجود لڙهي ويندو. هو تہ سندس الميي تي ڪيس تسلي بہ نہ ڏئي سگهيو نہ ئي هُو ڪيس ان آڙاهہ ۾ ڪرڻ کان ڪنهن نموني بچائي سگهيو ٿي. ڇو جو هو تہ پاڻ بي وس ۽ زندگيءَ جي دردن جي صليب تي چڙهيل فرد هو ۽... پوءِ مريم اٿي بيٺي تہ احتشام ڇرڪجي پيو.

مريم ٽيبلٽان اسٽيٿو اسڪوپ ۽ ڪرسيءَ تان پنهنجو اچو گائون ڪنيو ۽ وڃڻ لڳي. ويندي ويندي هن وري مڙي احتشام ڏانهن ڏٺو. ان مهل مريم جي اکين ۾ سوين طوفان ۽ لڙڪ ڪيس نظر آيا ۽ ڪيترين التجائون، آهون، حسرتون هيون سندس اکين اندر. احتشام جي دل چاهيو تہ هو ڪيس روڪي دنيا جون سڀ مجبوريون، رسمون ۽ رڪاوٽون پار ڪري ڪيس ڪٿي دور سڪن جي ديس ۾ وٺي وڃي پر ٻئي لمحي هن پنهنجو ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو. ان مهل پنهنجي بزدلي ۽ مجبوريءَ تي ڪيس ڪاوڙ آئي ۽ ڪيس پاڻ کان ئي نفرت محسوس ٿيڻ لڳي. هوءَ... جيڪا سندس چاهت هئي، زندگي هئي... هن ڪيس خالي هٿين موٽائي ڇڏيو... هو سندس جهوليءَ ۾ ڪا بہ خوشي وجهي نہ سگهيو. هن پاڻ کي ان ويل مجرم سمجهيو ۽ هوءَ، جيڪا مريم جيان معصوم هئي وري ڪڏهن بہ ڪيس نظر نہ آئي. ان ڏينهن کان پوءِ هوءَ وري ڪاليج نہ ائي ۽ پوءِ ڪجهہ عرصي بعد احتشام سندس شاديءَ جي خبر ٻڌي. هن جي پڙهائي اڌ ۾ ئي رهجي وئي. فائنل ايئر جا امتحان ٿي ويا. احتشام ڊاڪٽر بنجي ويو. ڪجهہ عرصي کان پوءِ هن پنهنجي ذاتي ڪلينڪ بہ کولي ورتي. سندس پيءُ جي شادي ٿي وئي ۽ ڪيس ان جي بَدي ۾ شادي ڪرڻي پئي. هو پنهنجي زال نوريءَ کي شهر وٺي آيو. زندگي سادگيءَ سان گذري رهي هئي. نوري رواجي زالن جيان سندس سڀ ڪم ڪندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن تہ احتشام سوچڻ لڳندو هو تہ هيءَ عورت آهي يا روبوٽ؟!!“ هوءَ ڪيس وقت تي ماني ڏيندي هئي. ڪپڙا ڌوئي ڏيندي هئي. سندس چيل هر ڪم کي حڪم سمجهي پورو ڪندي هئي. تنهن ڪانسواءِ سموري گهر جو ڪم سڄو ڏينهن مشين جيان ڪندي رهندي هئي، پر... ڪڏهن... جڏهن احتشام ڏينهن رات ڪم ڪرڻ کان پوءِ ۽ زندگيءَ جي ٿڪائيندڙ سفر ۾ ٿڪجي پوندو هو، سندس دل ۽ دماغ وياڪل ٿي پوندا هئا يا وري ٻين جي مسيحائي ڪندي ڪندي جڏهن سندس ئي روح زخمي ٿي پوندو هو. تہ ان مهل هُو چاهيندو هو تہ ڳالهائي... ڪنهن کي پنهنجي پريشانيون... پنهنجا مسئلا ٻڌائي ڪنهن اهڙي ماڻهوءَ کي، جيڪو ڪيس سمجهندو هجي. پر اهڙو ڪو بہ ماڻهو نہ هو. پوءِ هو بنان مقصد جي سڙڪن تي گهمندو هو. ڇرين جيان هَر ڇهري کي گهوريندو هو ۽ باوجود سوچڻ ۽ يادن تي پهرن جي، هُو مريم کي ياد ڪندو هو ۽ مريم تہ ڪيڏا سال اڳ وڏي ديوارن واري حويليءَ اندر پنهنجي سمورن آدرشن، ارمانن ۽ خوابن جي قبر ۾ دفن ٿي چڪي هئي. پر... احتشام ڪيس اڃا بہ وساري نہ سگهيو هو.

احتشام ڪيتري ئي دير کان پارڪ جي بينچ تي ويهي اهي سڀ ڳالهيون ياد ڪري رهيو هو ۽

پوءِ جڏهن خيالن جا سلسلا ختم ٿيا تہ هو جهٽ ڇرڪجي پيو ۽ پوءِ کيس احساس ٿيو تہ رات ٿي وئي هئي ۽ ان وقت پارڪ خالي ٿي چڪو هو. هن هڪ ٿڌو ساهہ کنيو ۽ بينچ تان اٿيو. پنهنجن وکريل وارن کي درست ڪري ۽ آهستي آهستي قدم کڻندو پنهنجي گهر ڏانهن ويندڙ رستي ڏانهن وڌڻ لڳو... جتي ڏنڏ ڇانيل هئي.

(ريڊيو حيدرآباد ۽ خيرپور تان شر ٿيل گيتن ڀري ڪهاڻي)

# ڳولهيان ڳولهيان مَ لهان

(شاهہ لطيف جي شاعريءَ جي پس منظر ۾ لکيل ڪهاڻي)

رات، سانت ۾ ايڪانت هئي. چوڏهينءَ جو چنڊ پٽ تي پکڙيل وَل ٻوٽيان جهاتي پائي، جڻ مُرڪي رهيو هو سنڌيا پنهنجي گهر جي ورانڊي ۾ ويٺل هئي. سندس نگاهون ول ٻنين چوڏهينءَ جي چنڊ تي کتل هيون ۽ سندس ڏکهن وارن ۾ ڪرسيءَ کان لڙڪيل رئي سان هوا، ڇيڙ ڇاڙ ڪري رهي هئي، پر هوءَ تہ ڄڻ دنيا جي هر ڳالهہ کان ايستائين جو پنهنجي وجود کان بہ بيخبر هئي... هوءَ تہ رڳو ٻرسان رکيل ڪيسٽ پليئر تي هلندڙ شاهہ سائينءَ جي وائي ۾ لڻ فقير جي آواز جي جادوءَ ۾ گم ٿي وئي هئي:

مون ۾ تون موجود! آئون آڳاهين آهيان!
آئون! اَ سونهين آهيان!
اکيون اکڙين کي، سِڪيو ڪن سجود!
آئون اڳاهين آهيان،
آئون اَ سونهين آهيان!
تيلانَہ، رَسيون ٻُوڏَ کي، جيلانه ٿيون نابود،
آئون اَ ڳاهين آهيان،
آئون اَ سونهين آهيان!
ماڙهن جي موٽڻ جو، صاحبَ هٿ سُجودُ،
آئون اَڳاهين آهيان،
آئون! اَسونهين آهيان!
اِنَ دَر سي ئي اَگهيا، جن وڃايو وجود،
آئون اَڳاهين آهيان!
آئون! اَسونهين آهيان!

وائي ختم ٿي تہ سنڌيا پنهنجي محويت مان ڇرڪجي پئي ۽ پوءِ ڪيسٽ پليئر بند ڪري، پنهنجي هٿن ۾ پڪڙيل ”شاهہ جو رسالو“ کولي ٻنا اُٿلائيندي وئي. اوچتو سندس نگاهہ ”سُر مومل راڻي“ جي هڪ بيت تي اٽڪي بيهي رهي:

ڪالهہ ڳڏيوسون ڪاپڙي، جهڙو ماهُ مُنيرُ،
فيضُ، فراقُ، فقيرُ، جوڳي جاڳائي ويو.

سنڌيا جي اکين آڏو يڪدم سَرمد جو ڏچهرو اچي ويو ۽ ڪالهوڪي سرمد جي ملاقات ياد اچي ويس... اکين ۾ جڻ ڪا شيءِ چُڀڻ لڳي. هن تڪليف مان اکيون بند ڪري ڇڏيون ٿوري دير ته هوءَ ائين ئي اکيون بند ڪري ويٺي رهي، پر اوچتو ئي کيس بند اکين پويان پنهنجي ماضيءَ جون ڪيتريو ئي جهلڪيون نظر اچڻ لڳيون... ماضي!... جنهن کي هن ڪو سينو سمجهي وساري ڇڏيو هو... پر... نه... اها ته سندس پُلَ هئي. هن کي ته ڪجهه به نه وسريو هو. سَرمد ته اڄا به سندس روح اندر موجود هو. ڪالهه جڏهن هو ورهين کان پوءِ ملڻ آيو هو ته سالن جا فاصلا لمحن ۾ ختم ٿي ويا هئا ۽ ... اڄ هن ڪيترن ئي ڏينهن کان پوءِ پنهنجي ڪتابن واري الماري کولي هئي. ڪيترا سال اڳ هوءَ ڪيتري نه ديوانگيءَ جي حد تائين ڪتابن سان پيار ڪندي هئي. ادب ۽ شاعريءَ سان کيس تمام گهڻو چاهه هوندو هو پر هاڻي! هاڻي ته هوءَ مڪمل گهرو عورت بڻجي چڪي هئي.. ۽ سندس بيحد شوق سان ورتل ڪتاب رڱو الماريءَ جي زينت بڻجي چڪا هئا. سنڌيا، ڪتابن جي الماريءَ مان ڪيترن ئي سالن بعد سرمد جو کيس تحفي ۾ ڏنل "شاهه جو رسالو" ڪڍيو. جنهن جي مٿان هلڪي دز ڄمي وئي هئي. سنڌيا جي اندر پيار جو هڪ اٿاهه جذبو جاڳيو ۽ هن بي اختيار پنهنجي رئي سان رسالي مٿان دز صاف ڪئي ۽ پوءِ وراندي ۾ اچي ويٺي هئي. هن ايترن سالن کان پوءِ اڄ شاهه جي رسالي جو مطالعو ڪيو هو.

اڄ جن اها پراڻي سنڌيا جاڳي پئي هئي. ها، اها سنڌيا جيڪا يونيورسٽيءَ جي اسٽوڊنٽ هئي. تڏهن سرمد، سنڌيا جو ڪلاس فيلو هو. هو کيس ٻين شاگردن کان ڪيڏو نه مختلف لڳندو هو! هو تمام ذهين، سنجيده ۽ بردبار هو. ان وقت هو ايڏو وڏو شاعر نه هو جيڏو هاڻي هو. تڏهن سندس شاعريءَ جو شروعاتي دؤر هو. تنهن هوندي به جڻ هو پوري ڪلاس جي جان هو. اڪثر سڀ ڪلاس فيلوز مڙي، گڏجي ڪائنٽس سندس شاعري ٻڌندا هئا. جڏهن سرمد پنهنجي مخصوص ڳنڀير لهجي ۾ لفظن جي موتين جي مالها پوئيندو هو ته سڀ جڻ گم سم ٿي کيس ٻڌندا هئا. ڪلاس جون ڪيتريون ئي ڇوڪريون کيس پنهنجو آئيڊيل سمجهنديون هيون. سنڌيا هلڪي طبيعت واري ۽ خوابن ۾ رهندڙ ڇوڪري نه هئي، پر پوءِ به هوءَ سرمد جي شخصيت کان بيحد متاثر ٿي هئي. سندس پهرين ڳالهه ٻولهه سرمد سان اسد وسيلي ٿي هئي. اسد! جيڪو سرمد جو تمام ويجهو دوست ۽ ڪلاس جو سڀ کان شرارتي ۽ کلمک ڇوڪرو هو ۽ سنڌيا کي بيحد پسند ڪندو هو. سنڌيا کي به اها ڄاڻ هئي، پر هن کيس ڪڏهن به ان نظر سان نه ڏٺو هو. اڪثر سنڌيا ۽ سرمد جون ملاقاتون ٽينديون رهنديون هيون. گهڻو ڪري اسد به گڏ هوندو هئن.

هن وقت سنڌيا کي ماضيءَ جي بيشمار منظرن مان هڪ منظر ياد آيو. هڪ ڏينهن جڏهن پوائنٽ بس جي انتظار ۾ سنڌيا سان گڏ سرمد ۽ اسد به بيٺل هئا، تڏهن اوچتو اسد چيو هو:

"يار سرمد! لڳي ٿو ته سنڌيا ۽ تون ساڳي مٽيءَ جي پيداوار آهيو هِتي هن محترمه کي سنجيدگيءَ جو دورو پيل هوندو آهي ۽ هُتي وري خير سان توهان کي."

تڏهن سنڌيا اسد کي چيو هول ”سنجيده رهڻ ڪا خراب ڳالهہ تہ ناهي.“ اسد پنهنجي مخصوص شرارتي انداز ۾ ٻنهي کي ڏٺو هو ۽ پوءِ کِلندي چيو هئائين!

”هائو!... سنجيدگي خراب ڳالهہ تہ ڪانهي، پر هن عمر ۾ مونکي سنجيده ماڻهو بلڪل بہ نہ وڻندا آهن. سچي! بلڪل ”اداس چهرا“ لڳندا آهن مونکي.“

اِها ڳالهہ ٻڌي، سنڌيا کي ايڏي تہ زور سان کِل آئي هئي. جو پاسي ۾ بينل ٻيا ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون کيس حيرت مان ڏسڻ لڳا. سرمد جي چهري تي بہ مُرڪ اچي وئي هئي. پوءِ هن اسد کي چيو هو:

”اسد! شايد توکي خبر ناهي، تہ مغربي ملڪن ۾ چهرا عقلمنديءَ جي نشاني هوندا آهن. سائنسدان چون ٿا تہ چهرو سيني کان عقلمند پکي هوندو آهي.“

”جي جي، بلڪل مونکي خبر آهي، پر مون مغربي چهري جي ڳالهہ ڪو نہ ڪئي. منهنجو اشارو مشرقي چهرن ڏانهن هو.“

اسد بہ ڄڻ هار مڃن لاءِ تيار نہ هو ۽ پوءِ سنڌيا موضوع کي مٽائڻ لاءِ چيو:

”پلا اڄ رڳو چهرن بابت ئي هفتگو ڪندا ڇا؟“

اسد نهايت مسڪين شڪل ناهي، هڪڙي هٿ سان سنڌيا ڏانهن ۽ ٻئي هٿ سان سرمد ڏانهن اشارو ڪندي چيو:

”ڇا ڪريان پلا!... ٻن اداس چهرن جي وچ ۾ بينل اهيان، سو پلا دماغ ڪٿان ڪم ڪندو؟!“

اسد جي جواب ۽ ا انداز تي هن ڀيري سڙمد زوردار ٽهڪ ڏنو هو. وري هڪ دفعو پريان بينل ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون حيران ٿي هنن ٽنهي ڏسڻ لڳا تہ سنڌيا کي شرمندي محسوس ٿي ۽ هن پنهنجي کِل روڪڻ لاءِ پنهنجو رئو ڪٽي وات تي رکي ڇڏيو هو. پريان ايندڙ پوائنٽ کي ڏسي هوءَ تيزي سان اڳتي وڌي هئي. سنڌيا اها ڳالهہ ياد ڪري مُرڪي پئي هئي، ڪيس تہ ٻيو بہ گهڻو ڪجهہ ياد اچي رهيو هو هن وقت...

ائين پوءِ سنڌيا ۽ سرمد جون ڪيتريون ئي ملاقاتون ٿيون. سرمد کيس ڪيترائي بهترين ڪتاب پڙهڻ لاءِ ڏيندو هو ۽ هو انهن تي تبصرو ڪندا هئا. اسد بہ ڪڏهن بحث ۾ حصو وٺندو هو پر گهڻو ڪري هو چپ رهندو هو ۽ جڏهن بور ٿيندو هو، تہ هٿ ٻڌي ٻنهي کي مات ڪرائيندو هو. سرمد جي ساٿ جي ڪري سنڌيا کي بہ ڪتابن سان بيحد پيار ٿي ويو هو. هوءَ پاڻ تہ شاعره يا اديبہ نہ هئي، پر پوءِ بہ کيس شاعريءَ بابت چڱي ڄاڻ هئي، ائين پڙهندي، کِلندي، ڳالهائيندي، بحث ڪندي ڪڏهن سياست تي، ڪڏهن سماج تي، ڪڏهن تعليمي سرشتي تي، تہ ڪڏهن وري، ادب تي ڳالهائيندي وقت گذرندو رهيو. سنڌيا کي اڪثر محسوس ٿيندو هو تہ سرمد کيس پسند ڪرڻ لڳو هو. جيتوڻيڪ سرمد ڪڏهن بہ سنڌيا سان محبت جو اظهار نہ ڪيو نہ ئي ڪڏهن سندس ڳالهين ۾ ڪو ان ڳالهہ جو اشارو هو. پر ڪا ڳالهہ نہ هوندي هئي، سندس نگاهن ۾! ڪا تحرير، جنهن کي هوءَ

پڙھندي بہ سمجھي نہ سگھندي ھئي. بس! ڪڏھن اوچتو ئي جڏھن ھو ڪيس گھري نظر سان ڏسندو ھو تہ سنڌيا جي دل تيز تيز ڌڙڪڻ لڳندي ھئي ۽ چھري تي ڪيترائي انوکا رنگ وکري وي دا ھئس، پر ٻئي ئي لمحي سرمد جو چھرو ۽ اکيون ائين بي تاثر ٿي ويندا ھئا، ڄڻ ڪجھہ ٿيو ئي نہ ھوا! سنڌيا حيران ٿي ھن شخص بابت سوچيندي ھئي، تہ عجيب شخص آھي! ڪڏھن تہ اکين ۾ اٿاھہ ساگر پيار جو تہ ڪڏھن وري ايڏي اجنبيت جو ڄڻ ھو ڪيس سڃاڻندو ئي نہ ھجي ۽ ڪڏھن وري ڄڻ تہ سياري جو دريا!

ڪجھہ عرصي کان پوءِ سِنڌيا جي جنم ڏيھن تي سرمد ڪيس ”شاھہ جو رسالو“ تحفي ۾ ڏنو ھو. تڏھن سنڌيا پھريون ڀيرو ڏينھن رات ھڪ ڪري شاھہ جي رسالي جو تفصيلي مطالعو ڪيو ھو. جنھن بيت يا فلسفي بابت ڪيس مونجھارو محسوس ٿيندو ھو تہ سرمد ڪيس ان بابت سٺي طرح سمجھاڻي ڏيندو ھو. پوءِ تہ ڄڻ ٻنھي کي شاھہ سائينءَ جي شاعريءَ جي فلسفي جو نئون موضوع ھٿ اچي ويو ھو. ٻنھي جو زوردار بحث ھوندو ھو ۽ اسد جا وري مٿي تي ھٿ!

ھڪ دفعو ائين ئي ٿيو ھو. جڏھن سنڌيا، سرمد ۽ اسد گڏ وينل ھئا ۽ وري سنڌيا ۽ سرمد ۾ بحث ڇڙي پيو ھو. شروعات ”تصوف“ کان ٿي ھئي. ڳالھہ ”حقيقي عشق“ کان ٿيندي ”مجازي عشق“ تائين پھتي ھئي. سنڌيا ۽ سرمد وڏي زور شور سان ڳالھائي رھيا ھئا ۽ اسد ڪين خاموشيءَ سان ڏسي ۽ ٻڌي رھيو ھو ۽ ڪڏھن ڪڏھن ھو بہ وچ وچ ۾ جواب ڏئي رھيو ھو. بحث جڏھن عروج تي پھتو تڏھن سرمد چيو ھو:

”شاھہ سائينءَ جي عشق جي فلسفي موجب سچي محبت اھا آھي، جنھن ۾ طلب ناھي. ڇو جو مطلوب جي ملي وڃڻ سان طالب جو سفر اتي ئي اچي پورو ٿي ٿو وڃي. جڏھن تہ عشق ۾ جمود اچڻ ئي نہ گھرجي؛ ان ڪري طالب کي ھميشہ طالب ئي رھڻ گھرجي؛ ٻي ڳالھہ تہ اھو بہ ضروري ناھي تہ طالب ھر وقت پنھنجي عشق جو اظھار بہ ڪندو رھي... نہ ئي اھو ضروري آھي، تہ ھو ماڻھن ۾ ان جو چرچو ڪندو رھي... محبت تہ ھوئين بہ لفظن ۾ اظھار جي محتاج نہ ھوندي آھي. عشق ھڪ راز آھي... جنھن ۾ تڙپ تہ آھي، پر تڙپڻ جي باوجود ان جو راز ڪنھن کي بہ نہ ڏجي... اھا الڳ ڳالھہ اھي، تہ جنھن کي چاھجي ٿو اھو ڪو گھڻي دير ان ڳالھہ کان بيخبر رھي نٿو سگھي. جيڪڏھن زبان خاموش آھي تہ بہ اکيون پريڻ تائين پيغام رسائين ٿيون. شاھہ سائينءَ جو اھو فلسفو ھن بيت مان ظاھر ٿئي ٿو:

سِڪَ سِڪائي سِڪ، سِڪَ نہ آھي سُتري،
لِڪَ لِڪوتيءَ لِڪ، تہ ڪَرَنِ خَبرَ نہ ٿئي.

سنڌيا جواب ڏنو: ”پر... شاھہ سائينءَ اڳتي ائين بہ تہ چيو آھي:

خبر ٿي ڪرن کي، نہ مونکي ڪندا ڪوھُ؟
صُورت سُپيريان جي، ڏٺي ڪونھي ڏوھُ،

لوري لَڳمُ لوهُ، جنهين رَتُ رُئاريو.

ڇو جو شاهہ صاحب جي خيال موجب، عاشقن کي ڪنهن بہ ڳالهہ جي پرواہ نہ هوندي آهي ۽ وري چوي ٿو تہ:

ڪَرُ ڪاريندو سي، مانو جن پريتڙو
جوش جلايا جي، ماري تن ماتُ ڪيو.

”پر سائين!“ سرمد چيو ”شاهہ سائينءَ وري هن ڳالهہ تي بہ تہ زور ڏنو آهي تہ:

نِهائينءَ کان نينهن، سکُ منهنجا سُپرين!
سڙي سارو ڏينهن، ٻاهر ٻاڦ نہ نِڪري.

ان تي سنڌيا وري چيو: ”پر... اها ڳالهہ بہ تہ ڏاڍي مشڪل آهي، جو شاهہ سائينءَ وري هيءَ ڳالهہ بہ ڪئي آهي:

عاشق پاڻئي پائين، تہ آئون سِڪ ڪنهن کي نہ
سلان،
وِچ رهندي ڪيئن؟ وَهَنِ اکيون ورجي هِنئون.

سرمد ان جي جاوب ۾ چيو: ”بهرحال مون وٽ تہ عشق جو مفهوم هي آهي تہ:

آئون ڏورينءَ، شالَ مَ لَهنءِ! تَنَ مَ مِلين تُون!
لَنئون لَنئون منجهان مون لوچ تنهنجي نہ لهي.

ڇو تہ شاهہ سائينءَ جو خيال آهي تہ:

جيڪي فِراقان، سو وِصالان نہ ٿئي،
اچي اوطاقان، مونکي پرين پري ڪيو.

اسد جيڪو ايتري دير کان ٻنهي جو بحث ٻڌي رهيو هو، تنهن کان هاڻي برداشت نہ ٿي سگهيو. هن هٿ ٻڌي کين چيو: ”خدا جي واسطي سنڌيا! سرمد!... يار بند ڪريو هي بحث، منهنجو تہ مٿو ئي ڦري ويو آهي. آئون تہ چوان ٿو تہ جنهن کي چاهجي، ان کي ضرور حاصل ڪجي. پوءِ پلي تہ ڪير بہ سَڙي مون کي شاهہ صاحب جا تمام گهٽ بيت ياد آهن، پر هي بيت ڏاڍو مزو ڏيندو اٿم:

اَلا! ڪَرَ جِيئن، مدي جنين مَن ۾،
اسان ۽ پرين جون، اُميدون پَسنِ،
تهان پوءِ مَرنِ، سَڙي انهيءَ سُورَ ۾.

سنڌيا ۽ سرمد کلڻ لڳا ۽ ائين اهو بحث ختم ٿيو هو.

ڏينهن گذرندا رهيا... وقت اڳتي سِرڪندو رهيو. سِنڌيا کي تہ يقين هو تہ سرمد کيس چاهي ٿو.

پر سَرمد جي ازلي خاموشيءَ کيس منجهائي وڌو هو. ڪڏهن ڪڏهن وري، کيس ائين محسوس ٿيندو هو ته هوءَ دوکي ۾ هئي. سرمد کي سندس ذات سان ڪا دلچسپي ڪانهي، ائين... هوءَ يقين ۽ بي يقيني جي ڪيفيت ۾ منجهندي رهي، هُو به ته عجيب پراسرار شخص هو. سمنڊ جيان گهرو!

۽ پوءِ جڏهن سندن پڙهائي پوري ٿي، ته سڀ ڪلاس فيلو هڪٻئي کان موڪلائي، پنهنجن پنهنجن ماڳن ڏانهن موٽڻ لڳا. تڏهن سنڌيا جي شديد خواهش ٿيندي هئي، ته موڪلائڻ کان اڳ هو گهٽ ۾ گهٽ پنهنجو روبو ته هن تي واضح ڪري. هو محبت جو اعتراف ڪري، بيشڪ هو کيس پنهنجو نه بنائي، پر پيار ۽ اعتماد جو احساس ته کيس ڏئي وڃي. ائين هوءَ تا عمر اهو سوچي مطمئن رهندي، ته هن جنهن کي چاهيو هو هُو به سندس لاءِ پيار جو جذبو رکندڙ هو...

هوءَ چاهيندي هئي، ته سرمد ڪجهه چوي، پر سرمد! جي لبن تي اهڙو ڪو اقرار نه هو. جڏهن اسد سنڌيا سان شاديءَ جي خواهش ظاهر ڪئي، ته هن سرمد کي ان ڳالهه کان آگاهه ڪيو هو. هن سوچيو هو ته يقيناً اها ڳالهه ٻڌي سندس بند زبان جو تالو ٽٽي پوندو، پر اها ڳالهه ٻڌي به سرمد جو چهرو بي تاثر رهيو ۽ هن چيو هو ته:

”اها ته تمام خوشيءَ جي ڳالهه آهي، اسد شرارتي ضرور آهي، پر ذميدار به آهي هُو يقيناً اوهان کي خوش رکندو ۽ هونئن به هو توهان کي بيحد پسند ڪندو آهي.“

”پر... اها ڳالهه اوهان ڪيئن ٿا چئي سگهو!؟“ سنڌيا حيران ٿيندي پڇيو.

”مونکي ڪافي عرصي کان ان ڳالهه جي ڄاڻ آهي“ سرمد چيو. ”هو منهنجو دوست به اهي آئون کيس چڱي طرح ڄاڻان ٿو. آئون اوهان کي اڳواٽ ئي نئين زندگيءَ جي شروعات ڪرڻ تي مبارڪباد ٿو ڏيان ۽ بيشمار دعائون به!“

سنڌيا ان مهل ڇرڪي پئي هئي، ڇو جو سندس ذهن ۾ اوچتو هڪ خيال ايو هو ته ڪٿي ائين ته نه هو سرمد پنهنجي چاهت جو اظهار ان ڪري نه ڪيو هو جو هوءَ سندس دوست جي پسند هئي، کيس ياد آيو ته سرمد سان ته سندس تعارف به اسد ئي ڪرايو هو ۽ ٿي سگهي ٿو ته اسد تعارف ڪرائڻ کان اڳ ئي کيس اهو سڀڪجهه ٻڌائي ڇڏيو هجي; پر سنڌيا کي يقين هو سرمد کي اها به ڄاڻ هوندي، ته هوءَ اسد کي سٺي ڇوڪري جي حيثيت سان پسند ڪندي هئي ۽ ڪنهن کي سٺو سمجهڻ ۽ چاهڻ ۾ به ته فرق هوندو آهي! جيڪڏهن هو محض پنهنجي دوست خاطر قرباني ڏئي رهيو آهي، ته به اها ڳالهه واضح ته ڪري، هو هن تي اعتماد ته ڪري. کيس زندگيءَ جي ٻه واٽي تي ته نه بيهاري! سنڌيا کي خبر هئي ته سرمد جهڙي گهري ماڻهوءَ کان سندس اندر جو حال وٺڻ ڏاڍو ڏکيو هو. نيٺ هوءَ وڃڻ لاءِ اٿي بيٺي; پر موڪلائڻ کان اڳ هڪ ڀيرو وري هن جي اکين ۾ آس جو ڪرڻو چمڪيو:

”سرمد! آئون وڃان پئي. خبر ناهي هاڻي اسان ڪڏهن اهڙي آزاديءَ سان ملي به سگهون، يا نه! خبر انهي، هاڻي، ملون به يا نه! يا وري ملون به، ته ڪنهن ٻيءَ حيثيت سان. هي ڪجهه لمحا ئي هاڻي اسان جي مُٺ ۾ آهن. مِتان انهن کي ضائع ڪري، سڄي عمر پڇتايون، جيڪڏهن ڪا ڳالهه، ڪو

پيغام پهچائڻ چاهيو ٿا، تہ چئي وٺو.“

سرمد جو چهرو اوچتو ئي اوچتو ڳاڙهو ٿي ويو. هن سنڌيا ڏانهن ڏٺو سندس نگاهن ۾ اٿاهہ پيار جو ساگر هو. سنڌيا ڪيس ڏسندي رهي. سندس ڪن صرف ڪجهہ لفظ ٻڌڻ جا منتظر رهيا. هن پهريون ڀيرو سرمد کي ايڏو جذباتي ٿيندي ڏٺو هو... سنڌيا سوچيو هو تہ محبت جي مهراڻ مٿان ڪيترا ڊيم اڏيا؟ نيٺ تہ پيار جون ڇوليون سمورا ڊيم ٽوڙي اجهو ڪي ٻاهر نڪتيون ۽ پياسين سماعتن کي سيراب ڪنديون، پر اوچتو سرمد پنهنجي هٿن جي مُٺين کي زور سان ڀڪوڙيو هو ۽ پوءِ هميشہ وانگر سرمد جو چهرو هر قسم جي تاثرن کان عاري ٿي ويو ۽ سندس اکين ۾ اجنبيت هئي ۽ پوءِ هن چيو هو تہ:

”نہ سنڌيا!... مونکي ڪجهہ بہ چوڻو ناهي“

تڏهن سنڌيا کي يقين ٿي ويو هو تہ هوءَ پاڻ ڪنهن غلط فهميءَ ۾ هئي. جيڪو ڪجهہ هن محسوس ڪيو هو، اهو محض سندس وهم هو. ٻيو ڪجهہ بہ نہ! ڇو جو جيڪو انسان ڪنهن کي اڇهي، سو پنهنجي پريڻ کي اظهار جي هڪ جملي جي سوغات بہ نہ ڏي، اهو ممڪن ئي نہ هو!

۽ پوءِ سنڌيا ۽ اسد جي شادي ٿي وئي. اسد سنڌيا کي بيحد چاهيندو هو. سندس ننڍي ننڍي تڪليف تي پريشان ٿي ويندو هو. سنڌيا بہ شاديءَ کان پوءِ بلڪل گهرو ڇوڪري ٿي وئي هئي... سندس زندگيءَ جو محور هاڻي فقط سندس گهر هو ۽ هوءَ سرمد کي ڪو سپنو سمجهي، وسارڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي. ڪيترائي سال لنگهي ويا. سنڌيا ٻن پيارن ٻارڙن جي ماءُ بڻجي چڪي هئي، هاڻي هوءَ فقط پيار ڪندڙ ماءُ ۽ زال هئي. سندس ڪل ڪائنات ئي اسد ۽ ٻار هئا ۽ شايد هوءَ سرمد کي وساري چڪي هئي، هاڻي تہ هو تمام مشهور شاعر ٿي چڪو هو. اڪثر هوءَ رسالن ۾ سندس متعلق خبرون ۽ سندس تخليقون پڙهندي هئي.

۽ پوءِ ڪيتري ئي وقت کان پوءِ سرمد بہ ڏينهن اڳي سندس شهر ۾ آيو هو. سندس شاعريءَ جي مجموعي جي مهورت هئي. سنڌيا ۽ اسد کي بہ ان تقريب جو ڪارڊ مليو هو پر اسد آفيس جي ڪم سان شهر کان ٻاهر ويل هو ۽ سنڌيا کي گهر ۽ ٻارن جي ذميداريءَ کان فرصت نہ ملي سگهي، جو هوءَ وڃي ها، ۽ پوءِ ڪالهہ شام ئي سرمد سندس گهر آيو هو. ايترن سالن بعد هوءَ ڪيس اوچتو سامهون ڏسي حيران ٿي وئي هئي ۽ سندس دل جڻ قابوءَ ۾ نہ هئي. ڪيس ڪجهہ سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ هوءَ ڇا ڳالهائي ۽ ڪيئن ڳالهائي ۽ سرمد!... صوفي تي سندس ٻنهي ٻارن جي وچ ۾ ويٺل هو. هو هنن کي ڪيڏو پيار ڪري رهيو هو ۽ ڳالهائي رهيو هو. هن ايڏو جلدي ٻنهي سان دوستي بہ ڪري ورتي هئي. پوءِ سنڌيا کي ڏسي، هو احترام ڏمان اُٿي بيٺو هو. ڪيترو وقت گذريو... لمحا هئا يا صديون هيون... سنڌيا کي ڪجهہ خبر نہ پئي. پوءِ سرمد مخاطب ڪري جڻ سوچن جي دنيا مان ڪڍي ورتو هو:

”سنڌيا! توهان خوش تہ آهيو نہ؟“

”ها!...“ سنڌيا خبر ناهي ڪيئن جواب ڏنو: ”آئون بلڪل خوش آهيان!...“ اسد واقعي منهنجو

بهترين جيون ساٿي ثابت ٿيو آهي.“

”اسد آهي ڪٿي؟؟“ سرمد پڇيو.

”هُو آفيس جي ڪم سان اسلاماآباد ويل آهي.“ سنڌيا جواب ڏنو. هوءَ هاڻي ڪافي حد تائين پاڻ تي قابو پائي چڪي هئي.

”اهہ!...“ سرمد چيو ”چڱو پوءِ آئون هلان ٿو. ايڏن سالن بعد آيس اوهان جي گهر، پر اسد سان ملاقات ٿي نہ سگهي. اڇي تہ ڪيس ٻڌائي ڇڏجو ۽ ها! هي منهنجي تازي ڇپيل ڪتاب جي ڪاپي آهي، توهان جي ۽ اسد جي لاءِ“

سنڌيا ڪائنس ڪتاب ورتو. خوبصورت ٽائيٽل واري ڪتاب جو عنوان هو ”ڳولهيان ڳولهيان مَ لهان.“ سنڌيا ڪتاب کوليو پهرين صفحي تي ارپنا هئي:

”منهنجي پهرين ۽ آخري محبت جي نانءُ،
جنهن کي مون وڃائي، پوءِ ماڻيو.“

سنڌيا اهو پڙهڻ کان پوءِ سرمد ڏانهن نهاريو هو. هو ڪيس ئي ڏسي رهيو هو ۽ پوءِ چيو هئائين:

”سنڌو! مون توکي وڃايو تہ ناهي. تون تہ اڄ بہ منهنجي روح اندر موجود آهين ۽ يقين ڪر، تہ مون کي اڄ بہ پنهنجي فيصلي تي ڪو پڇتاءُ ناهي، ڇو تہ اڃا بہ منهنجو هن بيت ۾ ويساهہ آهي.

”ڳولهيان ڳولهيان مَ لهان، شالَ مَ ملان هوتَ،
من اندر جا لوچَ، مڇڻ ملڻ سان ماني ٿئي.“

هو هليو ويو هو ۽ سنڌيا تہ ڪيس روڪي بہ نہ سگهي. هوءَ تہ ڪجهہ بہ نہ چئي سگهي. ڪالهہ سرمد ڪيس پهريون ڀيرو ”سنڌيا“ نہ پر ”سِنڌُو“ چيو هو ۽ ”توهان“ بدران ”تون“ ڪري مخاطب ڪيو هو. سنڌيا ڪيترا سال اڳ اهو اقرار ٻڌڻ چاهيو هو ۽ ڪالهہ جڏهن اهو وقت آيو هو تہ هوءَ اهو ٻڌي، چڻ گم سم ٿي وئي هئي. ڪيڏيون شڪايتون هيون، ڪيڏا شڪوہ هئا، ڪيس سرمد کان!! جيڪي ڪيترن سالن کان هوءَ من ۾ سانديندي آئي هئي،پر ڪالهہ هوءَ ڪجهہ بہ تہ نہ چئي سگهي هئي. ڪيس ڏک رڳو ان ڳالهہ جو هو تہ سَرمد ايڏا سال اڳ اهو اقرار ڇو نہ ڪيو هو. جڏهن هن اهو ٻڌڻ چاهيو هو ۽ هاڻي جڏهن هوءَ پنهنجي گهر جي ننڍڙي جنت ۾ پرسڪون زندگي گذاري رهي هئي، تہ سَرمد هڪ ڀيرو وري سندس سڪون کسي ورتو هو. هن تہ سمجهيو هو تہ هوءَ سرمد کي وساري چڪي هئي، پر اها سندس ڀُلَ هئي، هو تہ اڄ بہ سندس روح اندر موجود هو. سنڌيا تہ پنهنجي محبت جي سفر جي پڇاڙي ڪري ويني هئي، پر ان سفر جي تہ شروعات ئي در حقيقت هاڻي کان ٿي رهي هئي.

تيز هوا ج جهوٽو لڳو تہ سنڌيا جي هٿ ۾ جهليل ”شاهہ جي رسالي“ جا پنا زور سان ڦڙ ڦڙ ڪرڻ لڳا، تہ سنڌيا ڇرڪجي اکيون کوليون. اکيون کولڻ سان ئي سندس بند اکين پوپان جمع ٿيل لڙڪ لار ڪري وهڻ لڳا. اوچتو سنڌيا جي نظر ”سر سامونديءَ“ جي ان وائيءَ تي پئي، جنهن کي تيز هوا جي جهوٽن کولي

نروار ڪيو هو. هن لڙڪ پنل اکين سان اها وائي پڙهي:

آيل! ڪريان ڪيئن؟ منهنجو نينهن اَپليو نہ رهي،
ويو وٽجارو اوهري، مون کي چاڙهي چيئين،
منهنجو نينهن اَپليو نہ رهي!
سامونڊين جي سڱ کي، رُئان راتو ڏينهن،
منهنجو نينهن اَپليو نہ رهي!
گُوندر مٿان جِندڙي، وَريا وَليُن جيئن،
منهنجو نينهن اَپليو نہ رهي.
مادَرِ! پائي مُنڊيون، وڃان هاريءَ سيئن،
منهنجو نينهن اَپليو نہ رهي!

سنڌيا ”شاهہ جو رسالو“ بند ڪري ڇڏيو. سندس اکين مان لڙڪ ڪرندا رهيا. خبر ناهي ڪيس ڪيتري دير گذري وئي، پر اوچتو سندس ”ٻارڙي“ جي روئڻ جي آوازڪيس سمورن خيالن مان ڇرڪائي وڌو. هوءَ تيزيءَ سان ڪمري ڏانهن ڊوڙي ڪمري ۾ پهچي هوءَ پلنگ تي سُتل معصوم ”سِپيءَ“ جي پاسي کان اچي ويٺي. هوءَ معصوم تہ گهري ننڊ ۾ هئي ۽ شايد ڪو سپنو ڏسي روئي پئي ئي. سِنڌيا اٿاهہ پيار مان ”سپيءَ“ کي ڏٺو ۽ پوءِ جهڪي هن ننڍڙي ”مهراڻ“ کي ڏٺو سندس مامتا جو جذبو پوري شدت سان اُڀري ايو ۽ هن ”مهراڻ“ جي پيشانيءَ کي بہ چميو. پوءِ سنڌيا جي نظر پلنگ جي پاسي کان رکيل اسد جي تصوير تي پئي. اسد جي چهري تي زندگيءَ سان ڀرپور مُرڪ هئي. سنڌيا بہ تصوير کي ڏسي مُرڪي پئي ۽ پوءِ پنهنجي منهن چيائين:

”سرمد! منهنجي روح اندر تنهنجو ديرو سهي، پر هينئر منهنجي زندگي ۽ وجود منهنجن معصوم ٻارن ۽ اسد جي امانت آهي. شايد تو الاهي دير ڪري ڇڏي آهي. آئون نٿي چاهيان تہ تنهنجي چاهت نروار ڪري، پنهنجي فرضن کان غافل ٿي وڃان، آئون سڀ جذبا پنهنجي روح جي اندر ئي دفن ڪري ڇڏيندس. مون توسان دل جي گهراين سان پيار ڪيو هو ۽ هاڻي بہ اٿم، پر سرمد جيئن تو ڪيو هو هاڻي اهو سڀڪجهہ مون کي ڪرڻو آهي...

جيستائين آئون زنده آهيان تون مون کان پيار جو اقرار ٻڌي نہ سگهندين. ڇو جو ائين ڪري، آئون اسد ۽ پنهنجن ٻارڙن جي مجرم ٿيڻ نٿي چاهيان ”ڳولهيان ڳولهيان مَ لهان“ اهو فلسفو رڳو تون ئي نڀائي نٿو سگهين، پر آئون بہ نڀائي سگهان ٿي.

”سنڌيا اٿي ۽ ”شاهہ جو رسالو“ ڪٺي الماريءَ ۾ بند ڪري تالو ڏئي ڇڏيائين. بلڪل ائين جڻ سرمد جي پيار کي هميشہ لاءِ روح اندر بند ڪري تالو لڳائي ڇڏيو هئائين.

(ريڊيو حيدرآباد ۽ خيرپور تان نشر ٿيل گيتن ڀري ڪهاڻي)

# ضرورتِ رشتہ

ان ڏينهن ماني کائيندي اوچتو شهباز خان جي نظر ”قومي زبان“ ۾ نڪرندڙ هڪ تمام وڏي ۽ اهم ”قومي اخبار“ جي اشتهاري صفحي (اشتهاري مجرمن واري تي نہ پر ڪمرشلااشتهارن يا ”عوامي اشتهارن“ واري صفحي) تي پئي. ان سموري صفحي تي ڪاروباري، خريد و فروخت، نوڪرين جي اشتهارن ۾ ٻين انيڪ ”حرفتي“، ”لالچي“ ”بي وقوف“ بنائيندڙ توڙي خالص ڪاروباري اشتهارن مان ڪيس ”ضرورتِ رشتہ“ جي هڪ وڏيڪالم وڏيڪ متوجہ ڪيو... نہ... نہ... ان ڪري نہ جو ڪيس ان سلسلي ۾ ڪا دلچسپي هُئي... هو تہ ويچارو ”هڪڙيءَ“ کي ئي پورو پئي نہ پي سگهيو هن وقت پڻ هو ”ضرورت رشتہ“ جو ڪالم پڙهندي گهڙي گهڙي هيڏانهن هوڏانهن ڏِسي رهيو هو تہ ڪٿي هوءَ ”جزا“ ڏسي تہ نہ پئي...ها... هو ان ڪري ”ضرورتِ رشتہ“ جي ڪالم ڏانهن ڏسي رهيو هو تہ ”رشتا“ ۽ ”ناتا“ بہ بلڪل ڪاروباري نموني ۾ مارڪيٽ ۾ رکي مختلف رنگ روغن ڏئي توڙي ”ميدانِ آمريڪا“، ”ميدِ ان ڪينابا“ ۽ ”گرين ڪارڊ“ جي جو لالچ ڏيئي ”خريد“ ۽ ”فروخت“ ڪيا پي ويا. اشتهار ڪجهہ هن قسم جا هئا:

(1) 20 سالہ خوبصورت، امريڪن نيشنلٽي رکندڙ ڪنواري دوشيزه لاءِ رشتو گهرجي. آمريڪا ۾ سيٽل ٿيندڙ توڙي امريڪا ۾ اعليٰ تعليم حاصل ڪندڙ خواهشمند حضرات خط لکي ڇوڪريءَ جا وڏيڪ ڪوائف ۽ تصوير هيٺين پتي تان گهرائي سگهن ٿا:

مسز فلاڻي... (۽ پوءِ پتو)

(2) ”پي. آئي. اي ۾ملازم 34 سالہ نوجوان، فلاڻي فرقي ۽ الاڻي ذات واري کي 30 سالن کان گهٽ، تعليم يافتہ ۽ خوبصورت ڇوڪريءَ جو رشتو گهرجي... رابطو ڪريو... (پتو)

(3) ”امريڪن نيشنلٽي هولڊر بزنس مين لاءِ رشتو گهرجي، پاڻ شادي شده اهي، ٽي ٻار آهن، پهرين زلا ۽ ٻار بہ گڏ رهندا ڇوڪريءَ جو سيد، تعليم يافتہ، خوبصورت ۽ غير شادي شده هجڻ ضروري آهي. خط لکو: معرفت...“

(4) ”ڇوڪري يوپي جي (فلاڻي) فرقي جي 35 سالہ،پوسٽ گريجوئيٽ، گورنمينٽ سيڪنڊري اسڪول ۾ ٽيچر آهي، خوش شڪل آهي. سندس لاءِ ”هم پلہ“ ڇوڪري جو رشتو گهرجي معرفت: پوسٽ بڪس......“

(5) اسان جي ڌيءَ خوبصورت، 31 سالہ تعليم يافتہ، ”همہ صفت، لاءِ بهترين رشتوڪنواري ڇوڪري جو گهرجي... ڇوڪرِي، ڇوڪري جي مائٽن سان گڏ نہ رهندي پر الڳ گهر جي خواهشمند آهي. معرفت:....“

(6) ”اسان جي نياڻي، جنهن جي عمر 22 سال آهي، انگلش ميڊيم ۾ گريجوئيٽ آهي. قد پنج فوٽ ڇهه انچ اٿس. رنگ صاف، تعلق يوپي، رهائش گلشن ۾... سندس لاءِ ڏکهي قد، 26 کان 30 سالن واري ڊاڪٽر، يا انجنيئر، يا سي اي، ايم بي اي، ملٽري ايئر فورس يا سٺي عهدي تي فائز ڇوڪرن جا مائٽ ”رجوع فرمائن“ ايڊريس...“

(7) ”ڌيءَ، (فلاڻي فرقي جي) صوم و صلواة جي پابند، خانه داري ۾ماهر، 27 ساله، ايم.ايس.سي، گجرات بمبئي سان تعلق، تعليم يافته ۽ شريف گهراڻن جا سرپرست يا والدين رابطو قائم ڪن...“

(8) 49 ساله ”ڇوڪرو“، ڪينيڊا جو سٽيزن آهي، هُو ڪنهن ليڊي ڊاڪٽر يا مالدار خود مختيار عورت سان شادي ڪرڻ ٿو چاهي، رابطوڪريو پوسٽ بڪس...“

(9) ”اسان کي پنهنجن ٻن پٽن، جن جي عمر 24 سال ۽ 25 سال آهي، گريجوئيٽ آهن، تن لاءِ گرين ڪارڊ هولڊر ڇوڪرين جا رشتا درڪار آهن.

(10) ”26 ساله، ٿورو ٿلهو ڇوڪرو، غير ملڪي پر مسلمان آهي ۽ ميڊيڪل اسٽوڊنٽ آهي ان لاءِ پاڪستاني ڪنواري يا بيوه يا خلع يافته يا طلاق يافته، نوڪري نه ڪندڙ يا گهٽ آمدني واري ليڊي ڊاڪٽر يا فارماسسٽ، يا ڊينٽسٽ جو رشتو گهرجي...“

(11) ”ڇوڪري، ڪنواري، 33 ساله، تعلق يوپي سان، بي ايڊ، گورنمينٽ ٽيچر گريڊ 16 ۾ آهي، سندس ذاتي پلاٽ آهي، امورَ خانه داري ۾ ماهر آهي، ان لاءِ معزز گهراڻي جي ”سرڪاري ملازم“ جو رشتو گهرجي...“

(12) ”اسان کي پنهنجي ڌيءَ جنهن جي عمر 27 سلا آهي، قد پنج فوٽ آهي، تعليم پي.ايڇ.ڊي برٽش نيشنل يونيورسٽي ۾حيثيت ريسرچ فيلو لاءِ رشتي جي ضرورت آهي...“

(13) ”مقامي ريڪروٽنگ ۽ ٽريول ايجنسيز جي اونر جي 18 ساله، ڪنواري ۽ خوبصورت ڇوڪريءَ لاءِ فوري رشتو گهرجي. ڇوڪري کي رهائش ۽ ڪاروبار لاءِ پندرهن لکن جي سپورٽ ڪري سگهجي ٿي...“

(14) ”هڪ يتيم، حَسين، 19 ساله دوشيزه، جنهن جو والد صاحب هڪ حادثي ۾ انتقال ڪري ويو آهي، ڇوڪريءَ کي پڻ ان حادثي ۾ دماغ ۾ ڌڪ لڳڻ سبب ويسر جي عادت ٿي وئي آهي. هن جو ياءُ ڇوڪريءَ جي يڪدم شادي ڪرڻ ٿو چاهي، ڇو ته پاڻ امريڪا پيو وڃي. ڇوڪريءَ جي نالي تي ٽيڪسٽائل مِل اهي ۽ رهائش پڻ آهي. ڇوڪري کي ڪاروبار ۾ اڌ حصو به ڏنو ويندو ۽ ڪيس ٽيڪسٽائل مل جو انتظام ۽ حساب ڪتاب به سنڀالڻو پوندو...“

(15) ”تلاش آهي هڪ آمريڪن شهريت رکندڙ / گرين ڪارڊ هولڊر، خوبصورت، تعليم يافته دوشيزه جي. هي اشتهار هڪ پيڻ پاران پنهنجي ”خوبرو“، ”ڳوري چٽي“ 28 ساله ياءُ لاءِ آهي جنهن جي مشهور امريڪن، يونيورسٽي مان انجنيئرنگ ۾ ماسٽر ڊگري وٺڻ کان پوءِ ڊبل ايم.ايس انڊسٽريل مينيجمينٽ ۾ داخلا آهي ۽ اجڪلهه مختصر موڪل تي پاڪستان آيل آهي، جنهن لاءِ

”فوري“ رشتو گهرجي...“

”مارا... هتي ته قصوئي عجيب آهي“...

شهباز خان ايترو پڙهي بيساخته رڙ ڪئي ته پيٽس بختاور جيڪا وراندي ۾ ويهي ڪپڙا سبي رهي هئي سا ڊوڙندي وٽس آئي ۽ سهڪندي چيائين:

”ڇا آهي ادا!... خير ته آهي نه...؟“

”اڙي...! ايڪ سي بڙهه ڪر ايڪ آهي...“ شهباز خان بي خيالي ۾ چيو پوءِ اوچتو ئي ڪيس احساس ٿيو سو يڪدم چيائين:

”ڪجهه ڪونهي ادي!... مڙئي اخبار جون خبرون پڙهي پيو حيرت ۾ پوان... خير آهي... خير آهي“

”اڙي ادا!... تو ته مورڳو هنيون ڪٽي ڪڍيو هو منهنجو. الائي ڇو ڏڪي ويس... ڪالهه ٻچڙو شهمير به ڪراچي ويل آهي ۽ ويو به آهي ان مُئي ماري... ڇا نالو اٿس اها ڳاڙهي لين... ائي ايرڪنڊيشن بس...؟“

”ڳاڙهي لين نه ادي... بلو لائينز... بلو لائينز...“

شهباز کلندي چيو:

”ائي ها!... اها ئي... ساڳي ڳالهه آهي... اڳ ۾ ته ٻڌو هوسين ته اهي بسون ڏاڍيون سٺيون آهن، آهستي هلن ۽ ڊرائيور ايڏو ڌيان سان هلائين جو مسافرن کي لوڏو به ڪونه اچي، پر هاڻي ته اهي ڇوريون بَسون هر ٻئي ٽئين ڏينهن هڪ ٻئي سان ٽڪرجن ٿيون... ٻچي شل شهمير پهچي ته سک جو ساهه کڻان...“ بختاور اهو چوندي وري وڃي وراندي ۾ سبڻ جي ڪم کي لڳي.

بختاور شهباز خان جي اڪيلي ڀيڻ هئي. خانداني روايتن، جهيڙن ۽ اجائي، وهمي ڳالهين سبب پٽس سندس شادي نه ڪرائي هئي. هينئر ته ويچاري عمر ۾ به الاهي مٿي چڙهي وئي هئي. سندس ته شادي ڪا نه ٿي هئي پر سڄي عمر شهباز خان جي ٻارن کي پاليندي نپائيندي گذري هيس. اصل ساهه هئس شهباز جي ٻارن ۾ بيمارين ۾ ماءُ کان وڌيڪ هن اوجاڳا ڪيا هئا. خدمتون ڪيون هيون. شهباز جا اچر پٽ ۽ هڪ ڌيءَ ”مومل“ هئي هونئن ته سيني ٻارن کي هوءَ پائيندي هئي پر ”مومل“ ۾ ته اصل ساهه هوس. شهباز خان پنهنجي ٻارن جي پڙهائي خاطر هميشه لاءِ شهر ۾ رهيو هو ۽ بختاور به هنن سان گڏ هئي. شهباز خان جي زال ۽ ڀيڻس بختاور ڳوناٽي ڇوڪرين جيان سنڌي پنج درجا پڙهيل هيون.

ايترو عرصو شهر ۾ رهڻ ڪري سندس زال توڙي ڀيڻ ڪپڙي گندي توڙي ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ گهڻو ئي ”شهري“ بڻجي ويون هيون. ڪڏهن ڪڏهن ٻارن کان ٻڌل ڪجهه انگريزي لفظ ٻڌي معنيٰ سميت ياد ڪري، اهي به ڳالهائينديون هيون. پوءِ جيڪر صحيح ڳالهائينديون هيون ته خير نه ته هڪ جو ٻيو ڪري وينديون هيون ته ٻارن جا ٽهڪڙا پيا پوندا هئا.

ھر شيءِ سان گڏ ”چورو“ يا ”چوري“ چوڻ بختاور جو تڪيہ ڪلام ھوندو ھو پوءِ اڪثر ھوءَ اھڙا جملا ڳالھائيندي نظر ايندي ھئي:

”ائي!... مونکي تہ چورا گوگڙو ڏاڍا ٿا وڻن. پائيان جيڪر روز گھرائي کانوان...“

”ائي! اج وري ھي چوريون پينديون آھيون آھن. مائي ھاڻي تہ ڪائي ڪڪ ٿي پيا آھيون...“

ائين ”چوريون پليٽون“، ”چوروگلاس“، ”چوري ڪرسي ٽيبل ۽ انيڪ شيون ائين نوازيون ھيون شھمير، مھراڻ سرواڻ ۽ مومل پڻ سندس نقل ڪري ”چوري چاءِ“، ”چورو خط“ وغيره چوندا ھئا.

ھا... سو ذڪر پئي ھليو شھباز خان جو ”ضرورتِ رشتہ“ جي ڪالمن ۾ پڙھڻ جو بختاور جي ويڇڪان پوءِ شھباز وري چور نظرن سان ھيڏانھن ھوڏانھن ڏنوءِ وري پڙھڻ لڳو ۽ پوءِ پڙھڻ کان پوءِ سمورن رشتن جي ”خريد“ ۽ ”فروخت“ وارا اشتھار ڳڻڻ لڳو جن جو انگ چاليھن کان مٿي ٿي ويو. انھن کان سواءِ مختلف ”شادي ڪمپنين پاران پڻ ڪجھہ اھڙا اشتھار ڏنل ھئا:

”ٽيليفون تي فري رجسٽريشن ۽ اعليٰ رشتن لاءِ سھولتون موجود معرفت مسز فلاڻي... ميرج بيورو...“

”مقدس فرض جي ادائگي لاءِ والدين پٽن / ڌيئرن جي معياري ۽ اعليٰ رشتن لاءِ اچن...“

”مارا!... ماڻھو تہ الائي ڇو دلچسپ ڪھاڻيون پڙھڻ لاءِ ايڏا پئسا خرچ ڪري ڪتاب وٺندا آھن... ھنن کي تہ اخبارن جا اھڙا صفحا پڙھڻ گھرجن... نيون نيون ڪھاڻيون ۽ دلچسپي پڻ ملي ويندن.“

شھباز خان اخبار ويڙھي ٽيبل تي رکي ۽ پوءِ سوچ ۾ ٻڏي ويو. سندس ذھن ۾ ان وقت انيڪ سوال گونجي رھيا ھئا.

ڇا ھي رشتن بابت جيڪو ڪجھہ لکيل ھوندو آھي اھو سچ ھوندو آھي؟ ڇا اھي رشتا ٽيندا بہ آھن؟

ڇا اھو محض ڪاروبار يا ماڻھن کي ڦاسائڻ جو چڪر آھي؟ ڇا مائٽ پنھنجي اولاد کي سوڌي سنواري خوشيءَ سان ”مارڪيٽ“ ۾ رکندا آھن؟

ڇا ان مھل انھن وٽ شرم يا غيرت نالي جي ڪا شيءِ ڪا نہ ھوندي آھي؟

اوچتو ئي اوچتو شھباز جي ذھن ۾ ھڪ اھڙو خيال آيو ھڪ لمحي لاءِ جو ڪيس پنھنجي پٺيءَ جي ڪنڊي ۾ بجليءَ جي لھر ڊوڙندي محسوس ٿي ھن سوچيو تہ:

”جيڪڏھن ڪو وقت اھڙو بہ اچي وڃي جو اسان جون اخبارون پڻ اھڙن اشتھاري صفحن سان ڪاراڻجي وڃن... نہ تہ... خدا نہ ڪري.. الله نہ ڪري.. اڃا اسان ۾ غيرت آھي.“

”ھا! اھا غيرت آھي جو ڇوڪرين کي ”بختاور“ وانگر سڄي عمر گھرن ۾ ويھاري فقط ڀائرن جا ٻار پالڻ لاءِ ”آيا“ ڪري رکجي يا وري مومل جھڙي پياري ۽ سڀاڄھي ڇوڪرين جا رشتا ڪڏھن انا

پرستي، ڪڏهن خانداني جهڳڙن، ڪڏهن ”اسٽئنبرڊ“ جي هيٺ مٿاهين، ڪڏهن شڪل صورت جو بهانو تہ ڪڏهن وري ذات پات جي اجائي فرق جي وهمن سبب سندن عمر ويهي برباد ڪبي آهي!!
اندر مان آواز آيس تہ شهباز بي اختيار سامهون رڌڻي ۾ ماءُ سان رڌ پچاءُ ۾ هٿ ونڊائيندڙ مومل ڏانهن ڏٺو... هوءَ جيڪا تعليم يافتہ هئي. سهڻي سپاجهي سُگهڙ هئي... هن لاءِ پندرهن سالن جي عمر کان وٺي ڪيڏيون مائٽيون آيون هيون، پر ڪڏهن پاڻ تہ ڪڏهن سندس زال کي سدائين اعتراض هوندو هو”نہ نہ!... ٻي ذات ۾ تہ ڇوڪريءَ کي پرڻائڻ جو تہ سوچي بہ نٿو سگهجي...“

”ڇوڪرو تہ شڪل جو سٺو ئي ڪونهي... اسان جي نياڻي تہ مومل آهي!

”باقي تہ سڀ ٺيڪ آهي پر ڇوڪري وٽ نوڪري تہ وڏي هئڻ گهرجي.

”نہ نہ!... مائي ڇوڪرو گهٽ ۾ گهٽ اسان جي ”اسٽئنبرد“ جهڙي خاندان جو تہ هجي... نہ تہ ماڻهو ڇا چوندا...؟“

... ۽ ائين مومل پندرهن کان اٺاويهہ سالن کي پهچي وئي. ڪيترائي سڱ ٽڪرايا ويا. خاندان وارن سان مختلف جهڳڙن ۽ اجائي اناپرستي ڪري هو اڳ ۾ ئي راضي نہ هئا ۽ پوءِ نيٺ هڪ وقت اهڙو بہ آيو جو رشتا اچڻ ئي بند ٿي ويا... پوءِ تہ ڪجهہ وقت کان پوءِ شهباز خان ۽ سندس زال کي اچي فڪرن ورايو هو ۽ کين پنهنجي ڪيترين ئي غلطين جو پڻ احساس ٿيو هو.

... ٻن ٽن سالن جي وقفي کان پوءِ وري هڪ ڇوڪري پاران پيغام آيو هو... باقي تہ سڀ ڳالهيون ٺيڪ هيون پر ڇوڪرو ٻي ذات جو هو. اتي وري شهباز سوچ ۾ پئجي ويو هو ۽ سندس زال ذات تي ڪو بہ اعتراض نہ ڪيو هو بس ماٺ ٿي وئي هئي. سڀاڻي ڇوڪري جا مائٽ آخري جواب وٺڻ لاءِ اچڻا هئا...

هينئر شهباز خان سوچ ۾ پئجي ويو هو. الائي ڇو اخبار ۾ رشتن جي ”وڪامجڻ“ جا اشتهار پڙهي سندس اندر جڻ زلزلو اچي ويو هو... ڪيس الائي ڇو ائين محسوس ٿي رهيو هو تہ انهن بيشمار اشتهارن جي وچ ۾ هڪ اشتهار ٻيو بہ هو:

”اسان جي ڌيءَ مومل، خوبصورت، تعليم يافتہ...“

”نہ نہ... مولا نہ ڪري... رب نہ ڪري“... شهباز سڄو سارو ڏڪي ويو هو.

... ۽ پوءِ شام جو هو سندس زال ۽ پيڻ سان گڏجي مومل لاءِ آيل سڱ بابت ڳالهائي رهيا هئا.

”سچ پچ تہ هاڻي مونکي تہ ذات تي بہ اعتراض ڪونهي...“ شهباز جي زال اهو چئي ڪنڌ کڻي هيٺ ڪيو هو.

”آئون خود انهيءَ سوچ جو آهيان پر شهمير ماءُ سچ تہ رڳو ماڻهن جي ڳالهين ٺاهڻ جو ڊپ ٿئي ٿو. ان ڪري اسان جهڙا ماڻهو ان وقت جو انتظار ڪندا آهن، تہ اسان جهڙن ماڻهن مان اهڙو وڏو قدم پهريائين ٻيو ڪير کڻي، تہ اسان بہ ان ٺهيل نئين گس تي هلون پر پاڻ اهو ”پهريون“ قدم کڻڻ کان ڊڄون ٿا ان ڪري نہ. جو اسين ان ڪم کي غلط ٿا سمجهون پر اسين ڊنل انسان آهيون... خوف ٿا

ڪائون...“

”واھہ ادا!... اسان جھڙا ماڻھو عام ناسانن ڪان تہ خوف ٿا ڪائين ۽ سندن غلط ۽ اجاين ڪوڙين رسمن ڪي تہ ڇھتا پيا ھوندا آھيون باقي الله ڪان خوف نہ ڪائيندا آھيون ۽ الله جي قانونن ۽ شريعت جي پيچڪڙي ڪندي ذرو بہ نہ ھبڪندا آھيون“... بختاور چيو ھو.

شهباز خان ڪي ان مهل بختاور جون اکيون ڪنهن صحرا جيان لڳي رهيون هيون، جنهن ۾ سرابن پنيان پتڪندڙ سندس سڄي عمر جا خواب ساڻا ٿي مري سندس اکين ۾ رهجي ويا هئا... ۽ پوءِ هن پوري اعتماد سان سيني گھر وارن سان گڏجي شهمير، مهراڻ ۽ سرواڻ کي مضبوط سهارو بڻائي ٻئي ڏينهن مومل جو سڱ منظور ڪيو هو... گھر ۾ هر پاسي سَرهائي پکڙجي وئي... سڀ پڌريءَ جي رسم پوري ڪرڻ ۾ لڳي ويا... بختاور تہ ڪڏهن مومل تان صدقو پئي ٿي، تہ ڪڏهن وري هي رڙيون ڪندي نظر ٿي آئي:

”ائي مون ڇوريون سوپاريون الائي ڪٿي رکيون هاڻي تہ ڏسان ئي ڪو نہ ٿي...“

۽ ”ڇورين سوپارين“ تي گھڙي گھڙي سيني ٺهڪڙا ٿي گونجيا.

# فيصلو

”شاني! پٽ... اڄوڪي پڊنگ ڪيئن هئي؟“ صبا ڪمري ۾ داخل ٿيندي ننڍڙي شاني کان پڇيو

”فرسٽ ڪلاس... هوندن بہ آنٽي اوهان جي ڏاهيل تہ هر شي ئي سٺي ٿيندي آهي“ شاني پيار مان صبا کي ڳرانڊڙي پائيندي چيو ”بس بس.“ صبا بہ کيس پيار ڪندي چيو ”خوشامند نہ...“ ۽ پوءِ ٻئي کلي پيا، اوچتو امان ڪمري ۾ اندر آئي ۽ چيائين:

صبا!... شاني جو پيءُ کيس وٺڻ آيو آهي ان کان اڳ جو صبا ڪو جواب ڏئي ها شاني گوڙ ڪرڻ شروع ڪيو نہ... نہ آنٽي... اڄ آئون پپا سان گڏ نہ ويندس... اڄ آئون اوهان وٽ رهندس... آئون گهر نہ ويندس...

پر آخر ڇو...؟“ صبا پڇيو.

”آنٽي؟ اڄ مون پنهنجي فرينڊ کان تمام سٺا اسٽوري بُڪَ آندا آهن اڄ اوهان مون کي اهي پڙهي ٻڌائجو گهر ۾ تہ سڀ جلدي سمهي پوندا آهن... آيا امان بہ ۽ پپا بہ... ۽ پپا مونکي ڪهاڻيون بہ پڙهي نہ ٻڌائيندو آهي“... شاني روئڻهار ڪو ٿيندي چيو.

”پر... شاني! اڄ تہ توهان پنهنجي پپا کان هتي رهڻ لاءِ اجازت بہ نہ ورتي آهي... ائين ڪريو جو اڄ تہ اوهان گهر وڃو سڀاڻي آئون توهان جي پپا کان اجازت وٺي توهان کي هتي وٺي ايندس، صبا کيس سمجهائيندي چيو. ”پر مس...“ شاني معصوميت سان پڇيو ها... پر! مس صبا سندس وارن ۾ آڱريون ڦيرائيندي چيو: ”نہ صرف اهو سڀاڻي شام جو اسان آئوٽنگ تي بہ وينداسين ۽ آئس ڪريم بہ کائينداسين.“

هُرا!... شاني خوشي مان رڙ ڪئي ”پوءِ ملايو هٿ“ ما کلندي سندس هٿ پڪڙي سندس هٿ ۾ ڏنو ۽ کيس پيار ڪيائين، امان پوءِ شاني کي وٺي وئي.“

•

”صبا!... امان آفيس وڃي پئي ڇا؟“ امان رڌڻي مان رڙ ڪندي پڇيو ”ها امان!...“ صبا جواب ڏنو امان رڌڻي کان ٻاهر ايندي چيو ”رات پاڙي واري وري ڊاڪٽر ساجد جو پيغام کڻي آئي هئي، تي چار ڀيرا جواب گهري چڪي آهي پوءِ... آخر ڇا جواب ڏيانس ڪهڙو فيصلو ڪيو اٿئي؟...“

”امان! هينئر تہ مونکي دير پئي ٿئي، ان موضوع تي پوءِ ڳالهائينداسين اڄ صبح جو تہ اڪ بہ دير سان کلي الله ڪري تہ ڪا ”سواري بہ جلد ملي.“ صبا اهو چوندي تڪڙ ۾ پرس کڻندي ٻاهر وڃڻ

لڳي، ”صبا!... ڏيءَ نيرن تي ڪرين ها“ ”امان پنيان رڙ ڪندي چيو تہ ”امان... دير ٿي ٿئي... صبا اھو چوندي ٻاھر نڪري آئي ھوءَ ڪيتري ئي دير بيٺي رھي پر ڪا بہ سواري نہ مليس اوچتو پري ڪان ھڪ خالي رڪشا ايندي ڏٺائين تہ رڙ ڪيائين ”رڪشا رڪشا.“

پر رڪشا وارو بيٺو نہ ھليو ويو ھوءَ ويتر پريشان ٿي وئي، اوچتو ئي سندس پر سان ڪار جي بريڪ لڳڻ ۽ بيھڻ جا آواز آيا تہ ھوءَ ڇرڪي اوڏانھن ڏسڻ لڳي. سندس پر ۾ ڊاڪٽر ساجد جي ڪار بيٺل ھئي، ھن ڪيس مخاطب ٿيندي پڇيو

”صبا صاحبہ!... آفيس وڃڻوا ٿوَ؟... اچو آئون ڊراپ ڪري ڇڏيندس“

نہ... نہ... ساجد صاحب! اوھان تڪليف نہ ڪريو ملي ويندي ڪا سواري“ صبا جواب ڏنو:

”تڪليف ڇڏيو ائين وڌيڪ دير ٿي ويندوَ مون کي ڪا بہ تڪليف نہ ٿيندي“

ڊاڪٽر ساجد چيو. ”توھان شاني کي اسڪول ڇڏي آيا؟“ صبا چيو ”ھا... ھينئر ھاسپيٽل پيو وڃان توھان کي بہ ڊراپ ڪندو ويندس اچو.. پليز.. ساجد ڪار جو دروازو کوليندي چيو. صبا کي بہ دير ٿي چڪي ھئي. ان ڪري ھن وڌيڪ بحث ڪرڻ مناسب نہ سمجھيو ۽ پنين سيٽ تي وڃي ويھي رھي. گاڏي اسٽارٽ ٿي ڊرائيونگ ڪندي اوچتو ڊاڪٽر ساجد ڪيس مخاطب ڪيو:

”صبا صاحبہ!... اوھان کي يقينن منھنجو پيغام تہ ملي ويو ھوندوَ صبا ڪيس ڪو بہ جواب نہ ڏنو ۽ خاموسي سان دري کان ٻاھر ان ڏسندي رھي ساجد ڪجھہ دير تہ سندس ڳالھائڻ جو انتظار ڪيو پر سندس ڪو بہ جواب نہ پائي وري پاڻ ئي پنھنجي ڳالھہ کي اڳتي وڌائيندي چيو:

”صبا صاحبہ!... اسين ھاڻي عمر جي ان دور ۾ آھيون جنھن ۾ جذبات سان نہ پر عقل ۽ بردباريءَ سان فيصلا ڪيا ويندا آھن. اسان جي وچ ۾ روايتي تڪلف نہ ھئڻ گھرجي ڇو تہ اوھان اعليٰ تعليم يافتہ ۽ سمجھدار آھيو انڪري اڄ آئون اوھان جي گھر شام جو ايندس تہ جيئن اسان جي مستقبل جو فيصلو ڪرڻ کان اڳ تفصيل سان ڳالھايون..“

”مونکي ڪجھہ بہ سمجھہ ۾ نٿو اچي تہ ڪھڙو فيصلو ڪجي....“ صبا پريشان ٿيندي چيو:

”انڪري ئي تہ اڄ اوھان وٽ اچي پنھنجو مسئلو سمجھائڻ ٿو چاھيان تہ جيئن اوھان کي بہ پنھنجي زندگيءَ جو اھم فيصلو ڪرڻ ۾ سولائي ٿئي...“

”جي!“ ھوءَ وڌيڪ ڪجھہ بہ نہ چئي سگھي ۽ سندس آفيس اچڻ تائين ھو ٻئي خاموش رھيا، صبا ڪار مان لھندي چيو:

”اوھانجي تمام گھڻي مھرباني...“

”آئون تمام اسٽريٽ فارورڊ ماڻھو آھيان، مون کي اھڙن روايتي جملن جي گھرج ڪونھي.“

•

ٽريفڪ جو گوڙ ڪنن کي ايذائي رھيو ھو. صبا جي حالت سخت گرميءَ ۽ ٿڪَ سبب خراب

هئي جو هوءَ ڪيتري ئي دير ڪان سواري جي انتظار ۾ روڊ پرسان فٽ پاٿ تي بيٺل هئي ۽ سوچي رهي هئي تہ "اڄ تہ لڳي ٿو تہ قسمت ئي خراب هئي جو صبح جو بہ ايئن ٿيو ۽ هن وقت بہ" ڇو تہ ڪيس پڪ اينڊ ڊراپ ڏيڻ واري وين ان ڏينهن نہ آئي هئي.

"توهان.... صبا آهيو نہ ؟" اوچتو ڪنهن مرد جو آواز ٻڌي هن نهاريو تہ هڪ ڪار سندس آڏو بيٺل ڏٺائين, ڊرائيونگ سيٽ تي ويٺل ماڻهوءَ کي ڏسي ڪيس شديد جهٽڪو لڳو ۽ سندس زبان مان بي اختيار نڪتو:

"رضا...!!!"

"پوءِ تہ پَڪ ٿي تہ توهان صبا ئي آهيو. الاهي وقت ڪانپوءِ ڏٺو اٿم, ڪجهہ بدلجي بہ ويون آهيو پوءِ بہ سڃاڻي ويس پر پوءِ بہ ڪنفرم ڪرڻ ضروري هو...." هو چوندو ويو.... اهوئي سندس مخصوص زنده دل لهجوءِ آواز هو.. صبا کي ڪجهہ سمجهہ ۾ نہ پئي آيو..

"سيڪجهہ پڇي ونجو پر بيٺي بيٺي نہ.... اچو ڪار ۾ ويجهو. آئون توهان کي ڊراپ ڪري ڇڏيندس...."

صبا ڪشمڪش ۾ هئي تہ پويان ايندڙ گاڏين جي هارن سبب رضا کي بيچين ڏسي هوءَ خاموشيءَ سان ڪار جو پويون در کولي ويهي رهي ۽ رضا ڪار کي اڳتي وڌايو....

"رضا! هتي ڪيئن اچڻ ٿيو؟" هن ٿوري دير بعد وري پڇيو تہ رضا هڪ نظر آئيني تي وجهي ڪيس ڏٺو ۽ پوءِ چيو:

"آفيس جي هڪ ڪم سان آيو آهيان ۽ هڪ ٻن ڏينهن ۾ هليو ويندس, هوئين بہ تنهنجو ظالم شهر مون کي ترسڻ ڪِٿان ڏيندو.. هي شهر تہ منهنجن خوابن ۽ جذبن جو مدفن آهي.... هتي قدم قدم تي وڪريل ماضيءَ جون يادگيريون مونکي سُک سان ويهڻ ڪِٿان ڏينديون..."

سندس جواب ٻڌي هوءَ گنبي وئي ۽ چيائين:

"تون بلڪل بہ نہ بدليو آهين... ساڳيو ضد, ساڳيو جنون... وقت توکي بدلائي نہ سگهيو آهي..."

"تنهنجي شادي تنهنجي ڪزن سان ٿي هئي... ڪيئن پيئي گذري زندگي ....؟"

"اها شادي ڪامياب نہ وئي...." صبا چيو تہ هن کي جهٽڪو لڳو.."

"ڇا مطلب.....؟" هن پڇيو:

"هن مونکي طلاق ڏئي ڇڏي هئي شاديءَ جي ٻن سالن کان پوءِ...."

صبا کيس گهر جو رستو بہ ٻڌائيندي رهي, هن گاڏي سندس گهر آڏو اچي بيهاري, هن دروازو کوليو تہ رضا چوڻ لڳو:

"آئي ايم سوري ٽو هيئر دِس (مون کي اهو ٻڌي افسوس ٿيو..)"

"ڊراپ ڪرڻ لاءِ مهرباني..."

ھوءَ ڪار مان لٿي.
”ھينئر تہ آئون تڪڙو آھيان... سڀاڻي شام جو گھر ايندس ۽ امان بابا سان بہ ملندس...“
”صرف امان سان مِلي سگھندا... بابا جي ھڪ سال اڳ وفات ٿي وئي....“
”اوھہ آئون ايندس سڀاڻي...“

•

ڪمري ۾ اونداھہ ڇانيل ھئي، صبا پنھنجي بيڊ جي سيراندي ڪي ٽيڪ ڏئي، ويٺل ھئي، لڙڪ سندس اکين مان لارون ڪري وھندا رھيا. ان مھل ياسمين سندس ڪمري جو در کولي اندر داخل ٿي ۽ ھن ڪمري جي لائٽ آن ڪندي کلندي چيو ”اوه محترمہ! ھوش ۾ آھيو يا خوابن جي دنيا ۾؟ صبا پنھنجو مٿو مٿي ڪيو سندس وار وکريل ھئا ۽ اکيون بيحد ڳاڙھيون ھيون. ياسمين يڪدم سندس پاسي ۾ اچي ويٺي ۽ چيائين ”صبا ھي ڇا؟ تون روئين پئي؟ خيريت تہ آھي نہ؟“ وري ياسمين اٿي ۽ ڪيسٽ پليئر بند ڪيائين ۽ چيائين ”آخر آھي ڇا...؟ ڪمرو ۽ تون، ٻئي اجڙيل ڇو آھيو؟“
”ڪا خاڳالھہ ڪانھي... بس ائين... ئي“ صبا سڏڪا روڪڻ جي ڪوشش ڪئي.“ خير... ائين تہ ڪونھي تو مون کي اچڻ لاءِ نياپو موڪليو ھو، آئون تہ ان مھل ئي سمجھي ويس تہ ڪا پريشان ھوندئي“ ياسمين اڃان پنھنجي ڳالھہ پوري ئي مس ڪئي ھئي تہ ڪمري جو دروازو کليو ۽ امان چانھہ جي ٽري کڻي اندر آئي ۽ ٽيبل تي رکيائين، چانھہ سان گڏ بسڪيٽ ۽ پڪوڙا بہ ھئا اھو ڏسي ياسمين چيو ”ماسي ھي ڇا؟ ايڏو تڪلف؟ آئون ڪا ڌاري تہ ڪو نہ آھيان“ امان کھڙو وري تڪلف... ياسمين! ڏيءَ چڱو جو تون ھلي آئين مون کي پاڻ تو سان ڪم ھو“ امان چيو ”ھا ماسي ٻڌايو ياسمين پڇيو ”ڏي! تون ئي ڪجھہ صبا کي سمجھاءِ ڊاڪٽر ٽي چار نياپا موڪليا آھن پر ھي منھنجي ڳالھہ ئي نٿي ٻڌي اھا تہ سندس قسمت چڱي آھي جو ھڪ دفعو وري سندس گھر نھڻ جي واھہ نڪتي آھي نہ تہ اڄڪلھہ جي دور ۾ تہ ڪيتريون ئي پڙھيل ۽ ننڍيون نيٽيون ويٺيون آھن گھرن ۾ سٺا رشتا ملڻ ڪا سولي ڳالھہ ڪانھي ۽ ڊاڪٽر تہ وري ڏاڍو شريف ۽ فضيلت وارو ماڻھو آھي“ امان چيو ”ماسي... بس آئون اچي وئي آھيان... ھاڻي پاڻھي ٿي ڳالھايانس“ ياسمين صبا ڏانھن ڏسندي چيو. ”بس امان... الله ڪا ساجھہ ڏئيس“ اھو چوندي امان ڪمري کان ٻاھر ھلي وئي ياسمين ٽري مان ھڪ ڪوپ کڻي صبا کي ڏيندي چيو. ”اچي محترمہ ھاڻي چانھہ تہ پيلا پئيو“ صبا ڪانئس چانھہ جو ڪوپ ورتو ۽ پوءِ سنجيدگي سان چيائين ”ڏس صبا... ماسي ڪيڏي نہ پريشان آھي تو لاءِ“، ”ھونھہ پريشان“ صبا جا اکين ۾ اٽڪيل ڳوڙھا وري لار ڪري وھڻ لڳا ۽ ھن سڏڪندي چيو ”منھنجي زندگي بہ تہ امان بابا جي ضد ئي برباد ڪئي ھئي.“ ”اھو سڀ تہ ٺيڪ آھي پر ھاڻي جيڪو ٿيو سو تہ ٿي پر ھاڻي اڳتي لاءِ سوچي سمجھي قدم کڻڻو اٿئي ڊاڪٽر ساجد لاءِ ڪھڙو فيصلو ڪيئي؟“ ياسمين پڇيو؟ ”ڪجھہ بہ نہ“ صبا مختصر جواب ڏنو. ھوءَ پاڻ تي ڪنٽرول ڪري چڪي

ھئي، ”چو ڇا شاني سان پيار نہ اٿئي؟“ ياسمين چيو صبا ڄڻ ڪنھن خواب مان جاڳي پئي ”شاني تہ منھنجي جان آھي،“ منھنجي زندگي آھي، ”پوءِ شاني کي رڳو تون ئي سڀ ماءُ جھڙو پيار ڏئي ٿي سگھين ھن معصوم جي زندگي جي اھم فيصلي جي ڏور تنھنجي ئي ھٿ ۾ آھي.“ ياسمين کيس سمجھائيندي چيو ”آئون اھا ڳالھہ سمجھان ٿي اڄ ساجد صاحب ان ئي سلسلي ۾ مون سان ڳالھائڻ اچي رھيو آھي.“ صبا ڪنڌ ھيٺ ڪندي چيو ”صبا ياسمين“ چيو سچ پچ تہ ادا ساجد بھترين انسان آھي ۽ ھن کي بہ شاني جي مستقبل جي ڳڻتي آھي نہ تہ سندس لاءِ بي ڪنھن بہ ڇوڪري سان شادي ڪرڻ ۾ ڪا رڪاوٽ ڪانھي ھاڻي مھرباني ڪري ھن سان اڄ سٺي نموني ڳالھائجان ۽ پوءِ جلدي ڪو فيصلو بہ ڪري وٺجان“ ”ھون“ صبا ھلڪي آواز ۾ چيو ”بس؟“ ياسمين کلندي چيو ڳالھہ بہ ايتري ھئي نہ ان لاءِ ايڏي پريشان ھُئين؟ ۽ ايڏو روڄ راڙو“

نہ صبا ٽڪڙ ۾ سندس ڳالھہ ڪٽيندي چيو. ”اھا تہ بي ڳالھہ آھي“ ”ڇا مطلب؟ اھا وري ڪھڙي ڳالھہ آھي؟“ ياسمين حيران ٿيندي پڇيو. ”ياسمين... ھو... ھو.. اڄ“ صبا اٽڪندي اٽڪندي چيو ۽ ڳالھہ ڇڏي ڏني. ”ھا... ھا صبا ڇا ٿيو اڄ؟“ ياسمين بيچين ٿيندي پڇيو اڄ... ”اڄ رضا مليو ھو.“، ”اڄ؟ ڪٿين ھو؟“ ياسمين پڇيو صبا جي چھري تي غم جا پاڇا گھرا ٿي ويا. ھن خلا ۾ گھوريندي بيحد اداس لھجي ۾ چيو. الاھي ھوجلدي ۾ ھو انڪري گھڻو نہ ڳالھائي سگھيا سين پر کيس ڏسي اڄ وري ڄڻ منھنجو ماضي موٽي آيو آھي. ياسمين امان ۽ بابا جي ضد منھنجي زندگي برباد ڪري ڇڏي. ھنن مون کي پنھنجي خانداني روايتن تي قربان ڪري ڇڏيو.“ ياسمين صبا جو ڏک چڱي طرح ڄاتو ٿي ھو نہ صرف يونيورسٽي ۾ پڙھائي دوران سندس ڪلاس فيلو ھئي پر سندس بيحد پياري ساھيڙي بہ ھئي ۽ ھو ٻئي ھڪ ٻئي جي ڏکن سکن جو ساٿي پڻ ھيون، ھن صبا کي چيو صبا ڪجھ ڏوھہ تہ تنھنجو بہ ھو تون ايڏي تعليم يافتہ ۽ ماڊرن ھئڻ جي باوجود بہ ٿروي ھمت ڪري بغاوت نہ ڪري سگھئين تون ڪنھن غلط ڪم لاءِ تہ بغاوت نہ ڪرين ھا پر اھو تنھنجو قانوني ۽ شرعي حق ھو. رضا تہ تو سان ڪورٽ ميرج ڪرڻ لاءِ تيار ھو ھمٿ تہ تون ھاري ويٺئين ۽ رضا سان شادي کان انڪار ڪري پنھنجي اڻ سڃاتل مائٽ سان شادي ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وئين آخر ڇو؟“

”ياسمين“ صبا ڄڻ ڏکن جي پاتال مان ڳالھائيندي چيو ان وقت آئون مجبور ھيس ڇو جو ان مھل منھنجي سامھون صرف منھنجي پنھنجي ذات نہ پر منھنجي ننڍي ڀينرن جو مستقبل پڻ ھو ۽ انھن جو مستقبل مون سان وابستہ ھو انڪري منھنجو اھڙو ڪو بہ فيصلو انھن جون زندگيون تباھہ ڪري ٿي سگھيو. توکي تہ خبر آھي تہ اسان جو ڪو بہ ڀاءُ نہ ھو ان ڪري بابا اسان ڀينرن تي گھڻي توجھ ڏني ۽ خانداني رسمون ٽوڙي اسان کي يونيورسٽي تائين پڙھايو ۽ ھر قسم جي آزادي بہ ڏني پوءِ ڀلا آئون ان آزادي جو غلط استعمال ڪيئن ڪريان ھا. ”حيرت جي ڳالہ آھي، ياسمين چيو تنھنجن مائٽن توھان کي ھوئين تہ ايڏي آزادي ڏني پوءِ زندگي جي سڀ کان وڏي فيصلي ڪرڻ لاءِ آزادي ڇو نہ ڏني؟“ اھا ئي تہ ڏک جي ڳالھہ آھي ياسمين صبا چيو ”ان معاملي ۾ منھنجا مائٽ بہ روايتي مائٽ

ٻڌجي ويا رضا خاندان کان ٻاھر جو ۽ ٻي ذات جو ماڻھو ھو ۽ ان وقت امان بابا جي سامھون رڳو ذات پات ۽ خانداني روايتون ھيون ۽ ياسمين جيڪڏھن ان وقت آئون بغاوت ڪريان ھا تہ ڏوھي مون ڪان وڌيڪ منھنجي تعليم ۽ آزادي کي سمجھيو وڃي ھا جيڪي بابا خانداني روايتن کي ٽوڙي مون کي ڏنيون ھيون ۽ پوءِ منھنجي ڏوھہ جي سزا منھنجون ننڍيون ڀوڳين ھا ۽ ھميشہ لاءِ علم ۽ آزادي جھڙين نعمتن کان محروم ٿي وڃن ھا. پر پوءِ شادي کان پوءِ جڏھن منھنجي ھٿ ۾ طلاق نامون ڏئي معصوم ٻار سميت گھر موٽايو ويو تہ امان ۽ بابا جون اکيون کليون ۽ پوءِ ھنن خانداني رسم رواج ختم ڪري منھنجي ننڍي ڀينرن جون شاديون خاندان جي اھڙن ڇوڪرن سان ڪرڻ بدران سٺن پڙھيل ۽ خاندان کان ٻاھر جي ڇوڪرن سان ڪيون ۽ اڄ اھي سڀ پنھنجن گھرن ۾ خوش آھن بس انھي ڳالھہ جي ئي تہ خوشي اٿم تہ منھنجي ڏنل قرباني سجائي وئي ۽ منھنجي ڀينرن جا گھر برباد ٿيڻ کان بچي ويا.“

ياسمين خاموشي سان صبا جي ڳالھہ ٻڌي ۽ پوءِ کيس سمجھائيندي چيائين ”ڏس صبا! جيڪو ڪجھہ بہ ٿي چڪو آھي، ان کي وسارڻ جي ڪوشش ڪر ھاڻي تہ رضا جو بہ مڱڻو ٿي چڪو آھي. سندس مائٽن کيس نيٺ وڏي مشڪل سان مڃائي ورتو نہ تہ ھن تہ شادي نہ ڪرڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو ھو پر ھاڻي جلد ئي سندس شادي بہ ٿيڻ واري آھي وقت جي ڦيري ھاڻي سوچن جا لاڙا ڦيرايا بہ آھن، اڳ ۾ مائٽن جو ڪيل غلط فيصلو تون ڀوڳي چڪي آھين پر ھاڻ فيصلو تنھنجي ھٿ ۾ آھي، تون باشعور ۽ تعليم يافتہ آھين، آئون سمجھان ٿي تہ تون ادا ساجد جي حق ۾ فيصلو ڪري سمجھداري جو ثبوت ڏيندئين“ ياسمين ڪيري ئي دير کيس سمجھائيندي رھي ۽ مختلف طريقن سان کيس ڪلائيندي بہ رھي ۽ پوءِ صبا جو موڊ بہ صحيح ٿي ويو ۽ سندس چھري جي رونق ڪجھہ ڪجھہ موٽي آئي پوءِ ڪانئس موڪلائڻ وقت کيس وري سمجھائيندي چيائين. ”صبا ھاڻي پاڻ کي بلڪل نارمل ڪر ڪجھہ ئي دير ۾ ادا ساجد ايندو ان ڪري پاڻ کي ٺيڪ ڪر ۽ سٺي طرح تيار ٿي ويھہ ۽ ھا ادا ساجد سان سٺي نموني ڳالھائجان آئون وري ايندس ٺيڪ آھي نہ“

”ھا سائين جيئن سرڪار جو حڪم“ صبا اھو چئي زور سان ٽھڪ ڏنو تہ ياسمين کي پنھنجي ڪنن ۾ ڄڻ جلترنگ وڄندي محسوس ٿيو. ھن صبا جي مرڪندڙ چھري کي ڏسي بي اختيار چيو“ شل سدائين ائين مرڪندي رھين.“

•

”ساجد صاحب!... چاءِ وٺو...“ صبا ٽري مان چانھن جو ڪوپ کڻي ڊاڪٽر ساجد ڏانھن وڌائيندي چيو. ”مھرباني!“ ساجد ڪانئس چاءِ جو ڪوپ وٺندي چيو. ”ھي بسڪٽ بہ تہ کڻو نہ“ صبا بسڪيٽن جي پليٽ بہ ڏانھس وڌائيندي چيو تہ ساجد سندس شڪريو ادا ڪندي پليٽ مان ھڪ بسڪيٽ کنيو. ڪجھہ دير خاموشي رھي ۽ ھو ٻئي سان چاءِ پيئڻ لڳا. ساجد پنھنجي خيالن ۾ گم ھو. صبا اڄ ڦھريون

پيرو سندس سامهون ايڏي دير ويٺي هئي ۽ ساڻس ڳالهايو هو. ائين ڪٿي چئجي تہ هن پهريون پيرو ڪيس چڱي طرح ڏٺو هو. سندس عمر ڇٽيهہ سال هئي ۽ هو سوبر ۽ سٺي سخصيت جو مالڪ هو ۽ سندس اخلاق ۽ سٺي گفتگو پڻ صبا تي سٺو تاثر ڇڏيو هو.

”صبا صاحبہ! شانيءَ کي سنڀالي اوهان سچ پچ تہ منهنجي ۽ شانيءَ جي مٿان وڏو احسان ڪيو آهي. “ ساجد صبا کي چيو تہ صبا ڄڻ پنهنجي خيالن جي دنيا مان نڪري آئي ۽ چيائين:

”ساجد صاحب! احسان وري ڇا جو؟ شانيءَ جي ماءُ منهنجي بيحد پياري ساهيڙي هيئي ۽ پاڙي واري پڻ سندس اوچتي وڇوڙي جو مون کي بہ ايڏو ئي ڏک پهتو اهي، جيڏو اوهان کي آهي... ۽ شانيءَ جي وجود تہ مون کي جيئڻ جو حوصلو ڏنو آهي. پنهنجي ماميا جي سِڪ شانيءَ جي پيار مان تہ پوري ڪندي آهيان“ صبا اهو چوندي اداس ٿي وئي ۽ ٿڌو ساهہ کڻندي چيائين:

”اڄ جيڪڏهن منهنجو جِمي زنده هجي ها تہ شانيءَ جيڏو ئي هجي ها.“

”اوهان جي ان جذبي جو قدر ڪندي ئي تہ مون اهو فيصلو ڪيو آهي تہ اوهان کي شاديءَ جي دخواست ڏيان.“

ايترو چئي ساجد ڪجهہ گهڙين لاءِ ڪنهن گهري سوچ ۾ ٻڏي ويو ۽ پوءِ ٻيهر ڳالهہ جو سلسلو جوڙيائين:

”اوهان کي خبر آهي تہ منهنجو سواءِ پنهنجي هڪ شادي شده وڏي ڀيڻ جي ٻيو ڪير بہ ڪونهي. هوءَ منهنجي ماءُ جيان بہ اهي، ان ڪري هوءَ مون کي شانيءَ خاطر ٻي شادي ڪرڻ لاءِ ڏاڍو زور رکي رهي آهي. مون کي تہ صرف شانيءَ جو خيال آهي نہ تہ اديءَ تہ الاهي ڪيتريون ڇوڪريون ڏسي ورتيون آهن پر...“

”پر...! اهو تہ... اوهان چاهيو ٿا تہ هڪ طلاق يافتہ عورت... جيڪا اسان جي سماج ۾ هڪ نڪرايل عورت جيان هوندي اهي، ان مٿان احسان ڪريو. ائين نہ...!؟“ صبا ڪاوڙ مان هڪدم ڪرسيءَ تان ٿي بيهندي چيو تہ ساجد پريشان ٿيندي چيو:

”صبا صاحبہ! يقين ڪريو تہ مون ڪڏهن ائين سوچيو بہ ناهي. احسان تہ توهان جو منهنجي مٿان ٿيندو جيڪڏهن توهان اسان جو ساٿ قبول ڪندا. آئون ان ڪري بہ پريشان آهيان تہ منهنجو ٽرانسفر ڪراچيءَ ۾ ٿي ويو آهي ۽ هفتي اندر مون کي اتي شفٽ ٿيڻو آهي.“

”تہ... ڇا... اوهان هليا ويندا؟ معنيٰ شاني بہ هليو ويندو؟... نہ... نہ... هو تہ منهنجي زندگي آهي.“ صبا بيچين ٿيندي چيو ۽ ڪرسيءَ تي ساٿي ٿي ڪرڻ واري انداز ۾ ويهي رهي.

”اها ئي ڳالهہ آئون توهان کي سمجهائڻ پيو چاهيان“ ساجد ڳنڀير لهجي ۾ چيو.

”شاني بہ اوهان کان سواءِ رهي نہ سگهندو ۽ سڳي ماءُ جهڙو پيار فقط توهان ئي ڪيس ڏئي سگهو ٿيون ۽ سچ پچ تہ اسين ٽيئي هڪٻئي جي ضرورت آهيون. مون کي شانيءَ جي سٺي مستقبل سان گڏوگڏ هڪ سٺي جيون ساٿيءَ جي بہ ضرورت آهي ۽ هن معاشري ۾ Survive ڪرڻ لاءِ توهان کي بہ هڪ

گهر جي ضرورت آهي ۽ شان يکي اسان ٻنهي جي پيار ۽ توجہ جي ضرورت آهي، ان ڪري ڪو بہ فيصلو ڪرڻ کان اڳ چڱي طرح سوچي وٺو.“

”مون کي ڪجهہ وقت ڏيو سوچڻ لاءِ“ صبا پريشان ٿيندي چيو. ”پوءِ... آئون هلان ٿو“ ساجد اٿندي چيو تہ صبا بہ اٿي بيٺي، تڏهن سجاد ويندي ويندي چيو: ”هڪ ڀن ڏينهن کان پوءِ آئون فون ڪري توهان کان جواب وٺندس. خدا حافظ!“

”خدا حافظ!“ چوندي هوءَ پوءِ ڪيتري ئي دير تائين سوچن ۾ گم ڊرائنگ روم ۾ ويٺي رهي.

●

صبا پنهنجي ڪمري ۾ ويهي ڪتاب پڙهي رهي هئي پر سندس ذهن ڪتاب ۾ محو ٿيڻ بجاءِ مختلف خيالن ۾ ڀٽڪي رهيو هو. سندس ذهن ۾ بار بار شانيءَ جا سڏڪا ٿي گونجيا تہ هن هر هر ڪنڌ ورائي پلنگ تي ستل شانيءَ ڏانهن هاريو پئي ۽ سندس معصوم مُک کي تڪيندي هوءَ بار بار سندس لاءِ سوچي رهي هئي. اڄ شاني اسڪول مان سڌو صبا جي گهر آيو هو ۽ جڏهن آفس مان موٽندي گهر ۾ صبا قدم ئي مس رکيو تہ شاني ڊوڙندو ڪيس چنبڙي ويو ۽ سڏڪندي چوڻ لڳو.

”آنٽي!... آنٽي!... توهان مون کي ڇڏي تہ نہ ويندا؟“

”ڪير ٿو چوي تہ آئون توهان کي ڇڏي ويندس؟“ صبا ڪيس ڀاڪر ۾ ڀريندي چيو.

”آنٽي! پپا چوي ٿو تہ اسين هاڻي ڪراچي ويندا سين. توهان بہ اسان سان گڏ هلندا نہ؟“

”آئون؟!...“ صبا ان کان وڌيڪ ڪجهہ چئي نہ سگهي.

”جيڪڏهن توهان نہ هلندا تہ آئون بہ ڪو نہ ويندس. آئون هتي توهان وٽ رهندس.“

شاني روئڻ لڳو. هو بيحد حساس ٻار هو. ٿوري ٿوري ڳالهہ تي روئي پوندو هو. صبا ڪيس وٺي پنهنجي ڪمري ۾ آئي ۽ ڪيتري ئي دير ڪيس پرچائيندي رهي ۽ ڪيس ماني کارائي. پوءِ جڏهن هو ٿڪجي سمهي پيو تہ هوءَ بہ هڪ ڪتاب کڻي پڙهڻ لڳي پر سندس ذهن ۾ هڪ ئي سوال گونجي رهيو هو تہ ڪيس ڪهڙو فيصلو ڪرڻ گهرجي؟... ۽ پوءِ... نيٺ هوءَ هڪ فيصلي تي پهچي وئي ۽ پوءِ مرڪي شانيءَ جي ويجهو آئي ۽ سندس پيشانيءَ کي چميائين ۽ سندس وارن ۾ آڱريون ڦيريندي چيائين.

”منهنجا ٻچڙا! آئون مامتا جو ڇانورو بنجي سدائين تو ساڻ رهندس.“

●

ڊرائنگ روم جي صفائي ڪري صبا پڙدا سيٽ ڪري رهي هئي تہ ڪيس امان جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو: ”صبا!... امان هي ڏس تہ ڪير آيو آهي؟!“ صبا ڪنڌ ورائي ڏٺو تہ سندس سمورو وجود اندران ڇڻ ڏهي ويو. امان سان گڏ رضا بيٺل هو. صبا حيران ٿي امان ڏانهن ڏسندي سوچيو ”ڇا هيءَ اها ئي امان

اهي جيڪا ڪنهن وقت رضا جو ذڪر بہ ٻڌڻ پسند نہ ڪندي هئي ۽ هن وقت هوءَ ڪيڏي نہ بدلجي چڪيآهي!“

”ويهہ بابا!... هتي ويهہ“ امان رضا کي صوفي تي ويهاريندي چيو تہ رضا صبا ڏانهن ڏسندي چيو:

”ها امان! لڳي ٿو تہ مون کي پاڻ ئي ويهڻو پوندو. صبا تہ ويهڻ لاءِ نہ چوندي. “

”آئي ايم سوري! توهان ويهو پليز.“ صبا شرمسار ٿيندي چيو.

”توهان ويهي ڳالهايو آئون چاءِ جو بندوبست ڪريان.“ اهو چوندي امان ڊرائنگ روم مان هلي وئي تڏهن صبا رضا جي سامهون پيل صوفي تي ويهي رهي. سندس دل جي عجيب ڪيفيت هئي. ڪنهن زماني ۾ سندس خوابن جو محور فقط رضا هوندو هو ۽ اڄ جڏهن هو آمهون سامهون هئا تہ سندن وچ ۾ سالن جي جدائي هئي.

”ڪيئن آهين صبا؟“ رضا پڇيو تہ صبا يادن جي حصار مان نڪري آئي.

”ٺيڪ آهيان، توهان ڪيڏي مهل آيا؟“ صبا چيو تہ ڪيس پنهنجوئي آواز اوپري کوهہ مان ايندي محسوس ٿيو.

”ڪافي دير ٿي وئي آهي.“ رضا چيو. ”اڇا!؟... مون کي تہ خبر بہ نہ هئي.“ صبا حيران ٿيندي چيو.

”ها! امان ٻاهر لان ۾ ملي وئي سو ساڻس دعا سلام ڪيم ۽ حال احوال ورتم.“

ايترو چئي رضا ٿورو ترسيو. سندس چهري تي اداس تاثر ابري آيو ۽ پوءِ وري ڳالهہ جي تند جوڙيائين. ”تنهنجيحالتن جي ڄاڻ ملي ۽ بابا ۽ جميءَ جي وڇوڙي بابت خبر پئي. صبا! ڪڏهن سوچيو بہ نہ هو تہ زندگيءَ جي ان موڙ تي ٻيهر ملداناسين.“ صبا جي چهري تي ڏک جا بادل ڇانئجي ويا ۽ ٻيئي ماٺ ٿي ويا. سانت کي وري رضا جي آواز ٽوڙيو: ”صبا! هو... لان ۾ راند ڪندڙ ٻارڙو ڪير آهي؟“

”اهو منهنجو جِمي آهي.“ صبا بي اختيار انتهائي پيار مان چيو تہ رضا حيران ٿيندي چيو:

”پر... امان تہ ٻڌايو تہ جمي تہ...“

”دراصل هي منهنجي بيحد پياري ساهيڙيءَ جو پٽ آهي پاسي ۾ ئي سندس گھر آهي. منهنجي جميءَ جي گذارڻ وقت شانيءَ جي عمر بہ ساڳي هئي. سو جميءَ جي وڃڻ کان پوءِ منهنجي دل وندرائڻ ۽ مامتا جي تسڪين خاطر شانيءَ جي ماءُ هن کي مون وٽ موڪليندي هئي. تڏهن مون کي ڪافي سهارو مليو. پوءِ هو گھڻو وقت مون وٽ رهڻ لڳو. پوءِ گذريل سال هوءَ هڪ روڊ ايڪسيڊينٽ ۾ گذاري وئي تہ هي معصوم اڪيلو ٿي ويو. پر جيئن تہ مون سان گھڻو هِريل هو ان ڪري مون کيس ڪافي حد تائين سنڀالي ورتو. هاڻي تہ مون سان ايڏو هِري ويو آهي، جو اسڪول مان اچڻ کان پوءِ مون وٽ ئي هوندو آهي ۽ رات جو پيءُ کيس گھر وٺي ويندو آهي پر ڪڏهن تہ رات جو بہ نہ ويندو اهي ۽ ضد

ڪندو آهي تہ پاڻ وٽ ئي رهاڻي ڇڏيندي آهيانس ۽ هتان ئي اسڪول موڪليندي آهيان. مون لاءِ تہ هوجمي آهي ۽ هن لاءِ آئون سندس ماءُ آهيان.“

”اوهہ!... ويچارو معصوم ٻار!... ڪيڏو نہ پيارو آهي.“ رضا چيو تہ صبا ماحول جي اداسيءَ کي متاثر خاطر رضا کان پڇيو:

”خير!... توهان ٻڌايو تہ توهان ڪيئن آهيو؟ ڪجهہ پنهنجو حال احوال ڏيو.“

”آئون نيڪ آهيان. سالن بعد تنهنجي سامهون آيو آهيان تہ ماضيءَ جون دل ۾ سانديل ڪيئي شڪايتون ياد اچي ويون آهن. تون هڪدم مون کان ائين پري هلي وئي هئي جڻ اجنبي بنجي وئنين فون تي ڳالهائڻ کان انڪار ڪئي. ڪنهن خط جو جواب نہ ڏنئي، ملڻ کان بہ انڪار ڪري ڇڏيئي... آخر... ڇو؟!“

”رضا!... ڪهڙي منهن سان توهان سان ملان ها؟ يا ڳالهايان ها؟ آئون سدائين ائين سمجهندي هيس تہ جهڙي نموني منهنجي گهر وارن مون کي هر قسم جي آزادي ڏني ساڳئي نموني منهنجي زندگيءَ جي سڀ کان اهم فصلي لاءِ بہ مون کي آزادي هوندي. ان ڪري ئي مون ڪيئي خواب ڏسي ورتا. جيڪڏهن مون کي ٿورو بہ اهو احساس ٿي وڃي ها تہ مون کي پنهنجي زندگيءَ جي ساٿي چونڊڻ جو حق نہ ملندو تہ يقين ڪر تہ محبت جي ميدان ۾ آئون ايڏو اڳتي نہ وڌان ها. پر... مون توهان سان پيار ڪري نہ فقط پنهنجو پاڻ سان ظلم ڪيو پر توهان جي بہ ڏوهاري بڻس.“

”صبا! تون تہ اجايو دل هاري ويٺئين. ٿورو حوصلو تہ ڪرين ها. اسان شادي ڪري ڇڏيون ها تہ پوءِ وقت سان گڏ سڀڪجهہ نيڪ ٿي وڃي ها. مائٽ ڪيترو ناراض رهن ها؟ نيٺ هو بہ ان فيصلي کي قبول ڪري وٺن ها.“

”نہ رضا! توکي منهنجي مجبوريءَ جي خبر نہ هئي آئون تہ هڪ اهڙي پکيءَ مثل هيس جنهن جا پَرَ ڪٽي پوءِ کلئي ميدان ۾ ڇڏيو ويو هجي ۽ هو مورک ان کي پنهنجي آزادي مجهندو هجي. هو خوشيءَ سان هر پاسي هلي... ڊوڙي... پر جڏهن هن اڏامڻ چاهيو تڏهن احساس ٿيس تہ ڪانئس اڏامڻ جو حق کسڻ ڪانپوءِ ئي کيس کليل ميدان ۾ ڇڏيو ويو هو. سندس پَرَ تہ ڪٽيل هئا.“ اهو سڀڪجهہ چوندي صبا جي اکين مان ڳوڙها لڙي آيا جن کي اگهندي هن وري چيو: ”مون کي معاف ڪري ڇڏيو رضا!... ۽... وساري ڇڏيو تہ اسان جي وچ ۾ ڪڏهن ڪو ناتو بہ هو.“

”صبا! ائين ڪيئن ٿو ٿي سگهي!؟ منهنجي لاءِ اهو ناممڪن آهي.“ رضا جذباتي ٿيندي چيو:

”... ۽ هي هاڻي مون سان ايڏو تڪلف ڇو؟ تو تہ اڳ ۾ ڪڏهن بہ مون سان ”توهان“ چئي نہ ڳالهايو هو پوءِ هاڻي ائين ڇو؟!“

”رضا! ان وقت ۾ ۽ هن وقت ۾ تمام گهڻو فرق اچي چڪو آهي. هاڻي اسان جو راهون الگ آهن ۽

وچ ۾ سالن جا فاصلا ۽ جدائي اهن.“ اهو چوندي صبا صوفي تان اٿي بيٺي ته رضا به صوفي تان اٿيو ۽ عين سندس سامهون بيهي سندس اکين ۾ نهاريندي چيو: ”... ۽... جيڪڏهن آئون فاصلا ۽ جدائي ختم ڪرڻ چاهيان ته؟!“

”چا مطلب؟!“ صبا حيران ٿي پڇيو.

”تنهنجي حالتن بابت ڄاڻڻ کان پوءِ مون ڪجهه ئي دير اڳ هڪ اهم فيصلو ڪيو آهي.“

”ڪهڙو فيصلو؟!“

”صبا!“ رضا سندس ڪلهن کي نرميءَ سان پڪڙيندي بيحد ڏکاري لهجي ۾ چيو: ”هڪڙو وقت هو جڏهن اسان زندگيءَ جي سفر ۾ همسفر بنجڻ چاهيو هو پر راهه ۾ رڪاوٽون هيون. پر... هاڻي ته اسان جي راهه ۾ ڪا به رڪاوٽ ڪانهي هاڻي ته اسين شادي ڪري ٿا سگهون.“

”چا...!؟؟؟!“ صبا جو سڄو وجود ڏُبي ويو ڄڻ زلزلو اچي ويو هجي: ”هي... هي توهان چا پيا چئو؟!“

”ان ۾ ايڏي حيرت جي ڪهڙي ڳالهه آهي؟“ رضا جي گرفت سندس ڪلهن تي مضبوط ٿيڻ لڳي ته هن وحشت مان پاڻ ڇڏائي پري ٿيندي چيو: ”پر... توهان جو ته مڱڻو ٿي چڪوآهي ۽ هاڻي ته شادي به ٿيڻ واري آهي.“

صبا لرزندي صوفي جو سهارو وٺي ويهي رهي ته رضا سندس آڏو قالين تي گوڏن ڀر ويهندي چيو: ”صبا منهنجي زندگيءَ ۾ ايندڙ ڪا به ڇوڪري تنهنجي ڪميءَ کي پورو نٿي ڪري سگهي.“

سندس چهرو ڳاڙهو ٿي ويو هو ۽ هن جذباتي ٿيندي چيو: ”منهنجي حياتيءَ جو خال فقط تون ئي پري سگهين ٿي. مون ته شادي نه ڪرڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو هو پر جيئن ته آئون پنهنجي ماءُ پيءُ جو هڪ ئي پٽ آهيان ان لاءِ هنن مون کي ايڏو مجبور ڪيو جو ڪجهه وقت اڳ سندن چوڻ ۽ سندن پسند تي ئي اهو مڱڻو ڪيو هو ۽ منهنجي ذري ماتر به جذباتي وابستگي ڪونهي. جيڪڏهن تون منهنجي جيون ۾ هميشه لاءِ ساٿ ڏيڻ جو واعدو ڪرين ته آئون اهو مڱڻو ٽوري سگهان ٿو. مون کي يقين آهي ته منهنجا مائٽ منهنجي خوشيءَ خاطر ائين ڪرڻ کان انڪار نه ڪندا. هوئين به صرف مڱڻو ئي ٿيو آهي... شادي ته ڪانه ٿي آهي.“

”رضا! هي توهان چا پيا چئو؟ اهي رشتا ايڏا عام رواجي ته نه هوندا آهن جو هڪ جهٽڪي سان ٽوڙي ڇڏجن.“

”پر... تو سان به ته ائين ئي ٿيو هو. شادي جهڙو مضبوط ٻڌڻ هڪ جهٽڪي سان ٽٽي سگهي ٿو ته مڱڻو ڇو نٿو ٽٽي سگهي.“ رضا هنيلي لهجي ۾ چيو ته صبا، جيڪا هاڻي گهڻي حد تائين پاڻ کي سنڀالي چڪي هئي، مضبوط لهجي ۾چيو:

”منهنجو نصيب مون سان. هڪ بي قصور ڇوڪري ڇو منهنجي نصيب جي سزا ڀوڳي. هر ماڻهوءَ جو پنهنجو ڪردار هوندو اهي ڇا تون پاڻ کي ان شخص سان Compare ڪري سگهين ٿو

جنھن مون کي بنا ڏوھہ جي طلاق ڏني. شاھہ سائينءَ جو ھي بيت تہ ٻڌو ھوندئي.

چڱا ڪن چڱايون، مَنايون مَنَن،
سو وڙ سيئي ڪن، جو وڙ جُڙي جن سين.“

پر رضا تہ ڄڻ ڪجھہ ٻڌي ئي نہ رھيو ھو. ھن پنھنجي ھٿ تي قائم رھندي چيو: ”صبا! تون منھنجو مسئلو نٿي سمجھين. صرف تون ئي تہ آھين جيڪا مون کي مايوسين جي اونداھہ مان ڪڍي سگھين ٿي. تو کان بنا منھنجو جيوَن مڪمل نٿو ٿي سگھي. تون... تون منھنجي اھا منزل آھين جنھن جي تلاش ۾ مون ايڏا سال گھاري ڇڏيا.“

صبا نگاھون کڻي رضا ڏانھن ڏٺو تہ ھوءَ سڄي ساري ڏَڪي وئي، رضا جون اکيون ۽ چھرو بيحد ڳاڙھو ھو ۽ ھن وقت وري ھو ڪيس ٻارھن سال اڳ وارو ضدي، جذباتي ۽ جنوني رضا لڳو. صبا جو دماغ ڀنواٽيون کائڻ لڳو. ھن ٻنھي ھٿن سان پنھنجو مٿو پڪڙيندي چيو:

”اف خدايا!... ھي سڀ ڇا پيو ٿئي؟ مون کي ڪجھہ بہ سمجھہ ۾ نٿو اچي تہ ڇا ڪريان؟!“ رضا ڪيس تسلي ڏيندي چيو: ”صبا! پليز رليڪس ٿي. پنھنجو پاڻ کي ايڏو پريشان نہ ڪر. ٻن ڏينھن کان پوءِ مون کي واپس وڃڻو آھي. ايستائين تون چڱي طرح سوچي وٺ. وڃڻ کان اڳ آئون فون ڪندس. جيڪڏھن تون منھنجو ساٿ قبوليندئين تہ آئون گھر پھچي سڀ معاملو ٺيڪ ڪري ڇڏيندس. چڱو! پنھنجو خيال رکجانءِ.“ اھو چوندي رضا اٿي ھليو ويو پر صبا کي ھر پاسي سندس نگاھون نظر ٿي آيون، جن ۾ حسرتون ھيون، آسون ۽ التجائون ھيون.

●

ياسمين جيئن ئي ڪمري جو دروازو کوليو تہ ڇرڪي پئي. ڪمري ۾ اونداھہ ھئي ۽ اونداھي ڪمري ۾ صبا جا سڏڪا گونجي رھيا ھئا. ياسمين ھڪدم لائٽ کولي ۽ صبا جي پرسان ايندي چيائين:

”صبا! ھي پنھنجي ڪھڙي حالت ڪٺي بنائي اٿئي؟“

”ياسمين! مون کي لڳي ٿو تہ آئون چَري ٿي ويندس.“ صبا سڏڪندي چوندي رھي: ”ھيءَ زندگي آخر مون کان ايڏا امتحان ڇو ٿي وٺي؟“

”ڇا ٿيو آھي؟“

اھو چوندي ياسمين صبا جي پرسان پلنگ تي اچي ويٺي. سندس لڙڪ اگھيائين ۽ سندس پيشانيءَ تان وار ھٽائي ھڪ پاسي ڪيائين. تڏھن صبا ڪيس رضا سان ٿيل ملاقات جو سمورو احوال ٻڌايو تہ ياسمين بہ سوچ ۾ ٻڏي وئي. صبا وري ڪيس چيو:

”ياسمين! تون ئي ٻڌاءِ تہ ڪھڙو فيصلو ڪريان؟ ھڪ پاسي شاني آھي تہ ٻئي پاسي رضا آئون

هڪ به واٽي تي بيٺل آهيان. مون کي سمجهه ۾ نٿو اچي ته ڪهڙي واٽ تي هلان؟"
ياسمين ڪيس غور سان ڏسندي پڇيو:
"هڪ ڳالهه ته ٻڌائي صبا! ڇا تون اڃان به رضا کي ايڏو چاهين ٿين؟" صبا خلا ۾ گهوريندي چيو: " رضا سان ته مون پنهنجو پاڻ کان به گهڻو پيار ڪيو آهي. آئون ڪيس زندگيءَ جي ڪنهن به موڙ تي وساري نٿي سگهان. نه ئي ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ کي هن جيتري حيثيت ڏئي ٿي سگهان."
"پوءِ پلا پريشان ڇو آهين؟ تون رضا جي حق ۾ فيصلو ڏئي ڇڏ. هاڻي ته ماسيءَ کي به تنهنجي ڪنهن فيصلي تي اعتراض نه ٿيندو."
"پر... ياسمين! پوءِ هن معصوم ڇوڪريءَ جو ڇا ٿيندو جيڪا رضا جي مڱ آهي. هن جو ڪهڙو ڏوهه آهي. جنهن جي ڪيس سزا ملي؟ اڳ ۾ مون رضا سان شادي ڪرڻ کان انڪري انڪار ڪيو هو ته منهنجي ننڍي ڀينرن جو مستقبل منهنجي اکين آڏو اچي ويندو هو. هاڻي هوءَ ڇوڪري، جيڪا رضا جي مڱ آهي، جنهن جي نالي جي به مون کي خبر ڪونهي نه ئي، مون کيس ڏٺو آهي، مون کي پنهنجي ڀيڻ جي روپ ۾ نظر اچي رهي آهي. پوءِ آئون هن جي زندگي برباد ڪري پاڻ خوشيون ڪيئن ٿي ماڻي سگهان؟ ٻي ڳالهه ته هاڻي آئون پاڻ کي رضا جي قابل نٿي سمجهان. ٻئي پاسي شانيءَ جي محبت آهي. آئون هن کانسواءِ به رهي نه سگهنديس."
"پوءِ پلا... ادا ساجد جو ساٿ قبوليندئين؟"
"مون کي ڪجهه سمجهه ۾ نٿو اچي. آئون ته ڄڻ ماضيءَ ۽ مستقبل وچ ۾ منجهي پئي آهيان. هڪ پاسي رضا آهي جيڪو منهنجو حسين ماضي آهي ۽ ڪڏهن مون ڪيس جيون ۾ همسفر بڻائڻ جا خواب ڏٺا هئا. ٻئي پاسي شاني آهي جنهن سان مون پنهنجو مستقبل وابسته ڪرڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو هو."
ياسمين سندس ذهني ڪشمڪش سمجهي رهي هئي، ان ڪري سمجهائيندي چيائين:
"ڏس صبا! هن وقت تون شديد ذهني ۽ جذباتي ڪشمڪش مان گذري رهي آهين. تنهنجي دل ۽ دماغ وچ ۾ جنگ هلي رهي آهي. فيصلو توکي ئي ڪرڻو اهي ته دل جي ڳالهه مڃجي يا دماغ جي پر جيڪو به فيصلو ڪرين، سوچي سمجهي ڪجانءِ." هوءَ پوءِ ڪيس ڪيتري ئي دير تسلي ڏيندي رهي. هڪ فيصلي ڪرڻ تي همٿائڻ لڳي.
شام جا پاڇا گهرا ٿي رهيا هئا. صبا پنهنجي ڪمري جي دريءَ مان ٻاهر بيٺل وڻن مان پن ڇڻ جا پيلا پتا ڪرندي ڏسي رهي هئي. هن وقت هوءَ خود به خزان رسيدا لڳي رهي هئي. ڪيس پيلي رنگ جا ڪپڙا پاتل هئا ۽ سندس ڊگها ڪارا وار وکريل هئا. سندس اندر ان مهل ڏاڍي آند مان متل هئي. هوءَ دري وٽان هٽي ٿورو پريرو پيل صوفي تي ويهي رهي. سندس دل ۽ دماغ ۾ جنگ متل هئي ۽ سندس سوچون ڀٽڪي رهيون هيون.
"اف خدايا! اڄ آئون زندگيءَ جي ڪهڙي نه اذيت ناڪ موڙ تي بيٺل آهيان. جڏهن ٻارنهن تيرنهن

سال اڳ مون ۽ رضا جيون ساٿي بنجڻ چاهيو هو ڪاش! ان مهل ڪا رڪاوٽ نہ هجي ها. ڪاش! هو هاڻي ٻيهر مون سان نہ ملي ها! ڪاش! جيڪو ڪجهہ ٿي چڪو آهي اهو ائين نہ ٿئي ها!...“

اوچتو ڪيس ڄڻ هوش اچي ويو ۽ هن وري سوچيو. ”مونکي ائين نہ سوچڻ گهرجي ڇو تہ هاڻي آئون ڏهہ ٻارنهن سال اڳ واري جذباتي ڇوڪري ناهيان پر ميچئور عورت آهيان ۽ ماءُ بہ آهيان ان ڪري ڪو بہ جذباتي فيصلو نہ ڪرڻ گهرجي.“

دل ۽ دماغ جي ان جنگ ۾ دماغ نيٺ تہ سوپ ماڻي ۽ هوءَ هڪ فيصلي تي پهچي وئي. ان مهل پرسان سائيڊ ٽيبل تي پيل فون جي گهنٽي وڳي تہ سندس دل زور زور سان ڌڙڪڻ لڳي. هن رسيوَر کڻي ”هيلو“ چيو تہ ٻئي پاسان ڊاڪٽر ساجد جو آواز آيو.

”صبا صاحبہ! آئون ساجد ٿو ڳالهايان. اُميد آهي تہ اوهان ڪنهن فيصلي تي پهچي ويون هونديون. مون کي پنهنجي فيصلي کان آگاهہ ڪريو.“ صبا اعتماد سان جواب ڏنو:

”ساجد صاحب! آئون شانيءَ کي زندگيءَ جي تپندڙ صحرا ۾ اڪيلو ڇڏڻ نٿي چاهيان پر مامتا جو ڇانورو بنجي ساڻس گڏ رهڻ ٿي چاهيان.“

”اوهہ صبا صاحبہ!...“ ساجد جو خوشي ۽ اطمينان ڀريو آواز آيو:

”ان جو مطلب تہ اوهان کي اسان جو ساٿ قبول آهي، توهان جو اهو فيصلو شانيءَ جو مستقبل سنواري ڇڏيندو. ٿينڪ يو I am really grateful to you صبا رسيور رکيو تہ سندس اکين مان لڙڪ لارون ڪري وهڻ لڳا. هن سوچيو.

”اوهہ... رضا! مون کي معاف ڪري ڇڏجان. اسين زندگيءَ ۾ ٻيهر وڇڙي رهيا آهيون. وري منهنجي پيرن ۾ پيل زنجيرن مون کي پنهنجي ذات لاءِ سوچڻ نہ ڏنو. وري مون ٻين خاطر پنهنجن ارمانن جو خون ڪيو آهي. آئون توکي وري ڏکوئي رهي آهيان... مون کي معاف ڪجان.“

ان مهل وري ٽيليفون جي گهنٽي لڳي تہ هن سڏڪندڙ آواز ۾ ”هيلو“ چيو ٻئي پاسان آواز آيو.

”هيلو!... صبا... آئون رضا پيو ڳالهايان. آئون ٿوري دير ۾ هتان وڃڻ وارو آهيان. پوءِ ٻڌائي تہ ڪهڙو فيصلو ڪيئي؟“

صبا جا هٿ ڏڪڻ لڳا. هن ڪو بہ جواب نہ ڏنو ٻئي پاسان رضا چوندو رهيو.

”صبا!... ٻڌين پئي نہ؟... پليز مون کي جواب ڏي... هيلو!... صبا! ٻڌين پئي؟ پليز جواب ڏي، نہ...“

صبا ڏڪندڙ آواز ۾ چيو:

”سوري!... رانگ نمبر...“

هن ڏڪندڙ هٿن سان فون رکي ڇڏيو ۽ صوفي تان اٿي دريءَ جي پرسان اچي بيٺي لڙڪ سندس اکين مان لارون ڪندا وهندا رهيا. هڪ ڀيرو وري فون جي گهنٽي وڄڻ لڳي پر صبا ٽليفون کڻڻ بجاءِ ”پرسان پيل ريڊيو آنڪري ڇڏيو ۽ ٻاهر اونداهہ ۾ گهوريندي رهي. سندس لڙڪ وهندا رهيا... فون جي گهنٽي وڄندي رهي ۽ اوچتو ئي ريڊيو تان نشر ٿيندڙ اداس ٻول گهنٽي جي آواز تي ڇانئجي

ويا:

”تو وڇوڙي ڇڏيا ڪيئي،

اي زمانا!

هائي زمانا!...“

(ريڊيو حيدرآباد تان نشر ٿيل ڊرامو)

# عورت، روبوٽ ۽ فنڪار

سَجي ڏينهن جي ڪم ڪار جي ھڻ ھٽان ڪان واندي ٿي ته ٻاھر لان ۾ ھوا تي اچي ويٺي. اڄ ھوا به تمام وڻندڙ ٿڌي ۽ فرحت بخش ھئي ۽ اھڙيءَ گرميءَ جي موسم ۾ ڪنھن نعمت ڪان گھٽ نه ھئي. ھن آسمان ڏانھن نھاريو. گھري نيري آسمان تي ترندڙ ڪڪرن جا ننڍا ننڍا ٽڪر ڪيس سٺا لڳا. ھن وري چؤ پاسي نظر ڊوڙائي. پٽين تي پکڙيل ولين ۾ ٽڙيل گل ۽ گلن سان ڀريل ننڍا ننڍا ٻوٽا ڪيس وڻڻ لڳا.

”پر ھي منظر ته آئون روزئي ڏسندي آھيان. پوءِ اڄ اھي نوان ۽ وڻندڙ ڇو پيا لڳن؟“ ھن سوچيو:

”ھڪ عام شيءِ ڪي جيڪڏھن ڪنھن تخليقڪار/ فنڪار جي نظر ملي وڃي ته،پوءِ اھا عام نه رھندي آھي. پر ان مان ڪيئي اھڙا زاويا ۽ حسن جا پرتوءَ نروار ٿيڻ لڳندا آھن جن ڪان ھڪ عام ماڻھوءَ جي نظر وانجھيل ھوندي آھي.“

ھوءَ خود ڪلاميءَ واري انداز ۾ دل ئي دل ۾ پاڻ ڪان سوال به ڪري رھي ھئي ته جواب به ڏيئي رھي ھئي.

... اوچتو پکين جي ٻولين ڪيس پنھنجن خيالن مان ڇرڪائي وڌو. ھن آسمان ڏانھن نظر ايس ته ھن بي اختيار چيو:

”اي منھنجا ننڍپڻ جا ساٿيو! ڇا اڃا به اوھان آلوده فضا، ڳتيل انساني وسندين ۽ ٽريفڪ جي ڳَنَ آزاريندڙ گوڙ ۾ پنھنجي وجود جي بقا لاءِ جدوجھد ڪندي زنده آھيو؟“

... ٿوري دير ۾ اولھه پاسي آسمان تي موجود ڪڪرن ۾ آسمان جو رنگ ھلڪو گلابي ٿي ويو. ھن اتان نظرون ھٽائڻ چاھيون ڇو ته ڪيس خبر ھئي ته جيڪڏھن ھن انھن منظرن تان نظرون نه ھٽايون ته... سندس اندر جو ستل (يا زوري سمھاريل) تخليقار/ فنڪار جاڳي نه پوي... جيئن ھن آسمان تان نظر ھٽائي ته اھا وري پِٽ تي ويٺل ننڍڙي ڪاريءَ جھرڪيءَ تي پئي، جنھن جو رڱو پيٽ وارو حصو اڇو ھو (جنھنجو نالو اڄ تائين ڪيس نه آيو ھو)... اڃا ٿورو پرڀرو... ولين جي گلن جي وچ ۾ اڏامندڙ گھري نيري رنگ جون پتڪڙيون جھرڪيون ھيون...

”اُف خدا! ھي سڀ منظر مون ڪي منھنجي ماضيءَ ڏانھن ننڍپڻ ڏانھن ڇو پيا گھلي وٺي وڃن... اڄ منھنجياندران اُھا گم ٿيل ننڍڙي ڇوڪري ڇو ليئا پائي رھي آھي!

ھن ڪي...
اڄ به تلاش آھي
سندس اندر جي
ان ننڍڙيءَ، معصوم ڇوڪريءَ جي،

جنهن جا خواب ۽ خيال
اندلٺ جي رنگن کان بہ حسين هئا.
جيڪا تنها هوندي بہ،
تنها نہ هئي.
پوپٽ، گُل ۽ پکي، سندس دوست ۽ ساٿي هوندا هئا.
ها!...
هوءَ جيڪا...
سڄو سڄو ڏينهن
پوپٽن جي پٺيان ڊوڙندي هئي،
پکين جي مٺڙي زبان سمجهندي هئي.
۽... ڪڏهن...
ڪير سندس معصوم دل ڏکوئيندو هو
تہ رات جو سپني کان لِڪي،
پنهنجي بستري تي سمهندي،
سڏڪا روڪي،
گونگا ڳوڙها ڳاڙيندي هئي،
تڏهن... ننڊ جي مهربان ديوي
کيس ڀرا ٽڙي پائي،
سندس ڳوڙها اگهندي هئي.
۽ سندس هٿ پڪڙي،
کيس هڪ اهڙي واديءَ ۾ وٺي ويندي هئي،
جتي هر پاسي ساوڪ ئي ساوڪ هوندي هئي.
پاسي ۾ وهندڙ هڪ صاف ۽ شفاف واهہ هوندو هو.
جنهن جي ڪناري تي بي شمار سهڻن گلن جا ٻوٽا هوندا هئا.
۽ انهن جي مٿان بي شمار سهڻن رنگن جا پوپٽ هوندا هئا.
قطار ۾ بيٺل ڇهڇ ساون وڻن مٿان
بي شمار پکي مٺڙيون ٻوليون ٻوليندا هئا،
... ۽ پوءِ... اوچتو.
آسمان تان ڪيتريون ئي ننڍڙيون سهڻيون پَريون لَهي.
سندس چوڌاري گهيرو وجهنديون هيون،

ڪيس پرچائينديون هيون،
... ۽ پوءِ هوءَ بہ ساڻن گڏجي
هٿ ۾ هٿ ڏيئي ڦيري پائيندي هئي،
۽ پوءِ... ڪو بہ ڏک نہ هوندو هوس.
فقط..
پوپٽ هئا،
پکي هئا،
گل هئا،
ساوڪ هئي،
پوتر پاڻي هو
پريون هيون،
هوءَ هئي.
۽...
فقط ۽ فقط خوسي هوندي هئي،
ابدي سڪون هوندو هو.
۽ ڪائنات
معصومن جي شرارتن تي،
مُرڪي پوندي هئي.
۽ اڄ...
جڏهن بہ هوءَ
بي شمار رنگ پاسي تي رکي برش کڻي،
ڪئنواس تي
پکي ٺاهڻ چاهيندي آهي؛
گل چِٽڻ چاهيندي آهي؛
پوپٽ پينٽ ڪرڻ چاهيندي آهي.
پر... هوءَ ائين ڪري نہ سگهندي آهي.
ڇو تہ
سندس اندر جي
اها معصوم، ڇوڪري
هن مشيني دور جي

تيز رفتار زندگي،
ٽريفڪ جي ڳَنَ ڦاڙ گوڙ
آلودگيءَ ۾ وڪوڙجي ويل فطرتي سهڻن نظارن،
بارود جي هڳاءُ سان رچيل هوائن،
رت ۽ ڳوڙهن سان گهميل فضائن،
مشيني زندگي گذاريندڙ روبوٽ نما انسانن،
نفرت، ڪوڙ بيائي، منافقت ۽ مطلب پرستي ۽
خود غرض ماڻهن،
وچ ۾،
ڪڏهوڪو گم ٿي ويئي هئي.
ان وقت...
جڏهن هن شعور جي پهرين ڏاڪي تي قدم رکيو هو.
۽ پوءِ...
عملي زندگيءَ جي سيڙهيءَ تي
قدم بہ قدم،
هڪ هڪ ڏاڪو چڙهندي،
ڪيس اهو يقين اچا بہ پختو ٿيندي، محسوس ٿيندو هو
تہ سندس وجود جي بي پناهہ گهراين ۾،
جتي اج بہ اها ننيڙي گمٿيل ڇوڪري،
پوپٽن جيڪا پکين، گلن، پرين ۽ امن جي ڳولا ۾ آهي
اها ٻيهر ساڻس ڪڏهن بہ اچي نہ ملندي گهڙيل.
ڇو؟ جو پوترتا ۽ معصوميت جي گهاڙيٽي ۾
گهڙيل اها ڇوڪري سندس ساٿ ڪڏهن بہ نہ قبوليندي.
ڇو تہ هينئر هوءَ پاڻ
هن دور جي منافقت، دوکي بازي واري ۽...
سچائي جي روح کان عاري، زندگيءَ سان Compromise ڪري، هن مشيني زندگيءَ جو هڪ Routine تي هلندڙ پُرزو بنجي چڪي هئي.

ڪيس ياد اچڻ لڳو تہ جڏهن هوءَ ننڍپڻ جون سرحدون اورانگهي، شعور جي دنيا ۾ آئي تہ ڪيس قدم قدم تي سندس "عورت پڻي" جو شدت سان احساس ڏياريو ويو. جڏهن تہ فنڪار تہ صرف

فنڪار هوندو اهي... پر مرد ”صرف“ فنڪار ٿي سگهي ٿو پر عورت ”صرف“ فنڪار نٿي ٿي سگهي. ڇو ته صرف فنڪار بڻجڻ لاءِ ڪيس سندس ”عورت پڻي“ جي نفي ڪرڻي پوي ٿي، جنهن کي معاشرو قبول نٿو ڪري. ڪيس ڪڏهن به عورت هجڻ تي اعتراض، ڏک يا احساس ڪمتري نه ٿي، پر عورت هئڻ جي ناتي سندس مٿان عائد ذميواريون اڪثر ڪيس فن جي دنيا کان پري ٿيڙي ڇڏينديون هيون، اڪثر سندس اندر جي فناڪر ۽ سندس وجود مٿان حاوي ”عورت“ جو پاڻ ۾ جهيڙو هلندو هو. مٿان وري عملي زندگيءَ ۾ قدم رکڻ سان ”عورت“ ۽ ”فنڪار“ به ان ”روبوٽ“ اڳيان بيوس ٿي پيا. جيڪو فقط مشين جيان ڪم ڪرڻ ڄاڻندو اهي، پر ان بابت سوچڻ، بحث ڪرڻ ۽ احتجاج ڪرڻ جو حق نه رکندو آهي.

... ۽ پوءِ هن به زندگيءَ جو هڪ سخت اصولن تي ٻڌل Routine ناهي ورتو. اڌ ڏينهن نوڪريءَ جي حوالي آهي، جتي اوهان کي فقط روبوٽ بنجي هلڻو اهي. اکيون هوندي به ڏسڻو ناهي، ڪن هوندي به ٻڌڻو ناهي، زبان هوندي به ڳالهائڻو ناهي، ۽ ذهن هوندي سوچڻو ناهي. ڏينهن جو باقي حصو يا موڪل جي ڏينهن ”عورت پڻي“ جو وارو آهي. توهان چاهي فنڪار هجو يا نوڪري ڪندڙ روبوٽ، پر بحيثيت عورت اوهان کي رڌ پچاءُ به ڪرڻو آهي، ٻهاري پوچو به ڪرڻو آهي، ٿانوَ به ملڻا آهن ته ڪپڙا به ڌوئڻا آهن. (جيڪڏهن شادي شده آهيو ته مڙس جي خدمت ۽ ٻار پيدا ڪرڻ ۽ پالڻ بونس ۾)

... ۽ ائين سندس اندر جو فناڪر ويچارو روبوٽ ۽ عورت جي وچ ۾ اچي چيپجي، جڏهن احتجاج ڪري، سندس اندر جي قفس جي قيد مان آزاد ٿيڻ چاهيندو آهي ته هوءَ ويچاري گهبرائجي ويندي آهي ۽ ڪڏهن ”روبوٽ“ ۽ ”عورت“ کان جلدي جلدي ڪم ڪرائي موڪل ڏيئي ڪجهه وقت ”فنڪار“ کي به ڏيئي، ائين سرخرو ٿيندي آهي، جيئن [*]سرڪاري ٽي وي وارا سنڌي پروگرامن کي 25 يا 40 منٽ ڏئي سرخرو ٿيندا آهن.“ ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڪيترائي ڏينهن گذري وڃڻ جي باوجود ”روبوٽ ۽ عورت“ مٿس حاوي رهندا آهن ته ڪيس ”تخليقي سوچون“ به انهن جي Routine وارن ڪمن دوران حاصل ٿينديون آهن. ڪڏهن نوڪري جي هڻ هٿان دوران کي سهڻا Ideas ملندا آهن ته ڪڏهن بصر وڍيندي، سلائي ڪندي، رڌ پچاءُ ڪندي، ٻهاري ڏيندي، پوچو لڳائيندي سندس ذهن ۾ ڪيئي خوبصورت پورٽريٽ ۽ لينڊ اسڪيپ ٺهندا ويندا آهن ته سندس اندر جو مجبورين جي ”ٽرينڪولائزز“ وسيلي سمهاريل فنڪار جو سُک ڦٽڻ لڳندو آهي... بلڪل ائين جيئن اڄ شام جو آسمان جي وسعتن ۾ نهاريندي، پکين جون منيون لاتيون ٻڌندي، گلن جي سونهن ۽ سرهاڻ کي محسوس ڪندي نيٺ هن سوچيو هو ته:

”سندس جيون جي ”سيٽلائيٽ“ روٽين تي ڪجهه ويچاري، (علائقائي، ٻولين جي ڏتڙيل پروگرامن جيان) ساٺي ٽي ويل فنڪار جو به حق آهي، سو ”عورت“ کان اهو بل پاس ڪرائي،

[*] ان دور ۾ فقط سرڪاري هڪ ٽي وي چينل هو.

”روبوٽ“ ڏانهن ان جي سفارش موڪلي ويئي تہ ڪنهن وڏي ڪاموري جيان پهرين تہ هن رعب ڏيکاريو پر پوءِ ”فنڪار“ جي ”خستہ حاليءَ“ تي رحم ڪائي، اجازت ڏني تہ فنڪار ويچارو ڪجهہ سامت ۾ آيو پر هاڻي ڪيس سپاٽي جو شدت سان انتظار هو. اهو ڄاڻندي بہ تہ: “Tomorrow never comes”.

صبح ٿيندي ئي هوءَ روبوٽ بنجي ويئي تڙ تڪڙ ۾ نيرن ڪري، ڪپڙا مٽائي، ڏني نہ ڏني جهڙي ڦٽي ڏيئي،اجا چانهہ جي ڪپ ۾ هٿ ئي مَس وِڌو هئائين تہ ڪيس ونڻ لاءِ ايندڙ ڊينٽن سان پرپور، رنگ لٽل ۽ ميوزيڪل سيسٽس Musical Seats واري سوزوڪي پڪ اپ، جنهن کي سڀ ”اسڪائي ليب“ چوندا آهن. ان جو پيانڪ هارن ٻڌڻ ۾آيو تہ هوءَ چانهہ پيئندي اُتڙي پئي ۽ چانهہ جا ڪجهہ ڦڙا سندس ڪپڙن تي وڃي ڪريا. هن چپن ۾ ڪاوڙ ۾ ڪا ٻڙ ٻڙ ڪئي ۽ باٿ روم ۾ وڃي، نلڪو کولي جلدي جلدي تشو پيپر پاڻيءَ سان پُسائي، چانهہ جي ٽڪن تي هنيائين جيڪي هينئر سندس ڪپڙن تي ”Abstract“ نمونو ناهي چڪا هئا... ايستائين سوزوڪيءَ جو هارن وري ڳن ڦاڙڻ لڳو تہ جلدي جلدي ٽيبل تان پَرس ڪڻي ٻاهر ڊوڙ پاتائين ۽ وچ تي ذري گهٽ هڪ هنڌ آٿڙي ڪِرڻ واري هئي، پر بچي ويئي. تڪڙ ۾ جيئن ئي گيٽ کولي، ٻاهر نڪتي تہ هٿ مان پرس ڇڏائجي ويس، ۽ پرس اندر پيل سڀ سامان پري پري وکري ويس... هوءَ روئڻهارڪي ٿي ويئي ۽ خوفزده نظرن سان سوزڪيءَ ڊرائيور ڏانهن ڏنائين، جنهن سوزوڪي جو هارن اهڙيءَ طرح وڄايو جڻ تہ آخري وارننگ ڏيئي رهيو هجيس. پاسي واري گهر جي چوڪيدار کي مٿس رحم اچي ويو ۽ هو ڪيس پَٽَ تان سامان ميڙڻ ۾ مدد ڪرڻ لڳو. سامان پرس ۾ رکي هن ڊوڙ پائي سوزوڪيءَ جي پائيدان تي اجا هڪ پير مَ رکيو هو تہ ڊرائيور گاڏي هلائڻ شروع ڪئي، ۽ جيڪڏهن سوزوڪيءَ ۾ ويٺل ٻيون ڇوڪريون ڪيس يڪدم پڪڙي مٿي نہ ڇڪين ها تہ هوءَ ”تمام مٿي“ پهچيچڪي هجي ها.

”ڏٺئي!... هيءَ آهي اسان جي زندگيءَ تون... هنيلا فنڪارا... شڪايتون ٿو ڪرين... مان ٿو توکي گهٽو ڏيئي ماريان.“ سندس اندر جي روبوٽ اڳ ۾ ئي هيسيل فنڪار تي هَڪَلَ ڪندي چيو.

ٿوري دير کان پوءِ جڏهن ڪڏن ڪوپن مان هلندڙ ”اسڪائي ليب“ سندن هاضمي جي نظام کي صبح سوير کاڌل نيرن جي هضم ڪرڻ ۾ جهوپن ۽ جهٽڪن وسيلي مدد ڪري رهي هئي تہ هن ڏٺو تہ سندس اندر جو فنڪار اداسيءَ مان ڪنڌ هيٺ ڪري وينو هو.پر هن کي هن تي ذرو بہ رحم نہ آيو. ڇو تہ هو اڪثر روبوٽ کي ڏوڪو ڏيئي، جڏهن ڪيس تصورن جي حسين دنيا ۾ وٺي ويندو هو تہ هوءَ حقيقي جي دنيا کان باغي ٿيڻ لڳندي هئي، پر جڏهن هوءَ واپس حقيقي جي دنيا ۾ موٽندي هئي تہ اتي ڪيس فناڪر ڪم نہ ايندو هو پر روبوٽ ئي ڪيس مدد ڏيندو هو.

ڪيس ياد آيو تہ جڏهن جنوريءَ جي سخت سيءَ جا ڏانهن هئا... هوءَ ايتري سيءَ ۾ بہ صبح جوالاهي سوير ”اسڪائي ليب“ ۾ فر ڪري رهي هئي. سوزوڪي اجا گهر کان ٿورو پري ئي ٿي هيئ تہ الائي ڪيئن سندس اندر جو ستل فنڪار اوچتو اکيون مهٽي، جاڳيو هو ۽ پوءِ هڪ زوردار رڙ

ڪري، سوزوڪيءَ کان ٻاهر اشارو ڪيائين تہ هن کي محسوس ٿيو تہ اها صبح سخت سرد هوندي بہ خوبصورت هئي... سخت سيءَ جي ڪري، ايڏي ڏنڌ هئي جو پري وارا منظر، گهر ۽ وڻ هلڪا نظر ٿي آيا ۽ ويجهي وارا وري خوبصورت ۽ چِٽا سهڻا، ننڍن بنگلن جي قطار صاف سٿري سڙڪ جي ٻنهي پاسن کان سهڻي پي لڳي. ڪن بنگلن جي ٻاهران باغيچا هئا تہ ڪن جي ٻاهران رڱو ٻوٽن ۽ وڻن جون قطارون هيون ۽ ڪن جي ٻاهران سهڻا ننڍڙا جنگلا هئا... صبح جي ٿڌي ويل، ڏنڌ ۽ خاموسيءَ ۾ وڪوڙيل اهو سهڻو منظر هن کي وري هڪ ڀيرو ماضيءَ ڏانهن وٺي ويو.

ننڍپڻ ۾ اها سندس Hobby هوندي هئي تہ ڪتابن، رسالن ۽ ڪئلينڊر وغيره مان هوءَ سهڻيون سنيريون (Sceneries) ڪٽي جمع ڪندي هئي ۽ پوءِ فرصت جي وقت ۾ هوءَ انهن کي سامهون رکي ڏسندي هئي ۽ سوچيندي هئي:

”ڪاش! منهنجو گهر بہ هنن سهڻن نظارن جي وچ ۾ هجي ها. ڪو ننڍڙو گهر، سهڻي جهوپڙي (ڪکن جي نہ پر سيمينٽ جي، عاليشان نموني ٺهيل) نما گهر جنهن جي پاسي ۾ ساوڪ هجي. وڻن جون قطارون هجن، گهرن جي قطار اڳيان صاف سٿري سڙڪ هجي. گهرن جي پٺين تي پکڙيل سهڻن گلن واريون وَليون هجن. پکين جو منڙيون ٻوليون هجن، گلن تي اڏرندڙ پوپٽ هجن ۽ ويجهو ئي ڪو درياءُ هجي...“

... ۽ هاڻي جو چؤڦير نظر وڌائين تہ خبر پئي تہ سندس چوڌاري تہ اهي ئي منظر هئا، پر ايترن سالن ۾ هن اڄ انهن ڏانهن ڌيان ڏنو هو.

”ڪو اهڙو زمانو بہ هوندو آهي، جو اسان وٽ ايڏو تہ وقت هوندو آهي، جو اسان پنهنجين اکين جي ڪئنواس تي ڪيئي رنگين خواب تخليق ڪري وٺندا آهن... ۽ ڪڏهن ڪڏهن وري ائين ٿيندو آهي تہ اهي سپنا پنهنجي ساڀيا جي روپ ۾ اسان جي آڏو اچي بيهندا آهن تہ اسان پنهنجي مصروفيتن ۽ دنيا جي خفن جي صحرا ۾ ائين ڀٽڪي رهياهوندا آهيون، جو اسان جي سامهون هوندي بہ اسين ساڀيائن کي ماڻي نہ سگهندا آهيون.“

سندس اندر جي فنڪار ڪيس نظارن ۾گم ڏسي فلسفيانہ انداز ۾ چيو:

”اي فنڪار! تون تہ زمان ۽ مڪان ۽ جنس جي قيد کان آزاد آهين تون مون کي ڏوهي ٿو سمجهين، پر ڇا آئون تنهنجو هٿ پڪڙي پنهنجي ئي گهٽين مان بحيثيت ”عورت“ آزاديءَ سان گهمي ڦري، فطري حُسن جا مزا ماڻي ٿي سگهان. ڇا آئون چانڊوڪيءَ رات جي حسن کي روح ۾ اوتڻ لاءِ سنڌو ڪناري تنهنجي هٿ ۾ هٿ ڏيئي هلي ٿي سگهان!!!.. اوچتو اندر جي عورت فنڪار کي هڪ پاسي ڪندي چيو:

“Man was born free, but now, he is in chains every where”

اها حقيقت آهي تہ هر ماڻهو زنجيرن ۾ جڪڙيل آهي. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ ڪجهہ ماڻهن جي زنجير جي ”Range“ ايتري وڏي هوندي آهي جو هو ڪافي پري تائين آزاديءَ سان گهمي ڦري

سگهندا آهن، ۽ مورک ان کي آزادي سمجهندا آهن. ايستائين جو جڏهن سندن زنجير جي ”رينج“ ختم ٿيندي آهي تہ هو اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ۾ منهن ڀر ڪرندا آهن... ۽... تڏهن ئي سندن نظر ان اڻ ڏٺل زنجير تي پوندي آهي. جيڪا ان مهل پنهنجي مڪمل حقيقت سميت نروار ٿيل هوندي آهي...“

هڪ زوردار جهٽڪي سان ”اسڪائي ليب“ بريڪ هٽي بيٺي تہ هوءَ خيالن مان نڪري حقيقت ۾ پهچي ويئي ۽ سوزوڪيءَ مان تڪڙ ۾ هيٺ لهي بيٺي تہ متان صبح جيان هڪڙو پير گاڏيءَ جي اندر هجي ۽ ٻيو روڊ تي ۽ گاڏي هلڻ شروع ٿئي.

”ڏس! اج جو تو واعدو ڪيو آهي... متان وِساري ڇڏئين... اج هر حالت ۾ توکي منهنجي لاءِ وقت ڪڍڻو آهي.“ ادر جي فنڪار هن ڏانهن نماڻائيءَ سان ڏسندي چيو.

”ها! ها! ... ياد آهي مون کي“ هن چيو.

پر...!... اوچتو ”اندر جي عورت چيو: ”منهنجي عزت تي حرف اچڻ نہ ڏجانءِ... متان ڪو مهڻو ڏيئي تہ فنڪار جي عشق ۾ تو مون کي وساري ڇڏيو اهي... منهنجون ذميواريون بہ توکي پوريون ڪرڻيون آهن...“

”ها! ها... بلڪل...“ هن جلدي ۾ چيو. ايستائين روبوٽ هَڪَل ڪندي چيو: ”بس بس! گهڻو ٿيو... دير پئي ٿئي...“

... ۽ پوءِ... جڏهن ڏهہ منٽ دير سان اچڻ تي Boss سندس ”عزت افزائي“ ڪئي تہ اندر جو فنڪار سڏڪا ڀرڻ لڳو ۽ اندر جي عورت هيسجي هڪ پاسي ٿي ويئي، تڏهن اندر جي روبوٽ همٿ ڪئي، ۽ سندس ڪلهي تي هٿ رکي، مشين جيان بي تاثر ٿي چيو:

Oh! Don't worry it's a part of your job.

تڏهن هوءَ روبوٽ بنجي ويئي، ۽ اٺ ڏينهن ڪنهن مشين جي ڪل پرزي جيان روٽين جو ڪم ڪري گهر پهتي تہ روبوٽ بہ موڪلائي روانو ٿيو ۽ هوءَ عورت بنجي ويئي. سوچيائين تہ ”فنڪار“ سان وعدا وفائي جو هڪ ئي طريقو آهي تہ منجهند جي آرام جي قرباني ڏيئي، شام کان اڳ روز جو ”عورتاڻو گهرو ڪم“ ختم ڪجي... ۽ واقعي هن ائين ڪيو هو. شام جو هوءَ صرف فنڪار هئي. هن ايترن سارن ڏينهن کان پوءِ ڪاغذ کي بورڊ تي Fixed ڪري، هڪ سهڻي تصوير پينسل سان draw ڪئي، واٽر ڪلر mix ڪري، برش تي رنگ کڻي واش ڪرڻ بعد پهريون Stroke مَس هنيو هو تہ هڪ ڪڙڪيدار آواز ٻڌڻ ۾ آيس: ”جلدي ڪر. چانهہ تہ ٺاهي وٺ.مهمان آيا آهن...“

”پر!...“ هن روئڻهارڪي ٿيندي چيو ”مون هاڻي پنهنجو ڪم پورو ڪيو آهي!“

”بس! بس... پوءِ ڇاهي... مون کي مهمانن وٽ ويهڻو اهي. ٻيو ڪير آهي هن وقت جيڪو ڪم ايندو...؟“

... هن پنهنجي ڪاوڙ ضبط ڪئي ۽ برش ۽ رنگ ہ پاسي رکي چانهہ ٺاهي... ۽ وري اچي ڪم

شروع ڪيائين جڏھن ڪو تخليقڪار تخليق جي گھرائي تائين پھچي ويندو آھي تہ پوءِ اتان ڪم اڌ ۾ ڇڏڻ بيحد ڏکيو لڳندو آھي... اھو ئي سبب اھي جو جڏھن ھوءَ ڏسندي ھئي تہ ھوءَ فنڪار کي صحيح ٽائيم نہ ڏيئي سگھندي، تہ ھوءَ ڏينھن جا ڏينھن تخليقي ڪم کي ھٿ نہ لڳائيندي ھئي، پر جڏھن ھوءَ تخليقي ڪم ۾ محو ٿي ويندي ھئي. ان وچ ۾ جيڪڏھن ”روبوٽ“ يا ”عورت“ جو ڪو اوچتو ڪم پوندو ھو ۽ ھو ڪيس ”تخليقي“ ڪم اڌ ۾ ڇڏڻ تي مجبور ڪندا ھئا تہ ان مھل ”فنڪار“ ايڏو تہ سگھارو ٿي پوندو ھو جو اصل روبوٽ ۽ عورت کي گوليءَ ھڻڻ لاءِ تيار ٿي پوندو ھو... پر وري بہ روبوٽ جا جوڙيل اصول ۽ عورت جون نماڻيون ۽ منٿ ھاڻيون اکيون ڏسي، مايوس ٿي مجبورين جي ٽرينڪولائز جو ”Heavy dose“ وٺي سمھي پوندو ھو.

ھن وقت فنڪار پنھنجي تخليق کي ھڪ اھم موڙ تائين پھچائڻ لاءِ گھرائيءَ ۾ ٻڏل ھو تہ ھڪ آواز وري سندس تسلسل کي ٽوڙيو.

”اڄ رات جي ماني تون ٺاھي وٺ...“

”پر اھا تہ منھنجي ڊيوٽي ۾ شامل ڪانھي... ۽ مون پنھنجي ڊيوٽيءَ وارو تہ سڄو ڪم ڪري ڇڏيو آھي.“ ھن احتجاج ڪيو.

”تون تہ ھاڻي ھر ڳالھہ ۾ بحث ڪرڻ لڳي آھين... خبر آھي تہ وڏي انٽليڪچوئيل آھين...“ جواب مليو.

فنڪار شديد احتجاج ڪيو ۽ چاھيائين تہ روئي، رڙيون ڪري، برش ٽوڙي ڇڏي، رنگ وکيري ڇڏي.. اڄ وري ھن سان زيادتي ڪئي پئي ويئي پر ”عورت“ اڳتي اچي ڪيس منٿ ۽ نماڻي لھجي ۾ سمجھائي راضي ڪيو ۽ ڪانئس چارج ورتي تہ روبوٽ ڪيس داد ڏنو:

“That’s good, face it, because it’s a part of your life.”

... ۽ ٿوري دير بعد سندس ھٿن ۾، برش بجاءِ ڇُري ھئي.. ۽ بصر ۽ ھٿ وڍڻ سان گڏ ھوءَ سوچي رھي ھئي تہ: ”اڄ بيسڻ جون ٽڪيون ڪجن يا پٽاٽن جي ڀاڄي...؟“

... ۽ سندس اندر جو فنڪار جيڪو ٽرينڪولائيزر جي اثر ھيٺ ننڊباٽڪو ٿي رھيو ھو سو فنڪار ڪاوڙ نماڻائي، حسرت ۽ ڏک مان سوچي رھيو ھو تہ: ”اڄ وري ”روبوٽ“ ۽ ”عورت“ گڏجي ساڻس وعده خلافي ڪري دوکي سان اھڙو ڏک ھڻي ڪڍيو ھو. جھڙو اسان جا سياسي اُميدوار اسيمبلين ۽ وزارتن ۾ اچڻ بعد عوام کي ڪيندا آھن.“

... ان ڏينھن کي ڪيترا ڏينھن گذري ويا آھن. فنڪار ھاڻي زندگي سان Compromise ڪري، احتجاج ڪرڻ ڇڏي ڏنو آھي. باقي ”روبوٽ“ ۽ ”عورت“ “Divide and rule” جي مقولي تي عمل ڪندي، سندس وقت کي ورھائي، مزي سان پنھنجي پنھنجي وقت جي رياست تي مڪمل قبضو ڄمائي حڪومت ڪري رھيا آھن.

# فتح

رابيل ايئرڪنڊيشنڊ ڪوچ ۾ داخل ٿي تہ ڪا مناسب سيٽ ڳولي ويهڻ لاءِ نظرون گهمائڻ لڳي تہ اوچتو آپا مهروءَ تي نظر پيس، جنهن جي پرواري سيٽ خالي هئي. هوءَ تيزيءَ سان ڪوچ جي ان آخري حصي ۾ موجود سيٽ ڏانهن وڌي.

”آپا مهرو!“ هن چيو.

”هان!“ آپا مهرو، جيڪا اخبار پڙهڻ ۾ محو هئي، تنهن رابيل جي سڏ تي اخبار تان نظرون هٽائي نظر جي عينڪ جي ٿلهن شيشن مان رابيل ڏانهن نهاريو.

”اسلام عليڪم!“ رابيل چيو.

”وعليڪم اسلام تون تہ شايد...“

”آپا، آئون رابيل آهيان.“

”اوهہ! ها رابيل! ڪهڙا حال آهن؟ ويهہ ويهہ هتي.“ آپا مهرو پر واري خالي سيٽ ڏانهن اشارو ڪيو تہ رابيل سيٽ تي ويهي رهي.

”آپا! ايترن سالن کان پوءِ اوهان سان اڄ اوچتو ملي سچ پچ تہ ڏاڍي خوسي پيئي ٿئي.“ رابيل جي خوشي سندس ٻهڪندڙ چهري مان ظاهر ٿي رهي هئي.

ڪوچ جو دروازو لاڪ ڪيو ويو تہ آهستي آهستي ڪوچ هلڻ لڳي. آپا مهرو سندس پر ۾ ڪوچ جي شيشي مٿان لڳل پردو ٿورو هٽايو ۽ ان مان ٻاهر ڏسڻ لڳي، ايستائين جو جڏهن ڪوچ نوابشاهہ شهر جون حدون پويان ڇڏي نيشنل هاءِ وري تي ڊوڙڻ لڳي تہ آپا مهرو شيشي مٿان پردو ڏيئي ڪجهہ دير چپ رهي ۽ پوءِ رابيل کي چيائين:

”رابيل! تون نوابشاهہ ۾ اڄ ڪيئن؟“

”آپا! سحر کي نوابشاهہ جي ميڊيڪل ڪاليج ۾ ائڊميشن ملي آهي، سو اڄ پهريون پيرو آئي هئي، ان ڪري منهنجي دل چيو تہ آئون پاڻ ڪيس پهريون پيرو هاسٽل ڇڏي اچان. خوابن جي منزلن ڏانهن ويندڙ مسافرن کي سندن پهرين اسٽيسن تان دُعائن جي سواريءَ ۾ چاڙهي پنهنجن هٿن سان تہ موڪل گهرجي نہ.“ رابيل چيو تہ سندس اکين ۾ هلڪو پاڻيءَ جو پردو نظر آيو.

”اوهہ! تہ تنهنجي ننڍي ڀيڻ سحر ميڊيڪل ڪاليج ۾ پهچي ويئي. ويري گڊ! رابيل! تون وڏي حوصلي واري ڇوڪري آهين. تو پنهنجي ڀيڻ ۽ ڀاءُ جي بهتر مستقبل لاءِ وڏي جاکوڙ ڪئي آهي. ڀلا تنهنجن ٻنهي ڀائرن جو ڇا ٿيو؟“

”وڏو ڀاءُ بئنڪ ۾ مئنيجر آهي ۽ شهزاد انٽر سائنس جو امتحان ڏيڻ وارو آهي.“

”۽ تنهنجي پڙهائي ڪيستائين پهتي؟“

”آپا، مان زولاجي ۾ ايم.ايس.سي. ڪرڻ کان پوءِ في الحال تہ هڪ پرائيويٽ اسڪول ۾ جاب جوائن ڪئي آهي ۽ ڪجهہ ڏينهن اڳ ليڪچرر شپ لاءِ فارم پڻ ڀريو اٿم، الله مالڪ آهي.“

”تمام سٺو“

آپا مهرو ايترو ڳالهائي وري اخبار پڙهڻ شروع ڪئي. رابيل سيٽ جي بيڪ تي مٿو رکي، اکيون بند ڪري پنهنجي بدن کي ڪجهہ ڍرو ڪري ڇڏيو تہ جن ٿڪاوٽ ۾ ڪجهہ آرام ملي پيس. سندس ذهن پوئتي ورڻ لڳو.

آپا مهرو جنهن جو پورو نالو مهرالنساءِ هو ڪاليج جي زماني ۾ کين باٽني پڙهائيندي هئي. ان وقت هن جي عمر چاليهن کان مٿي هوندي. هوءَ بنهہ عام نقشن واري، رنگ جي سانوري ۽ ڪجهہ ٿولهہ ڏانهن مائل هئي. ٿلهي عينڪ جي شيشن پويان نظر اندر سندس ننڍڙيون ننڍڙيون اکيون هر قسم جي جذبي کان عاري نظر اينديون هيون. هوءَ بي انتها بدمزاج هوندي هئي ۽ پنهنجن شاگردياڻين سان بيحد سختيءَ سان پيش اچڻ ڪري انهن ۾ انتهائي غير مقبول هوندي هئي. هوءَ جڏهن ڪاوڙ ۾ ايندي هئي تہ پوءِ پلي استاد هجن يا شاگرد، پٽيوالا هجن يا ڪو بيو سندس زبان جي تيرن کان پاڻ بچائي نہ سگهندا هئا پر پوءِ بہ سيني کي خبر هيئ تہ هن تمام سخت ۽ اڪيلائيءَ جي زندگي گذاري هئي. سندس ماءُ پيءُ هڪ ئي وقت روڊ ايڪسيڊنٽ جي ڪري گذاري ويا هئا، تہ ان وقت گهر ۾ هوءَ ئي سمجهہ ڀري هئي ۽ سندس تي ڀائر اجان ڪافي ننڍا هئا، ان ڪري هن سخت محنت ۽ جدوجهد سان نہ رڳو پڙهائي جاري رکي پر ننڍن ڀائرن جي پرورش پڻ ڪيائين. هن ان سموري جدوجهد ۾ ڇا ڪجهہ ڀوڳيو هو ساڻس ڪهڙا حالات پيش آيا، اهي سڀ ڄاڻندا هئا، ان ڪري ئي سڀ سندس بدمزاجيءَ جي باوجود، همٿ ۽ جاکوڙ ڪري سندس عزت بہ ڪندا هئا. هوءَ حد درجي جي خوددار ۽ ضدي پڻ هئي. ڀائرن کي پڙهائي لڪائي، پنهنجن پيرن تي بيهاريائين ۽ سندن گهر آباد ڪرايائين. جڏهن اهي سندس مدد ڪرڻ ۽ سندس سهارو بنجڻ جي قابل ٿيا ۽ کيس پان وٽ رهائڻ چاهيائون، پر هن انڪار ڪيو. هن شادي بہ ڪا نہ ڪئي. ائين سخت زندگيءَ ۽ اڪيلائيءَ سندس مزاج ۾ پڻ سختي ڀري ڇڏي هئي. کيس درگذر ڪرڻ جي باوجود گهٽا ماڻهو سندس زبان جي ڪاٽ ۽ بدمزاجيءَ جي ڪري کيس ناپسند ڪندا هئا.

هڪ پيري، فري پيريئڊ ۾، جڏهن رابيل ڪاريڊور ۾ پيل بينچ تي ويهي ڪجهہ لکڻ ۾ مصروف هئي تہ آپا مهرو ن سندس اڳيان لنگهي هئي. هوءَ پنهنجي ئي ڌيان ۾ ويٺل هئي، ان ڪري کيس خبر نہ پيئي تہ هوءَ سندس اڳيان گذري وئي هئي، جو اوچتو ئي آپا مهرو موٽي آئي ۽ کيس تيز لهجي ۾ مخاطب ڪندي چيائين:

”اسٽينڊ اپ!“

رابيل جي هٿ مان جرنل هيٺ ڪري پيو ۽ هوءَ بلڪل پريشان ٿي ويئي.

”جي! ميڊم!“ هن اٿندي ڏڪندي چيو.

”اوهان کي ايترو احساس بہ هاڻي نہ رهيو آهي تہ استاد جو وڏيڪ نہ سهي پر ڪجهہ تہ احترام ڪجي. هاڻي اوهان استاد جي لاءِ احترام ۾ اٿي بيهڻ بہ پسند نٿيون ڪريو! حد ٿي وئي آهي! اسان بہ تہ اوهان جيتريون هونديون هيوسين. اسان نہ فقط انهن استادن جو احترام ڪنديون هيوسين جيڪي اسان کي پڙهائيندا هئا، پر جيڪي نہ پڙهائيندا هئا انهن کي بہ پري کان ايندي ڏسي اصل اٿي بيهنديون هيوسين. پوءِ چون ٿا تہ اڄڪلهہ استاد ٻارن کي سٺي طرح نٿا پڙهائين. اڙي! شاگرد بہ سندن عزت تہ ڪري تہ پوءِ ئي سندن بہ دل چوي نہ. پر اڄڪلهہ جا ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون تہ پاڻ کي الائي ڇا ٿا سمجهن؟ استاد تہ سندن جهڙا نوڪر هجن. عزت ڪرڻ تہ ڄاڻن ئي ڪو نہ.“

”آپا! مون کي خبر نہ پيئي تہ اوهان وچو پيا.“

”فيشن جي، گهمڻ جي، فلمن ۽ ٽي وي ڊرامن جي خبر پوي ٿي، باقي ٻي ڪنهن ڳالهہ جي خبر نٿي پوي، شرم نٿو اچي اوهان ڇوڪرين کي! ٻڏي مرو.“ آپا مهرو اڃان بہ الائي ڇا ڪجهہ چوندي رواني ٿي ويئي.

”هونهہ! شاگرد عزت نٿا ڪن. ڪيئن ڪندا؟ عزت ڪبي ڪانهي، پر ڪرائبي آهي. استاد بہ گهٽ ۾ گهٽ سٺي زبان تہ استعمال ڪري. استاد ائين ڳالهائيندا تہ شاگرد بہ اهوئي ڪجهہ سکندا نہ!“ ڪا شاگردياڻي، جيڪا آپا مهروءَ کان اڳي ئي سڙي ويني هئي، اهو چوندي گذري ويئي ۽ رابيل جيڪا اڳي ئي بدحواس ٿي چڪي هئي، پنهنجا ڪتاب ۽ پٽ تي پيل جرنل ڪٽي بينچ تي ٻيهر ويهي رهي ۽ ڪم ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي. پر بي عزتيءَ جي احساس ڪري سندس دل پرجي آئي. هوءَ لڙڪ اکين ۾ روڪي ڪم ڪرڻ لڳي. ان ڏينهن کيس آپا مهرو زهر سمان لڳي هئي ۽ هن دل ۾ سوچيو هو تہ ”جيڪڏهن هن ڏکن سان پريل زندگي گذاري آهي تہ ان جو مطلب هو بہ ڪونهي تہ هوءَ انهن ڏکن ۽ محرومين جو حساب هر ماڻهو کان وٺندي رهي.“

انهن ئي ڏينهن ۾ رابيل جي زندگيءَ ۾ بہ ڪي اهڙيون تبديليون آيون جو هوءَ صفا پريشان ٿي ويئي. سندس سڄي گهر جو چرخو سندس پيءُ جي ڪمائيءَتي هلي رهيو هو جيڪو سٺي پوسٽ تي هو جو اوچتو هڪ ڏينهن آفيس ۾ ڪم ڪندي کيس دل جو دورو پيو. دل جي دوري مان تہ هو بچي ويو هو پر پوءِ اهو ايڏو بيمار ۽ بددل ٿي ويو جو وقت کان اڳي رٽائرمينٽ وٺي ڇڏيائين. ان مهل هن کانسواءِ ٻيو ڪير بہ گهر سنڀالڻ جي قابل نہ هو. رابيل کان وڏو هڪ ڀاءُ هو جيڪو ايم. ڪام ڪري رهيو هو ۽ رابيل پاڻ اڃان ڪاليج ۾ پڙهي رهي هئي. ٻہ ننڍا ڀاءُ ڀيڻ اڃان اسڪول ۾ پڙهي رهيا هئا تہ سندن پيءُ جي بيماريءَ ۽ رٽائرمينٽ ڪري گهر جون حالتون خراب ٿيڻ لڳيون. سندس ماءُ زيور وڪڻي، گهر جون ضرورتون پوريون ڪري رهي هئي. رابيل گهر جي حالتن ڪري ايڏي تہ پريشان ٿي جو نہ تہ پڙهائيءَ ڏانهن توجهہ ڏئي ٿي سگهي ۽ نہ ئي ڪنهن کان مدد وٺي ٿي سگهي. ائين

آهستي آهستي هوءَ صفا خاموش رهڻ لڳي ۽ پنهنجي ساهيڙين کان پڻ پري رهڻ لڳي ۽ جڏهن بہ ڪيس فري پيريڊ ملندو هو يا رسيس ٿيندي هئي تہ هوءَ لائبرري هلي ويندي هئي ۽ ڪتابن جي انبار ۾ هوءَ بہ ڪو ڪتاب کولي زوري ڌيان ان ڏانهن ڏيڻ جي ڪوشش ڪندي هئي. پر اڪثر ڪيس ناڪامي ٿيندي هئي. هڪ دفعي جڏهن لئبرريءَ جي ڪنڊ واري پاسي ٻيو ڪير بہ نہ هو هوءَ هڪ ڪتاب کولي ڪاپيءَ تي نوٽس وٺي رهي هئي تہ اوچتو ئي وري سندس دل ڀرجي آئي ۽ هوءَ ڪتاب ۽ ڪاپي بند ڪري ٻيئي هٿ مٿي تي رکي ويهي رهي ۽ باوجود روڪڻ جي ڪوشش ڪرڻ جي بہ لڙڪ سندس اکين مان لڙي آيا تہ آپا مهرو جيڪا ڪجهہ پريرو ڪتابن جي ريڪ وٽ بيٺل هئي ۽ ڪجهہ دير کان پڪو سندس حرڪتون ڏسندي رهي هئي، هن وٽ آئي هئي ۽ چيائين:

”ڇوڪري! آخر تو سان مسئلو ڇا آهي؟“

بس، آپا مهروءَ جو ايترو ئي چوڻ هو تہ هوءَ اصل اڇنگارون ڏيئي روئڻ لڳي. آپا مهرو جيڪا بدمزاج ۽ چڙ چڙي هئي، اها ئي آپا مهرو ان وقت بلڪل بدلجي ويئي. هن ڪيس ڀاڪر ۾ ڀريندي چيو:

”رليڪس! پٽ! ائين ڪبو آهي ڇا، ايڏي وڏي ڇوڪري ائين روئيندي آهي ڇا؟ مونکي ٻڌاءِ ڇا ٿيو آهي؟“ تڏهن رباليءَ ڪيس سموري ڳالهہ ٻڌائي هئي.

”پريشانيءَ جي ڳالهہ ضرور آهي، پر رابيل! بابا! جيڪڏهن ائين دل لاهي ويهندينءَ تہ پوءِ مسئلا ڪيئن حل ٿيندا؟ توکيتہ خوش ٿيڻ گهرجي تہ الله سائين تنهنجي پيءُ کي نئين حياتي بخشي آهي. ڀلي جيڪڏهن هو ڪمائي ڪرڻ جهڙو ناهي رهيو پر پوءِ بہ اوهان لاءِ ڏڍ تہ آهي، ڇپر ڇانوَ تہ آهي. ماءُ پيءُ ڀلي ڪجهہ ڪرڻ جي قابل بہ نہ رهن، پر پوءِ بہ آسرو تہ هوندا آهن. اولاد لاءِ دُعا جو دَرُ هوندا آهن. مون کان پُڇ تہ ماءُ پيءُ بنا مون پاڻ کي ڪيڏو اڪيلو ۽ بي سهارا سمجهيو هو. تون تہ خوش قسمت آهين تہ سندن سايو تنهنجي مٿان آهي ۽ تون چاهين تہ تون پنهنجي گهر کي سهارو ڏيئي سگهين ٿي ۽ تون اڪيلي بہ ڪانہ آهين. تو سان گڏ تہ تنهنجو وڏو ڀاءُ بہ اهي. پاڻ کي سنڀال ۽ ائين نہ لاهہ.“

آپا مهرو پيار، پنهنجائپ ۽ خلوص سان چيو تہ رابيل حيران ٿي ڪيس ڏٺو تہ ڇا اها ساڳي آپا مهرو هئي. اڪڙ ۽ جهيڙاڪ!

۽ پوءِ، ان ڏينهن کان پوءِ آپا مهرو تہ رابيل لاءِ جڻ ڇپر ڇانوَ بنجي ويئي. هن ڪيس قدم قدم تي حوصلو ڏنو پيار ڏنو ۽ پڙهائيءَ ۾ پڻ هر قسم جي مدد ڪئي هئي ۽ سڀ کان وڏو احساسن اهو تہ هن سندس وڏي ڀاءُ ارشد کي ڪجهہ چئو چوا ڪرائي هڪ پرائيويٽ اداري ۾ پارٽ ٽائيم جاب وٺرائي ڏني هئي. پڻ رابيل کي بہ ٻہ ٽي ٽيوشنس وٺرائي ڏنيون. اهڙيءَ طرح هو پنهنجي گهر جي خرچ ۽ پيءُ جي بيماريءَ جي علاج کي منهن ڏيڻ جهڙا ٿيا هئا. پر ان دور کان وٺي رابيل جي سڄي شخصيت ۾ ئي جڻ تبديلي اچي ويئي هئي. هوءَ حد کان وڌيڪ سنجيده ۽ خاموش هرڻ لڳي هئي. حالتن ڪيس

وقت کان اڳ ئي الاهي وڏو ڪري ڇڏيو هو. هوءَ فري پيريڊ ۾ گهڻو ڪري لئبرريءَ ۾ هلي ويندي هئي ۽ پوءِ يا تہ ڪورس جي ڪتابن پڙهڻ ۾ لڳل هوندي هئي يا وري ٻيا ڪتاب هٿ ۾ هوندا هئس. انهن ئي ڏينهن کان کيس ادب پڙهڻ جو پڻ چاهہ وڌي ويو هو. کيس جڏهن بہ آپا مهرو ڪتاب پڙهندي ڏسندي هيئي تہ چوندي هئي:

”ڇوڪري! ايڏا ڪتاب نہ پڙهندي ڪر.اجايو ئي پنهنجو مٿو خراب ڪرين. هونءَ بہ ڇوڪريون ڪيڏا بہ اُٺ ڪتابن جا ڇو نہ پڙهي وٺن، کين ڪرڻو تہاهو ئي ٿانو ٻهاري آهي. مڙس جي خدمت ڪرڻ ۽ ٻار پالڻا آهن ۽ هي ادبي ڪتاب تہ مرڳو ئي چَٽ ڪري ڇڏيندءِ.“

”نہ آپا! ڪتاب تہ شعور ڏيندا آهن، ۽ شعور وري جيئڻ جو ڍنگ سيکاريندو آهي.“ هوءَ کلي چوندي هئي.

ڪڏهن وري آپا مهرو سندس سنجيدگيءَ ۽ خاموشيءَ تان کيس ٽوڪيندي هئي: ”ڇوڪري! ايڏو خاموش ۽ سنجيده نہ رهندي ڪر، نہ تہ ڇَري ٿي پونديندءِ. اسان کي ڏس. ايڏو ڪجهہ سَنو آهي، پر پوءِ بہ کلون ٿا، ڳالهايون ٿا ۽ تو ايڏي ننڍي عمر ۾ ئي پاڻ کي ائين ڪري ڇڏيو آهي! ڪجهہ ڳالهاءِ، ڳالهاءِ، هيءَ خاموشي پاڳل ڪري ڇڏيندءِ.“

ائين وقت گذرندو ويو. رابيل ڪاليج ڇڏي يونيورسٽي پهچي ويئي، پر پوءِ بہ هوءَ آپا مهروءَ سان ملڻ ڪاليج ضرور ويندي هئي. ڪجهہ عرصي کان پوءِ رابيل کي خبر پيئي تہ آپا مهرو پنهنجو ٽرانسفر ڪرائي ڪراچي هلي ويئي هئي. ان کان پوءِ سندس ملاقات سالن تائين هن سان نہ ٿي سگهي هئي ۽ هينئر کيس هوءَ اوچتو ڪوچ ۾ ملي هئي. کيس احساس ئي نہ ٿيو تہ ڪيترو وقت گذري ويو! ڪوچ تيزيءَ سان حيدرآباد ڏانهن ڊوڙي رهي هئي.

”رابيل! ڪافي پيئندينءَ؟“ اوچتو آپا مهروءَ کيس مخاطب ڪيو تہ هوءَ پنهنجن پُورن مان نڪري آئي ۽ هاڪار ڪيائين تہ آپا مهرو ٿرماس مان ڪافي ڪڍي هڪ مگ کيس ڏنو ۽ ٻئي ۾ پاڻ پيئڻ لڳي.

”آپا، اوهان جو نوابشاهہ اچڻ ڪيئن ٿيو؟“ رابيل پڇيو.

”اسان جا ڪي پري جا مائٽ هتي رهن ٿا،سو انهن جي هڪ شاديءَ جي دعوت اٽينڊ ڪرڻ آئي هيس ۽ هاڻي حيدرآباد ۾ پنهنجي هڪ پراڻي ڪليگ ڏانهن پيئي وڃان. رات اتي ترسندس ۽ صبح جو ڪراچي هلي ويندس.“

”آپا، اوهان تہ حيدرآباد ۾ سيٽ هئا، پوءِ اوچتو ڪراچي ڇو ويا؟“

”بس رابيل! اڪيلائي عذاب بنجي ويئي هئي. پائرن ۽ پاجاين جي در تي وڃڻ مون کي سَنو نہ لڳو سو ڪراچيءَ ۾ منهنجي هڪ تمام پياري ۽ پراڻي وقت کان ساٿ ڏيندڙ ساهيڙي رهي ٿي. سندس گهر وارو گذاري ويو تہ هوءَ اڪيلي ٿي ويئي. هڪ پٽ اٿس، جيڪو انگريزيائي پرڻجي ولايت وسائي وڃي ويهي رهيو، سو آئون هن وٽ هلي ويس ۽ اتي اسان ٻنهي گڏجي ريڊي ميڊ گارمينٽس جو

دڪان کوليو آھي. ائين هڪ پاسي اسين ٻئي هڪٻئي جي اڪيلائيءَ جو سھارو بڻجي پياسين تہ ٻئي اپسي جيئڻ جو آسرو پڻ ڪري ورتوسون. ڪنھن جا محتاج تہ ڪو نہ آهيون.“

”آپا! سچ پچ تہ اوهان وڏي حوصلي واريون آهيو. آئون پاڻ بہ جڏهن بہ همٿ هارڻ لڳندي هيس تہ هميشہ اوهان جو مثال منھنجي اکين آڏو ايندو هو تہ مون کي بہ حوصلو ملي پوندو هو.“ رابيل چيو ۽ پوءِ هوڪيتري ئي دير ڳالهائينديون رهيون: هر موضوع تي، پراڻين ڳالهين تي، ايستائين جو سندن سفر جو ڪافي حصو ڪٽي چڪو هو ۽ هو حيدرآباد جي ويجهو پهچي ويا هئا تہ آپا مھرو کانئس پڇيو:

”پلاشادي ڪڏهن ٿي ڪرين؟ ڪو رشتو آيو اٿئي يا نہ. نہ تہ منھنجي نظر ۾ آهن ڪجهہ گهر.“

”آپا، منھنجو مڱڻو ٿي چڪو آهي ۽ هو شاديءَ لاءِ پڻ تڪڙ ڪن پيا، پر مون انڪار ڪري ڇڏيو آهي. اڃان منھنجي مٿان الاهي ذميواريون آهن. آئون تہ مورڳو سوچيان ٿي تہ شادي ڪنديس ئي نہ.“

”نہ، نہ! خبردار جو ائين سوچيو اٿئي! رابيل! ڪو بہ رشتو ڪو بہ ماڻهو ڪنهن جو ناهي. جن پائرن ۽ ڀيڻ جي لاءِ تون ايڏي قرباني ڏئين پئي، اهي تہ اڳتي هلي پنھنجن پنھنجن گهرن جا ٿيندا. پوءِ يا تہ سڄي عمر پاڇاين جي خدمت ڪندي ۽ انهن جا ٻار پالي گذري ويندءِ يا جيڪڏهن اڪيلي رهئين تہ اڪيلائيءَ جو عذاب ماري رکندئي. مون کان پڇ تہ اڪيلائي ڇا هوندي آهي.“ آپا مھرو چيو.

”آپا! اوهان پاڻ سوچيو. منھنجو وڏو ڀاءُ شاديءَ وارو آهي.سندس ٻار ٻچا آهن ۽ خرچ گهڻا اٿس، پوءِ بہ هو اسان کي سپورٽ ڪري پيو. پر اڃان سحر کي ڊاڪٽر بڻجڻ لاءِ وقت ۽ خرچ کپي ٿو ۽ شهزاد تہ اڃان انٽر بہ ڪانهي ڪئي. پوءِ آئون شادي ڪري ڪين ائين ڪيئن ڇڏي هلي وڃان.“

”چڱو ڇا تنهنجي مڱيندي کي تنهنجي حالتن جي خبر ڪانهي؟“

”آپا! هن کي سڀڪجهہ خبر آهي ۽ هن تہ اهو بہ چيو آهي تہ شاديءَ کان پوءِ هو بہ مون سان گڏجي منھنجي ذميوارين ۾ منھنجو هٿ ونڊائيندو پر...“

”پر وَر ڪجهہ بہ ڪونهي، ڇوڪري! ياد رک، گذري ويل وقت موٽي ناهي ايندو ۽ هر گذرندڙ ڏينهن تنهنجي عمر ۾ اضافو ڪري رهيو آهي. ٻيا سڀ ڪم ٿيندا رهندا. انشاء الله تنهنجا ننڍا ڀاءُ پنھنجي منزل ماڻيندا. تون شادي کان پوءِ بہ هنن جو ساٿ ڏئي سگهندينءَ ۽ تنهنجو ڀاءُ ارشد بہ سمجهہ وارو ۽ ذميوار ماڻهو آهي. هو بہ پنھنجو فرض نڀائي پيو. بس تون شاديءَ لاءِ يڪدم ها ڪر ۽ وڌيڪ دير نہ ڪجانءِ ۽ ها! مون کي شاديءَ ۾ نہ سڏايئہ تہ اصل جهيڙو ٿيندو.“

”آپا! ڇا اوهان شاديءَ کي ايڏو ئي ضروري سمجهو ٿا؟“

”بلڪل! ڇو تہ اسان جنهن معاشري ۾ رهون پيا، اتي اڪيلي عورت جي زندگي ڪنهن عذاب کان گهٽ ناهي. قدمقدم تي آزمائشون آهن. ڪيس ڪنهن پل بہ سک نصيب ڪونهي.“ آپا ائين چوندي ڪجهہ اداس ٿي ويئي.

”آپا! پوءِ اوهان پاڻ شادي ڇو نہ ڪئي؟“ رابيل ڊڄندي ڊڄندي ڪائنس اهو سوال پڇيو جيڪو سالن کان سندس ذهن ۾ اٽڪيل هو پر هوءَ ڪڏهن بہ ڊپ کان آپا مهروءَ کان پڇي نہ سگهي هئي. آپا مهرو پهرين تہ ڪجهہ دير خاموش رهي. ڪوچ حيدرآباد جي حدن جي ويجهو ٿيندي پئي ويئي. آپا مهرو دريءَ جي مٿان پردو سرڪائي پاسيرو ڪري ڇڏيو ۽ ڪجهہ دير ٻاهر ڏسندي رهي ۽ پوءِ ٿڏو ساهہ کڻي رابيل ڏانهن متوجهہ ٿي: ”رابيل! مون کي خبر آهي تہ آئون انتهائي سادي شڪل جي عورت آهيان. جڏهن آئون نوجوان هيس تہ منهنجي لاءِ ڪجهہ مائٽيون آيون. جيئن تہ گهر ۾ ڪو وڏو نہ هو ان ڪري، ان معاملي ۾ مون کي پاڻ منهن ڏيڻو پيو هو. هڪ پيري هڪ مرد مون کي ڏسي مون کي رجيڪٽ ڪري ڇڏيو ۽ جڏهن ٻيو پيرو ائين ٿيو تہ منهنجي اندر ۾ ڪاشيءِ جڻ پڃندي پُرندي محسوس ٿي! مون کي ائين محسوس ٿيو تہ شايد آئون مڪمل عورت ڪو نہ آهيان.“ آپا مهرو ايترو چئي چُپ ٿي ويئي ۽ رابيل ڏيان سان سندس ڳالهہ ٻڌندي رهي. آپا مهرو وري ڳالهايو: ”رابيل! هي مرد عورت جي روح کي، هن جي نادر کي نہ ڏسندا آهن. هنن جي لاءِ عورت فقط رنگ ۽ ورپ حسن ۽ جسم جو نالو آهي. هواهو نہ ڏسندا آهن تہ هوءَ مامتا بہ آهي، هوءَ پيار جي طالب ۽ پيار ڏيندڙ هستي بہ آهي. سو جڏهن ٻن مردن مون کي ٺڪرايو تہ منهنجي عورتپڻي کي الاهي ٺيس پهتي. منهنجي عزت نفس مجروح ڪئي وئي ۽ مون کي محسوس ٿيو تہ آئون مڪمل عورت ڪو نہ آهيان. پوءِ مون اهو سوچيو تہ اهو سيڪجهہ تڏهن ٿيو جڏهن مون پاڻ کي ايڏو ڪمزور ۽ ضرورت مند محسوس ڪيو جو سهارا ڳولهڻ لڳي هيس. بس پوءِ مون پنهنجي مٿان هيٺاپ جو اهو خول لاهي ڦٽو ڪيو ۽ فيصلو ڪيم تہ هاڻي آئون شادي نہ ڪنديس.“

”پر آپا! سڀ ماڻهو تہ هڪجهڙا ڪو نہ هوندا آهن، نڪوئي سڀ مرد عورت جي ظاهري حسن تي ئي مرندڙ هوندا آهن.“ رابيل چيو:

”ها پٽ! مان ڄاڻان ٿي. تي سگهي ٿو تہ مون کي سٺا ماڻهو ملي پون ها ۽ منهنجي شادي بہ ٿي وڃي ها. پر رابيل! منهنجي دل ان مهل ٽوڙي ويئي ۽ منهنجي عزت نفس انمهل مجروح ڪئيويئي، جنهن وهيءَ ۾ ڇوڪرين جون دليون شيشي کان بہ وڌيڪ نازڪ هودنيون آهن ۽ سندن خواب اندلٺ جي رنگن کان بہ سهٺا هوندا آهن. بس، پوءِ پنهنجي خوابن جي سهڻن رنگنمٽان ڪارنهن ڦرندي ڏنم ۽ دل جو شيشو چور ٿيل ڏنم تہ آئون ڪمزوريءَ ۽ هيٺاپ جون حدون ٽپي آزاد ٿي ويس. مون پنهنجي عورتپڻي جي نفي ڪئي ۽ پوءِ مون پاڻ کي عورت نہ سمجهيو پر مرد بنجي حالتن کي منهن ڏنو. وقت ۽ حالتن مون کي بدمزاج ۽ چڙ چڙو بنائي ڇڏيو ۽ منهنجو اعتماد ماڻهپي تان عام طرح ۽ مردن کان خاص ڪري کڄي ويو. منهنجي رويي جي ڪري ماڻهو منهنجو نالو ٻُڌندي ئي ڪنن تي هٿ رکندا هئا. پر رابيل! ائين نہ ڪريان ها تہ هن معاشري ۾ جي نہ سگهان ها. ڇو تہ هتي ڪمزور ماڻهوءَ کان جيئڻ جو حق کسي قدم قدم تي مشڪلاتون کڙيون ڪيون ويندیون آهن.“

”پر آپا! پاڻ کي ايڏو پٿر تہ نہ بنايو ها. تي سگهي ٿو تہ ڪو بہ سٺو ماڻهو اوهان کي اوهان جي

خوبين ۽ خامين سميت قبول ڪري وٺا ها.“ رابيل چيو.

”مليو هو هڪ شخص، جنهن ۾ مون کي منهنجي خوبين ۽ خامين سميت قبول ڪرڻ جو حوصلو هو. واقعي هڪ سٺو انسان هو ۽ ان مون کي پروپوز ڪيو هو ۽مون کي خبر هئي ته اهو منهنجي شادي ٿيڻ جو آخري موقعو هو ڇو جو اهو منهنجي زندگي ۾ عمر جو اهودور هو جنهن کان پوءِ مون جهڙي معمولي شڪل جي عورت لاءِ هجڻ به موقعو نه هوندو آهي.“

”پوءِ؟“ رابيل تجسس مان پڇيو.

”مون ڪيس انڪار ڪري ڇڏيو. انجي باوجود ته هو منهنجي زندگيءَ ۾ ايندڙ پهريون ۽ آخري مرد هو جيڪو مون کي سٺو لڳو هو.“ آپا مهروءَ ايترو چيو ته ڪوچ هڪڙي جهٽڪي سان بيهي رهي. هو حيدرآباد پهچي چڪا هئا. آپا مهرو ۽ رابيل ڪوچ کان ٻاهر آيون ۽ روڊ ڏانهن وڃڻ لڳيون. رابيل کي اڃا تائين ٿيڻ لڳي ته هو آپا مهروءَ کان پوري ڳالهه پڇي.

”آپا مهرو! اوهان آخر ڇو انڪار ڪيو ان شخص سان شادي ڪرڻ کان، جنهن کي اوهان خود به چاهيو هو رابيل روڊ جي ڪناري هلندي هلندي پڇيو.

”پنهنجي اندر جي عورت کي، جيڪا مري چڪي هئي يا وري ماري ويئي هئي، هن کي ٻيهر حياتي بخشڻ لاءِ.“

”ڇا مطلب؟“

”رابيل! مون توکي ٻڌايو هو ته جڏهن ٻن مردن هڪ عورت کي گهٽ سمجهي ٺُڪرايو هو ته هن جو عورتپڻو ۽ عزت نفس مجروح ٿيا هئا.“ ايترو چئي آپا مهرو پري کان ايندڙ هڪ رڪشا کي هٿ ڏنو.

”مون ٻڌايو ته مون پنهنجي مٿان هيٺائپ جو خول لاهي ڦٽو ڪيو هو. هاڻي مون وٽ به رستا هئا: يا ته ان شخص سان شادي ڪري وري ٻيهر پنهنجي اندر جي ان عورت کي زنده ڪريان ها جيڪا ڪمزور هئي ۽ ڪيس ڪنهن مرد جو سهارو ڪپيو ٿي يا ته ان عورت ي زنده ڪريان، جيڪا پنهنجي ڀرپور عورتپڻي سان نروار ٿئي ها ۽ پاڻ کي اڌپوري عورت سمجهڻ بجاءِ ايڏي ڀرپور ۽ مڪمل عورت سمجهي جو هڪ مرد جي محبت کي ٺڏو هڻي ٺڪرائي سگهي ٿي.“ رڪشا ويجهي ايندي ٿي ويئي.

”رابيل! مون هُن شخص کي ٺڪرائي ان عورت جو بدلو ورتو، جنهن کي ٻن مردن ٺڪرايو هو. سندس انا کي مجروح ڪيو ويو هو.ها، مون جنهن سان محبت ڪئي ان کي ئي ٺڪرايو. ان ڪري جو ائين ڪرڻ سان هڪ عورت مڪمل عورت بنجي ويئي ۽ سندس انا ۽ عزت نفس ڪيس موٽي ملي. سندس اندر جي مري ويل عورت ٻيهر زنده ٿي ويئي، پر ڪمزوري يا هيٺائپ جي خول ۾ ويڙهيل عورت نه، پر هوءَ هاڻي مڪمل ۽ ڀرپور عورت هئي، جنهن لاءِ ڪنهن مرد کي ٺڪرائڻ ڪا وڏي ڳالهه نه هئي. ها اها ئي هن جي فتح هئي. ها رابيل! محض هڪ عورت جي فتح لاءِ.“ ائين چئي هوءَ رڪشا ۾ ويهي رهي ۽ رابيل ڏانهن هٿ لوڏيندي هوءَ رڪشا جي دونهن ۽ گوڙ سميت آهستي آهستي هن جي

نظرن کان غائب ٿيندي ويئي، پر سندس اکين مان لڙيل اهي لڙڪ اتي روڊ تي بيٺي رابيل کي ڪيتري ئي دير اکين آڏا ڦرندا رهيا؛ جيڪي سدائين بي تاثر رهنديون هيون پر ان مهل انهن ۾ اهو تاثر ۽ درد هو جنهن کي فقط ڪا عورت ئي ڏسي تي سگهي ۽ محسوس ڪري تي سگهي. رابيل پوءِ آهستي آهستي هلندي پنهنجي ماڳ ڏانهن ويجهي ٿيندي ويئي. هوءَ وڌندي رهي.

# لَو مئريج

منهنجي ۽ ليليٰ جي شادي ٿيڻ جو قصو اڄ بہ ياد پوندو اٿم. اسين ٻئي شاديءَ کان اڳ ”ڪيوپڊ“ جي تير جو نشانو بڻجي چڪا هئاسين ۽ پوءِ عشق جا ڪيئي امتحان پاس ڪرڻا پيا. اهڙيءَ ريت جو اسان وٽ اڄڪلهہ جيان ”چيٽنگ“ ڪرڻ جو چانس بہ نہ هو. هوءَ سچ پچ ليليٰ ٿي چڪي هئي ۽ آئون پڻ ”مجنونءَ“ جي جانشين ٿيڻ جي ڀرپور ڪوشش ۾ هوس ۽ ليليٰ جا ۽ منهنجا مائٽ ”ظالم سماج“ جو رول ادا ڪري رهيا هئا.

ڪيترن ئي ڏينهن تائين جڏهن ڪوشش جي باوجود بہ اسان جا مائٽ اسان جي شاديءَ لاءِ راضي نہ هئا, تڏهن اسان بہ ”لَوِ اسٽوري“ جي ڪلائمڪس تي پهچي وياسين ۽ ٻنهي مائٽن کي ڌمڪي ڏني تہ جيڪڏهن هو اسان جي شادي نہ ڪرائيندا تہ اسان ٻئي هڪ ئي ڏينهن ۽ هڪ ئي وقت زهر کائي پنهنجو انت آڻينداسون. (گهر مان ڀڄي ڪورٽ مئريج ڪرڻ جو آئيڊيا بہ ذهن ۾ آيو هو پر ان دور ۾ منهنجي ڪيسي ۾ ٽڪو بہ نہ هوندو هو. سو رڪشا جي ڀاڙي جيترا پئسا نہ هئڻ ڪري اهو فيصلو ڊراپ ڪرڻو پيو.) سو نيٺ خودڪشيءَ جي ڌمڪيءَ اثر ڪيو ۽ اسان جا مائٽ راضي ٿيا. ائين پوءِ مڱڻو ڪري اهو شرط رکيو ويو تہ جيستائين مون کي نوڪري نہ ملندي, شادي نہ ٿيندي. سو نيٺ نوڪري بہ هٿ ڪيم ۽ ائين منهنجي ۽ ليليٰ جي ”لَو مئريج“ وڏي ڌام ڌوم سان ٿي. اسان هڪ ٻئي کي حاصل ڪري پنهنجي ننڍڙي گهر ۾ انتهائي خوش هئاسين ۽ محبت جي نشي ۾ ايترا مخمور هئاسين جو وقت گذرڻ جو احساس ئي نہ ٿيو. ايستائين جو شاديءَ کي سال ٿي ويو ۽ شاديءَ جي پهرين سالگره واري ڏينهن ليليٰ مون کي چيو هو:

”ڊارلنگ! اسان شاديءَ جي سالگره ۾ ڪنهن کي بہ انوائيٽ نہ ڪنداسين ۽ جيستائين حياتي هوندي, چاهي ڪجهہ بہ ٿئي, سڀ مصروفيتون ڇڏي, ان ڏينهن گڏجي ويهنداسين. اهو ڏينهن اسان جو فقط هڪٻئي لاءِ هوندو ۽ ها! اسان اڄ اکن اها روايت بہ وجهون ٿا تہ هر سال شاديءَ جي سالگره تي اسٽوڊيو ۾ هلي گڏ فوٽو گراف ضرور نهرائينداسين ۽ ائين هڪڙو آلبم ٺاهينداسين جنهن ۾ فقط اهي فوٽو هڻنداسين جيڪي اسان ويڊنگ اينيورسريءَ جي موقعي تي ڪڍرائينداسين.“

مون کي ليليٰ جو ڏنل اهو آئيڊيا تمام گهڻو پسند آيو ۽ اڄ تائين اسان پنهنجي وچ ۾ ٿيل ان معاهدي تي عمل ڪندا آهيون. اهڙيءَ طرح ان البم ۾, جنهن جي مٿان ليليٰ گلن واري سهڻي پني تي خوصبروت لفظن ۾ The Album of love لکي ان جي ڪوَر جي مٿان ٽرانسپيرنٽ پلاسٽڪ ڪوَر چاڙهي ڇڏيو آهي ان ۾ ڏهہ فوٽو لڳي چڪا آهن.

جي ها! ڪجھہ ڏينھن اڳ اسان جي شاديءَ جي ڏھين سالگره خير سان ٿي گذري ۽ هينئر آئون ”البم آف لَو“ کولي ڏسي رهيو آهيان. هيءَ پھرئين صفحي تي اسان جي شاديءَ جي تصوير آهي. ڪنوار جي روپ ۾ ليليٰ جڻ تہ حُور لڳي رهي آهي. خير آئون بہ تہ شهزادو لڳي رهيو آهي!

۽ هيءَ شاديءَ جي پھرين Anniversary جي تصوير آهي. اسان ٻنهي جا چھرا خوشيءَ، سڪون ۽ آشائن جي جذبن سان ٽمتار آهن.

۽ هيءَ شاديءَ جي ٻي سالگره تي نڪتل تصوير. اسان ٻنهي جا مرڪندڙ چھرا آهن. اسان جي وچ ۾ وينل جمشيد، جنھن کي اسان پيار مان ”جمي“ چوندا آهيون، جنھن جي عمر ان مهل اٺ نو مهينا هئي.

۽ پوءِ اڳتي ڪا ”نئين“ ڳالھہ ڪانهي، سواءِ ان جي تہ سال بہ سال نڪتل تصويرن ۾ ليليٰ مسلسل ٿولھہ ڏانھن مائل ٿيندي نظر اچي رهي آهي ۽ آئون پڻ بيڊولو ٿيڻ سان گڏ تسلسل سان گنجو ٿيندو نظر پيو اچان ۽ اسان سان گڏ ويٺل ٻارن جو تعداد وڌندو پيو وڃي ۽ گذرندڙ وقت سان گڏ هر سال جي تصويرن ۾ اسان جي چھري تان مُرڪ آهستي آهستي غائب ٿيندي نظر اچي رهي آهي.

۽ هي اهو فوٽو آهي، جيڪو اسان ڪجھہ ڏينھن اڳ پنھنجي شاديءَ جي ڏھين سالگره تي ڪيراوي آهي. اسنا جي اڳيان پنج ٻار ويٺل آهن. ٿي پٽ آهن اسان کي ۽ ٻہ نياڻيون جن کي فوٽو گرافر عمر جي تسلسل مطابق اهڙيءَ ريت ترتيب سان قطار ۾ ويھاريو آهي جو جڻ ”سيڙهي“ ٺھي وئي آهي. هن تصوير ۾ ليليٰ جي چھري تي مرڪ جو نالو نشان بہ ڪونهي، پر هوءَ جڻ ڪاوڙ مان ڦوڪي ويٺي اهي ۽ منھنجي چھري تي زوريءَ سجايل مرڪ آهي جنھن مان خوشيءَ جو تاثر گھٽ پر تڪليف جو تاثر زياده پيو بکي. تڪليف ڪيئن نہ ظاهر ٿئي. آخر شاديءَ جي ڏھين سالگره واري ڏينھن اسان ”حسب معمول“ جھيڙو ڪندا رهيا هئاسين ۽ پوءِ پنھنجي عادت مطابق منھنجي ”گجگوڙ“ جي جوا ۾ هن مون کي ريڪ تان هڪڙو ڪتاب ڪڍي وهائي ڪڍيو جيڪو مون تہ پنن تي روڪڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي هئي، پر پوءِ بہ هن منھنجي مٿي جي رَن وي يعني وارن کان خالي حصي تي لينڊ ڪيو هو. خير هونءَ ليليٰ ايڏي بہ ظالم ڪانهي. هوءَ رحم جي جذبي کي آڏو رکندي هلڪن ڦلڪن ”هٿيارن“ سان جنگ ڪندي آهي، جن سان ”ٺنڻ ڦٺڻ“ يا زخمي ٿيڻ جو چنس نہ هجي، پر بدقسمتيءَ سان هن ڀيري شايد بي خيالي مان (هاءِ ڙي منھنجي خوشفهمي) هن اهڙو ڪتاب اڇلي ”حملو“ ڪيو هو جيڪو وزن ۽ سائز جي حساب سان ڪافي Heavy هو. شڪر جو وڏيڪ ”تباھہ ڪاري“ ڪرڻ بجاءِ هن فقط ڪجھہ ”ڊينٽ“ ڪري وڌا هئا ۽ هڪ عدد گومڙو منھنجي ٽِنڊ تي ابري چڪو هو. ان لاءِ فوٽو ڪيرائڻ مهل جڏهن مون مرڪڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي تہ گومڙي مان نڪرندڙ سُور جي (الفا، گاما اينڊ بيٽا ريز نما) لھرن مرڪ کي تڪليف جي آثارن ۾ بدلائي ٿي ڇڏيو.

ها، اسان جي شاديءَ جي ڇئن سالن کان پوءِ ئي اسان هڪٻئي آڏو ”گھريلو جنگي محاذ“ جي

ميدان ۾ لھي آيا ھئاسون ۽ ھر ٻئي ٽئين ڏينھن جھيڙا ڪرڻ اسان جو معمول بڻجي ويو. انھن ئي ڏينھن کان مون کيس ”ليليٰ“ چوڻ بجاءِ ”بيگم صاحبہ“ چوڻ شروع ڪيو ڇو تہ ھڪ پاسي تہ وقت جي بمباريءَ اسان جي وجودن جي اصل شڪل شبيھن کي ڪافي ڇيھو رسايو ھو ان ڪري نہ تہ ھوءَ شڪل صورت ۽ بدن مان ڪنھن طرح ”ليليٰ“ ٿي لڳي ۽ نہ ئي ”مجنون“ ڪنھن گنجي ۽ عينڪ پائيندڙ شخص کي پڪاري ٿي سگھجيو. ان جو ٻيو سبب اھو ھو تہ الائي ڇو (اڪثر سوچيندو آيھان تہ ان مسئلي بابت ڪنھن نسفسياتي ماھر کان پنھنجو سائيڪو اينالسيز ڪرايان. (لفظ ”بيگم صاحبہ“ ٻڌندي ئي ذھن ۾ ”تارزن ڪي واپسي عرف ھنٽر والي“ جھڙو ڪو تصور ذھن ۾ اڀري ويندو اھي. ٻئي پاسي ھوءَ... جيڪا شاديءَ جي ٻن سالن تائين اڪثر ھوءَ منھنجي متعلق ٻين سان ھن ريت ڳالھائيندي ھئي.

”ھُو بس اچڻ وارا ھوندا...“

”ھُنن کي مون ٻڌايو ھو...“ وغيره.

۽ مون کي سڏائين ”ٻڌو تہ...“ چئي مخاطب ٿيندي ھئي (حالانڪ شاديءَ کان اڳ ۾ ھوءَ منھنجو نالو وٺندي ھئي)... ھاڻي ”جميءَ جا پيءُ...“ ڪري مخاطب ٿيندي آھي.

بھرحال ھڪ ڳالھہ آئون اڄان بہ چوندس ۽ مڃيندس تہ اسين ڪيترا بہ جھڳڙا ڪريون پر ھڪٻئي تي اڄ بہ ساھہ ڇڏيون ٿا. ھوءَ بيمار ھوندي آھي تہ منھنجو چين ڪسجي ويندو اھي ۽ جي مونکي ڪجھہ ٿيندو آھي تہ ھن جو سک ڦِٽي پوندو آھي. اسان ۾ ڪيترا اختلاف ھوندني بہ اسان کي ھڪٻئي کان سواءِ ڪا نہ سرندي آھي. اھو ئي سبب اھي جو اسان ھڪٻئي کان ڪيترا ئي ناراض ڇو ہ ھجون ۽ ڇڏاھي اسان ۾ ڳالھہ ٻولھہ بند ڇو نہ ھجي پر پوءِ بہ Wedding Anniversary واري ڏينھن گڏجي وڃي اسٽوڊيو ۾ تصوير ضرور نھرائيندا آھيون. ھن ڀيري بہ صبح جو ٿيندڙ جھيڙي جي باوجود بہ مون آفيس مان معمول جيان ان تاريخ تي موڪل ڪئي ۽ اسان جي ھڪٻئي سان ڳالھہ ٻولھہ بند ھئي پوءِ بہ اسان گڏجي وياسين فوٽو ڪڍرائڻ. اسٽوڊيو ڏانھن وڃڻ ۽ گھر ڏانھن موٽي اچڻ دوران اسان ھڪٻئي سان ھڪ لفظ بہ نہ ڳالھايو. پوءِ نيٺ جڏھن ھن مون لاءِ ورتل Wishing Card مونکي ڏنو تہ مون بہ ٿوري دير اڳ لڪائي آندل ڪيڪ سندس اڳيان اچي رکيو ۽ پوءِ اسان ٻئي کِلي پيا ھئاسين.

آئون اڄا ”The album of love“ ڏسي رھيو آھيان تہ ھوءَ اوچتو اچي نازل ٿي آھي ۽ ”بمباري“ شروع ڪري ڏني اٿس:

”واھ!... سائين جن صبح کان رڳو آرام فرمائي رھيا آھن. ڪلاڪ تائين اخبار پڙھي آھي ۽ ھينئر نواب ٿيو وينو آھين ۽ ھڪڙي آئون تہ مِلي وئي آھيان مفت جي نوڪرياڻي. مردن کي ڇاھي؟ موڪل جي ڏينھن سمھي ننڊون ڪن. اخبارون ۽ رسالا پڙھن، ٽي وي ڏسن، پر اسان عورتن لاءِ تہ ڪو بہ ڏينھن ڪونھي موڪل جو. جيئن چوڻي آھي تہ چري جھڙي پيڪين تھڙي ساھرينءَ.

”واقعي، سچي ٿي چئين. جھڙي پنھنجي گھر ۾ ھئينءَ، تھڙي ئي مون وٽ. مون بہ ”جوابي حملو“ ڪيو آھي. ”ڇا... آئون ڇري آھيان!؟“

”ھاڻي مان پنھنجي زبان سان ڪيئن ڇوان...“

ھن ڪاوڙ مان ٽيبل تان گلدستو کڻي مون ڏانھن ”نشانو ٻڌو“ تہ سندس ارادن کان باخبر ٿي بلال عرف ”ببلو“ رانيات ڪري ڇڙ خطري جو سائرن وڄائي ٿو.

”آخر ڪھڙي آفت اچي وئي آھي...؟“ چوان ٿو.

”توکي گھڻا ڀيرا چيو اٿم تہ ٽيليفون، بجلي ۽ گيس جو بل وقت تي ڀيئاري ڇڏيندو ڪر پر ھميشہ ڏنڊ جا پئسا ڀريندين، باقي وقت تي ڪم ڪو نہ پڄندئي... ٽيليفون جي بل جي Due Date گذري چڪي آھي، گيس جو بل مھينن کان ڪو نہ ڀرايو آھي ۽ بجليءَ جي بل ادا ڪرڻ جي سڀاڻي آخري تاريخ آھي. ھوڏانھن ببلوءَ جي ھيڊمسٽريس ڪيترا ڀيرا فون ڪيو آھي ببلوءَ جي پڙھائي بابت رپورٽ وٺڻ لاءِ. اھو پڻ چيو اٿس تہ جيڪڏھن ھفتي ڪن ۾ اسان ٻئي رپورٽ وٺڻ نہ وينداسين تہ ھوءَ ببلو کي اسڪول مان ڪڍي ڇڏيندي. ھوڏانھن روز رڙيون پئي ڪريان تہ روبيءَ جي ڪي. جي ۾ ايڊميشن ڪرائڻي آھي. باقي ڪجھ ڏينھن بچيا آھن داخلائون ختم ٿيڻ ۾.“ ھن گلدستو رکندي يڪساھي چيو.

”بيگم صاحبہ! ڪجھ ڪم تہ تون بہ ڪري ڇڏيندي وڃ. مان ھڪڙو ڇڻو ڪھڙا ڪھڙا...“

”ھا!... تون ڇگو جو ھڪڙو ڇڻو ايڏا ڪم ٿو ڪرين. آئون جا ھڪڙي ڇڻي سڄو ڏينھن ڪم ڪار ڪري اڌمُئي ٿيندي آھي. گھر کي ڏسان يا ٻاھر جي ڪريان...“ ھوءَ منھنجي ڳالھہ اڌ ۾ ڪٽيندي چيو ٿي.

”آخر آئون ئي انھن سڀني ڪمن کي مُنھن ڏيندو آيو آھيان... ٻيو تنھنجو بابا...“

”جميءَ جا پيءُ... آئون چئين ٿي تہ اسان جي جھيڙن ۾ منھنجن مائٽن جو نالو بہ نہ وٺندو ڪر. اڙي ھن جو مون تي اھو ئي سڀ کان وڏو احسان اھي تہ ھو تو سان منھنجي شادي ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويو ھو.“

”دراصل ان جو سبب اھو آھي تہ ھو ٻھرين کان وٺي اڄ ڏينھن تائين مون کي ناپسند ڪندو اھي. ان لاءِ ھن سوچيو تہ ھو مون کي اھڙي سزا ڏئي جيڪا منھنجي سڄي زندگي برباد ڪري، ان ڪري ھو تنھنجي شادي مون سان ڪرڻ تي راضي ٿي ويو ھو...“ اھو چوندي آئون اڳئين حملي لاءِ تيار ٿي پوزيشن سنڀالي وينس.

”ڇا!...؟ مون تنھنجي زندگي برباد ڪئي آھي. ائي... الاھي ڪھڙي ساعت مت ڦري ھيم جو توکي ڏسي پسند ڪيو ھئم...“ ھوءَ چئي رھي ھئي تہ اوچتو ماريہ، اسان جي ڌيءَ، ڪمري ۾ داخل ٿي. سندس ھٿن ۾ اسڪول جا ڇِگِل بُوٽ ھئا. ھن ماءُ کي چيو:

”اميءَ ھي نوان شوز تہ پندرھن ڏينھن ۾ ئي ڦاٽي پيا آھن.“

”بس راڻي چا ڪريان. مون ۾ سڀ ڪان وڌي اھا ئي تہ خامي آھي تہ جن بہ شين ۾ ماڻھن ڪي ”معياري“ سمجھي حاصل ڪيم سي اڳتي ھلي ”غير معياري“ نڪريو پون. مسئلو تہ اھو آھي تہ شيون تہ متائي بہ سگھجن ٿيون پر ماڻھو تہ...“ ھوءَ مون ڏانھن ڏسي جملو اڌ ۾ ڇڏي ڏئي.

”ھا ھا! مون تہ توکي رڳو ڏک ڏنا آھن ۽ تو تہ جڻ مون کي سک ڏيئي ڇڏيا آھن“ ماريہ جي وچڻ ڪان پوءِ مون ڪيس چيو. ”مون کي خبر آھي, تہ ڪيئن نارَ جي ڏِڳي جيان وھي اوھان لاءِ ڪمايان ٿو. توکي ان جو پر قدر ئي ڪھڙو. پاڻ نوڪري ڪرين ھا تہ خبر پوئي ھا تہ ڪمائڻ ڪيڏو نہ ڏکيو آھي...“

”جميءَ جا پيءُ, مون کي اھو ڪمائڻ جو مھڻو نہ ڏيندو ڪر. ائي الله... ڪھڙو نہ زمانو اچي ويو آھي جو مرد پنھنجن زالن کي ذري ذري ڳالھہ تان مھڻا طعنا ڏيڻ لڳا آھن. اڳ ۾ چوندا ھئا تہ زالون گھر ٽيون ڦٽائين, نفرتن جون باھيون ٿيون ٻارين, پر... منھنجا موليٰ...! اڄڪلھہ اسان جا مرد گلا غيبت مھڻن ڏيڻ ۾ ھتي جي ھُتي پھچائڻ ۾ زالن کي تہ الاھي ڪيترو پوئتي ڇڏي ويا آھن... توبھہ... توبھہ...“ ھن چيو.

”چڱو ھاڻي اجايو مٿو نہ کاءُ...“

”مون کي ڪو شوق ڪونھي تو سان ڳالھائڻ جو. آئون تہ اھو چوڻ لاءِ آئي ھيس تہ سائين جن آخر ياڃي ڪيڏي مھل آڻيندا. اڄ موڪل جو ڏينھن آھي. تون رڳو ويھي پلنگ پچيندين, پر ڪاوڙھو تپي ويو اھي. آخر سيڏو ڪيڏي مھل ايندو تہ سوير ماني تڪي جي ڪري وٺان. توکي ڇاھي, گرميءَ ۾ چلھہ جي پرسان تہ آئون ٿي سڙان نہ. اڄا ٻارن کي وھنجارڻو بہ اٿم. اڄ صفائي واري مائي بہ ڪانھي آئي, اڄا اھو ڪم آھي. ائي منھنجي تہ چيلھہ ڇڀي ٿي وئي آھي. ھيءَ بہ ڪا زندگي آھي؟“

ھن ڪمري مان ويندي ويندي چيو تہ مون بہ ڪاوڙ مان ”The album of love“ بند ڪري الماريءَ تي ڦٽو ڪيو ۽ ٿوريءَ دير بعد رڌڻي ۾ وڃي ليليٰ کي چوان ٿو:

”سائڻ! ڇپي ڏيو تہ غلام سودو سلف وٺي اچي.“

”ھان! وٺ.“ ھن جڻ ڇپي مونکي اُڇلي ھنئين. آئون اھا ”ڪيچ“ ڪري رڌڻي مان نڪرڻ وارو ھيس تہ اوچتو ھوءَ منڙي انداز ۾ چوي ٿي:

”جميءَ جا پيءُ...“

”چا ھي.“ بيزاريءَ مان جواب ڏيان ٿو.

”ھي تنھنجي لاءِ صبح کان محنت ڪري ڪير ڪارڪون ٿاھي ٻارن کان لڪائي رکيون اٿم. توکي وڻنديون آھن نہ.“ ھن ڪير ڪارڪن جو پيالو مون ڏانھن وڌايو تہ منھنجو موڊ ھڪڙي لحظي ۾ خوشگوار ٿي ويو ۽ چوان ٿو:

”نہ... اڄا رک. ياڃي وٺي اڃان پھرين. سچي تہ الاھي گرمي آھي. پوءِ رڌڻي ۾ بيھڻ عذاب ٿي

پوندو ۽ ها. مون بہ سوير ٿي اڄ ٻوڙ لاءِ بصر وڍي فرج ۾ رکي ڇڏيو آهي. تون ڪم ۾ مصروف هئين نہ...“

”توکي ڪيترا ڀيرا چيو اٿم تہ اهڙا ڪم نہ ڪندا ڪريو. مون کي سٺو نہ لڳندو آهي. اهي ڪم مرد نہ ڪندا آهن.“

”اهو ڪهڙي ڪتاب ۾ لکيل اهي تہ ننڍا وڏا گهر جا ڪم ڪرڻ سان مرد جو شان گهٽجي ويندو آهي ۽ تون بہ تہ منهنجا ڪم ڪري بار هلڪو ڪندي آهي.“

”ڪهڙا؟“

”خبر اٿم تہ بچت وارن پئسن مان تون گيس جو بل ادا ڪندي رهي آهين ۽ ٻارن جي اسڪول جي رپورٽ بہ وٺڻ لاءِ ويندي رهي آهين ۽ منهنجن فائلن جا پنا سدائين سنڀالي ترتيب سان فائلن ۾ وجهي رکندي آهين.“

هوءَ مرڪي ٿي ۽ آئون بہ مرڪدو چپ ڪٽندو. اڳڻ ۾ فٽبال راند ڪندڙ ٻارن جي بال ڪان پاڻ بچائيندي ياڇي وٺڻ لاءِ گهر ڪان ٻاهر نڪران ٿو.

# امن جي تلاش ۾

هڪ رات مون بيحد عجيب سپنو ڏٺو جنهن منهنجي ذهن کي ڄڻ جهنجهوڙي ڇڏيو. مون ڏٺو ته آئون هڪ اهڙي ماٿري ۾ بيٺل هئس، جيڪا صفا رڻ پٽ جيان هئي. حد نظر تائين رڱو تپندڙ ريتيءَ سان لَٽيل زمين هئي، ۽ ٿوهرن کان سواءِ اتي ڪو بيو وڻ يا ٻوٽو ڪو نه هو. سج جي تپش منهنجي سموري جسم کي پگهر ۾ شل ڪري ڇڏيو هو. آئون ان صحرا جي ماحول کي ڏسي ۽ محسوس ڪري پريشان ٿي رهي هيس ته اوچتو مون هڪ ڇرڪائيندڙ منظر ڏٺو ۽ ڪيئي آواز ٻڌا.

سموري فضا، توپن جي گولن، بندوقن ۽ رائفلن جي گولين ۽ بمن جي ڌمڪان سان گونججي وئي. آسمان تائين ويندڙ ۽ ڪِرندڙ ميزائلن جا خوفائتا آواز اچڻ لڳا. هوا ۾ فقط بارود جو هڳاءُ محسوس ٿيڻ لڳو. هر پاسي باهه ۽ دونهون پکڙجي ويو. مون کي ڄڻ پنهنجو ساهه گهٽجندي محسوسو ٿيو ۽ ۽ اجان آئون پنهنجي وجود کي سنڀالڻ ۾ ئي پوري هيس ته اوچتو پري کان هڪ وڏو قافلو ايندي نظر آيو. هو سڀئي روئي رهيا هئا. رڙيون ڪري رهيا هئا، مختلف هٿيارن جي ٺڪائن ۽ ڌماڪن جي پس منظر ۾، انهن انسانن جون آسمان کي چيريندڙ آهون ۽ دانهون ڪنن کي ڦاڙڻ لڳيون. جڏهن انهن بيوس انسانن جو قافلو ان ٽڪريءَ هيٺان لنگهيو جنهن تي آئون بيٺل هيس ته انهن جي حالت ڏسي خوف ۽ شديد ڏک کان منهنجي حالت عجيب ٿيڻ لڳي.

مون ڏٺو ته اڳيان ڪجهه ماڻهو هڪ کليل تابوت ۾ ڪو لاشو کڻهن تي کڻي وڃي رهيا هئا ۽ انهن جي پٺيان بي شمار انسان، جن ۾ مرد، عورتون، ٻار، ٻڍا مطلب ته هر عمر جا انسان وڃي رهيا هئا، جن جي عجيب حالت هئي. سڀئي زخمي هئا. ڪيترن جا عضوا بدن کان ڌار هئا. ڪيترن جون شڪليون غم، تڪليف ۽ زخمن جي ڪري ڪارا ٿجي ويون هيون. سندن حالت ايتري قدر ڀوائتي ۽ دل ڏکوئيندڙ هئي جو بي اختيار منهنجين اکين مان ڳوڙها لارون ڪري وهڻ لڳا. سندن آهه و زاريون ۽ اوڇنگارون ٻڌي ڪنن جا پڙدا ٿي ڦاٽا.

”اُف خدايا! هي سڀ ڪجهه ڇا آهي؟ هي ڪهڙو اسرار آهي. هي لٽيل ۽ درندگيءَ جي ور چڙهيل قافلو ڪٿان آيو اهي ۽ ڪيڏانهن وڃي رهيو اهي ۽ هي ڪنهن جو لاش کنيو ٿا وڃن ۽ پنهنجون تڪليفون ۽ زخم وساري اهي هن لاءِ ڇو ماتم ڪري رهيا آهن!!؟؟“ مون سوچيو.

ان قافلي ۾ ڪيترائي اهڙا ماڻهو هئا، جيڪي زخمن سان ايڏا چور هئا، جو هلڻ جي قابل به نه هئا. هو ڪڏهن هليا ٿي، آٿڙيا ٿي، ڪريا ٿي ۽ وري به گهلجڻ واري نموني اڳيان وڌيا ٿي.

مون ڏٺو ته ان قافلي ۾ دنيا جي هر مذهب، هر قوم، هر زبان ۽ هر علائقي جا ماڻهو شامل هئا. ڳورا به

هئا تہ ڪارا بہ. يورپي بہ هئا تہ ايشيائي بہ. افرقي بہ هئا تہ امريڪي بہ. ڪڏهن هڪ نسل جو ڪو ماڻهو ڪري ٿي پيو تہ ٻئي نسل واري اڳتي وڌي ڪيس سهارو ڏيئي بيهاريو ۽ هلايو ٿي. ڪڏهن هڪ مذهب جي انسان, ٻي مذهب واري جي زخم تي مرهم ٿي رکيا. ڪڏهن وري هڪ زبان واري ٻي کي حوصلو ٿي ڏنو تہ ڪڏهن وري هڪ رنگ واري انسان ٻي رنگ واري انسان جي تڪليف تي ڳوڙها ٿي ڳاڙيا.

”اُف منهنجا الله!... هي اِها راز آهي تہ اڄ, جتي دنيا جي هر خطي جو انسان ڪڏهن مذهب جي بنياد تي, ڪڏهن قوميت, رنگ, نسل يا زبان جي حوالي سان فقط ”مان مان“ ڪندو وتي, اتي هن قافلي جو هر ماڻهو اهي سيئي ويچا وساري ٻئي جي درد ۾ شريڪ آهي. آخر هي ڪهڙي عظيم هستيءَ جو لاش آهي, جنهن جا پوئلڳ هڪ مالها جي موتين جيان هڪ لڙي ۾ پوئجي گڏ گڏ هلن ٿا ۽ هڪٻئي جا درد آشنا آهن.“ مون وري سوچيو.

اچا آئون انهن ئي پُورن ۾ ٻيٺل هيس تہ مون وري هڪ ٻيو حيرت انگيز منظر ڏٺو. ٻاهہ ۽ دونهين سان ڀريل بارود جي هڳاءَ واري فضا, بمن جي ڌماڪن, توپن جي گولن, ميزائلن جي ڦاٽڻ ۽ بندوقن ۽ رائفلن جي ٺڪائن سنا گڏ قافلي جي آهہ زاري ڪندڙ ماڻهن جي گوڙ ۽ انهن جي رحم جوڳي حالت واري منظر ۾ هڪ نئين ڳالهہ جو اضافو ٿيو. مون ڏٺو تہ آسمان تي پري کان ايندڙ ڪيترائي اڇا پکي ظاهر ٿيا, جڏهن اهي قافلي مٿان گذرندا اڳتي اڏامڻ لڳا تہ انهن مان پڻ هر هڪ پکي زخمي حالت ۾ هو.سندن اڇا بدن ۽ پَرَ بہ خون جي ڏَبن سان ڀريل هئا. انهن مان ڪجهہ پکين جي چهنبن ۾ زيتون جون ٽاريون هيون تہ ڪجهہ پکين جون چهنبون زخمي هيون, جنهن سبب شايد انهن جون زيتون جون ٽاريون ڪٿي ڪري پيون هيون! هو پرواز ڪندي ڪندي زخمي هئڻ ڪري, ڪيڏيءَ مهل ڪريا ٿي تہ وري ڪيڏيءَ مهل اٿي اڏاٽا ٿي, ۽ پوءِ انهن گڏجي, اڳتي وڃي ان ڪليل تابوت ۾ پيل لاش مٿان ڇانوَ ڪري ان کي رڻ پٽ جي ننٽهڻ اُس کان بچايو ٿي.

اهو منظر ڏسي آئون حيران ٿي ويس, ۽ ٽڪريءَ تان ڊوڙندي هيٺ لهڻ لڳيس. منهنجو ساهہ منجهڻ لڳو. پيرن ۾ ڪنڊا چيڀڻ لڳا, ۽ پگهر سان سمورو جسم پُسي ويو پر پوءِ بہ آئون وڌندي رهيس, ڊوڙندي رهيس ۽ ان قافلي جي اڳيان اڳيان ان طرح هلندي رهيس ۽ منهنجو منهن تابوت کي کڻي ايندڙ انسان ڏانهن هو ۽ آئون پٺيرا قدم کڻندي ٿي ويس.

”مهرباني ڪري ٿورو ترسو ۽ منهنجي ڳالهہ ٻڌو.“ مون سهڪندي سهڪندي چيو.

”توکي جيڪو چوڻو آهي سو چئو پر هلندي هلندي, ڇو تہ اسان هڪ لمحو بہ ترسي نٿا سگهون. اسان کي بيهڻو ناهي, تابوت کڻندڙ ماڻهن مان هڪ چيو.

”اوهان ڪٿان سفر شروع ڪيو آهي ۽ ڪيڏانهن ٿا وڃو؟“ مون پڇيو.

”اسان جو سفر ازل کان شروع ٿيو ۽ ابد تائين جاري رهندو.“ ساڳي شخص جواب ڏنو.

”هي سڀ انسان ڪير آهن ۽ انهن جي اها حالت ڪنهن ڪئي آهي؟“

”ھي سڀئي اھي انسان آھن، جيڪي ازل کان اڄ تائين پاڻ جھڙن انسانن جي ظلم، وحشت ۽ بربريت جو شڪار ٿيا آھن. ھنن ۾ ڪيترائي اھڙا ڪمزور انسان آھن، جن طاقتور انسانن ھٿان ظلم برداشت ڪيا آھن.“

”ھي لاشو ڪنھنجو آھي؟ ۽ ھي پکي ڪھڙا آھن؟“

”ھي انسانيت جو لاشو آھي ۽ ھي پکي امن جا پيغامبر آھن.“

”اوھان سڀ ڪيڏانھن وڃي رھيا آھيو؟“

”امن جي تلاش ۾.“

”اھو ڪٿي ملندو؟“

”اھا خبر ھجي ھا تہ ڇا اسان ھن حالت ۾ بربريت بيابان ڀٽڪون ھا؟“

”پوءِ ھي لاش دفن ڇو نٿا ڪريو ڪيستائين ان کي پنھنجن ڪلھن تي کڻي ھلندا رھندا؟“

”اھو انسانيت جو لاشو آھي، ان کي دفن ڪيون جو مطلب تہ اھا ھميشہ لاءِ دنيا مان ختم ٿي مٽيءَ ھيٺ دٻجي وڃي!؟“

”ازل کان ابد تائين اسان جي ھن سفر دوران ئي جڏھن ھن جو طبيب اسان کي ملندو آھي تہ اھو ان جي دوا دارون ڪري ھن کي ڇڱو ڀلو ڪندو آھي ۽ ائين اھو لاش ڪڏھن ڪڏھن ٻيو ٻيو جنم وٺي زنده ٿيندو اھي تہ اھا ھستي يعني: انسانيت ئي اسان جي اڳواڻ بنجي ويندي آھي. پوءِ فضا ۾ گونجندڙ اھي سڀئي ڀيانڪ آواز ختم ٿي ويندا آھن. اسان سيني جا زخم رجي ويندا آھن. تڪليفون گھٽجي ويندیون آھن. اسان جن چھرن جا نقش ۽ جسم ٻيھر اصلي حالت ڏانھن ورڻ لڳندا آھن. اھو سڀڪجھہ تڏھن ٿيندو آھي، جڏھن ھن لاش کي ٻيھر حياتي ڏيندڙ ويڄ ملندو.“

”اھو ويڄ ۽ ماھر حڪيم آخر ڪير آھي؟“

”امن.“

”ان کي آخر ڪٿي ڳوليندا...!؟“

”خبر ناھي، پر اسان کي ڳولڻو آھي. مري ويل انسانيت کي ٻيھر حياتي ڏيڻي آھي. ازل کان ابد تائين اھا تلاش جاري آھي. ھلڻو آھي... بس، ھلڻو آھي...“

آئون ھڪ پاسي ٿي وڃان ٿي. بي انت انسانن جو قافلو وڃي پيو. منھنجي اڳيان، جن جا پير پٿون آھن. ڪنڌن سان زخمي آھي. ھو روئن پيا رڙھن پيا... اُپ ڏاريندڙ آھون... دانھون... ھٿيارن جا ڳنن کي ڦاڙيندڙ آواز... رت سان وھنتل انسان! ڇچرجي ويل جسم ۽ چھرا... زخمي پکي... انسانيت جي لاش مٿان زخمي پرن سان ڇانوَ ڪندڙ امن جا پيغامبر!

اُف خدايا! آئون ڪنن ۾ آڱريون وجھي ٿي ڇڏيان، ۽ اکيون بند ڪري ٿي ڇڏيان، ڇو تہ اھو

منظر ۾ پيانڪ آواز منهنجي ڏسڻ ۾ پڌڻ کان ٻاهر آهن ۾ پوۀ... بي اختيار آئون بہ اُپ ڦاڙ آواز ۾ رڙيون ڪرڻ لڳان ٿي. روئان ٿي... منهنجين بند اکين مان ڳوڙها وَهي منهنجي منهن کي آلو ڪن پيا...

”الله اڪر... الله اڪبر...“ ان آواز تي ٻيا سڀ آواز ختم ٿي وڃن ٿا.

آئون ڇرڪ ڀري ننڊ مان اٿي ويٺيس. منهنجيون نظرون سامهون دريءَ کان ٻاهران گهري نيري ۾ ڳاڙهي آسمان مان آهستي آهستي اڀرندڙ سج تي پيون. ۾ ڪنن ۾ پريان ايندڙ ڪوئل جي منڙي ڪوڪ ۾ جهرڪين جا موهيندڙ آواز پيا تہ ڪلمو پڙيم. ۾ پوۀ اوچتو مون کي محسوس ٿيو تہ منهنجو چهرو اکين مان مسلسل لڙڪن وهڻ ڪري آلو ٿي ويو هو. مون لڙڪ اگهيا ۾ پوۀ فجر جي نماز پڙهي سجدي ۾ ڪري بي اختيار دل جي گهراين سان دُعا ڪندي چيم: ”اي منهنجا پروردگار! امن جي پانڌيئڙن جي پارت اٿئي!“

# مائي مِٺل ۽ زَري

”امان! هيءَ آئون اوهان جي گهر جي ڪم ڪار ڪرڻ لاءِ مائي وٺي آئي آهيان. اوهان ڪي نوڪرياڻيءَ کان سواءِ الاهي ڏکيائي آهي.“ ماسيءَ مون کي چيو ته، مون هن ڏانهن ڏٺو. هوءَ بنهہ سنهڙي سيپڪڙي، زري گهٽ رڳو هڏن جو پڃرو هئي. سندس عمر ته الائي ڪيتري هئي، پر چهرو لڪيرن ۽ گهنجن سان ڀرپور هو. هوءَ ايڏي پوڙهي هئي، جو هڪ وار به ڪارو نه هيس. قاتل رئي مان سندس چانديءَ جهڙا اڇا وار ليئا پائي رهيا هئا... ساڻس گڏ نون ڏهن سالن جي سانوري ڇوڪري پڻ هئي، جيڪا بک، افلاس ۽ غربت جو جيئرو جاڳندو پورتريٽ ٿي لڳي.

”ماسي! هيءَ نوڪرياڻي آهي يا مريضہ؟ عمر ۽ صحت ته ڏسوس. ڪم ته الائي ڇا ڪندي، مورڳو خون نہ ڳچيءَ ۾ پوي“ مون ڪِلَ روڪيندي چيو.

”امان! هيءَ اوهان جهڙين ڏهن جو مَٽُ آهي. اهي ڀهراڙيءَ جون محنتي عورتون آهن. سندن ظاهري ڏيک تي نہ وڃو اوهان وانگر ڪو نہ آهن. اوهين ته رڳو هوا تي پيون هلو. سگهہ ليي ڪا نہ، رڳو ڏسڻ جون آهيون. هيڪاري هن ڊائٽنگ جي شوق ۾ اوهان ڇوڪرين پاڻ کي حال کان ڪڍي ڇڏيو آهي. اسين اوهان جيڏيون هيوسين ته ڇا ته صحت هوندي هئي. ڇا ته چهري جي رونق هوندي هئي، ڇا ته ڊگها گهاٽا سهڻا وار هوندا هئا، اوهين ته هن عمر ۾ ئي افعالن کان نڪري ويون آهيو.“

ماسيءَ معمول جيان پنهنجي پسنديده موضوع تي ليڪچر ڏيڻ شروع ڪيو ۽ امي به ها ۾ ها ملائڻ شروع ڪئي، ته اتان کسڪڻ ۾ ئي پنهنجي عافيت نظر آيم. هو چونديون به ته سچ ئي آهن.

پوءِ ڪجهہ دير ۾ نيون نوڪرياڻيون سڄي گهر جو موضوع بنجي ويون. شام تائين اها به خبر پئجي ويئي ته هو سنڌ جي هڪ انتهائي، ڏورانهين علائقي مان هن شهر ۾ ڪمائڻ لاءِ آيون هيون. هو جنهن علائقي مان آيون هيون، اتي جا ماڻهو غربت ۽ افلاس ۾ ڪئين گذاري رهيا هئا. ان ڳالهہ جو ثبوت هو پاڻ هيون. سندن حالت ازخود هنن جي غربت جو داستان ٻڌائي رهي هئي ۽ هو جديد شهري زندگيءَ کان ڪيترو اڻ واقف هيون ان جي خبر ان ڳالهہ مان ٿي پيئي ته، هو سمجهي رهيون هيون ته هي ڪو ٻيو ملڪ آهي يا شايد سندن زبان ۾ علائقي کي ”ملڪ“ سڏبو آهي، انڪري بار بار هو ”اسان جو ملڪ“ ۽ ”اوهان جو ملڪ“ چئي رهيون هيون. سندن سنڌي به بنهہ ڀهراڙيءَ واري هئي، جنهن جا ڪيترائي لفاظ اسان کي سمجهہ ۾ نٿي آيا. ساڳي طرح اسان جو ڳالهائڻ کين سمجهہ ۾ نٿي آيو ۽ هنن جي ليکي ته اسان سنڌي بدران ڪا ٻي زبان ٿي ڳالهائي.

بحرحال ائين ڪجهہ ڏينهن تائين هوءَ پوڙهي، جنهن جو نالو مِٺل هو ۽ ان ڇوڪري، جنهن جو پورو نالو ته زرينہ هو پر مِٺل کيس زري سڏيندي هئي، ان ڪري اسين سڀئي پڻ کيس زَري چوندا

ھئاسين. ﭔہ ٽي ڏينھن تہ ھڪ ﭔئي جي زبان ۽ الفاظن سمجھڻ ۾ ويا، ۽ ڪين ڪم ڪار جي روٽين جنھن نموني سان اسان جي گھر جو ڪم ھلندو ھو اھو نمونو سمجھائيندي گذري ويا. ائين پندرھن ويھہ ڏينھن انھن جي ٽريننگ دوران، گھر جي ھر ھڪ درد کي ڪافي مٿو ماري ڪرڻ پئي.

”مِنَل! ياد رک ڪير جا ٿانوَ ﭘوڙ رڌڻ واري ديڳڙين سان گڏي، نہ رکبا آھن. ﭘنھي جي ٿانوَن جا الڳ الڳ خانا ٺھيا پيا آھن. ھر شيءِ ﭘنھنجي مخصوص جاءِ تي رک.“

”مِنَل! تون ڪم جي دوران رڌڻي ۾ ڏاڍو ڪچرو ٿي ڪرين، ۽ ھا، ھر رَڌي ﭘڪي کان ﭘوءِ چلھيون صاف ڪرڻ ۽ رڌڻي جي صفائي ڪرڻ ضروري آھي.“

”مِنَل! ھي گيھہ جو دَﭔو ھيڏانھن ھوڏانھن ڪري ڇو ٿي رکين! ان کي ھميشہ ان جي جاءِ تي ئي رکندي ڪر، ۽ مانيون پچائي تَئو چلھہ تي ڇڏي نہ اُٿي ويندي ڪر. تئي کي ڪٽي اسٽور ۾ ان جي مخصوص اسٽينڊ تي رک.“

”ماني مِنَل! ايڏا ڏينھن گذري ويا آھن، پر اجا تائين توکي گيس جو چلھو ﭔارڻ ڪونھي آيو. جڏھن بہ چلھو ﭔارڻھو ھوند اٽئي رڳو رڙيون ڪري، ھڪ ھڪ کي سڏي گھر ڪٺي مٿي تي ڪڻندي آھين.“

مطلب تہ سڄو سڄو ڏينھن اسان کي اھا مغز ماري ڪرڻ پوندي ھئي ۽ ھوءَ ھر ڳالھہ جي جواب ۾ چوندي ھئي ”ھائو امڙ! ھاڻي سمجھان پئي، جلد سِکي ويندس...“

۽ ﭘوءِ واقعي مھيني کن ۾ ھوءَ ﭔئي ڪافي روان ٿي ويون ۽ ماسيءَ سچ چيو ھو ڏسڻ ۾ مِنَل جي حالت رحم جوڳي ھئي، پر ڪم جي الاھي ھوشيار ھئي. ھوءَ مانيون پچائيندي ھئي، ڪپڙا ڌوئيندي ھئي، پوچو لڳائيندي ھئي ۽ ٿانوَ ڌوئندي ھئي. جڏھن تہ زري پڻ ھڪ پاسي ھن کي ڪم ۾ مدد ڏيندي ھئي تہ ﭔئي پاسي ھوءَ بہ ڪيترائي ننڍا وڏا ڪم ڦرتيءَ سان ڪندي ھئي. ھنن جي زندگيءَ جي ڪھاڻي بہ عجيب ھئي. زري کي ڏيءَ ڪري پاليو ھئائين ڪيس رڳو پٽ ھئا. سندس ﭘھاڄ کي زري کان سواءِ ﭔيا بہ ﭔار ھئا. زري تمام جلد سيني سان ھري مري ويئي ھئي ۽ منھنجي ﭘاٽي جنھن کي ﭔار ”آپي“ چوندا آھن. سندس ھم عمر ھئي اُن سان دوستي ٿي ويئي ھيس.

مِنَل ﭔڌايو ھو تہ ڇھہ مھينن کان ﭘوءِ سندس ﭘھاڄ جي پٽ جي شادي ھئي، ان لاءِ سندس ھڪ ماٽيائي، جيڪا حيدرآباد ۾ رھندي ھئي ان جي معرفت ھوءَ ڪمائڻ لاءِ شھر آئي ھئي تہ جيئن ﭘھن مھينن ۾ ھوءَ ڪجھہ پيسا جمع ڪري، پٽ جي شادي ڪرائي سگھي.

”مائي مِنَل! تنھنجي ساھيڙيءَ جي عمر ڪيتري ھوندي؟“ ھڪ ڀيري مون پڇيو.

”بس امڙ! ائين ڪٺي سمجھہ تہ جيڪر منھنجي ڪا ڏيءَ ھجي ھا تہ ان جيتري ھجي ھا.“ چيائين.

”توکي تنھنجي ساھيڙيءَ کان ساڙ ڪونہ ٿيو ھو؟“

”نہ امڙ! اسان ۾ الاھي قرب آھي. امڙ اسان وٽ ھونءَ بہ مڙس بہ ﭔہ ٽي شاديون ڪن، پر سيئي

گڏجي رهن هڪڙي گهر ۾.“
”ذري! توکي مزو اچي ٿو هتي.“ مون وري زريءَ کان پڇيو.
”ها، ٿورو ٿورو“
”ٿورو ٿورو ڇو؟“
”نہ، هونءَ تہ مزو اچي ٿو پر جڏهن امان، پينرون يائر ۽ ڳوٺ ياد پوندو آهي تہ دل ڪندي آهي ٿهجيڪر پرَ لڳنم تہ اڏامي وڃي ڳوٺ پهچان.“
”ها! ڳوٺ پهچان....“ مائي مِنل... جيڪا مانيون پچائي رهي هئي، تنهن مٿس ويلڻ اُلاريندي چيو. ”ڳوٺ ۾ ڪاڏا رکيا آهن تو لئہ... شڪر ڪر هتي ڏؤ تي ماني تہ ملئي ٿي.“
”هون! ويندي ڳوٺ.... ڪِني مِنل کِنل....“ زري کيس چبرا ڏيني چيڙائيندي چيو.
”ڇو زري؟ مِنل کي امان ڇو نہ چوندي آهين؟“
”ڇو يلا مِنل توکي ڪانہ ٿي وڻي؟“
”ٿوري ٿوري“
”ڇو؟“
”مون کي رڳو دڙڪا ٿي ڏي.“
”بيهہ تہ چوري نياڳي وات تہ ڪيئن ٿي ڪرين“ اهو چوندي مِنل ويلڻ ڪٽي سندس ويجهو ويئي تہ هوءَ کيس چبرا ڏيندي، رڙٽي کان ٻاهر ڀڄي ويئي ۽ مون کي کِلَ اچي ويئي.
مِنل هونءَ تہ سچو ڏينهن زري کي دڙڪا ڏيندي هئي، پر هن کان سواءِ کيس مانيءَ جو گرهہ بہ نہ ڳڙڪندو هو. زريءَ کي بک بہ نہ هوندي هئي تہ کيس زوري کارائيندي چوندي هئي. ”ڇوري جيسين هتي آهين کائي ڏؤ ڪر. پنهنجي ملڪ هلي وري بکون ڪاٽيون اَٿئي.“
مِنل کي اسان جا نالا ونڻ بہ نٿي آيا. ان ڪري هوءَ منهنجي وڏي ڀيڻ، جيڪا ڊاڪٽر آهي، ان کي ”ڊاڪٽرياڻي“ چوندي هئي ۽ مون کي ”ماسترياڻي“ مون کي الائي ڇو لفظ ”ماسترياڻي“ کان چِڙ ٿيندي هئي، ڇو تہ آءٌ هڪ انگلش ميڊيم اسڪول ۾ انگلش پڙهائيندڙ ٽيچر ميڊم ۽ مس ٻڌڻ جي عادي هيس... امي کي هوءَ جيجي وڏي سڏيندي هئي ۽ پاپيءَ کي ڪنوار. زري جيئن تہ فطري طرح ذهين ۽ گهٽ عمر جي هئي، ان ڪري شهري الفاظ ۽ ڳالهيون جلد سکي ويئي. هوءَ منهنجين ڀيڻن کي ”آپا“ چوندي هئي ۽ مون کي ”آپا مِس“ چوندي هئي. امي، زريءَ کي تمام گهڻو پيائيندي هئي، هوءَ پنهنجي مِنڙي لهجي ۾ بيوقوفيءَ جون ڳالهيون ڪري سڀ کان گهڻو کيس موهي ويئي هئي. زريءَ کي منهنجي پاٽتي جا ڪيئي ”فيسني“ جوڙا پائڻ لاءِ ڏنا ويا. امي جڏهن بہ ڪيڏانهن ويندي هئي تہ کيس بہ وٺي ويندي هئي، هوءَ کيس بازار وٺي ويندي هئي تہ جڏهن منهنجن پاٽتن ۽ پاٽتي لاءِ ڪاڏي پيتي جون شيون، رانديڪا ۽ ٻيو سامان آڻيندي هئي، اتي کيس بہ چوڙيون وغيره وٺي ڏيندي هئي، ٻَگل، هار، ايرنگس جيڪي هوءَ اسان کي خوشيءَ ۾ اچي ڏيکاريندي هئي... ٻارن ۽ اسانجي ڪري

هوءَ به ڪيس ”امي“ چوڻ لڳي. سندس ايتري ”Value“ ڏسي اڪثر مِنل چوندي هئي، ”جيجيءَ ته زريءَ کي مَٿي تي چاڙهي چڙهيو آهي. ڇوريءَ جو مغز ڦري ويو آهي.“

هڪ ڀيري امي هڪ شاديءَ ۾ وڃي رهي هئي، منهنجي ڀائٽي به ويئي پئي ته زري به ضد ڪري بيهي رهي ته منل چڙٻ ڏيندي چيس: ”ڇوري! تون ڪا ٻيبين جهڙي آهين جو شاديءَ تي ويندينءَ.“

امي ڪيس منهنجي ڀائٽيءَ جا اڳي جا پيل ڪپڙا شادي لاءِ پائڻ لاءِ ڏنا. ٿوري دير کان پوءِ هوءَ بروڪيٽ جو پاجامون ۽ چمڪيلي قميص پائي اچي بيٺي.

”آپا مِس! آئون ڪيئن پئي لڳان.“ هن منهنجي ڪمري ۾ اچي مون ڏانهن گهٽ ۽ ڊريسنگ ٽيبل جي آئيني ۾ پاڻ ڏانهن وڌيڪ ڏسندي پڇيو ته مون ڪم ڪندي هڪ نظر ڪيس ڏئو ۽ پوءِ چيو:

”فرسٽ ڪلاس“

”اهو فرسٽ ڪلاس ڇا هي؟“

”مطلب ته تمام سٺو.“

”اجا ته آپا مِس اميءَ، جيڪي مون کي چوڙيون ڏنيون آهن اهي پائينديس ڪنن ۾ واليون وجهنديس، ۽ ها آپيءَ (منهنجي ڀائٽي) مون کي سُرخي ۽ سينڊل به ڏنو آهي... ها سرخي هڻنديس ۽ سينڊل پائينديس.“

” نه زريءَ تو جيتريون ڇوڪريون سُرخي ڪو نه هڻنديون آهن. ڏس آپي به نه ٿي هڻي“

”ڇو؟“ هن ضد ڪندي چيو.

”تو جيتريون ڇوڪريون هونءَ ئي سٺيون لڳنديون آهن.“ چيومانس ته ٿوري دير هن وري آئيني اڳيان ڪجهه پوز هنيا ۽ پوءِ ڪمري مان نڪري ويئي، ۽ آئون لکڻ ۾ مصروف ٿي ويس. اجا پندرهن منٽ مَس گذريا هئا ته هوءَ وري مون وٽ آئي، پر عجيب حُليي ۾. اکين جي اندر گهٽ ۽ ٻاهران گهڻو ڪجل جو ليپ هوس، اها ئي حالت لپ اسٽڪ جي هئي، جيڪا چپن تي گهٽ پر ڪاڏيءَ ۽ واڇن تي گهڻي هئي. ۽ ڪيس وڏيءَ ڪڙيءَ وارو سينڊل پاتل هو جنهن سان هوءَ آٽڙندي ڪرندي پاڻ کي ۽ رَئي کي سنڀاليندي عجيب منظر پيش ڪري رهي هئي. سندس حليو ڏسندي مون کي کِلَ اچي ويئي. بلڪل ڪارٽون لڳي رهي هئي.

”زري هي ڇا ڪري آئي آهين؟ وڃ وڃي منهن ڌوئي اچ.“ مون کِلَ ضبط ڪندي ڪيس دڙڪا ڏنا. پهرين ته هن انڪار ڪيو پوءِ منهنجي گهڻي چوڻ تي نيٺ چيائين:

”پلا هن تنهنجي ڪمري واري باٿ روم ۾ وڃان منهن ڌوئڻ؟“

”ها، ها... اتي ئي وڃ“ چيم، هوءَ باٿ روم ڏانهن وڌندي ٿورو ترسي ۽ پوءِ چيائين.

”آپا مِس! ڏس منلڪي اجا تائين باٿ روم چوڻ به ڪونهي ايندو. هوءَ اجا به هو ڪِنو ڪِنو اکر چوندي آهي. مان تڪڙو سکي ويم نه؟“

”ها“ مون مختصر جواب ڏنو. هوءَ باٿ روم ۾ ويئي ۽ ٿوري دير کان پوءِ منهن ڌوئي واپس موٽي ته

ڪجھہ ماڻھپي ۾ نظر آئي. هوءَ هڪ ڀيرو وري ڊريسنگ ٽيبل جي آئيني تي نظرِ عنايت ڪندي، مون ڏانهن وڌي ۽ هٿ ۾ پڪڙيل سندس ميري ڦٽي مون ڏانهن وڌائيندي چيو "هان وٺ! منهنجو چانڊورو تہ ٺاھہ."

"چا!!!؟؟" منهنجن فرشتن کي بہ خبر ڪو نہ هئي تہ "چانڊورو" چا بلا هئي.

"او... اهڙو انڊورو جهڙو آپي ٺاهيندي آهي."

مون اندازي سان سمجهيو تہ چانڊورو مطلب تہ پوني ٽيل، پر آئون وري بہ سندس ميرن چيڙهہ لڳل مختصر ۽ بي ترتيب وارن کي ڏسي پريشان ٿي ويس تہ آخر انهن جي پوني ٽيل ڪيئن ٿي نهي سگهي؟

"نہ زري! مون کان ڪو نہ ٺهندو، وڃي ننڍي آپا کي چئہ." مون جند ڇڏائڻ خاطر چيو تہ هوءَ مايوس ٿي ويئي هلي ۽ وري ڏهہ منٽ کن ترسي مون وٽ آئي ۽ فخريہ لهجي ۾ چيائين، "ڏس منهنجو چانڊورو."

مون هن ڏانهن ڏٺو سندس وارن جون پاسي کان ڇڳون لڙڪي منهن تي پيون پئي، هن پٺ ڏني تہ مون کي کِل اچي ويئي. بہ ٽي وارن جون مختصر پچڙيون ٻَڱل جي مدد سان ويڙهيون پيون هيون. مون دل ۾ پنهنجي ننڍي ڀيڻ کي داد ڏنو تہ هن ڪهڙي نہ مهارت سان انهن ننڍڙن وارن کي ربربينڊ جي قيد ۾ جڪڙي، ڪلپ ان مٿان فِڪس ڪيو هو.

"زري... هينئر تہ شادي ڪائي اچ، پر مهرباني ڪري سياڻي وهنجي سهنجي ماڻهو ٿجانءِ. خاص ڪري مٿو تہ ڌوئي صاف ڪجانءِ وارن جي حالت ڏٺي اٿئي." چيومانس.

"ها! سياڻي وهنجندم. مان کي آپا ننڍي شيمپو ڏنو آهي، ۽ ان سان وارن ڌوئڻ جو نمونو بہ ٻڌايو آهي."

مون کي حيرت ٿي تہ هن کي يڪدم "شيمپو" نالو ياد ٿي ويو هو. ائين هوءَ ان رات تيار ٿي شاديءَ تي ويئي، انهن ئي ڏينهن رمضان اوري عيد بہ آئي، تہ عيد جي رات هوءَ اميءَ سان گڏجي بازار ويئي ۽ آرٽيفيشل جيولري، چوڙيون، ٻَڱل ۽ ميندي وٺي آئي ۽ عيد جي سڄي ڏينهن تي هوءَ ساڳي ريت وڏي ڪڙيءَ وارو سينڊل پائي آٽڙندي ٽڙندي رهي ۽ بار بار ڦٽي ويل چانڊورو ٺهرائيندي رهي. شام جو هوءَ ۽ مِنل، نوڪر سنا گڏجي راڻي باغ گهمڻ ويون.

هاڻي ڪجھہ مِنل جو احوال بہ ٿي وڃي... هوءَ بہ گهٽ "فلم" نہ هئي. ڪيس مون، منهنجين ڀيڻن ۽ پاپيءَ الاهي سارا ڪپڙا پائڻ لاءِ ڏنا، پر هوءَ رڳو ساڳيا بہ جوڙا پائيندي هئي جن کي ڌوئي ڌوئي رنگ ئي ڦٽائي ڇڏيائين. هڪ ڀيرو چيومانس، "مائي منل! توکي مون ۽ ڀين ايترا ڪپڙا ڏنا آهن سي پائين چو نٿي؟ هي ڪپڙا هٽ صفا خراب ٿي ويا اٿئي؟"

"ائي امڙ! مان پوڙهي زال سنا لٽا پائي چا ڪنديس، اهي سڀ لٽا تہ مون ساهيڙي لاءِ سنڀالي رکيا آهن، هوءَ ننڍي نيٽي آهي ان کي ڪپن."

”پوءِ ڇا هي، تون اسان وٽ ڇهن مهينن لاءِ آئي آهين، جڏهن پنهنجي ملڪ وينديءَ تہ توکي تنهنجي ساهيڙيءَ ۽ ان جي ڏيئرن لاءِ ٻيا ڪپڙا ڏينداسين.“

ڪيس اهو چوڻ جي باوجود بہ مون ڏنو تہ هن اهي ساڳيا ٻہ جوڙا ٽي پاتا... انهن ڏينهن ۾ هڪڙو قلفيءَ وارو روز اسان جي پاڙي ۾ ايندو هو تہ منهنجن پاڻين سان گڏ زري بہ بابا کان پيسا وٺي روز قلفي وٺي کائيندي هئي ۽ ڪڏهن آئون منل کي بہ قلفي کائيندي ڏسندي هيس. هڪ ڀيري منهنجي پيرڻ مٿي ۾ ميندي وڌي تہ منل بہ وارن کي رنگڻ لاءِ هن کان ميندي ورتي، ۽ پوءِ ٿوري دير کان پوءِ منهنجي پيرڻ کلندي کلندي مون ڏانهن آئي ۽ چيائين:

”ٽي.وي. لائونج ۾ وڃي هڪڙو دلسچپ منظر ڏس.“

”آخر آهي ڇا؟“ حيران ٿيندي پڇيم.

”بس! تون پاڻ وڃي ڏس... اها ڳالهہ ٻڌائڻ کان وڌيڪ ڏسڻ سان تعلق ٿي رکي.“

تڏهن مون کي بہ تجسس ٿيو ۽ ٽي.وي. لائونج ۾ ويس تہ اتي جيڪو منظر ڏٺم، تنهن تي مون کي بہ کِل روڪڻ مشڪل لڳي. منل ٻارن جي ويهڻ جي بنهہ ننڍڙي پلاسٽڪ جي ڪرسيءَ تي فِڪس ٿي Statue بڻي وات ڦاڙي ٽي.وي. ڏسي رهي هئي. پهريون ڀيرو سندس رَنُو مٿي تي هئڻ بجاءِ ڳچيءَ ۾ ويڙهيل ڏٺومانس. هوءَ سڄي مٿي کي مينديءَ ٿڦي ويٺي هئي ۽ سندس ميندي ۾ لڦيل وارن جا ٻہ وانگوڙا ٺهيا پيا هئا. هڪڙو وانگوڙو هڪڙي ڪَنَ جي مٿان ۽ ان وقت هوءَ بالڪل ٻڪريءَ جو ٻچو يعني ”ميمني“ لڳي رهي هئي. بس پوءِ تہ اها ڳالهہ پوري گهر ۾ پکڙجي ويئي ۽ هر ڪوئي واري واري سان ڪنهن نہ ڪنهن بهاني سان ٽي.وي. لائونج مان گذري ڪيس حيرت مان ڏٺو. سندس اڇا وار هاڻي تيز ڳاڙها ٿي ويا. ان ڪري هاڻي هوءَ بالڪل ڪا پلاسٽڪ جي گڏي ٿي لڳي.

ٻئي ڏينهن مون ٽي.ويءَ لائونج ۾ ڪالهہ جهڙو هڪڙو منظر ڏٺو. هوءَ ٻارن جي وچ ۾ ساڳي ننڍڙي پلاسٽڪ واري ڪرسيءَ تي فڪس ٿي ويٺي هئي ۽ ٻارن جيان قلفي چَٽي رهي هئي.

هوءَ جڏهن بہ مانيون پچائڻ ويهندي هئي تہ چلهہ جي ايڏو ويجهو ويهندي هئي جو مون کي ڊپ لڳندو هو تہ ڪٿي موربڳو سندس چولي يا گنديءَ جو پلاند باهہ سان نہ لڳي... مون ڪيس ڪيترائي ڀيرا چيو هو ”مائي مِنل! چلهہ کان ٿورو پري ٿي ويهندي ڪر... سَڙي نہ پوين.“

”ائي بيبي! قسمت ۾ سَڙي مرڻ لکيل هوندو تہ سڙنديس پوءِ پاڻ کي بچائي مان ڇا ڪريان.“ هوءَ سدائين اهو ئي جواب ڏيندي هئي.

انهن ڏينهن ۾ اسان جي پاڙي جو ڊرينيج سسٽم خراب هئڻ ڪري خراب پاڻي رستن تي جمع ٿي ويو هو ۽ مڇرن جو آزار مچي ويو هو. رات جو ڪوائل يا ميٽ ٻارڻ جي باوجود بہ مڇر پُٽي رکندا هئا. هڪ رات آئون ڪم سان ٽي.وي. لائونجمان گذريس. جتي منل ۽ زري سمهنديون هيون، تہ مون ڏٺو تہ هو مڇرن جي چڪن پوڻ ڪري بيچين ٿي رهيون هيون... تڏهن مون کي مٿن رحم اچي ويو ۽ هڪڙو ڪوائل ٻاري ٽي.وي. لائونج ۾ بہ رکيم. صبح جو مِنل مون کي ڏسندي چيو, ”ماسترياڻي! رب

ڪندو تہ جُڙي رهندينءَ... موليٰ روزي ۾ برڪت ڏيندئي... رات مڇر داني رکي ڏنئي تہ سک جي ننڊ ڪئيسون نہ تہ روز تہ مڇر سمهڻ ئي ڪو نہ ڏيندا اهن... بي بي الله قسمت موچاري ڪندئي... شل ڪوسو واءُ نہ لڳئي...“

ان مهل تہ دعائون ٻڌي مون کي ڏاڍي خوشي ٿي پر پوءِ خبر پئي تہ آئون تہ مورڳو هڪ دفعو هنن سان همدردي ڪري ڦاسي وئي هيس... هوءَ هاٽي روز سمهڻ مهل منهنجو مٿو ڪائيندي هئي:

”ماسترياڻي!“ الله خوش رکندئي... امڙ مڇر داني تہ ٻاري ڏي...“

هاٽي روز روز آئون ڪٿان کين ڪوئال وٺي ٻاري ڏيان... سوڪڏهن تہ ٻاري ڏيندي هئي سان ۽ جڏهن کين ڪوائل ٻاري نہ ڏيندي هيس ۽ پوءِ سمهڻ جي تياري ۾ لڳي ويندي هيس تہ منل زبان سان تہ ڪجهہ نہ چوندي هئي بس اکين ۾ التجائون ڪندي مون ڏانهن ڏسندي هئي... ۽ جڏهن آئون سندس نظرن کي لنوائي بستري تي ليٽي پوندي هيس تہ ڪوائل يا ميٽ ٻارڻ جي باوجود مڇرن جا خوفناڪ چَڪَ چڻ انجيڪشن پيا هڻندا هئا. تڏهن منهنجي ننڊ اهو سوچي ڦِٽي پوندي هيئ تہ جڏهن ڪوائل جي باوجود هتي مڇرن جي ايڏي ”يلغار“ آهي تہ ٽي.وي. لائونج ۾ ستل منل ۽ زريءَ ڪهڙي حالت ۾ هونديون...!؟ بس پوءِ چڻ سک ڦٽي پوندو هئم ۽ ڪاوڙ بہ لڳندي هئم تہ چڻ مون سندس ٺيڪو کڻي رکيو هو پوءِ چپن ۾ ڪاوڙ ۾ ٻُٽ ٻُٽ ڪندي اٿندي هيس ۽ ڪو ڪوائل هٿ ڪري هنن کي رکي ڏيندي هيس تہ منل جي وات مان دعائون نڪرنديون رهنديون هيون:

”ربّ جڙيو رکئي.“

”شل سدائين سکي رهين.“

”پنجتن پاڪ جو سايو هوندئي.“

”موليٰ روزي ۾ برڪت ڏيندئي...“

۽ ائين پوءِ آئون روز کين ڪوائل ٻاري ڏيندي هيس تہ منهنجا ڳنَ خود بخود دعائن لاءِ منتظر ٿي ويندا هئا... ۽ آئون جيستائين ڪوائل ٻاري رهي هوندي هيس سندس وات مان دعائون نڪرنديون رهنديون هيون.

هڪ صبح جو آئون جيئن ئي تيار ٿي اسڪول لاءِ رواني ٿي رهي هيس تہ مِنل منهنجن هلڪن گلابي ڪپڙن کي ڏسي چيو:

”ماسترياڻي! سچ ٿي چوائين تہ اهو جوڙو توکي ڏاڍو نهندو آهي... ۽ گلابي رنگ جيترو مون توتي نهندي ڏٺو آهي اهڙو ڪنهن ماڻهوءَ کي نہ ڏٺم...“

صبح صبح جو اهي رمارڪس ٻڌي منهنجو موڊ انتهائي، خوشگوار ٿي ويو. پر شام جو منهنجي خوشفهمي ختم ٿي وئي جڏهن امي، پاپي ۽ پيٽن ٻڌايو تہ مِنل سيني کي خوش ڪرڻ لاءِ واري واري تي هر ڪنهن کي اهي رمارڪس ڏئي چڪي هئي.

ٻئي ڏينهن آئون اسڪول مان موٽڻ ڪان پوءِ جيئن ئي پنهنجي ڪمري ۾ داخل ٿيس تہ ڏٺم تہ

زري منھنجي ڪمري ۾ موجود هئي ۽ حسبِ عادت ڊريسنگ ٽيبل جي آئيني اڳيان بيٺل هئي.

”زري تون هتي ڇا پئي ڪرين؟“ پڇيومانس.

”آپا مِس! تنهنجي ڪمري جا سڀ سامان دڳ تي پکڙيا پيا هئا... اهي دڳ تان هٽائي هتان ٻهاري ۽ پوچو ڏنو اٿم... پٽ سنو پيو لڳي نہ؟“ هن چيو.

”وڏي مهرباني منهنجا ٽپڙ ”دڳَ“ تان هٽائڻ لاءِ... پر هي سامان تہ ڇنڊيو ڪو نہ اٿئي... ڌُس متي لڳي پئي آهي.“

”مان ڪي پُڇُ ڏي تہ ڇنڊي وٺان.“

”پُڇُ...!؟؟ اهو ڇاهي؟“

پوءِ هن مون کي ڏاڍي مشڪل سان سمجهاوي تہ هوءَ سامان ڇنڊڻ جي ڪپڙي کي ”پُڇ“ چئي رهي هئي. مون کيس ڪپڙو ڏنو تہ ٿوري دير کان پوءِ هن وري چيو:

”مس!... هاڻي ڏس...“

”ها!...“

”فسٽ ڪلاس آهي نہ...“

”بلڪل فرسٽ ڪلاس...“ هوءَ جڏهن بہ منهنجي ڪمري جي صفائي ڪندي هئي تہ جيستائين منهنجي واتان ”فرسٽ ڪلاس“ نہ ٻڌندي هئي اتان ڪا نہ ويندي هئي ۽ ”فرسٽ ڪلاس“ ٻڌند يئي هن جي چهري تي خوشيءَ جي لهر اچي ويندي هئي.

”مِس! مون کي اهڙو چِلو ڏي نہ جهڙو توکي پاتل آ“ هن منهنجي آڱر ۾ پيل شيشي جي رنگين ڇلي ڏانهن اشارو ڪندي چيو تہ مون کيس اهڙو هڪڙو ڇلو ڏنو تہ هوءَ خوشيءَ مان ڇلو آڱر ۾ وجهي هلي وئي.

ان ئي رات آئون رڌڻي وٽان لنگهي پنهنجي ڪمري ڏانهن وڃي رهي هيس تہ مون هڪڙو دلچسپ منظر ڏٺو... منل ۽ زري رڌڻي ۾ ماني ڪائي رهيون هيون. منل ماني ڪائيندي ڪائيندي وقت بہ وقت زري کي دڙڪا ڏيڻ سان گڏ ڏبڻ, ڏَڪن ۽ چنبن سان بہ ”مستفيد“ ڪري رهي هئي ۽مون کيس چوندي ٻڌو:

”چوري گهٽ کاءُ... هتي اچي هاڻي گهڻو کائڻ لڳي آهين... ائين ڍو تي کائڻ جي عادت وجهي ڇڏيندينءَ تہ ڳوٺ هلين تہ ايتري ماني نہ ملندئي نہ...“

الائي ڇو ان جملي مون کي اداس ڪري ڇڏيو. ٿوري دير کان پوءِ جڏهن آئون پنهنجي ڪمري ۾ سِلائي, ڪرڻ ۾ مصروف هيس تہ هو ٻئي بہ اتي اچي ويٺيون.

”ائي, ماسترياڻي! ڪيڏا ملوڪ لٽا آهن... سپاڻي اشڪول پائي ويندينءَ...“

منل مشين تي رکيلڪپڙي کي هٿ لڳائيندي چيو.

”آئون بہ اميءَ کي چونديس تہ مون کي اهڙا وٺي ڏي.“ زري چيو.

”ماٺ ڪر نياڻي... اهڙا ڪپڙا تي پائي... تون ڪا بيبين جهڙي آن...؟“ منل ڏک اُلاريندي چيس.

ٿوري دير کان پوءِ مون سبيل قميص پائي آئيني ۾ جائزو ورتو تہ زري کلي چوڻ لڳي...

”ائي... جهڙا لَبڙَ...“

” لَبڙ ڇا؟!!“ منهنجو وات ڦاٽي ويو (اها خبر پوءِ پئي هئي تہ زري هر ان قميص کي لَبڙ چوندي هئي جيڪا ويڪري ۽ ڍگهي هوندي هئي)

”سُنا ڪو نہ آهن ڪپڙا...؟“

”نَڪو... لَبڙَ...“

”ڇوري ڪو اچي مغز خراب ٿيو اٿئي... بيبيءَ سان ائين ڳالهائبو آهي؟!“ مِنل وري ڇڙٻ ڏنيس.

ائين پوءِ آئون جڏهن بہ پنهنجي ڪمري ۾ سلائي ۾ مصروف هوندي هيس تہ زري بہ اچي مون وٽ ويهي رهندي هئي.

”مِس! مون کي ٽڪريون ڏي تہ آئون ۽ آپي گڏين جا ڪپڙا سِبون.“ هوءَ چوندي هئي.

”ڇگڙا! تون هتي ويهہ آئون جيڪي بہ ننڍا ننڍا ٽڪرا ڪپڙي مان ڳتي اڇلايان سي ميڙيندي اڇجانءِ...“ تڏهن هوءَ ائين ئي ڪندي هئي... ۽ ائين اتي ويٺي هوءَ دنيا جهان جا قصا ڪندي هئي.

”آپا مِس! آئون مٿي ۾ شيمپو وجهي وهنجي آئي آهيان... منهنجا وار هاڻي صاف آهن نہ؟“

”ها! فرسٽ ڪلاس...“

”مِس، مون اها شيمپوءَ جي بوتل لِڪائي رکي اهي... پنهنجي ڳوٺ وجي پيڻ کي ڏينديس.“

ائين هوءَ ڳوٺ جون بہ ڪيترين ئي ڳالهيون ڪندي هئي.

”زري! اڳ ۾ تہ تو چيو هو تہ توکي هتي ايڏو مزو ڪو نہ ٿو اچي. ڳوٺ ياد پوي ٿو... پوءِ هاڻي تہ توکي هتي الاهي ڏينهن ٿي ويا آهن پوءِ مزو اچي ٿو يا اجان بہ ڳوٺ ياد اچي ٿو...“

”نہ... هاڻي هِتي مزو اچي ٿو... سڀ مون کي الاهي پيائين ٿا... سائين وڏو امي، ڊاڪٽرياڻي، جيجي ڪنوار... تون... آپي... ننڍي آپا... سڀ... پر آئون هڪڙو پيرو ڳوٺ وڃان پوءِ وري ايندس...“ چيائين

”پلا تون ڳوٺ وڃي اتي ڇا ٻڌائيندينءَ؟“ پڇيم.

”آئون اتي امان کي پيڻ کي ۽ ٻين سين کي ٻڌائيندس تہ جتي اسين رهندا هئاسون نہ... اتي جون بيبيون ڏاڍيون سٺيون هيون... مون کي ڍءُ تي ماني ڏينديون هيون سنا سنا لَٽا ڏينديون هيون پائڻ لاءِ ۽ مون کي ڏاڍو پيائينديون هيون.“

”هل... ڪُوڙي...“ مون ڪيس ڇيڙڻ خاطر چيو.

”مان بي بيءَ سان ڪوڙ هڻندم!؟... بي بيءَ سان ڪوڙ هڻان تہ زبان نہ سڙي وڃنم...“

ائين هوءَ مون سان ڪيترائي قصا ڪندي هئي ۽ اڪثر ابتا سبتا سوال ڪري ۽ الاهي ساريون ڳالهيون ڪري ڪڏهن منهنجو مٿو کائي ويندي هئي.

”مِس! آئون توکي گانو ٻڌايان...!؟“

”ها ٻڌائي!“ مون سِلائي ڪندي ڪندي چيو.

ائين پوءِ هوءَ مون کي سندن ڳوٺ ۾ ڳائجندڙ عجيب عجيب گانا ٻڌائيندي هئي ۽ اڪثر ڳائيندي ڳائيندي اٿي نچڻ بہ شروع ڪري ڇڏيندي هئي... تہ منهنجي لاءِ کِل روڪڻ مشڪل ٿي پوندي هئي ۽ پوءِ سوچيندي هيس تہ هاڻِ سِلائي ڪريان يا هيءَ ”فلم“ ڏسان... هڪ ڀيري هن مون کي چيو:

”آپا مِس! اڄ ائون توکي هڪڙو سهرو ٿي ٻڌايان.“

”ها ٻڌاءِ“

هوءَ وري جهومي جهومي ڳائڻ لڳي...

”مٿي ۾ سُور آ

پيئڻ ضرور آ

ادا... مون کي چاءِ آڻي ڏي...“

”هي سهرو آهي...!؟“ مون ڪم اڌ ۾ ڇڏي کيس چيو.

”ها مِس! ڳوٺ ۾ اسين اهو سهرو چونديون آهيون... ۽ هاڻي هي ٻيو سهرو ٿي ٻڌايان...“

هوءَ اٿي بيٺي ۽ پوءِ نچندي نچندي هڪڙو ٻيو گيت ڳائڻ لڳي جنهن جا الفاظ تہ هينئر مون کي ياد نٿا پون پر ان ۾ وڏيري جي فضول خرچيءَ جو ذڪر هو. پوءِ آئون اڪثر هن کان ”مٿي ۾ سور آهي“ واري گاني جي فرمائش ڪندي هيس ۽ کيس ڪڏهن پنهنجي لاءِ چاءِ آڻي ڏيڻ لاءِ ائين چوندي هيس:

”مٿي ۾ سُور آهي

پيئڻ ضرور آهي.

زري مون کي چاءِ آڻي ڏي...“

هونئن تہ مِنل ۽ زري اسان وٽ ڪم ڪرڻ جو ڇهن مهينن جو ”ڪانٽريڪٽ“ ڪيو هو پر اهڙي ريت اجان اڍائي مهينا مَس گذريا تہ سندن ڳوٺان ماڻهو آيو جنهن کين نياپو ڏنو تہ هو ٻئي جلد ڳوٺ پهچن چو تہ مِنل جي پهاج سخت بيمار هئي... بس پوءِ تہ اهو ٻڌي ٻنهي کي جڻ کائڻ پيئڻ، کلڻ ۽ ڳالهائڻ زهر ٿي آيو... يڪدم تيڙ تاڙي جمع ڪري اميءَ کي چيائون:

”جيجي سائينءَ کي چئو تہ اسان کي جيپ ۾ مائٽياڻيءَ جي گهر ڇڏي اچي تہ گڏجي ڳوٺ وڃون.“ هو ٻئي هر گاڏيءَ، ڪار کان وٺي ٽرڪ تائين کي ”جيپ“ چونديون هيون... ۽ پوءِ وڃڻ مهل

جڏهن هو سيني سان موڪلائڻ لڳيون تہ ٻنهي جي اکين ۾ ڳوڙها هئا مِنل چيو:

”امڙ! اهو ڇورو ئي نياڳو آهي... اڄا ڄائو هو تہ مامو مري ويس هينئر شاديءَ جا ڏينهن رکيا اٿس تہ ماڻهنس کٽ تي پئجي وئي.“

”مائي مِنل!... ڪير بہ ڪنهن جي ڀاڳ سان نٿو جِئي مري پر هرڪو پنهنجو نصيب کڻي ٿو اچي ۽ پنهنجي وقت تي دنيا ڇڏي ٿو ۽ دنيا مان وڃي ٿو.“ مون چيو.

”ها!... جيجي... برابر ائين تہ آهي... چڱو امڙ سيني کان موڪلائي... اوهان ٻيبين اسان ڪي الاهي سک ڏنا... اسان کي ڪا تڪليف ڪا نہ ٿيڻ ڏني... ڪاڏو پيتو ۽ ڪپڙو لٽو... اجهو ڏنو... بس! امڙ دعا ڪجو تہ زريءَ جي ماءُ چڱي ڀلي ٿئي... ائي ڪير هينئر اتي ڪندس... آئون ئي وڃي ڏسندي مانس ٻيو ڪير ڪندس... امڙ! نندي نيتي آهي شل الله حياتي ڏيس... ٻچي جي شادي ڏسي... امڙ ڪاڏو پيتو ۽ ڇئو چوايو بشڪ (بخش) ڪجو...“

”هنن عورتن جي زندگي ڏس... پنهنجي ڀهاج لاءِ ائين پئي آندي ماندي ٿئي جڻ ٻيحد پيارو رشتو هجيس... شهري عورت تہ ”ڀهاج“ لفظ کان ئي ڇرڪندي آهي... هتي جي عورت ڪڏهن بہ ٻي عورت کي قبول ناهي ڪندي...“ منهنجي وڏي ڀيڻ چيو.

”ظاهر آهي... هي جنهن ماحول ۾ رهن ٿيون اتي تقريباً هر مرد هڪ کان وڌيڪ شاديون ڪري ٿو سو هنن لاءِ تہ اها ڳالهہ جڻ نارمل ۽ نيچرل آهي يا شايد هو ان کي قسمت ۾ لکيل سمجهي آرام سان قبول ڪري وٺنديون آهن...“ مون چيو.

... ۽... ائين هو ٻئي پنهنجي ”مُلڪ“ واپس هليون ويون... هنن واعدو ڪيو هو تہ زريءَ جي ماءُ نيڪ ٿيندي تہ هو واپس اسان وٽ موٽي اينديون ڇو تہ ڪين اسان جو گهر ۽ گهر وارا الاهي سٺا لڳا هئا... ان ڪري هنن جي دل اسان سان لڳي وئي هئي... پر الاهي وقت گذري ويو آهي هو ڪو نہ موٽيون آهن... خبر ناهي ڇا ٿيو...؟ زريءَ جي ماءُ الائي نيڪ ٿي الائي نہ... سندس پُٽ جي شادي ٿي الائي نہ... خبر ڪونهي تہ زري کي شهري اکر ۽ شهري فيشن بہ ياد هوندا الائي نہ... پر اڪثر اسان کي سندن ڳالهيون ياد اينديون آهن ۽ ڪڏهن اسان بہ مذاق ۾ ”پوني ٽيل“ کي ”چانڊورو“ چونديون آهيون... گاڏيءَ کي ”جيپ“ چونديون آهيون ۽ ويڪرن ڪپڙن کي لَبِڙ چونديون آهيون. اڪثر منهنجي ڪنن ۾ منل جون دعائون گونجنديون آهن ۽ زريءَ سلائي ڪرڻ دوران تصور ۾ جهومندي ڳائيندي ۽ نچندي نظر ايندي اٿم... ۽ سندس آواز ڪنن ۾ گونجندو اٿم:

”متي ۾ سُور آهي
پيئڻ ضرور آهي
ادا! مون کي چاءِ آڻي ڏي...“

# عورت جي هڪ ڪٿا

جيئن ئي هڪ ٽيچر اسٽاف روم ۾ اچي اعلان ڪيو تہ اسان جي هيڊمسٽريس جي بدلي ٿي وئي آهي ۽ هاڻي ان جي جاءِ تي آپا خيرالنساءِ هيڊ مسٽريس ٿي اچي وئي آهي تہ ڄڻ سيني جي وات مان رڙيون نڪري ويون ۽ اسٽاف روم ۾ هنگامو ٿي ويو. آئون ان وقت سرڪاري اسڪول ۾ بلڪل نئين ٽيچر اپائنٽ ٿي آئي هيس ان ڪري نہ تہ شهر جي اسڪولن جي هيڊن بابت ڪا گهڻي ڄاڻ هئم ۽ نہ ئي ٽيچرن بابت، ان لاءِ هڪ سينئر ٽيچر کان پڇيم،

”آخر آپا خيرالنساءِ جو ٻڌي استاديائڻيون پريشان ڇو ٿي ويون آهن؟“

هن ڪي گهڙيون مون کي ڏٺو ۽ پوءِ چيائين، ”آپا خيرالنساءِ هن شهر جي تمام سينئر هيڊ آهي ۽ وڏن وڏن اسڪولن کي تمام سٺي انداز ۾ هلائي چڪي آهي. هوءَ هونئن تہ تمام سٺي آهي پر ڊسيپلين قائم ڪرڻ ۾ الاهي سخت مشهور آهي. نہ پاڻ دير سان اسڪول اچي ۽ نہ ئي ٻين لاءِ اهو برداشت ڪري. مطلب تہ صرف پڙهائي، اڌ ڏينهن جي موڪل لاءِ بہ درخواست وٺندي آهي ۽ وقت جي پابنديءَ ۾ سختيءَ سان ورتاءُ ڪندي آهي. مختصر طور اهو تہ هوءَ انتهائي بااصول آهي.“

”اوهہ!... اها ڳالهہ آهي.“ مون چيو. الائي ڇو دل ۾ ڪنهن حد تائين اهو ٻڌي تمام گهڻو خوشٿيس ڇو تہ خود مون کي ڊسيپلين ۽ بااصول ماڻهو پسند آهن. ڪا ٽيچر اسڪول اچڻ جي ٽائيم کان اڌ ڪلاڪ ليٽ پئي اچي. ڪا ڪلاڪ ليٽ پئي اچي ۽ ڪي پڙهائڻ ۾ دلچسپي نٿيون وٺن يا ٻي ڪا بي اصولي جي ڳالهہ آهي تهاهي ڳالهيون درست ٿي وڃن اصل هنگامو انهن استاديائڻين مچايو پئي جيڪي ”وريتيون“ هيون ۽ ”ٻاريتيون“ هيون جن سان انيڪ مجبوريون هيون. صبح جو نيرن ٺاهڻ، ٻارن کي تيار ڪري اسڪول موڪلڻ، جيڪڏهن اسڪول ڇڏڻ لاءِ ڪو ٻيو ماڻهو ناهي تہ پاڻ ٻارن کي اسڪول ڇڏي اچڻ ۽ پوءِ ٻارن جي پيءُ جا ڪم ڪرڻ ڪڏهن ٻنپهرن جي ماني لاءِ اڳواٽ اٽو ڳوهي ۽ ڀاڄيون وڍي فرج ۾ رکي اچڻ ڪري دير سوير ٿيڻ لازمي آهي پوءِ وري اهڙي سخت هيڊ هجي جيڪا وقت جي پابندي لازمي سمجهي تہ پوءِ مسئلا تہ ٿيندا.

بہ ٽي ڏينهن تہ خير سان گذريا. بظاهر تہ اجا تائين آپا خيرالنساءِ هڪ سينئر، بردبار ۽ سٺي هيڊ محسوس ٿي پر جلد ئي اهي ڳالهيون ٿيون جن جو ڊپ هو. آپا خيرالنساءِ ميٽنگ رکي جنهن ۾ هن ڊسيپلين ۽ وقت جي پابنديءَ کي لازمي ڄاڻايو ۽ ڪنهن گهرو مجبوري خاطر يا ٻارن خاطر Short Leave يا اڌ ڏينهن جي موڪل نہ وٺڻ جي تاڪيد ڪئي. اسان جهڙن ٽيچرن جو تہ خير هو جو اسين تہ ٽائيم تي اچڻ وڃڻ واريون هونديون هيوسين پر مسئلو تہ ”وريتين“ ۽ ”ٻاريتين“ جو هو. باقي

اسان جهڙيون غير شادي شده ٽيچرز جيڪي يقين ٿوريون ئي هيوسين انهن اهڙين ڳالهين کي ايڏي اهميت نه ٿي ڏني. ان ڪري اسان لاءِ اجان ته ڪو مسئلو ڪو نه ٿيو هو البته ٻين سان ٿيڻ لڳو. هڪ ڏينهن هڪ ٽيچر اسٽاف روم ۾ صبح جو اندر اچڻ سان ئي رڙڻ شروع ڪيو:

”آپا جو پنهنجو گهر وارو ته ڪڏهوڪو گذاري ويو آهي ته اولاد اٽس ئي ڪونه اڪيلي آهي گهر ۾ تڏهن ئي ته اسان جهڙين عورتن جو احساس ئي ڪونهيس. اسين ٻه ڇا ڪريون گهر کي منهن ڏيون، ٻارن کي اسڪول موڪليون، مڙس کي نيرن ڏيون... آخر ليٽ سيٽ ته ٿي ويندي نه...؟ ۽ وري هتي روز روز آپا جا دڙڪا ٻڌون. ڇا ڪريون نوڪري ڪرڻ کان سواءِ ٻه گذارو نٿو ٿئي، نه ته گهر ۾ نه ويهي رهون.“

... ۽ پوءِ سڀني ”وريتين“ ۽ ”ٻاريتين“ جي زبان تي اهي ئي جملا رهڻ لڳا. ائين ڪجهه مهينا گذريا، شڪايتون ٻه ٿينديون هيون، دڙڪا ٻه پوڻ لڳا. هڪ ڀيرو آئون ٻه ڪجهه دير سان شايد صرف پنج منٽ دير سان اسڪول پهتيس پوءِ ڊڄندي ڊڄندي آپا جي آفيس پهتيس، آپا کي سلام ڪيم ته سلام جو جواب ڏيڻ کان پوءِ چيائين، ”گهٽ ۾ گهٽ واهان کي ته دير سان اچڻ نه گهرجي.“

”آپا، گاڏي هڪ آهي پهرين ڊرائيور پاڻ جي ٻارن کي اسڪول ڇڏڻ ويندو آهي ڇو جو انهن جو ٽائيم اڳي جو آهي پوءِ مونکي هتي ڇڏي ويندو آهي. اڄ اتفاق سان دير ٿي ويئي نه ته روز ٽائيم تي ايندي آهيان.“ اهو چوندي آفيس مان نڪري آيس.

مان نڪرڻ کان پوءِ مون کي ڏاڍو ڏک ٿيو. شايد اسان پابنديءَ سان اچڻ وارا هلڪي ڦلڪي غلطي درگذر ڪرڻ جي خواهش رکندا آهيون. هونئن ٻه آئون هر ڪم وقت تي ڪندي آهيان، پڙهائيءَ ۾ ڌيان ڏيڻ ۽ هر ڏنل ذميواريءَ کي پورو ڪرڻ ضروري سمجهندي آهيان. محض اڄ پنج منٽ ليٽ اچڻ ڪري مون سان آپا درگذر ڇو نه ڪيو...؟ بهرحال جلد ئي پوءِ ذهن مان اها ڳالهه نڪري وئي. پندرهن ويهن ڏينهن کان پوءِ وري هڪ دفعو ڏهه منٽ دير سان پهتيس ته ان ڏينهن آپا چيو ”آخر توهان سان ڪهڙومسئلو ٿي ٿو سگهي. توهان ته شادي شده ڪو نه اهيو. نه مڙس جي ذميواري نه ٻارن جي مسئلي جو ٻهانو پوءِ توهان دير ڇو ڪئي؟“

ان کان اڳ جو هوءَ وڌيڪ ڪجهه چوي ها هڪ ٻي ”غير شادي شده“ ٽيچر پٺان مهل پهتي. پوءِ ته ٻنهي کي ڪجهه دڙڪا مليا. اسين ٻئي ڪنڌ هيٺ ڪري آفيس کان ٻاهر نڪتيون سين ته مون هن کي چيو ”غير شادي شده هئڻ ٻه جُٺ آهي. اسڪول ۾ هر اهم ذميواري اسان کي ملندي آهي ته نوجوان ۽ غير شادي شده آهن ان لاءِ انهن تي گهر جي ڪا ٻه ذميواري ڪانهي. حالانڪ اسان ٻه نوڪري ڪريون ٿا ۽ گهر وچي گهر جا ڪمڪار ٻه ڪريون ٿا اسان تي ٻه ذميواريون آهن.“

”ڏس نه...“ هن چيو. ”آپا سمجهي ٿي ته غير شادي شده ٽيچرن جو ڪو مسئلو ئي ڪونهي اسان ٻه گڏيل ڪٽنب تحت رهون ٿا. ڪڏهن گاڏي ڪو ٻيو ڪٽي وڃي، ڪڏهن ڊرائيور موڪل تي، ڪڏهن رڪشا ملڻ ۾ اسان کي ٻه دير سوير ٿي سگهي ٿي.“

اسان جا مسئلا اسان سان پر سچ پچ تہ شادي شده ٽيچرن جي حالت ڏسي رحم ايندو هو. ننڍڙن ٻارن سان اوجاڳو ڪرڻ، ڪڏهن نرسري ۾ ڪي جي پڙهندڙ ٻارن کي صبح جو سوير اٿارڻ، تيار ڪرڻ ۾ اسڪول موڪلڻ، ڪڏهن ڪنهن بيمار ٻار کي ڇڏي اچڻ ۾ پوءِ هر وقت ان لاءِ پريشان رهڻ عام ڳالهہ هئي، جڏهن سندن ٻارن جي اسڪولن ۾ امتحانن ڪري سوير موڪل ٿيندي هئي تہ اسڪول مان وڃي انهن کي وٺي پنهنجي اسڪول اچڻ ۾ اتي انهن کي سنڀالڻ ۾ وندرائڻ بہ مسئلو هوندو هو. مٿان وري انهن کي بہ پڙهائڻ، گهر جو ڪم نوڪريءَ تان وڃڻ بعد ڪرڻ... مطلب تہ ورڪنگ وومن جو حشر ڏسي رحم ايندو هو. ان کان علاوه گهرن جا مسئلا، ڪنهن سان مڙس جو جهيڙو تہ ڪنهن سان سس جو ڪنهن سان ساهرن جا جهيڙا تہ ڪنهن سان ڪا ٻي جٺ.

اڪثر ڪري تہ ڪين صبح جو ڦٽي ڏين جي بہ فرصت نہ هوندي هئي اها بہ اسڪول ۾ اچي ڏينديون هيون. بس پڙهيل لکيل عورت جي اها ئي وڏي ڪاميابيآهي تہ هزار پريشانين ۾ مسئلن جي باوجود بہ هوءَ ٻاهر پاڻ کي ٽپ ٽاپ رکندي آهي. فيشن ۾ ميڪ اپ جي ميچنگ سان پاڻ کي فريش رکندي آهي. اسان وٽ هو ڪڏهن اهڙا ڏک اورينديون هيون تہ ڪڏهن وري سڀ ڳالهيون وساري سنگت سان ڪچهري ڪري ڪجهہ ٿهڪ ڏئي وقت گذاري ڇڏينديون هيون.

... ۽ ... پوءِ... ڪجهہ مهينن کان پوءِ هڪ حيرت انگيز تبديلي آئي. اها آپا خيرالنساءِ جيڪا ويهن پنجويهن سالن جي نوڪريءَ ۾ دير سان اسڪول نہ پهچندي هئي. اها هاڻي دير سان اچڻ لڳي. پوءِ خبر پئي تہ هن پنهنجي ڪنهن مائٽياڻيءَ جي ٻارڙي وٺي نپائڻ جي ذميواري کنئي آهي. تڏهن ايڏي پتڪڙي ٻارڙيءَ کي سنڀالڻ دوران ڪيس انهن سڀني مجبورين جي خبر پئجي وئي جن بابت ڪيس "ٻاريتيون" هيترا دفعا ٻڌائڻ سان بہ قائل ڪري نہ سگهيون هيون.

... ها... هاڻي "ٻاريتين" تي بہ دير سان اچڻ تي پڇا نہ ٿيندي هئي ۽ اڌ ڏينهن جي موڪل بہ ملڻ لڳي ان ڪري هاڻ ڪنهن کي بہ اپا خيرالنساءِ سان ڪا بہ شڪايت نہ رهي هئي ڇو تہ "ماءُ" بنجڻ سنا آپا خيرالنساءِ جي سموري شخصيت ۾ تبديلي اچڻ لڳي هيئ توڙي جو هن خود هن ٻارڙيءَ کي جنم نہ ڏنو هو. هوءَ انتهائي مهربان ۽ شفيق بنجي وئي ۽ لهجي توڙي رويي جي اڳوٽي ڪڙاڻ الائي ڪيڏانهن هلي وئي هئي. هاڻي اڪثر هوءَ ٽيليفون تي بار ابر ٻارڙيءَ کي سنڀاليندڙ "آيا" کي ٻارڙيءَ جي کاڌي پيتي ۾ مختلف ڪمن بابت هدايتون ڏيندي نظر ايندي هئي ۽ ڪڏهن هوءَ اسڪول مان وڃي گهر چڪر هڻي ٻارڙيءَ جي خبرچار وٺي ايندي هئي. ڪڏهن ٻارڙي بيمار هوندي هئي تہ ڄڻ آپا جي ننڊ ڦٽي پوندي هئي... مطلب تہ مائرن جا ڇا مسئلا هوندا آهن خاص ڪري، ورڪنگ وومن جا... اها آپا خيرالنساء کي چڱيءَ طرح ڄاڻ ملي چڪي هئي. جيڪا عورت ڊسپلين جي باري ۾ ايڏي سخت گير مشهور هوندي هئي. هڪڙي ننڍڙي ٻارڙيءَ ان ڊسيپلين جو بنياد لوڏي ڇڏيو هو."مامتا" اهڙو ئي جذبو آهي، جيڪو عورت کي بدلايو ڇڏي.

... وقت گذريو پئي. آپا خيرالنساءِ سيني سان هڪجهڙو ۽ شفقت ۽ محبت جو ورتاءُ پئي ڪيو.

هاڻي نہ هن کي ڪنهن سان ۽ نہ وري ڪنهن ٽيچر کي هن کان شڪايت هئي... جو. اوچتو وري هڪ خبر ڏماڪي جيان اسٽاف روم ۾ آئي تہ آپا خيرالنساءِ جو ٽرانسفر ٿي ويو. آپا خيرالنساءِ هلي وئي. هن جي شفقت، محبت ۽ برابريءَ جو ورتاءَ بہ هليو ويو. نئين هيڊ آئي هئي. نوان جهيڙا هئا، نوان مسئلا هئا... خاص طور وري ”وريتين“ ۽ ”ٻاريتين“ جي هاءِ گهوڙا شروع هئي ڇو... تہ... نئين هيڊ بہ بي اولاد هئي.

# انجام

ندا هڪ عام رواجي ڇوڪري آهي. عام رواجي گهراڻي سان واسطو اٿس ۽ عام رواجي ڪهاڻيءَ وانگر هن بہ پنهنجي سوٽَ سان محبت ڪئي. ڇو تہ عام رواجيخاندانن وانگر هنن ٻنهي جا خاندان هڪ ٻئي کي تمام ويجها هئا. شعيب سندن سؤٽ آهي. ندا ۽ شعيب ننڍپڻ کان گڏ راند ڪندا جڏهن نوجوانيءَ جي عمر کي پهتا تہ سندن دوستي وڌيڪ پختي ٿيوئي. فرق صرف اهو هو تہ ننڍپڻ ۾شعيب ڪڏهن بہ پنهنجي مرضي ندا جي مٿان نہ مڙهي هئي، پر هاڻي نوجوانيءَ ۾ تہ هو هن جي مٿان باقاعده حق جتائيندو هو ۽ رعب ڪندو هو:_

”ندا (فلاڻي) ماڻهوءَ سان هر گز نہ ڳالهائجان“

”هي رنگ نہ پائندي ڪر... هو (فلاڻو) رنگ پائيندي ڪر.“

”عيد جي ڏينهن هي سوٽ پائجان...“

”مون کي ڊارڪ ميڪ اپ نہ وڻندو آهي... ميڪ اپ لائٽ ڪندي ڪر.“

”نيل پالش هڻندي ڪرَ، تنهنجا هٿ ان سان سٺا لڳندا آهن...“ ۽... ٻيو الاهي ڪجهہ.

۽... ويچاري ندا ان کي شعيب جي محبت سمجهي هن جو هر حڪم مڃيندي هئي. ڇو تہ نوجواني جي وهي ۽ محبت جي نشي ۾ هن شعيب سان الاهي گهڻيون تمنائون وابستہ ڪري ڇڏيون پر صدمو تڏهن پهتس جڏهن هڪ ڀيري هن ندا کي چيو:

”آئون خاندان جي ڪنهن بہ ڇوڪري سان شادي نہ ڪندس. ٻين لفظن ۾ مون کي خاندان ۾ شادي ڪرڻي ئي ناهي. مون کي تہ ٻاهر وڃڻو آهي. پڙهڻو آهي ۽ الاهي اڳتي وڌڻو اهي.“

”ڇا...؟! تون خاندان ۾ شادي نہ ڪندين؟ پوءِ ايڏي عرصي کان مون کي پيار جي ٻنڌڻ ۾ ڇو جڪڙي رکيو اٿئي. هاڻي تہ منهنجو نالو سڀ خاندان وارا تو سان ئي گڏ وٺن ٿا.“ ندا چيو.

”سيني کي اجائي غلط فهمي آهي. پاڻ تہ صرف دوست آهيون. بس.“ هن لاپرواهي سان چيو.

”سيني کي غلط فهمي ٿي سگهي ٿي پر مون کي نہ. ڇوڪريون ڇوڪرن جي نظرن ۽ ادائن جو پيغام سمجهي وينديون آهن.“ ندا ذري گهٽ رئندي چيو.

شعيب ساڳي لاپرواهيءَ سان چيو: ”اهو تنهنجي سمجهہ جو قصور آهي منهنجو نہ. هڪ تہ توهان ڇوڪريون تمام جلد محبت ۾ مبتلا ٿي وينديون آهيو. توهين تہ دوستي جي لائق ئي ناهيو.“

وقت گذريو. شعيب ۽ ندا ٻنهي يونيورسٽيءَ ۾ ايڊميشن ورتي. ٻنهي جا ڊپارٽمينٽ بہ ويجها هئا. هاڻي هنن ٻنهي جي وچ ۾ اڳوڻو دوستيءَ يا پيار جو رشتو باقي نہ رهيو هو. ڇو تہ شعيب جي رويي ۽ ڳالهين ندا کي سخت صدمو پهچايو هو. پوءِ هوءَ غير محسوس طريقي سان ارشد جي ويجهو ٿيندي وئي. هو ڏاڍو مهذب، شريف ۽ سادو ڇوڪرو هو. خبر ناهي تہ ندا کي واقعي هن سان محبت ٿي وئي هئي يا هن محض ضد ۾ اچي ۽ شعيب کي ساڙڻ خاطر هن جي ويجهڙائي اختيار ڪئي هئي. هو هر جاءِ تي گڏ رهڻ لڳا ۽ ڪيترائي ڀيرا شعيب هنن ٻنهي کي گڏ ڏسي ڪاوڙ ۾ منهن ٻئي پاسي ڪري ڇڏيو تہ ندا کي ڏاڍي خوشي ملندي هئي هن کي ساڙي. جڏهن ارشد ڪيس صاف ٻڌايو تہ جيتوڻيڪ سندس ماءُ جي خواهش هئي تہ هو پنهنجي ماسات (ارشد جي ماءُ جي ڀاڻيجي) سان شادي ڪري پر هو ڪيئن بہ ڪري ڪيس مڃائي وٺندو ۽ ندا سان شادي ڪندو، تہ ندا کي واقعي هن سان محبت ٿي وئي ۽ شعيب جو لڳايل گهاءُ ڇٽڻ لڳو. هو ايترو تہ گڏ رهندا هئا جو سندن ڊپارٽمينٽ وارن کي تہ سندن قصي جي خبر هئي پر شعيب جي ذريعي سڄي خنادان ۾ بہ سندن ڳالهہ مشهور ٿي وئي. پر ندا کي ان ڪري پرواھہ نہ هئي ڇو تہ هن کي اطمينان هو تہ هو هوڻئي شادي ڪندا ڇو تہ کيس ارشد تي پورو ڀروسو هو. تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ ارشد پنهنجي واعدي کي پورو ڪري ڏيکاريو ۽ پنهنجي ماءُ کي ندا جي گهر رشتي جي گهر ڪرڻ لاءِ موڪليو. ندا تہ اڳ ۾ ئي مائٽن کي ٻڌائي چڪي هئي تہ ارشد هن سان شادي ڪندو، ڇو تہ هو بہ سندن بابت ڳالهيون ٻڌي پريشان ٿي ويا هئا پر پوءِ ارشد جي ماءُ جڏهن ندا ۽ سندس گهر وارن سان ملي تہ کيس ڳالهہ نہ وڻي ۽ هن صاف انڪار ڪري ڇڏيو تہ هوءَ هر گز اتي ارشد جي شادي نہ ڪندي. اهو ندا کي ٻيو صدمو رسيو هو ۽ سندس مائٽ بہ هن کان سخت ناراض ٿيا تہ هر جاءِ تي هن جو ۽ ارشد جو نالو گڏ مشهور ٿي چڪو هو ۽ هاڻي رشتي کان انڪار کان پوءِ خاندان وارا تہ هن کي هرگز قبول نہ ڪندا ۽ ڪير بہ خاندان ۾ رشتو نہ گهرندو پر... شديد ڏک رسڻ جي باوجود هن کي ارشد کان شڪايت نہ هئي ڇو تہ هن جي من ۾ کوٽ نہ هو پر هو بہ ماءُ جي ضد جي اڳيان مجبور ٿي پيو هو. هو جڏهن ندا کان معافي گهرڻ لاءِ آخري ڀيرو هن سان مليو هو تہ چيو هئائين:

”پليز ندا! مون کي بي وفا نہ سمجهہ. مون تہ سوچيو بہ نہ هو تہ رشتو ڪرڻ لاءِ ها ڪري منهنجي ماءُ اوچتو ائين انڪار ڪندي. آئون تو سان ڪورٽ مئرج لاءِ بہ تيار آهيان، پر پوءِ نہ مونکي منهنجا مائٽ قبول ڪندا ۽ نہ توکي... ۽... نہ ئي اجا اسين پنهنجي پيرن تي بيٺل آهيون جو اهڙو ڪو رسڪ کڻي سگهون.“

وقت گذريو... ارشد پنهنجي ماسات سان شادي ڪري ڇڏي ۽ ندا کي فقط بدنامي پلئہ پئي. پر ندا جي سزا اجا شايد ختم نہ ٿي هئي. جڏهن شعيب سندس مائٽن کي ندا جي ننڍي ڀيڻ جي رشتي وٺڻ لاءِ موڪليو تہ ندا کي وري زبردست شاڪ پهتو ۽ وڏيڪ ڏک ندا کي اُن لاءِ بہ پهتو تہ سندس مائٽن کي تہ شعيب ۽ ندا بابت سڀڪجهہ خبر هئي پوءِ بہ هنن ننڍي ڌيءَ جو رشتو شعيب کي ڏئي

ڇڏيو ڇو تہ ڪين ڊپ هو تہ متان ندا جي بدنصيبي جو پاڇو ان ڪان اڳ جو هن جي نڻدي پيڻ تي پوي هنن ان رشتي لاءِ ها ڪري ڇڏي ۽ پوءِ ندا لاءِ هڪ نئون عذاب جو سلسلو شروع ٿي ويو. شعيب گهڻو ڪري هر روز سندن گهر ايندو هو ۽ ندا کي نظر انداز ڪري سندس نڻدي پيڻ ثنا سان وبهي ڪچهريون ڪندو هو. زور زور سان ٽهڪ ڏيندو هو. تڏهن اندر ئي اندر پڇرندڙ ندا جي دل چوندي هئي تہ هڪ ڀيرو هوءَ شعيب کان پڇي:

”توکي تہ خاندان مان شادي ڪرڻي ئي نہ هئي پوءِ اج هي سڀ ڇا آهي. ڇو تو منهنجي زندگي برباد ڪئي. اسان ٻنهي هڪٻئي کي دوکو ڏنو آهي. آئون ضد ۾ ارشد کي وچ ۾ وٺي آيس ۽ هاڻي تون وري ثنا کي دوکو ڏيو ڏين. مون کي خبر آهي تہ تون هن سان ڪڏهن بہ خوش رهي نٿو سگهين نہ ئي هن کي خوش رکي ٿو سگهين. تو ائين ڇو ڪيو شعيب...! ڇو ڪيو... صرف تنهنجي ڪري ئي مون سان اهو سڀ ڪجهہ ٿيو...“

پر هوءَ ڪجهہ بہ نہ چئي سگهي ۽ شعيب ۽ ثنا جي شادي ٿي وئي. هوءَ عذاب مان گذري، دل جو اڳوڻو گهاءُ وري اڀي کان بہ گهرو ٿي ويو.

وقت وري گهڻو گذري چڪو آهي ۽ هينئر هوءَ منهنجي اڳيان آهي. اڄڪلهہ وري سندس اکين نوان خواب ڏسڻ شروع ڪيا آهن. ڇو تہ اڄڪلهہ هوءَ هر وقت پنهنجي هڪ ٻئي ڪزن جو ذڪر ڪندي اهي، جيڪو سڄي عمر ڪئناڊا ۾ رهيو اهي ۽ ڪجهہ عرصي لاءِ هي آيو آهي. هو نيٽ تي هڪٻئي سان ڪلاڪن جا ڪلاڪ چيٽ ڪندا آهن. ڪجهہ ڏينهن اڳ ۾ ئي هن سندس سالگره تي کيس موبائيل فون گفٽ ڪيو آهي. اڪثر هو موبائيل تان هڪ ٻئي سان ڳالهائيندا آهن ۽ SMSذريعي ڳالهہ ٻولهہ ڪندا آهن... ۽ آئون سوچيندي آهيان تہ هن جي دل تي ڀيرا ٽوڙي وئي آهي پوءِ بہ وري هوءَ ان رستي تي هلي آئي آهي. خدا ڪري گهٽ ۾ گهٽ هن ڪهاڻيءَ جو انجام تہ سٺو ٿئي.

# تو بنان ڍوليا

”مرد ڪڏهن به وفا نٿا ڪري سگهن. معصوم ۽ سڌا سادا نظر ايندڙ مرد صرف هڪ عورت تائين محدود نه رهندا آهن... فقط موقعو ملڻ جي دير هوندي آهي. هو ان موقعي کي فقط دوستي ڪرڻ يا وقت گذاري خاطر ئي سهي پليڪار ضرور ڪندا آهن.“

ڪاليج جي اسٽاف روم ۾ ليڪچررز جي هڪ گروپ ۾ ”مردن جي نفسيات“ متعلق بحث دوران جڏهن ارم پنهنجو رايو ڏنو ته نفسيات جي ليڪچرر ثوبيه جيڪا ليڪچر جي تياري لاءِ هڪ نفسياتي ڪتاب پڙهي رهي هئي، تنهن فقط ڪجهه لمحن لاءِ ڪتاب تان نظرون هٽائي ارم ڏانهن ڏٺو ۽ وري ڪتاب جي مطالعي ۾ مصروف ٿي وئي. نفسيات جي ليڪچرر هئڻ جي باوجود به هن کي ان بحث سان ڪا دلسچپي نه هئي. البت بحث ڪندڙ گروپ ۾ شامل سمز انور، ارم جي راءِ تي ڪاوڙ ۾ ايندي چيو:

”توهان اڄڪلهه جون ڇوڪريون به اڪر پرهي پاڻ کي وڏيون عاقل سمجهنديون آهيو. هر ڳالهه ۾ فقط پاڻ کي ئي صحيح سمجهنديون آهيو. آئون ٿي توکي ٻڌايان ته شادي شده مرد، زالن سان بي وفائي نه ڪندا آهن باقي مخصوص شعبن سان لاڳاپيل مرد، اديب، شاعر يا آرٽسٽ عاشق مزاج هوندا آهن ۽ ان جو هڪ سبب اهو به اهي ته سندن واسطو خوبصورت ڇوڪرين سان پوي ٿو. شاديءَ کان اڳ گهڻو ڪري سيئي ڇوڪرا ڇوڪرين سان دوستي يا عشق وغيره جي چڪر ۾ پوندا آهن پر شاديءَ کان پوءِ جڏهن مٿن ذميواريون پونديون آهن ۽ هو عملي زندگيءَ ۾ قدم رکندا آهن ته اهي به سڌري ويندا آهن ۽ پوءِ پنهنجي زالن سان وفادار رهندا آهن.“

”مون ڪڏهن چيو آهي ته اهيزالن سان وفادار ناهن. پر گڏوگڏ موقعوملڻ تي دوستي يا وقت گذاري به ڪري وٺندا آهن. ”ته“ پوءِ زور ڇا ٿي ٿيو... ”موقعو ملڻ تي“ ارم زوردار ٽهڪ ڏنو. جنهن تي وري مسز انور، جنهن جي هر ڳالهه انور صاحب کان ئي شروع ٿيندي هئي ۽ هن تي ئي ختم ٿيندي هئي، وڏيڪ ڪاوڙجي پئي ۽ حسب معمول انور صاحب جو ذڪر آيو:

”مون کي انور صاحب تي پورو پروسو اهي، ڪين هڪ ته ڇا ڏهه موقعا به ملن تڏهن به اهڙي حرڪت نه ڪندا. بئنڪن ۾ به اڄڪلهه نوجوان ۽ اسمارٽ ڇوڪرين کي نوڪريون ڏنيون ٿيون وڃن. هو ايڏا وڏا آفيسر آهن ۽ ڪيترين ئي بئنڪن ۾ سندن بدلي ٿي آهي، پر اڄ تائين هو ڪنهن به ڇوڪريءَ سان فري نه ٿيا آهن.“

”بين لفظن ۾ اسين اهو به چئي سگهون ٿا ته ”لفٽ“ نه ملي هوندي...!“ ارم چيو ۽ سيئي ڪلڻ

لڳيون ۽ پوءِ ڏسندي ئي ڏسندي ارم ۽ مسز انوروچ ۾ شرط لڳي ويو تہ ھوءَ (ارم) ھڪ مھيني اندر انور صاحب سان دوستي ڪري ڏيکاريندي. مسز انور طنزيہ مرڪ سان ارم ڏانھن ڏسندي ڪيس انور صاحب جي آفيس جو فون نمبر ڏنو. ٿوري دير ۾ ڳالھہ جو موضوع بدلجي ويو تہ ارم اٿي ثوبيہ جي پرسان اچي ويٺي تہ ثوبيہ ڪاوڙمان ڏسندي چيس:

”ھي وري ڇا شروع ڪري ڇڏيئي؟ آخر تون ڪڏھن ٻاراڻيون حرڪتون ڇڏي ميچيئور ٿينديئين؟“

”زندگيءَ کي انجواءِ پئي ڪريان. تو وانگر نہ آھيان جو سڄي عمر فقط پڙھڻ ۽ پڙھائڻ ۾ گذاري ڇڏيان.“

ايستائين پيرڊ ختم ٿيڻ جي بيل ٻڌي ارم پنھنجو فائل کڻي ڪلاس ۾ وڃڻ لڳي ۽ معمول مطابق پنھنجو موبائيل ثوبيہ کي ڏيندي چيائين:

”عرفان جي ڪال اڃان نہ آئي آھي، پر ڪيڏي مھل بہ اچي سگھي ٿي. چئجانس تہ ھن پيرڊ کان پوءِ ڪال ڪري.“

ثوبيہ کانئس موبائيل وٺي پاسي تي رکي وري ڪتاب پڙھڻ لڳي.

ثوبيہ ۽ ارم گھريون سھيليون ھيون. ڪجھہ سال اڳ ٻنھي جي ھن ڪاليج ۾ گڏ Posting ٿي ھئي. ٻنھي جي طبيعتن ۽ عادتن ۾ تمام گھڻو فرق ھوندي بہ سندن سٺي دوستي ٿي وئي. ثوبيہ ھر وقت سنجيده رھڻ واري ھئي تہ ارم خوش مزاج ۽ رلڻي ملڻي ھئي. زنده دلي سندس شخصيت جو نمايان پھلو ھئي. ثوبيہ کي خبر ھئي تہ لاپرواھہ نظر ايندڙ ارم زندگيءَ ۾ جن بہ ماڻھن سان محبت ڪئي انھن سان نڀايو پوءِ چاھي ثوبيہ ھجي يا عرفان، ھوءَ انھن لاءِ ڪجھہ بہ ڪرڻ لاءِ تيار ھوندي ھئي. عرفان ثوبيہ جو سوٽ ھو جيڪو اسڪالرشپ ملڻ تي لنڊن روانو ٿي ويو ھو. ھو ۽ ارم ھڪٻئي کي چاھڻ لڳا ھئا. لنڊن وڃڻ کان اڳ ھن چاھيو ھو تہ سندس ۽ ارم جو مڱڻو ٿي وڃي، پر سندس مائٽ ارم بدران ڪنھن ٻي ڇوڪريءَ سان سندس شادي جا خواھشمند ھئا. تنھنڪري عرفان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ ارم کي تسلي ڏنائين تہ ھو واپس ايندو ۽ پنھنجي مائٽن کي مڃائي وٺندو. ارم زندگيءَ جي آخري دم تائين سندس اچڻ جي انتظار جو واعدو ڪيو. لنڊن پھچي عرفان، ارم جي گھر بہ ٽي دفعا فون ڪئي، پر ارم گھر وارن آڏو ھن سان ڳالھائي نہ سگھي، تڏھن عرفان کيس مشورو ڏنو تہ ھوءَ موبائل وٺي تہ جيئن ھو ڪاليج ٽائيم ۾ ھن سان ڳالھائي سگھي. ائين ارم موبائيل ورتو پر عرفان سان فقط ڪاليج ٽائيم ۾ ئي ڳالھائي سگھندي ھئي. سندس گھر وارن کي بہ موبائيل بابت ڄاڻ نہ ھئي. موبائيل جي رنگ وڄي تہ ثوبيہ ڪال اٽينڊ ڪئي. عرفان کان سواءِ ڪنھن جي ڪال ٿي ٿي سگھي. ثوبيہ کيس ٻڌايو تہ ارم ڪلاس ۾ ھئي ۽ ھو اڌ ڪلاڪ کان پوءِ فون ڪري. فون بند ڪري ھن دل سان دعا ڪئي تہ خدا ھنن ٻنھي جا خواب پورا ڪري!

ٻئي ڏينهن ارم ثوبيہ کي ٻڌايو تہ مسز انور سان لڳايل شرط ڪيس هڪ ٻيو موبائيل وٺڻو پيو ڇو تہ هوءَ پنهنجي موبائيل کي انگيج رکڻ نہ چاهيندي هئي، جو عرفان ڪنهن وقت بہ ڪال ڪري ٿي سگهيو. ثوبيہ چيس:

”تون ايڏا ڪارڊ ۽ موبائيل وٺي ڪيڏا پئسا برباد ٿي ڪرين، فقط ٿوري دير جي تفريح خاطر؟“

”توکي خبر آهي تہ منهنجن گهر وارن کي منهنجي پگهار جي ضرورت ڪانهي ۽ تو وانگر آئون ٻچڙيوال تہ آهيان ڪانہ، جو ٻارن تي خرچ ڪريان. پوءِ عيش ڇو نہ ڪجي. شرط کٽڻ کان پوءِ نئون موبائيل آئون توکي گفٽ ڪندس. مهيني کان پوءِ تنهنجو جنم ڏينهن آهي نہ!“ هن مرڪندي چيو.

”توکي خبر آهي تہ مون کي موبائيل وغيره سان دلچسپي ناهي. ڪاشان مون کي ڪيترائي ڀيرا سيل فون وٺي ڏيڻ جي آفر ڪئي آهي.“ ثوبيہ چيو.

”يار سيل فون صرف فيشن نہ، پر اڄڪلهہ جي ضرورت بہ اهي، ۽ جڏهن SMS ڪرڻ سکندينءَ تہ پوءِ گهٽ پئسن ۾ ضروري ۽ مختصر پيغام جي اهيمت کان واقف ٿيندينءَ. مونکي ڏس. عرفان جو هڪ بہ SMS منهنجي ۽ هن جي وچ ۾ آيل سمنڊ جي دوري بہ ختم ڪري ڇڏيندو آهي. ايڏو پري رهي بہ فقط هن موبائيل ذريعي اسين هڪٻئي سان پنهنجا ڏک سک ۽ پريشانيون ونڊيندا آهيون. هڪٻئي جي اکين ۾ خواب پوکيندا آهيون ۽ مستقبل جا ڪيئي منصوبا ناهي وٺندا آهيون.

۽ پوءِ ارم ثوبيہ کي بہ موبائيل استعمال ڪرڻ سيکاريو ۽ SMS جو طريقو پڻ. هاڻي جڏهن بہ ارم جي غير موودگيءَ ۾ عرفان جي ڪال ايندي هئي تہ پئسا بچائڻ خاطر ثوبيہ ڪال اٽينڊ ڪرڻ بدران ارم جو ٻڌايل پيغام SMS وسيلي موڪلي ڇڏيندي هئي. ڪجهہ ڏينهن بعد ارم مزو وٺي ثوبيہ کي ٻڌايو تہ:

”مسز انور کي مون ٻڌايو تہ شروع ۾ لنوائڻ کان پوءِ هاڻي انور صاحب آهستي آهستي مون ۾ دلچسپي وٺي رهيو آهي تہ ڪيس يقين ئي نہ پيو اچي. هاڻي تہ منهنجي باري ۾ ڄاڻڻ ۽ مون کي ڏسڻ لاءِ آتو آهي.“

ثوبيہ چيس: ”ارم ڪنهن جي گهر جي ماحول کي اهڙي طرح الجهائي مزو وٺڻ سٺي ڳالهہ تہ ڪانهي.“

”شرط مسز انور پاڻ رکيو هو. مون نہ! ڪيس منهنجو شڪر گذار رهڻ گهرجي تہ آئون ڪيس اونداهيءَ مان ڪڍي روشنيءَ ۾ آڻي رهي آهيان. ڪيس جيڪو انڌو اعتماد آهي انور صاحب تي مان هن جي اصليت ڏيکاري رهي آهيان.“

ثوبيہ کي ارم جي ڳالهہ نہ وڻي... شايد ان ڪري جو اڄڪلهہ سندس زندگيءَ ۾ وڏا لوڏا اچڻ لڳا هئا. ان شام ڪيس ڪاشان جو ڪراچيءَ مان اچڻ جو تمام گهڻو انتظار هو ڇو تہ ويڪ اينڊ هو. جڏهن کان ڪاشان جي ڪراچيءَ ۾ بدلي ٿي هئي تہ پهريائين تہ هو هر ويڪ اينڊ تي حيدرآباد

ايندو هو. پر سال کان مٿي عرصو گذرڻ بعد هاڻي هو ٻن يا ٽن هفتن کان پوءِ اچڻ لڳو هو. ڏوهہ ڪنهنجو هو؟ سندس يا ڪاشان جو؟ هوءَ سمجهي نہ سگهندي هئي،پر يڪس هر گذرندڙ ڏينهن سان سندس ۽ ڪاشان جي وچ ۾ فاصلو وڌندي محسوس ٿيندو هو. اوپرائپ جو احساس ٻنهي جي وچ ۾ پنهنجا پر پکيڙي رهيو هو. اڄ ڪاليج مان اچڻ کان پوءِ هن ٻہ ٽي دفعا ڪاشان جي ڪراچيءَ واري گهر تي فون ڪئي، پر فون اٽينڊ نہ ڪئي وئي. هن سندس موبائيل تي بہ ڪوشش ڪئي، پر موبائيل بہ بند هئي. شام تائين گهر جا ڪم ڪار ڪرڻ کان پوءِ وري بہ ڪوشش ڪندي رهي، پر نتيجو ساڳيو رهيو. رات ٿي وئي. هن ڪاشان لاءِ سنو ڪاڏو تيار ڪيو هو ڪيس الائي ڇو اڄ سندس اچڻ جو وڏيڪ انتظار ٿيو پر ڪيس خبر نہ هئي تہ هو ايندو بہ يا نہ! ٻار ٽيوشن کان فارغ ٿي ٽي.وي ڏسي رهيا هئا. هن وري فون تي ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي تہ وري فون تي ڳالهائڻ.

”ڪاشان! تون اچين پيو نہ؟“ ثوبيہ اُڪير مان چيس.

”نہ، هتي آفيس ۾ شام دير تائين مصروفيت رهي ان ڪري في الحال ايڏي لانگ ڊرائيوَ جي همت ئي نہ اٿم. خبر اٿئي تہ هاڻي منهنجي طبيعت نيڪ نٿي رهي. هاڻي اڳوڻي همت ڪٿي. اڳئين هفتي آفيس مان جلد نڪرندس.“ ڪاشان جي لهجي ۾ ٿڪاوٽ هئي، پوءِ هن ٻارن بابت رسمي ڳالهيون پڇي فون بند ڪري ڇڏي.

هونئن تہ انهن نوَن مهينن کان روٽين جي ڳالهہ هئي تہ ڪاشان ٻن ٽن هفتن جي وقفي سان ايندو هو۽ ثوبيہ کي ڪڏهن بہ اها ڳالهہ ڏکي محسوس نہ ٿي هئي، پر اڄڪلهہ ارم جڏهن ڪيس انور صاحب سان سندس فون تي ڳالهائڻ جو هڪ هڪ جملو مزو وٺي وٺي ٻڌائيندي هئي تہ سندس ڪنن ۾ هڪ ئي جملو گونجڻ لڳندو هو.

”مرد بي وفا آهي.“

تڏهن رات جو ٻارن کي سمهارڻ کان پوءِ هوءَ پنهنجي بيڊ تي ليٽي پئي تہ ننڊ سندس اکين کان ڪيئي ميل پري هئي، ماضيءَ جا سيئي ورق جيڪي سندس ۽ ڪاشان جي بابن متعلق هئا هڪ هڪ ٿي تصور جي ڪتاب مان نڪري سندس چوڌاري پکڙجي ويا ۽ گهڻو ڪجهہ ياد اچڻ لڳس.

يونيورسٽيءَ ۾ پڙهائي دوران ئي ثوبيہ ۽ ڪاشان جي ملاقات ٿي هئي. جيتوڻيڪ ٻئي الڳ الڳ ڊپارٽمينٽ ۾هئا، پر قسمت کين هميشہ گڏ رهڻ لاءِ ملايو. ائين ڪيترين ئي ملاقاتون پهريان پسنديدگي ۽ انڊر اسٽينڊنگ جو سبب بنيون جيڪي اڳتي هلي محبت جي روپ ۾ نروار ٿيون. تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ نوڪري ملندي ئي ڪاشان ثوبيہ سان شادي ڪرڻ لاءِ ماڻٽن کي چيو. ثوبيہ خوبصورت ڇوڪري هئي. سو هنن کي بہ پنهنجي اڪيلي پٽ آڏو هار مڃڻي پئي. شادي تمام ڌوم ڌام سان ٿي. شاديءَ کان پوءِ ثوبيہ پنهنجي سس ۽ سهري جي ايتري تہ خدمت ڪئي جو هو بہ ساڻس ڏاڍو پيار ڪندا هئا. پنهنجي ڌيءَ تہ هئن ڪا نہ. ان ڪري ثوبيہ کي ئي سڀ ڪجهہ سمجهندا هئا. ٻئي پاسي ثوبيہ ۽ ڪاشان هڪٻئي سان ملي پاڻ کي ڪهڪشائن تي گهمندي محسوس ڪري

رهيا هئا. ٻن ٻارن، پٽ ۽ ڌيءَ ٿيڻ سان فيملي مڪمل ٿي تہ سندن گھر هڪ خوبصورت ننڍڙي جنت بنجي ويو. محبت پنهنجي جاءِ تي پر وقت گذرڻ سان گڏ، ثوبيہ ۽ ڪاشان کي هڪٻئي جي طبيعتن جي ڄاڻ پوڻ لڳي. ڪاشان ٿڌي مزاج جو هو. جهيڙو سندس طبيعت ۾ ئي نہ هو. ڪنهن ڳالهہ تي ڪاوڙ ايندي هيس تہ خاموش ٿي ويندو هو يا وري ڪمري کان ئي ٻاهر هليو ويندو هو. جڏهن تہ ثوبيہ کي ننڍين ننڍين ڳالهين تان ڪاوڙ اچي ويندي هئي ۽ جهن هوءَ ڪاوڙجندي هئي تہ بنان سوچڻ سمجھڻ جي ڪاشان کي گھڻو ڪجھہ چئي ويندي هئي. پوءِ جڏهن کيس احساس ٿيندو هو تہ ڏاڍو شرمسار ٿيندي هئي. ڪاشان ڪائڻ، پهرڻ ۽ گھر سجائڻ جي معاملي ۾ تمام گھڻو نفاست پسند هو. جڏهن تہ ثوبيہ وري لاپرواهہ هئي. ڪاشان چاهيندو هو تہ هوءَ سنا ۽ سوادي ڪاڌا تيار ڪري ۽ جڏهن هواچي تہ هوءَ کيس تيار ٿيل ملي، تڏهن هوءَ ڪلندي لاپرواهي سان چوندي هئي تہ:

”لڳي ٿو تہ خواتين جا ڊائجسٽ گھڻا پڙهيا اٿئي جو انهن جي افسانن کان متاثر آهين.“ ٻنهي جي جهيڙي جو ٻيو سبب هو ڪاشان جو دوستن کي گھڻو ٽائيم ڏيڻ. آفيس مان اچڻ کان پوءِ ماني کائي هو آرام ڪندو هو ۽ شام جو تيار ٿي دوستنسان گڏ نڪري وڃڻ ۽ رات جو دير سان گھر اچڻ سندس معمول هوندو هو. جڏهن تہ هوءَ چاهيندي هئي تہ هو شام جو وقت ساڻس گذاري تڏهن هو بہ هن کي چوندو هو تہ:

”اهو سڀڪجھہ بہ تہ فقط عورتن جي ڊائجسٽن ۽ افسانن ۾ ئي هوندو اهي. نہ آئون انفسانوي هيرو آهيان ۽ نہ ئي تون افسانن جي هيروئن.“

تڏهن... هوءَ مٿس شروع ٿي ويندي هئي. ”چا، منهنجي اها خواهش غلط آهي تہ تون مون کي ڄمڻ ڏينهن تي وِش ڪرين. توکي تہ هاڻي منهنجي سالگرهہ جي تاريخ بہ وسري وئي آهي. شاديءَ کان اڳ تہ ائين نہ هو.“

”شاديءَ کان اڳ وقت ئي وقت هوندو اهي گھڻو ڪجھہ ياد رکڻ لاءِ. هاڻي ٻاڻ گڏ آهيون. ٻار آهن. ذميواريون وڌي ويون آهن. پوءِ... ڪڏهن زندگيءَ جي هڻ هٽان ۾ ڪيئي ڳالهيون ذهن تان لهي بہ وينديون اهن، ان ۾ ايڏو جذباتي ٿيڻ جي ڪهڙي ڳالهہ آهي؟ چا مون توکي اهو سڀڪجھہ نہ ڏنو آهي جيڪو ڪا بہ عورت چاهيندي آهي؟ گھر آهي...محبت آهي... سڀڪجھہ تنهنجي لاءِ تہ آهي.“

هو هميشہ جيان ڌيرج سان اهو چوندو هو تہ هوءَ لاجواب ٿي ويندي هئي. پر دوستن سان گڏ گھمڻ تي هوءَ هميشہ هن سان جهيڙو ڪندي هئي، اهو ڄاڻندي بہ تہ سندس عادت نہ مٽبي. پوءِ کيس بہ مصروفيت ملي وئي. هن کي ڪاليج ۾ ليڪچراري ملي تہ هن ڪاشان کي خوشيءَ مان اها خوشخبري ٻڌائي تہ هن خوش ٿيڻ جي بدران کيس چيو:

”ثوبي، آئون روايتي مردن مان ناهيان جيڪي پنهنجي زالن تي مرضي مڙهيندا آهن. پر منهنجي خواهش آهي تہ تون سروس ڪرڻ بجاءِ گھر ۽ ٻارن تي توجھہ ڏين تہ بهتر آهي. منهنجي خيال سان معاشي طور تي تنهنجو مسئلو ڪو بہ ڪونهي جو توکي نوڪري ڪرڻي پوي. وڌيڪ تون خود

مرضي واري آهين.“

”ڇا ٿيو آهي گهر ۾ ٻارن کي؟ سال ٻن ۾ ٻئي ٻار اسڪول وڃڻ جيترا ٿي ويندا، پوءِ آئون گهر ۾ ويهي ڇا ڪريان. هونئن بہ امان تہ اهي گهر ۾ پوءِ ڪهڙي پريشاني؟ باقي جيستائين رهي تنهنجي خواهش جي ڳالهہ تہ ڇا تو منهنجي خواهش جي احترام ۾ دوستن کي ڇڏيو جو آئون اها سروس ڇڏي ڏيان. گهر ۾ ويهي ويهي آئون پاڻ کي بيڪار سمجهڻ لڳي آهيان. گهٽ ۾ گهٽ مون کي پنهجي ذهانت ڏيکارڻ جو موقعو تہ مليو.“

واقعي بہ ليڪچرر ٿيڻ کان پوءِ هن پنهنجو ٽئلنٽ ڏيکارڻ شروع ڪيو. هوءَ پوزيشن هولڊر هئي. پڙهڻ پڙهائڻ سان بيحد دلچسپي هئس، سو پنهنجي سخت محنت ۽ ذهانت سبب جلد ئي ڪاليج جي مقبول ترين ليڪچرر بنجي وئي. ايڪتوَ بہ هئي، ان ڪري مختلف ورڪشاپن ۾ ليڪچر ڏيڻ لڳي ۽ ڪانفرنسن ۾ بہ شرڪت ڪرڻ لڳي. ڪاليج ۾ ڪو پروگرام هجي ۽ ان ۾ ثوبيہ جو نالو نہ هجي اهو ممڪن ئي نہ هو.

هڪ پاسي تہ اهي ڪاميابيون هيون ۽ ٻئي پاسي غير محسوس طريقي سان ڪاشان ۽ سندس وچ ۾ دوريون اچڻ لڳيون. پر هاڻي ثوبيہ کي ايتري واندڪائي ئي نہ هئي، جو هوءَ ڪا ڳالهہ محسوس ڪري ها، نہ هاڻي هوءَ ڪاشان جي دوستن کي ٽائم ڏيڻ سان چڙندي هئي، ڇو تہ هوءَ خود ان وقت ڪو ليڪچر يا آرٽيڪل لکندي هئي. ڪجهہ وقت کان پوءِ ٻار بہ اسڪول وڃڻ لڳا. زندگي هڪ نئين موڙ تي اچي وئي. ڪاشان ۽ ثوبيہ جڻ مشين جا پرزا بنجي ويا. پنهنجي پنهنجي جاءِ تي مخصوص طريقي سان ڪم ڪندي. ثوبيہ نفسياتي تي ايڏو ڪجهہ پڙهڻ ۽ پڙهائڻ باوجود خود ان سخص جي نفسيات نہ سمجهي سگهي. جنهن سان جيون ۾ محبت جو رشتو هو. هاڻي تہ هنن هڪٻئي جي معاملن ۾ دلچسپي وٺڻ يا دخل ڏيڻ ڇڏي ڏنو هو. ڪجهہ عرصو ائين ئي گذري ويو. تبديلي تڏهن آئي جڏهن ڪاشان جي ڪرچاي بدلي ٿي وئي. بدليءَ جو آرڊر ملڻ کان پوءِ ڪاشان ثوبيہ کي چيو هو:

”مونکي اتي گهٽ ۾ گهٽ بہ اڍائي سال رهڻ کان پوءِ واپس هتي موڪليندا ان لاءِ پاڻ کي اتي رهڻو پوندو. مون کي اتي گهر پڻ ملندو.“

ثوبيہ چيس: ”... پر... آئون ڪيئن ٿي ڪراچي هلي سگهان؟ منهنجي نوڪري هتي آهي ۽ هاڻي تہ مون ايم.فل ۾ بہ داخلا ورتي آهي. ايندڙ مهيني کان منهنجا ايم.فل جا ڪلاس شروع ٿي ويندا. توکي تہ خبر آهي تہ پي.ايڇ.ڊي ڪرڻ منهنجو خواب آهي.“

”... ۽ ... انهن خوابن جو ڇا ٿيندو جيڪي اسان هڪ ٻئي سان هر ڏک سک ۾ نڀائڻ لاءِ ڏنا هئا؟“ هن ڏک مان چيو:

”پي.ايڇ.ڊي تہ ڪڏهن بہ ٿي سگهي ٿي. مون کي تنهنجي ضرورت آهي. آئون اتي اڪيلو نہ رهي سگهندس.“

الائي ان وقت ثوبيہ ايڏي خود غرض ۽ بي حس ڇو بڻجي وئي جو هن تي ڪاشان جي ان ڳالهہ جو ڪو بہ اثر نہ ٿيو پر هن ڪيس چيو:

”آئون، بابا کي چوندس تہ هو تنهنجي بدلي واپس حيدرآباد ڪرائن. ايستائين ڪجهہ وقت ڏکيو سکيو ڪڍي وٺجانءِ ۽ هر ويڪ اينڊ تي اچي ويجانءِ. گاڏي تي آهي پنهنجي... ۽... هونئن بہ تون تہ لانگ ڊرائيونگ جو شوقين آهين. دوستن سان گڏ ڪڏهن ڪرچاي تہ ڪڏهن ٺٽي تہ ڪڏهن ڪٽان اڌ اڌ رات جو ڊرائيو ڪندي، گهر ايندو آهين ۽ ڏس نہ اسين هتي هن شهر ۾ هري ويا آهيون. امان بابا، ٻارن ۽ سڄي گهر کي ڪيئن ڊسٽرب ڪجي؟ تون ڏسجانءِ بابا ڪوشش ڪري توکي واپس هتي وٺي ايندو.“

ثوبيہ جو اهو جواب ٻڌي ڪاشان وري ڪيس ڪجهہ نہ چيو هو. ظاهر آهي تہ ثوبيہ ساڻس نہ وئي تہ هو ماءُ پيءُ کي بہ وٺي وڃي تہ سگهيو. ائين ثوبيہ اڪيلي ٿي پوي ها ۽ ڪيس ڪراچيءَ ۾ بہ ان ڳالهہ جي ڳڻتي هجي ها. ڪيس پندرهن ڏينهن اندر ڪراچي وڃڻو هو. هو ڏينهن رات اتي وڃڻ جي تيارين ۾ لڳي ويو. هو ڪافي پريشان بہ رهڻ لڳو سندس ۽ ثوبيہ جي وچ ۾ هڪ اڻ ڏٺل ديوار ٺهڻ شروع ٿي. پر... ثوبيہ... پنهنجي مصروفيتن ۾ ايڏي گم جو هن ڪا بہ ڳالهہ محسوس نہ ڪئي. ڪراچي وڃڻ کان ڪجهہ ڏينهن اڳ اوچتو ڪاشان جي طبيعت خراب ٿي پئي. ڪيس شديد بيچيني ۽ گهٻراهٽ محسوس ٿي ۽ پوءِ حالت ايتري خراب ٿيس جو سندس درست ڪيس ڊاڪٽر ڏانهن وٺي ويو. جنهن ٻڌايس تہ فڪر جي ڪا بہ ڳالهہ نہ هئي. اي.سي.جي. بلڊ پريشر ۽ ٻيون رپورٽون سڀ نارمل هيون شايد ڪيس فوڊ پوائزننگ ٿي پئي هجي. اهو سڀ ڪجهہ ثوبيہ کي رات جو دير سان خبر پئي. ڇو تہ اڄڪلهہ هوءَ هڪ ورڪشاپ اٽينڊ ڪري رهي هئي. ان ڪري شام کان پوءِ هر اچڻ ٿيندو هوس. گهر ۾ هڪ نوڪر، نوڪرياڻي ۽ امان بابا هئا. ان ڪري ڪيس رڌ پچاءَ يا ٻارن جو اونو تہ هوندو ئي نہ هو. ٻئي ڏينهن بہ هوءَ سڄو ڏينهن هڪ ٽي.وي. چينل پاران نفسياتي مسئلن بابت پروگرام جي تياري ڪندي رهي. جهن ۾ ڪيس بہ سڏيو ويو هو. ڪاشان سڄو ڏينهن پلنگ تي ليٽيو رهيو ۽ دوائون کائيندو رهيو پر ساڻس همدردي ڪرڻ ۽ خيال رکڻ بدران هوءَ ڪيس چيڙائيندي رهي:

”بس!؟ حوصلو بہ اهو اٿئي نہ؟ ايتري ۾ ئي پريشان ٿي وئين؟“

جڏهن تہ سندن ننڍڙيءَ ذونش جڏهن پٽڪڙن هٿن سان ڪاشان لاءِ پاڻي پري ايندي هئي، مٿي کي زور ڏيندي هئي ۽ سندس سيني تي پيار مان مٿو رکندي هئي تہ ڪاشان جي اکين ۾ پاڻي پرجي ايندو هو ۽ هو ان معصوم کي ڀاڪر ۾ پري سندس ننڍڙا ننڍڙا هٿ چمڻ لڳندو هو.

ٻئي ڏينهن تائين هو نيڪ ٿي ويو ۽ وڃن جي تيارين ۾ لڳي ويو. جڏهن ثوبيہ چيس تہ هوءَ هلي اتي سندس گهر سيٽ ڪري ڏيندي ۽ بورچيءَ کي پڻ هدايتون ڏيندي تڏهن ڪاشان طنز مان چيو هئس:

”مهرباني، توکي خبر آهي تہ گهر کي سيٽ ڪرڻ جي معاملي ۾ آئون توکان وڌيڪ هوشيار

آهيان ۽ سڀ ڪجهہ توکان وڌيڪ بهتر انداز ۾ سنڀالي سگهان ٿو. پنهنجي Ph.D تي ڌيان ڏيو تہ بهتر ٿيندو.“

... ۽ پوءِ هو ڪراچي روانو ٿي ويو. پهريان هو هر ويڪ اينڊ تي ايندو هو ۽ ٻڌائيندو هو تہ و اتي سيني کي بيحد ياد ڪندو هو. ثوبيہ بہ هر ويڪ اينڊ تي سندس اچڻ جو انتظار ۽ اهتمام ڪندي هئي. ڪيس هاڻي ڪاشان جي ڪمي مهسوس ٿيندي هئي. شام جو دوستن ۾ هوندو هو تہ چا هو. نيٺ تہ گهر موٽي ايندو هو. سندس جهيڙن جي جواب ۾ خاموش رهندو هو. ڪيس اطمينان هو تہ سندس بابا جلد ئي بدلي ڪرائي وٺندو. ايئن ست اٺ مهينا گذري ويا. هاڻي ڪاشان کي اچڻ ۾ بہ هفتا بہ لڳي ويندا هئا. ٻئي پاسي ثوبيہ پنهنجي سوشل سرڪل ۽ ايم فِل ۾ بيحد مصروف ٿي پئي. زندگي وري ان روٽين تي اچي وئي. هڪ ڀيرو جڏهن ڪاشنا ٽن هفتن جي وقفي کان پوءِ گهر آيو تہ ثوبيہ شرارت مان چيس:

”اتي ڪا ڇي تہ نہ ڳولي ورتي اٿئي؟“

”ڳولڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي. توکي تہ خبر آهي تہ آئون ڪيترو خوبصورت آهيان. ڇوڪريون منهنجي ڳالهائڻ ۽ دوستي لاءِ آتيون هونديون آهن.“

ثوبيہ پڇيو: ”آفيس ۾ ڪيتريون ڇوڪريون آهن.“

ڪاشان مرڪندي چيو: ”آهن تہ بہ ٿي پر خوبصورت صرف هڪ ئي آهي ۽ هوءَ مون سان دوستي ڪرڻ چاهي ٿي.“

”ڪير آهي؟“ ثوبيہ اکوين ڦوٽاريندي چيو تہ ڪاشان چيس:

”آهي هڪ ڇوڪري، 28 سال عمر اٿس.“

”اوهہ! تہ عمر جي بہ خبر آهي. انهن ڇوڪرين کان پري رهجانءِ اهي شل نہ تو جهرو سڌو سادو ”بابو ٻڌو“ ٽائپ بندو ڏسن تہ ڦاسائڻ جي چڪر ۾ هونديون آهن. خبردار رهجاءِ ان مس ٽوئنٽي ايٽ کان. نالو ڇا اٿس؟“

”هاڻي نالو پڇي ڇا ڪنديءَ جڏهن تہ تو خود نالو Miss 28 ڏئي ڇڏيس. هونئن بہ ڀلا ڇا ڪريان. اتي اڪيلو آهيان. ڪمپني تہ گهرجي نہ.“

”بس ٿوري وقت جي ڳالهہ آهي. بابا چيو آهي تہ جلد ئي تنهنجي بدلي هتي ٿي ويندي. باقي رهي مس 28 جي ڳالهہ تہ توکي چڱيءَ طرح سڃاڻان ٿي. تون مون سان بي وفائي ڪري ئي نٿو سگهين؟“

”بس... ان کان وڌيڪ تو مون بابت شايد ڄاڻن چاهيو ئي ناهي.“ ڪاشان ڏک مان چيو.

وقت وڌيڪ گذرندو رهيو. سندس بدلي نہ ٿي سگهي هئي. ساڳيو روٽين هلندو رهيو. هڪ ڏينهن جڏهن ڪاشان رات دير تائين گهر ۾ بہ آفيس جي فائلن ۾ مٿو کپائي رهيو هو تہ ڪيس سيني ۾ شديد سور محسوس ٿيو ۽ هٿ پير بلڪل سن ٿي ويس. هن جئين تيئن اها رات گذاري ۽ ٻئي ڏينهن چڪاس ڪرائڻ لاءِ ڊاڪٽر وٽ ويو. هن ڀيري بہ سڀ رپورٽون نارمل ايس. ڊاڪٽر چيس تہ ڪم جي

گهٽائيءَ ۽ ذهني دٻاءُ سبب ائين ٿيو هو ۽ پوءِ کيس آرام ڪرڻ جي هدايت ڪندي سڪون جون دوائون لکي ڏنيون. ان ڏينهن هو آفيس بہ نہ وڃي سگهيو ۽ گهر اچي دوائون کائي ٻنپهرن کان رات تائين ستو رهيو. رات جو ائين ڏارين اٿيو ۽ رات جي ماي کائي چانهہ پيتائين تہ پاڻ کي نوبنو محسوس ڪيائين. اوچتو ثوبيہ ٻار ۽ ماءُ پيءُ ياد اچڻ لڳس. آفيس جي انچارج کي فون ڪري طبيعت جو احوال ٻڌائي هفتي جي موڪل گهريائين ۽ پوءِ موڪل جي درخواست ڏي هو رات جو دير سان حيدرآباد لاءِ روانو ٿيو. اڌ رستي طئي ڪرڻ کان پوءِ اوچتو وري سيني ۾ شديد سور ٿيس ۽ هٿ پير سن ٿيڻ لڳس. ذهن گهوماٽيون کائڻ لڳس ۽ دل جي ڌڙڪن کيس ٻڌڻ ۾ اچڻ لڳي. هن ڏاڍي مسڪل سان پاڻ تي ضبط ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ کيس محسوس ٿيو تہ اهو ڪو معجزو ئي هو جو هو جيئن تيئن ڪري باقي رستو طئي ڪري حيدرآباد پهتو. گهر اچڻ بدران سڌو پنهنجي هڪ ڊاڪٽر دوست جي گهر وڃي پهتو. هو هن کي اهڙي حالت ۾ ڏسي ڏاڍو پريشان ٿيو ۽ کيس هڪ وڏي ڊاڪٽر ڏانهن وٺي ويو جنهن سندس سمورو احوال ۽ ڪراچيءَ ۾ ڪرايل رپورٽن بابت ڄاڻ ورتي ۽ پوءِ سندس چڪاس ڪرڻ بعد ٻڌايائين تہ هو جسماني طور تي نارمل هو. پر هو شديد ڊپريشن ۾ مبتلا ٿي چڪو هو. هن کيس ڪيئي دوائون لکي ڏنيون ۽ آرما ڪرڻ جو مسورو ڏنو. دوائون وٺي هو رات دير سان گهر پهتو تہ سيئي کيس ان حالت ۾ ڏسي پريشان ٿي ويا. هو دوائون کائي بي سڌ ٿي سمهي رهيو. ائين هفتي تائين علاج هليو پر فائدي بدران حالت خراب ٿي ويس. کيس هڪ مهيني جي موڪل وٺڻي پئي. ٽن هفتن بعد هو ڪافي بهتر ٿي ويو پر هاڻي اڳوڻو زنده دل ڪاشان الائي ڪيڏانهن ويو. هر وقت ويڳاڻو ٿيو بستري تي پيو هوندو هو. دوست کيس گهمائڻ ڦيرائڻ لاءِ وٺن ايندا هئا تہ هو کين موٽائي ڇڏيندو هو. جنهن تان هڪ ڀيري ثوبيہ کلندي چيو هوس:

”هڪ زمانو هو جو آئون تنهنجي دوستن سان گڏ گهمڻ ڦرڻ تان چڙندي هيس، پر هاڻي توکي اهڙيءَ طرح هڪ هنڌ گهر ۾ بند ويٺل ڏسي مونجهہ پئي ٿئي. هيئنر آئون توکي خود ٿي چوان تہ ٻاهر نڪر، دوستن سان گهم ڦر تہ ذهن مٽجئي.“

”آئون بلڪل ٺيڪ آهيان. تون فڪر نہ ڪر.“ ڪاشان اداسيءَ مان چيو.

هڪ مهيني جي موڪل ڪرڻ کان پوءِ هو ڪافي بهتر ٿيو ۽ وري ڪرچاي روانو ٿيو. هن دفعي وڃڻ کان پوءِ ثوبيہ سندس روبي ۾ وڏي تبديلي محسوس ڪئي. هاڻي هو مسڪل سان هڪ اڌ دفعو فون ڪري پنهنجي خيريت ٻڌائيندو هو ۽ گهر وارن جو حال احوال وٺندو هو. ثوبيہ جڏهن بہ گهر تي فون ڪندي هئي تہ ڪير بہ فون کڻندو هو ۽ موبائل اڪثر بند ملندو هو. جڏهن هوءَ ان ڳال تان ساڻس جهيڙو ڪندي هئي تہ هو سدائين اهي ئي ساڳيا جواب ڏيندو هو:

”گهر ۾ نہ هئس.“

”دوستن سان گڏ هئس ان لاءِ موبائل اٽيندہ نہ ڪيم.“

”موبائل گهر وسري ويو.“

”موبائل ۾ ڪارڊ نہ هو“... وغيره

... ۽... اڄ بہ ساڳيءَ طرح نہ هن فون ڪنيو ۽ نہ ئي وري نہ اچڻ جو اطلاع ڏنو هو. رات گهري ٿيندي پئي وئي ۽ ثوبيہ جون سوچون پٽڪي رهيون هيون. ڪيئي وسوسا ڪر ڪٽي رهيا هئا ۽ دماغ ۾ ارم جو آواز گونجي رهيو هو:

”مرد ڪڏهن بہ عورت سان وفا نہ ڪندا آهن. هڪ عورت جي هوندي هميشہ ٻيءَ لاءِ واجهائيندا آهن.“

... اوچتو.. موبائيل جي تيز وڄندڙ رنگ ثوبيہ کي هوش ۾ وٺي آئي. اڄ ارم موبائيل کيس ڏيندي چيو هو تہ هوءَ پنهنجن گهر وارن سان ڪراچي وڃي پئي. ان ڪري عرفان سان ڳالهائي نہ سگهندي. سو هوءَ موبائيل پاڻ وٽ رکي ڇڏي. کيس شايد موبائل بند ڪرڻ وسري ويو هو. هاڻي رنگ ٻڌي ثوبيہ پرس مان موبائيل ڪڍي ڪال اٽينڊ ڪئي. رانگ نمبر هو. ثوبيہ فون بند ڪرڻ واري هئي تہ بلڪل اوچتو ذهن ۾ خيال آيس تہ ڇو نہ هن اڻ ڄاڻ نمبر تان ڪاشان کي SMS ڪري ٿورو تنگ ڪري مزو وٺي ۽ سندس رد عمل ڏسي. هن ڪافي دير سوچيو تہ ڇا لکان؟ اڄ کيس ڪاشان جي بيحد ياد اچي رهي هئي. ماضيءَ جون ڪيئي خوبصورت يادون ذهن ۾ تري آيس ۽ پوءِ بيحد اکير مان هي مختصر پيغام لکي موڪليو:

I loved, I love you I will love you forever.

(مون کي تو سان پيار هو. آهي ۽ سدائين رهندو.)

”هاڻي ڏسندس ڇا ٿو ٿئي؟ هن جو ڇا رد عمل آهي... پر... نہ... هو اهڙو هلڪڙو آهي ئي نہ؟ جو ڪنهن اهڙي Unknown نمبر ۽ ماڻهوءَ کي اهميت ڏي.“

هوءَ اڃا اهو سوچي رهي هئي تہ موبائيل جي رنگ وڄڻ لڳي. هن فون ڪٽي اسڪرين تي ڏٺو تہ خبر پيس تہ ڪاشان پنهنجي موبائيل تان ڪال ڪري رهيو هو. ٿوري دير تائين هوءَ ڄڻ پنڊ پهڻ ٿي وئي ۽ هن سوچيو تہ مون سان ڳالهائڻ لاءِ تہ هن وٽ نہ وقت هوندو آهي ۽ نہ ڪارڊ ۽ رات جو دير سان اينڊڙ هڪ نامعلوم شخص ۽ نامعلوم نمبر تان اينڊڙ هڪ مختصر پيغام هن لاءِ ايڏو اهم آهي؟!!؟ هن ڪال اٽينڊ نہ ڪئي. رنگ وڄي وڄي بند ٿي وئي. ثوبيہ جو دماغ پنواٽيون کائڻ لڳو. شديد ڪاوڙ ۽ ڏک جا مليل جليل احساس هئا. کيس ڄڻ پنهنجي اکين ۽ ڪنن تي اعتبار ئي نہ پئي آيو.

رنگ وري وڄن لڳي. ثوبيہ ڪال اٽينڊ نہ ڪئي. ڪڏهن سندس دل چاهي تہ هوءَ زور زور سان ٺهڪ ڏئي ڪاشان جي (بيخبريءَ ۾) سندس لاءِ ان بيچينيءَ تي کلي ۽ مزو وٺي تہ ڪڏهن دل چيس تہ هو زور زور سان روئي. ڇا هي اهو ئي ڪاسان آهي جنهن تي کيس انڌو اعتماد؟!! رنگ وڄي وڄي بند ٿي وئي. ڏهن منٽن جو وقفو ٿيو. ان وقفي ۾ ثوبيہ کي فقط گونگا لڙڪ ڳلن تي وهندي ۽ دل جي تيز تيز ڌڙڪنن جو احساس ٿيو. ڏهن منٽن بعد وري رنگ وڳي. هاڻي هو گهر جي نمبر تان ڪال ڪري رهيو هو. هڪ اختيار مرڪ ثوبيہ جي چپن تي اچي وئي. ڪاشان کي ڪهڙي خبر تہ هو هڪ

اھڙي ماڻھوءَ کي ڪال ڪري رھيو ھو جيڪو سندس ان نمبر کان بہ واقف ھو. ھن سمجھيو تہ نامعلوم ماڻھو شايد نئون نمبر ڏسي ڪال اٽينڊ ڪري نيٺ ثوبيہ ڪال اٽينڊ ڪئي پر ڳالھايو نہ. ڪاشان چوندو رھيو: ”پليز. توھان ڳالھايو ۽ مون کي ٻڌايو تہ توھان ڪير آھيو. پليز... ڳالھايو.“ ثوبيہ ڳالھائڻ بدران فون ڊسڪنيڪٽ ڪري ڇڏي. ھوءَ روئندي رھي, روئندي رھي... ڪيس خبر نہ پئي تہ ڪيترو وقت گذريو. ھاڻي ڪيس پنھنجو ذھن خالي خالي محسوس ٿيو. اوچتو وري فون جي رنگ وڳي. ھن کي ذھن ۾ ڪو خيال آيو ۽ ھن فون رسيوَ ڪيو پر ڳالھايو نہ. ٻئي پاسان ڪاشان چوندو رھيو:

”ھيلو! توھان ڪير آھيو؟... ڳالھايو پليز...“

”آئون آھيان“ ثوبيہ پر سڪون انداز ۾ چيو.

”ڪير؟!“

”ڇو؟! ھاڻي آواز بہ نٿو سڃاڻين ڇا؟“

ٻئي پاسان ڪجھہ لمحا تہ گھري ماٺ رھي ڇن ڪاشان کي وھم گمان بہ نہ ھو تہ ھو ثوبيہ جو آواز ٻڌندو. تڏھن ثوبيہ طنز مان چيس:

”مون سان ڳالھائڻ تہ ڇا پر منھنجو فون اٽينڊ نہ ڪندو آھين. مون کان تہ ھڪ نامعلوم ماڻ ھو بہ تنھنجي لاءِ اھم آھي جو چار دفعا فون ڪئي اٿئي.“

”ڏس ثوبيہ!“ ھن ڳنڀير لھجي ۾ ڌيرج سان چيو: ”مون کي يقين ھو تہ منھنجو ڪو بي تڪلف دوست مونکي تنگ ڪري مزو وٺي رھيو آھي؟“

”جڏھن يقين ھو تہ صبر ڪرين ھا ايترو اتاولو ڇو ٿي پئين. اھو تہ فقط ان وقت ممڪن آھي جڏھن توکي يقين ھجي تہ اھو پيغام ڪنھن ڇوڪريءَ طرفان ٿي ھجي.“

”ثوبيہ! توکي تہ خبر آھي تہ آئون ڊپريسن جو مريض بنجي چڪو آھيان. ان ڪري ٿوري در بہ ٽينشن جي حالت ۾ رھي نٿو سگھان. بيچيني ٿي پئي تہ جلد خبر پوي تہ ڪير آھي. ڇوڪريون ھڪدم ڪنھن اجنبي نمبر تي اھڙو پيغام ڏئي نٿيون سگھن.“

”اجنبي نمبر ڇو؟! Miss 28 لاءِ تہ تون اجنبي نہ اھين.“ ثوبيہ وري طنز جو تير ھنيس.

”مون کي خبر نہ ھئي تہ تو ان معاملي کي ايترو سنجيدگيءَ سان ورتو آھي. بھرحال آئون توکي ڪا بہ وضاحت ڏيڻ جو پابند ناھيان. ھونئن ھيءَ موبائيل ڪنھن جو آھي؟“

”منھنجي فرينڊ جو آھي. اتفاق سان اڄ مون وٽ آھي.“

”چڱو نيڪ اھي. رات گھڻي ٿي وئي آھي. ھاڻي تون آرام ڪر.“ اھو چوندو ڪاشان فون بند ڪري ڇڏي. ثوبيہ سوچيو تہ ھاڻي آرام ڪٿي...؟“

رات جي خبر ناھي ڪھڙي پھر ڪيس ننڊ آئي. ٻئي ڏينھن موڪل ھئي ۽ ھوءَ دير تائين ستي رھي. جڏھن اٿي تہ پورو ڏينھن ذھن تي عجيب بار محسوس ڪيائين. بار بار سوچيندي رھي تہ خبر

ناهي سندس سوچ صحيح هئي يا وري ڪاشان. ٻئي ڏينهن ڪاليج ۾ بہ اداس رهي. وڏيڪ اداس ان وقت ٿي جڏهن ارم ٻڌايس:

”ثوبي، ڪالهہ تہ مزو اچي ويو. اسان کي ڪراچي ويٺو هو پر نہ وچي سگهياسين. پوءِ مون سوچيو تہ انور صاحب واري ڪهاڻي جو بہ هاڻي ڊراپ سين ڪجي، سو ڪيس چيم تہ جيڪڏهن هو مون سان ملڻ ۾ مون کي ڏسڻ چاهي ٿو تہ هوٽل ۾ اچي وڃي. آئون توهان کي سچاڻان ٿي ان ڪري خود توهان سان اچي ملندس. هو ڏاڍو خوش ٿيو ۽ تيل قليل ڪري اچي هوٽل پهتو.“

”تون اتي پهتينءَ ۽ هن سان ملينءَ؟“ ثوبيہ چيو.

”پهتس ضرور پر پوءِ هن سان ملڻ لاءِ ”مسز انور جو اچي پهتي.“ ارم مزو وٺي چيو.

ثوبيہ حيران ٿي پڇيو: ”اها اتي ڪيئن اچي پهتي؟“

”سامهون جي ڳالهہ آهي، مائي ڊيئر ثوبي، مون ڪيس فون ڪري اطلاع ڏنو تہ پنهنجي گهر واري جي اصليت اچي ڏسي. پوءِ نہ پڇ تہ ڪيئن نہ مون ان گهڙي مان مزو ورتو. گهر وڃي تہ مسز انور هن جو ڇا حشر ڪيو هوندو، پر ان مهل صاحب جي بيگم صاحبہ کي ڏسي جيڪا حالت ٿي اها ٻڌائڻ کان ٻاهر آهي. اڄ مسز انور جي ڇهري کي ڏٺو اٿئي؟ ائين ٿو لڳي تہ سڄي رات روئندي رهي آهي. اکيون ڳاڙهيون لڳيون پيون اٿس. ڪير پڇيس ٿو تہ طبيعت جي خرباي جو بهانو ويٺي ڪري ۽ مونکي خاص طور تي پاسي تي وٺي وڃي چيو اٿس تہ ان ڳالهہ جو ڪنهن سان بہ ذڪر نہ ڪريان.“ اهو چئي ارم زور زور سان کلڻ لڳي ۽ ثوبيہ اداس ٿيندي چيو:

”ارم ڪنهن جي سڪون کي ائين برباد نہ ڪبو آهي. آئنده وري اهڙي هرڪت نہ ڪجانءِ.“

”چڱو مهترمہ اڳتي ائين نہ ڪنديس“ اهو چوندي هن ثوبيہ جي هٿ مان پنهنجو موبائيل ورتو جنهن تي عرفان جي ڪال اچي رهي هئي.

•

Happy Birthday to you... جيئن ثوبيہ ڪاليج جي گيٽ اندر قدم رکيو تہ پويان ايندڙ ارم ڪيس وش ڪيو ۽ پوءِ اسٽاف روم ۾ پهچي وري ڪيس ڀاڪر پائي ”مبارڪ“ ڏني. ۽ موبائيل سيٽ جو تحفو ڪيس هٿ ۾ ڏنائين. سڄو ڏينهن سڀ ليڪچررز ۽ شاگرديانيون ڪيس جنم ڏينهن جون واڌايون ڏينديون رهيون ۽ وٽس تحفن جو ڍير ٿي ويو. هن بہ پنهنجي طرفان سيني کي ٽريٽ ڏني ۽ گهر ۾ قدم رکيو تہ سندس ٻارن ۽ ماءُ پيءُ Happy Birthday چئي شروع ڪيو. انهن اڳ ۾ ئي ٽيبل تي هڪ خوبصورت ڪيڪ گهرائي رکيو هو. هن ڪان ڪيڪ ڪٽرايو ويو ۽ پوءِ هر هڪ ڪيس تحفا ڏنا. ايڏيون محبتون پائي ثوبيہ جي اکين ۾ الاڻ اچي وئي ۽ هن بي اختيار رب جا ٿورا مڃيا پر... دل... جي... هڪڙي ڪنڊ ۾ هڪ خال هڪ خواهش هئي: ”هو ڪٿي آهي؟ هن اڃا تائين فون ڇو ناهي ڪئي. مبارڪ ڇو ناهي ڏني؟“

وري پان کي تسلي ڏيندي چيائين تہ: ”اڄا تہ آفيس ۾ ئي ھوندو. واندڪائي ملندس تہ فون ضرور ڪندو.“

پر... صبح کان شما ٿي ۽ شام کان رات ٿي وئي. پر ڪاشان فون نہ ڪئي. ثوبيہ جا ڪن ھن جي آواز ٻڌڻ لاءِ آتا ھئا. سڀ ڪيترو بہ پيار ڪن پر جي ھن ياد نہ ڪيو تہ پوءِ اھو ڏينھن ڪھڙو اھم ٿيو. نيٺ ھن خود کيس فون ڪئي ۽ شڪايت ڪندي چيائين: ”اڄوڪي تاريخ تي ڪو اھم ڏينھن ھوندو آھي... جيڪو ھاڻي توکي ياد نہ ھوندو آھي.“

”اوھہ!... ڪٿي اڄ تنھنجي برٿ ڊي تہ نہ آھي. ماءِ گاڊ واقعي، منھنجي ذھن تان اھا ڳالھہ لھي وئي. مونکي ڪجھہ ڏينھن کان پوءِ لڳو پئي تہ ھنن ئي ڏينھن ۾ تنھنجو جنم ڏينھن ايندو آھي. اڄوڪي ڏينھن تي شڪ ھئم پر پڪ نہ ھئي ان ڪري وش نہ ڪيم.“

”شڪ ھو تہ فون ڪري پڪ ڪري وٺين ھا. صبح کان الائي ڪيترن ماڻھن مون کي وش ڪيو آھي، پر منھنجا ڪن فقط توکان ڪي لفظ ٻڌڻ جا منتظر رھيا.“ ثوبيہ شڪايتي انداز ۾ چيو.

”چيم تہ نہ I am sorry ڏس ھن وقت آئون ڪٿي ٻاھر آھيان. مون سان گڏ ڪجھہ ماڻھو بہ آھن، ان ڪري وڌيڪ پوءِ ڳالھائينداسين.“

”ڪاشان! آئون اھي جملا ٻڌي ٻڌي تنگ ٿي چڪي آھيان. تون مون کان لنوائيندو ڇو آھين؟“ ثوبيہ ڪاوڙ ۾ چيو.

”چيم نہ تہ پوءِ ڳالھائينداسين.“ چوندي ھن فون بند ڪري ڇڏي تہ ثوبيہ ويتر چڙي پئي ۽ ڪاوڙ مان وري سندس نمبر ڊائل ڪيائين تہ موبائيل بند ھو. ھوءَ صفا آئوٽ ٿي وئي ۽ سوچيائين تہ تون ڇا ٿو چاھين فقط آئون ئي تنھنجي لاءِ مرندي وتان ھاڻي آئون بہ تنھنجي پرواھہ نہ ڪندس. ائين ڪجھہ ڏينھن گذريا. ويڪ اينڊ آيو تہ ڪاشان بہ حيدرآباد آيو. ھو بيحد ٿڪل ۽ بيمار ٿي لڳو پر ثوبيہ سندس حال احوال پڇڻ بدران ڪانئس لنوائيندي رھي. ڪاشان سندس روبي کي محسوس ڪيو پر ڪجھہ چيو نہ. ٻئي ڏينھن موڪل جو سمورو ڏينھن ماءُ پيءُ جي ڪمري ۾ ويٺو رھيو. شام جو دير سان وڃن جي تياري ڪرڻ لڳو تہ ثوبيہ کي چيائين:

”ڪالھہ کان ڳالھائين نٿي پر ھاڻي تہ مرڪي رخصت ڪر، ور خبر ناھي ڪيترن ڏينھن کان پوءِ اچان.“

”توکي منھنجي مرڪڻ جي ضرورت آھي؟ لڳي ٿو تہ ھاڻي توکي منھنجي ضرورت ئي نہ آھي.“

”ضرورت ڇو نہ آھي، پر تو ڪڏھن ويھي منھنجو اندر جو حال پڇيو. توکي تہ پنھنجي مصروفيتن مان فرصت ئي ڪانھي. پنھنجي ور جي خوشيءَ کان وڌيڪ توکي Ph.D جي ڊگري عزيز آھي.“ ھن ڏک مان چيو.

”تہ ائين چئو نہ تہ تون بہ روايتي مرد نڪتين. جيستائين آئون گھر تائين محدود رھيس، تون مون

کي پنهنجي ذاتي ملڪيت سمجهي خوش ٿيندو رهئين. مون نوڪري ڇا ڪئي تو ڪان مهنجو ٿئلنٽ منهنجي حيثيت ۽ رتبو سٺو نہ ٿيو. منهنجي Ph.D ڪرڻ توکي شديد احساس ڪمتريءَ ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو آهي..."

... هميشہ جيان ثوبيہ جي زبان بي قابو ٿيندي وئي ۽ هوءَ پيو بہ ڪيس گهڻو ڪجهہ چوڻ لڳي ڪڏهن "ڏوڪي باز" تہ ڪڏهن "ٻن چهرن" وارو تہ ڪڏهن وري "بي وفا"... ۽... سدائين خاموسيءَ سان سندس هر ڳالهہ ٻڌڻ وارو ڪاشان ڪاوڙ ۾ اچي ويو ۽ پهريون ڀيرو تيز آواز ۾ چيائين:

"بس ڪر ثوبيہ! مون تنهنجو تمام گهڻيون ڳالهيون سنيون آهن. مون تنهنجي هر ڳالهہ کي لنوائي توکي جواب نہ ڏنو تہ شايد توکي پنهنجي غلطين جو احساس ٿئي. مون تنهنجي لاءِ ڇا نہ ڪيو پر تو منهنجي پيار جو قدر نہ ڪيو. هاڻي ايترو پرمہ رهڻ ڏي جو اسان جا اختلاف هن بيڊ روم مان ٻاهر نڪري امان بابا ۽ ٻارن ۽ اچا بہ اڳتي نہ پهچن... زبان کي روڪي ڇڏ... خدا جي واسطي هاڻي بس ڪر...!"

اهو چوندي هو ڪمري کان ٻاهر هليو ويو ۽ پوءِ امان بابا جي دعائن جي ڇانوَ ۾ رخصت ٿيڻ لڳو تہ پريان بيٺل ثوبيہ کي احساس ٿيو تہ وڏي سفر تي ويندڙن کي محبتن ۽ دعائن جا گل ڏئي رخصت ڪبو آهي نہ کي نفرتن جا ڪنڊا ڏئي. هو هليو ويو تہ ثوبيہ کي لاپرواهين جو احساس ٿيندو رهيو ۽ پڇتاءُ وڪوڙڻ لڳس.

"ڪا ڳالهہ ڪانهي. آئون Sorry چوندس تہ ڪاوڙ لهي ويندس. هو مون کان ناراض رهي نٿو سگهي." هن سوچيو پر... هن پيري هو سچ پچ ايترو تہ ناراض هو جو هن ثوبيہ جي ڪا بہ ڪال اٽينڊ نہ ڪئي. ٻہ ٽي ڏينهن ائين ئي گذري ويا، يا تہ ڪاشان جو موبائيل بند هوندو هو يا وري هو سندس ڪال اٽينڊ ئي نہ ڪندو هو. هاڻي تہ ثوبيہ ڏاڍي پريشان ٿي. هڪ ڏينهن کيس ان موبائيل جو خيال آيو. جيڪو ارم کيس برٿ ڊي تي گفٽ ڪيو هو. ڪاشان ان ڪري فون اٽينڊ نٿو ڪري جو هوءَ گهر جي نمبر تان فون ڪندي هئي. ڪاشان کي هن موبائيل بابت ڄاڻ نہ هئي، ان ڪري هو ان کي ڪنهن ٻي جي ڪال سمجهي ضرور اٽينڊ ڪندو. اهو سوچي موبائيل ڪڍي ڪاليج وئي. جڏهن ٿورو فري ٽائيم مليس تہ ڪائشان جي موبائيل تي ڪال ڪيائين:

"هيلو!" ٻئي پاسان ڪاشان جو آواز ٻڌائين تہ دل چيس تہ روئي ڏي، ساڻس وڙهي، شڪايتون ڪري پر... هوءَ... ائين نہ ڪري سگهي ۽ فون بند ڪري ڇڏي، دل جي ڪنهن ڪنڊ مان وري درد جاڳيو تہ ڪاشان سندس ڪا بہ ڪال اٽينڊ نہ ڪئي، پر هڪ نامعلوم ڪال ضرور رسيو ڪيائين. پهريائين سوچيائين تہ اڳي جيان وري کيس پنهنجو آواز ٻڌائي حيران ڪري ۽ ست سريون ٻڌائيس پر سوچيائين تہ ائين تہ هوءَ اڳي بہ ڪري چڪي هئي. جنهن مان ڪجهہ بہ حاصل نہ ٿيس ان لاءِ هن پيري هن کي دانشمنديءَ کان ڪم وٺڻ گهرجي ڇو تہ هو سندس ڪال تہ اٽينڊ ڪندو ئي نہ هو. هاڻي فقط هي موبائيل ئي سندن وچ ۾ رابطي جو واحد ذريعو هو. ان ڪري جيڪڏهن کيس خبر پوندي تہ

اهو ثوبيہ جو موبائيل هو تہ هو هاڻي ان جي ڪال بہ اٽينڊ نہ ڪندو. هن سوچيو هوءَ اڳ ۾ ئي پنهنجي بي وقوفين سبب پنهنجي گهر جو سڪون برباد ڪري چڪي هئي، پر هاڻي آهستي آهستي احساس جاڳيو تہ هر قدم سوچي سمجهي کڻڻ گهرجي.

ٿوري دير کان پوءِ ارم ڪي ڪاريڊور جي ڪنڊ ۾ بيهي عرفان سان موبائيل تي ڳالهائيندي ڏٺائين تہ کيس پنهنجو ۽ ڪاشان جو شاديءَ کان اڳ وارو دور ياد آيو. ڪنهن زماني ۾ هو بہ هڪٻئي سان ڳالهائيندي نہ ٿڪجندا هئا. هن ڏک سان سوچيو:

”شاديءَ کان اڳ واري محبت الائي ڇو خود اسين پنهنجي ناسمجهين ۽ لاپرواهين سبب پنهنجن ئي هٿن سان وڃائي ويهندا آهيون.“

ان ڏينهن هوءَ ايڏي اداس هئي جو ارم هر هر کانئس پڇي رهي هئي.

”ثوبي! تهنجي طبيعت تہ ٺيڪ آهي نہ. گهر ۾ تہ سڀ خير آهي نہ.“

”ها“ هوءَ فقط اهو ئي چئي سگهي هئي. ارم سندس گهري ساهيڙي ضرور هئي پر هوءَ ساڻس پنهنجا انتهائي ذاتي مسئلا ڊسڪس نہ ڪندي هئي. ان ڏينهن گهر اچي منجهند جي ماني کان پوءِ آرام خاطر بيڊ تي ليٽي تہ وري ڪاشان ياد پيس. هاڻي کيس احساس ٿيو تہ هن ساڻس ڪيتريون نہ ڏاڍايون ڪيون هيون. هن پنهنجي ذات کان سواءِ ڪنهن جي باري ۾ سوچيو بہ نہ هو. ڪاشان تہ بيحد سٺو انسان هو. انتهائي پيار ڪندڙ ۽ احساس رکندڙ هن بہ تہ ڪڏهن کيس سمجهڻ جي ڪوشش نہ ڪئي هئي. هن بي اختياريءَ مان پنهنجو موبائيل کنيو ۽ ڪاشان جو نمبر ڊائل ڪري رنگ ڏنائين تہ جواب ۾ هن بہ رنگ ڏني. سندس چهري تي مسڪراهٽ اچي وئي. سڏي طرح نہ سهي اڻ سڌي طرح ئي سهي هو کيس سٺو ريسپانس ڏئي رهيو هو پر... وري.. هميشہ جيان سڪي سوچ...

”منهنجي لاءِ وقت ڪونهي باقي ٻين لاءِ وقت آهي پوءِ هو چاهي ڪو نامعلوم شخص ئي ڇو نہ هجي.“

هن ٻيهر ڪاشان کي رنگ ڏني، هن بہ رنگ ڏني، ثوبيہ پوءِ اطمينان سان سمهي رهي اهو سوچي.

”توکي ٺيڪ ڪرڻ جو طريقو مون سوچي ورتو آهي.“

ٻئي ڏينهن بہ صبح کان هوءَ بار بار ڪاشان کي رنگ ڏيندي هئي ۽ کيس سٺي موٽ ملندي رهي. منجهند جو ٻار بہ سمهي رهيا ۽ هوءَ بہ پنهنجي بيڊ تي اچي ويٺي تہ موبائيل کڻي سوچيل مصوبي موجب ڪاشان کي SMS ذريعي لکيائين:

”مون کي ناهي خبر تہ توهان کي منهنجي ڳالهہ جو اعتبار ايندو يا نہ. پر ڪالهہ جڏهن کان مون اتفاق سان مليل توهان جي نمبر تي ڪال ڪئي تہ مون کي لڳو تہ توهان سٺا انسان هوندا. آئون انتهائي مجبور ۽ ڏکايل ڇوڪري آهيان. آئون توهان کي دوست سمجهي پنهنجي اندر جو حال اورڻ چاهيان ٿي.“

ٿوري دير ۾ ڪاشان ڪال ڪئي. هن رسيوَ ڪئي. پر ڳالهايو ڪونہ. ڪاشان پاڻ ئي چيو.

”آئون شڪر گذار آهيان تہ توهان مون کي سٺو انسان سمجهيو. آئون بلڪل توهان جو سٺو دوست ثابت ٿيندس جيڪڏهن توهان مون سان ڊوڪو ڪرڻ بجاءِ مون سان سچ ڳالهائيندا. توهان چاهي ڇوڪري نہ هجو ڇوڪرائي هجو پر ڳالهائيندا ئي نہ تہ پوءِ توهان مون سان پنهنجو ڏک ڪيئن ونڊيندو. توهان ڇوڪرا بہ آهيو تہ پريشان نہ ٿيو آئون توهان جو دوست ثابت ٿيندس.“

سندس ڳالهہ ٻڌڻ کان پوءِ ثوبيہ وري SMS ذريعي لکي موڪليو.

”نہ اها حقيقت آهي تہ آئون ڇوڪري آهيان. منهنجي ڪهاڻي ڏکن سان ڀريل آهي. آئون پنهنجي زندگيءَ کان بيزار آهيان. ڪڏهن ڪڏهن دل چوندي آهي تہ پاڻ کي ختم ڪري ڇڏيان.“ آئون توهان سان ڳالهائيندس نہ، پر فقط لکي ڳالهہ ڪنديس ۽ جواب خاطر توهان کي ڪال ڪري جواب ٻڌندس.“

اهو لکي موڪلڻ بعد هن ڪيس ٿوري دير بعد ڪال ڪئي تہ ڪاشان چيو:

”توهان جي نہ ڳالهائڻ جو مطلب اهو آهي تہ توهان کي مون تي اعتماد ئي ناهي تہ پوءِ آئون توهان جي ڪهڙي مدد ڪري سگهندس. باقي ايترو ضرور چوندس تہ مايوسي ڪفر آهي. ان لاءِ پاڻ کي ختم ڪرڻ بابت سوچڻ غلط سوچ آهي. توهان مونکي پنهنجي ڪهاڻي ٻڌايو. جيڪڏهن آئون توهان جي مدد ڪري سگهندس تہ مون کي خوشي ٿيندي مدد نہ ڪري سگهيس تہ ڪو بهتر مشورو ڏيندس. ائين بہ نہ ڪري سگهيس تہ گهٽ ۾ گهٽ توهان جي ڏک جي گهٽائڻ جي ڪوشش ڪنديس مونکي سڀڪجهہ ٻڌائڻ سان ڀيو نہ تہ بہ توهان جي دل جو بار ئي هلڪو ٿي پوندو.“

ثوبيہ لکي موڪليو: ”نہ منهنجي ڳالهائڻ جو سبب اهو ناهي تہ مون کي تهان تي اعتماد ناهي، پر ان جو سبب اهو اهي تہ آئون ڳالهائڻ جي صلاحيت کان محروم آهيان. توهان جو خوبصورت آواز ٻڌم تہ لڳو تہ توهان خود بہ خوبصورت ۽ سٺا انسان هوندا. سياڻي ويڪ اينڊ آهي. آئون رات جو دير تائين جاڳندي آهيان. توهان جيڪڏهن ان وقت واندا هجو تہ آئون توهان کي پنهنجي ڪهاڻي ٻڌائينديس.“

ڪاشان جواب ۾ چيو: ”ها بلڪل ائون وناڊو هوندس. بلڪہ آئون خود هڪ تنها شخص آهيان. اڪيلو رهندو آهيان. گهٽ ۾ گهٽ توهان جو ساٿ ئي ملي پوندو.“

اها ڳالهہ ٻڌي ثوبيہ اداس ٿي وئي. پر پوءِ سوچيائين تہ نفسيات جي ليڪچرر ٿي بہ هوءَ ڪيس سمجهي نہ سگهي ۽ ڪيس اڪيلو ڪري ڇڏيائين. پر هاڻي هوءَ نفسياتي طريقيڪار سنا سندس دل جو حال معلوم ڪندي. ثوبيہ جي حيثيت سان نہ سهي ڪنهن اڻجاتل ڇوڪريءَ جي حيثيت سان ئي سهي. هن پوءِ ساڻس رسمي طرح موڪلايو ۽ ٻئي ڏينهن رابطو ڪرڻ جو واعدو ڪيو ۽ فون بند ڪري سمهي پئي.

ٻيو سڄو ڏينهن ڪاليج ۾ بہ هوءَ سوچيندي رهي تہ آخر اڄ هوءَ ڪاشان کي ڪهڙي ڪهاڻي

ٻڌائيندي ۽ پوءِ منجهند تائين نيٺ هن هڪ ڪهاڻي سوچي ورتي هئي. هن ثوبيہ جي حيثيت سان ٻہ ٽہ پيرا ڪيس فون ڪئي ۽ ڪاشان جي موبائيل تي رنگ ويندي رهي پر هن فون رسيوَ نہ ڪيو.

”خير سائين! ثوبيہ جي حيثيت سان تون ڀلي مون سان ناراض رهہ. پر اڄ ويڪ اينڊ تون منهنجي ئي ساٿ ۾ گذاريندين.“ هن سوچيو ۽ مرڪي ڏنو.

شام جو هوءَ رڌڻي ۾ چانهہ ناهي رهي هئي تہ هن موبائيل جي رنگ ٻڌي تہ بي اختيار مرڪي سوچيائين:

”اوهہ! ايڏي بي صبري. يعني منهنجو منصوبو ڪامياب ٿي رهيو آهي.“

هوءَ چانهہ جو مگ کڻي ڪمري ۾ آئي. شام جو ٽائيم ٿي رهيو هو. هن SMS لکيو:

”جيئن تہ پنهنجي ڪهاڻي آئون ڀڪي نٿي لکي سگهان ان ڪري مون ڪي ننڍين ننڍين ٽڪرن ۾ SMS جي ذريعي قسطن ۾ لکڻي پوندي. ان ڪري هر SMS پڙهڻ کان پوءِ مونکي رنگ ڏجو تہ جيئن مونکي خبر پوي تہ توهان هر پيغام پڙهي رهيا آهيو. ٻي ڳالهہ اها تہ آئون هڪ هاسٽل ۾ رهندي آهيان اسان جي هاسٽل جي وارڊن ڏاڍي سخت عورت آهي ۽ هن وقت رائونڊ تي آهي. ان ڪري آئون وڌيڪ ٽائيم نہ ڏئي سگهنديس. آئون رات جو ٻارهين کان پوءِ توهان سان رابطو ڪنديس.“

پيغام جي جواب ۾ رنگ ٻڌي هن ڪال ڪئي. ڪاشان چيو:

”ٺيڪ آهي. پر پهرين توهان مونکي پنهنجو نالو ٻڌايو.“

”منهنجو نالو رمشا آهي.“ هن لکي موڪليو ۽ رنگ اچڻ تي ڪال ڪئي. ڪاشان چيو:

”رمشا! مون کي توهان جي ڪال جو انتظار رهندو.“ ڪال ختم ٿي تہ هن سوچيو.

”ڪافي مزيدار سچئوئشن آهي. اڄ لڳي ٿو تہ اسنا جي زندگيءَ جو هڪ يادگار ڏينهن هوندو.

هن اڄ خريد ڪيل ٻن پنجن پنجن سون جا ڪارڊ موبائيل ۾ فيڊ ڪيا ۽ پوءِ پنهنجي سوچن ۾ گم ٿي وئي.

رات جا ساڍا يارنهن ٿيا تہ هر پاسي سانت ٿي چڪي هئي. سيئي پنهنجن بسترن ۾ هئا. ثوبيہ بيڊ تي اچي ويٺي. تيز لائٽ آف ڪري هلڪي خوابناڪ روشنيءَ ۾ ويهاڻي جي ٽِڪ ڏيئي ويٺل ثوبيہ موبائيل کنيو ۽ ڪاشان کي رنگ ڏني. جواب ۾ فورن رنگ آئي. رنگ ڀڪي وڄندي رهي تہ هن ڪال اٽينڊ ڪئي. ڪاشان چيس:

”پنهنجي ڪهاڻي ٻڌائڻ کان اڳ پهرين منهنجي هڪ سوال جو جواب ڏيو. مون تہ ٻڌو آهي تہ گونگا ماڻهو اڪثر ٻوڙا بہ هوندا آهن پر توهان تہ سڀ ڪجهہ ٻڌي ۽ سمجهي وٺنديون آهيو.“

جواب ۾ ثوبيہ لکيو:

”اهو ضروري ناهي تہ جيڪو ماڻهو گونگو (Dumb) هجي اهو ٻوڙو (Deaf) بہ هجي. ها جيڪو پيدائشي ٻوڙو هوندو آهي. اهو گونگو ٿي سگهي ٿو. پر ڪڏهن ايئن بہ ٿيندو اهي. ڪي ٻار ٻوڙا تہ هوندا آهن پر گونگا ناهن هوندا پر جيئن تہ هو ڪجهہ ٻڌندا ئي نہ تہ ڳالهائيندا ڇا؟ ان ڪري جو ٻار پهرين

ٻڌندو آهي پوءِ اهي ٻڌل الفاظ ڳالهائيندو آهي. اهڙن ٻوڙن ٻارن کي جيڪي گونگا نہ هوندا آهن. جيڪڏهن خاص ٽريننگ ڏني وڃي تہ اهي بہ ڳالهائڻ لڳندا آهن. جهڙيءَ طرح مشهور سماجي ڪارڪن Helen Keller هئي. هوءَ نابين ۽ ٻوڙي هئي، پر گونگي نہ هئي. ٻن سالن جي عمر تائين هوءَ نارمل ٻار هئي پر پوءِ هڪ شديد بيماريءَ سبب سندس ڏسڻ ۽ ٻڌڻ جي صلاحيت خمت ٿي وئي. پر پوءِ خاص ٽريننگ ملڻ تي هن انن سالن جي عمر ۾ ٻيهر ڳالهائڻ شروع ڪيو. جيڪڏهن ٻوڙا ٻار بہ ڳالهائي سگهن ٿا تہ پوءِ جيڪي ٻوڙا نہ آهن اهي خاص ٽريننگ سان لکي پڙهي چو نٿا سگهن.“

ايترو لکڻ سان هن وقفو ڏنو. ٿوري دير بعد رنگ ٻڌي هن باقي ڪهاڻي لکڻ شروع ڪئي. هر مختصر قسط پڙهن کان پوءِ ڪاشان ڪيس رنگ ڏيندو رهيو. ٿوبيہ لاءِ اهو تجربو بيحد دلچسپ ۽ تجسس وارو رهيو. ڪهاڻي لکندي هوءَ اهڙي تہ مگن ٿي وئي، جو ڪيس محسوس ٿيو تہ هوءَ واقعي رمشا هئي. سندس لکيل ڪهاڻي هن ريت هئي:

”آئون پيدائشي گونگي ناهيان. البت جڏهن مون ڳالهائڻ شروع ڪيو تہ نارمل ٻارن وانگر آئون سڀ لفظ چٽا نہ ڳالهائي سگهندي هيس ۽ اٽڪي اٽڪي ڳالهائيندي هيس. ڊاڪٽرن جو خيال هو تہ اها هڪ قسم جي ڪمري هئي جيڪا وقت گذرڻ سان ٺيڪ ٿي ويندي. اسان جي گهر جو ماحول پرسڪون نہ هو. منهنجي ماءُ ۽ پيءُ جي محبت جي شادي هئي، پر مون جڏهن کان هوش سنڀاليو تہ کين جهيڙو ڪندي ڏٺو. هو ٻئي شڪي مزاج هائي ۽ هڪٻئي تي شڪ ڪندا هئا ۽ الزام لڳائيندا هئا. آئون ۽ منهنجو ننڍو ڀاءُ سندن ڪيترين ئي ڳالهيون سمجهي نہ سگهندا هئاسين، پر جڏهن کين زور زور سان ڳالهائيندي ۽ هڪٻئي تي رڙيون ڪندي ڏسندا هئاسين تہ ڏاڍا خوفزده ٿي ويندا هئاسين ۽ هڪ ٻئي سان چنبڙي روئڻ لڳندا هئاسين. ڊاڪٽر منهنجن Parents کي چوندا هئا تہ اهڙي ماحول ۾ جيڪڏهن آئون خوفزده رهيس تہ منهنجي زبان جي ڪمزوري صحيح ٿيڻ بدران وڌيڪ خراب ٿي سگهي ٿي. منهنجا ماءُ پيءُ اهو ٻڌي ڪجهہ وقت لاءِ پنهنجو رويو صحيح ڪندا هئا پر... پوءِ... وري ساڳيو هنگامو هوندو هو. نيٺ منهنجي زبان جي ڪمزوري اهڙي ماحول ۾ وڌندي رهي. جڏهن آئون ڪجهہ وڏي ٿيس تہ سندن ڪافي ڳالهيون سمجهڻ لڳس تڏهن خبر پئي تہ ان وقت تائين بابا جي زندگيءَ ۾ هڪ ٻي عورت داخل ٿي چڪي هئي، ان ڪري هاڻي جهيڙن ۾ وڌيڪ شدت اچڻ لڳي هئي ۽ پوءِ... هڪ ڏينهن تہ حد ٿي وئي. هنن ۾ ايتريقدر جهيڙو ٿيو جو ڪاوڙ ۾ بابا امان تي پستول تاڻي بيهي رهيو. اسين ٻار ڏاڍا خوفزده ٿي وياسين. منهنجو ننڍو ڀاءُ روئڻ لڳو ۽ مونکي تہ جڻ ڪو دورو پئجي ويو ۽ آئون رڙيون ڪندي ڪندي بيهوش ٿي ويس. جڏهن هوش ۾ آيس تہ اسپتال ۾ هيس پوءِ منهنجو ڪيترو ئي عرصو اتي علاج هلندو رهيو. مون کي دورا پوندا هئا تہ آئون بيهوش ٿي ويندي هيس ۽ منهنجي زبان تہ جڻ بلڪل بند ٿي وئي. ڪافي علاجن کان پوءِ منهنجي طبيعت ڪجهہ بهتر ٿي تہ آئون گهر آيس. پر هاڻي گهر ساڳيو نہ رهيو هو. سڀ ڪجهہ بدلجي چڪو هو امان ۽ بابا جي وچ ۾ Divorce ٿي چڪي هئي. جڏهن مما مون سنا ملڻ ايندي هئي تہ بابا

کيس مون سان ملڻ نه ڏيندو هو. آئون وڏيڪ تنتي پيس. ڳالهائڻ جي ٽريننگ ۽ فزيو ٿراپي لاءِ مون کي باقاعده اسپتلا موڪليو ويندو هو پر سچ ته اهو هو ته هاڻي مونکي زندگيءَ ۾ ڪائي ڪشش محسوس نه ٿيندي هئي نه ئي هاڻي مون کي ڳالهائڻ سان ئي ڪا دلچسپي هئي. ڊاڪٽرن جو چوڻ هو ته جيڪڏهن آئون خود ڳالهائڻ جي ڪوشش نه ڪنديس ته Growing Age گذرڻ بعد آئون شايد ڪڏهن به صحيح طرح ڳالهائي نه سگهان. پر مون انهن سان بلڪل به سهڪار نه ڪيو.. اهڙيءَ طرح آئون ڳالهائڻ جي قابل نه ٿي سگهيس. جسماني طرح آئون نارمل هيس ان ڪري مون وري اسڪول وڃڻ شروع ڪيو. منهنجو بابا تمام وڏو ماڻهو آهي ان لاءِ هن اسڪول جي انتظاميه ۽ ٽيچرز کي اڳ ۾ ئي منهنجي باري ۾ ٻڌائي ڇڏيو هو ۽ ڪين منهنجو خاص خيال رکڻ جي تاڪيد ڪئي ان لاءِ سڀ منهنجو گهڻو خيال رکندا هئا ۽ مون کي مهنجي معذوريءَ جو احساس نه ڏياريو ويندو هو. آئون پڙهائي ۾ ٺيڪ ٺي هيس. منهنجي لاءِ بابا ٽيوٽر رکيا هئا. ان ڪري مونکي تعليم حاصل ڪرڻ ۾ ڪا خاص ڏکيائي پيش نه آئي. مون ميٽرڪ ڪئي ۽ هڪ پرائيويٽ ڪاليج مان انٽر ۽ بيچلرز ڊگري ورتي. ان ڪاليج ۾ ئي منهنجي ملاقات اويس سنا ٿي. اويس مون کان هڪ سال سينيئر هو ۽ منهنجي سڻي سهيلي جو ڀاءُ هو. سندس تعلق مڊل ڪلاس سان هو. مونضرورت وقت هميش ٻنهي ڀاءُ ڀيڻ جي مالي مدد به ڪئي. مون کي اويس سان محبت ٿي وئي ۽ جڏهن اويس ان ڪاليج مان ماسٽرز ڊگري ورتي ته مون بابا کان چورائي کيس سڻي نوڪري ونرائي ڏني. اهو ٻڌائيندي هلان ته ان دوران بابا ۽ امان ٻي شادي ڪري چڪا هئا. نئين ماءُ کي نه ته مون قبول ڪيو هو نه ئي هن مون کي. جڏهن بابا منهنجي ننڍي ڀاءُ کي نئين ماءُ جي چوڻ تي هاسٽل ۾ داخل ڪرايو ته اهو گهر منهنجي لاءِ وڏيڪ اوپرو بنجي ويو. ويڳي ماءُ جو رويو مون سان ڏينهون ڏينهن خراب ٿيندو ويو. تڏهن مون کي لڳو ته مون وٽ فقط هڪ ئي رستو بچيو هو ته اويس مون سان شادي ڪري مونکي روز روز جي عذاب کان ڇوٽڪارو ڏياري. مون جڏهن اويس سان اها ڳالهه ڪئي ته هو مختلف بهانا ڪري جان ڇڏائڻ لڳو. مون کيس چيو ته بابا اسان کي گهر وٺي ڏيندو. مون کي منهنجي معذوريءَ جو احساس هو انڪري مون کيس اهو به چيو ته هو چاهي ته پوءِ پلي ٻي شادي ڪري.. پر... هن ته... مونکي هميشه لاءِ اونداهين ۾ ڀٽڪڻ لاءِ اڪيلو ڇڏي نو. پوءِ مون به گهر ڇڏي ڏنو. سفارش تي مونکي هڪ پرائيويٽ ڪاليج جي Admin بلاڪ ۾ نوڪري ملي وئي ۽ هاڻي آئون اتي جي هاسٽل ۾ رهندي آهيان. ۽ منهنجي فقط اها خواهش آهي ته آئونخود خاص ٽريننگ وٺي ڳالهائي سگهان ۽ پان جهڙن ٻارن جي خدمت لاءِ Special Education حاصل ڪريان، سندن مدد ڪريان، خدمت ڪريان، پر ڪڏهن ڪڏهن زندگيءَ کان ئي بيزار ٿيڻ لڳندي آهيان.“

ٿوبيه ڪهاڻي لکي پوري ڪئي ته سندس ڪاني ۾ سچ پچ لڙڪ اچي ويا. رات جو هڪ ٿي ويو هو. هوءَ وقفن ۾ اها ڪهاڻي ايڏي دير ۾ لکي سگهي هئي. سندس آڱريون ٽائپنگ ڪري ڪري ٿڪجي پيون هيون. اها ڪهاڻي پڙهي ڪاشان رنگ ڏنس ته هن کيس ڪال ڪئي ۽ سندس ڳالهه

ٻڌڻ لڳي.

”منهنجي فرينڊ! مون توهان جي ڪهاڻي تمام غور سان ٻڌي، پر... ان ڏک ڀري ڪهاڻي پڙهڻ کان پوءِ بہ آئون توهان سان همدردي نہ ڪندس ڇو تہ همدردي انهن ماڻهن سان ڪبي آهي جيڪي ”ويچارا“ هوندا آهن ۽ پاڻ کي ڪڏهن بہ ”ويچاري“ نہ ٻڌائجو. توهان تہ تمام همت واريون آهيو. ٻي ڳالهہ آئون اها چوندس تہ توهان اوبس کي وساري ڇڏيو. هو توهان جي زندگيءَ ۾ آيو ۽ نڪري ويو. جيڪو هليو ويو ان کي وساري ڇڏيو. توهان جي اڳيان تہ زندگي پئي آهي. توهان کي ڪو ٻيو ۽ بهتر شخص ملي ويندو ۽ جيڪڏهن توهان مائينڊ نہ ڪريو تہ آئون اهو چوندس تہ هو توهان جي قابل هو ئي نہ. هو بيحد ڪم ظرف ڇوڪرو نڪتو.

آئون خود بيحد دکي شخص آهيان. پر اڄ توهان جي ڪهاڻي پڙهي احساس ٿيو تہ هن دنيا ۾ مون کان ڪيئي ڀيرا دکي ماڻهو موجود آهن. آئون توهان لاءِ دعا ڪندس. توهان بہ منهنجي لاءِ دعا ڪجو. پاڻ سڀا ساٿي بنجي سگهون ٿا... ۽...“

ثوبيہ اجا ڪاشان جي آواز ۽ لفظن جي سحر ۾ ٻڏل هئي تہ سندس ڪمري جي بند دروازي تي زور زور سان ٺڪاءُ ٿيڻ لڳا ۽ سندس ننڍڙي ڌيءَ جو آواز ٻڌائين:

”امي... امي! در کوليو.“

ثوبيہ يڪدم فون ڊسڪنيڪٽ ڪئي ۽ دروازي ڏانهن ڊوڙي، در کولي ڌونش کي ڪڇ ۾ ڪنيئاني. هوءَ شايد ڪڇيءَ ننڊ مان اٿي ڊوڙي وٽس آئي هئي. هن کيس پيار ڪيو ۽ پنهنجي ڀرسان سمهارڻ لڳي. پوءِ هن پيغام لکي موڪليو:

”هن وقت آئون هاڻي تمام گهڻو ٿڪي پئي آهيان. وڌيڪ سڀاڻي ڳالهہ ٻولهہ ڪنداسين.“

جواب ۾ ڪاشان ڪال ڪري چيس:

”مون دروازي تي ٺڪاءَ جا آواز ٻڌا هئا (شرارت مان) ڪٿي توهان واري خطرناڪ وارڊ تہ نہ هئي؟ خير تہ آهي نہ؟“

”سڀ خير آهي. توهان بہ هاڻي آرام ڪريو گڊ نائٽ.“

ثوبيہ لکيو تہ جواب ۾ ”گڊ نائٽ“ جو مئسيج آيو. هن موبائيل آف ڪيو ۽ سمهڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي پر ذهن بار بار هڪ ڳالهہ تي اٽڪي ٿي پيو تہ ڇا ڪاشان فقط هڪ ڏينهن اڳ مليل ڪنهن اجنبي ڇوڪريءَ سان پنهنجا ڏک شيئر ڪري ٿي سگهيو؟؟ مٿس اعتبار ڪري ٿي سگهيو؟ پوءِ الائي ڪيڏي مهل اک لڳي ويس.

اڳين ڪجهہ ڏينهن ۾ عجيب صورتحال رهي. ڪاشان ثوبيہ سان تہ ناراض هو. پر رمشا سان روز موبائل تي رابطو رهندو هئس. ٻئي هڪٻئي سان حال احوال اورڻ لڳا. ڪڏهن ڪڏهن تہ ”ثوبيہ“ کي

”رمشا“ جي وجود کان ساڙ محسوس ٿيندو هو ڇو تہ ثوبيہ تہ ڪاشان کان پري ٿي چڪي هئي، جڏهن تہ رمشا ڏينهون ڏينهن ويجهي ٿيندي پئي وئي. ڪڏهن تہ هوءَ سوچڻ لڳندي هئي تہ:

”هي مون ڇا ڪيو؟ خود پنهنجي هٿن سان پنهنجي ۽ ڪاشان جي وچ ۾ هڪ ڇوڪريءَ جو وجود آڻي ڇڏيو. ثوبيہ کان هو تمام پري هو پر رمشا سان هر ڳالهہ شيئر ڪرڻ لڳو هو. هاڻي ڇا ڪريان...؟ رمشا جي صورت ۾ سندس دوست بنجي سندس ڏکڻ سکن کي شيئر ڪريان يا رمشا جي وجود کي پور پور ڪري ڇڏيان...؟“

هڪ ڀيري هن (رمشا) ڪاشان کان پڇيو:

”توهان ڪنهن سان محبت ڪئي آهي؟“

ڪاشان چيو: ”لڳي ٿو تہ نہ. ڇو تہ شايد جنهن کي مون محبت سمجهيو اهو دوکو هو. فقط دوستي هئي.“ هو ٻڌي ثوبيہ وڏيڪ سڙي وئي. هن تہ سندس نالو هن جي واتان ٻڌڻ ٿي چاهيو. تڏهن هن لکي موڪليو:

”مونکي توهان جي جملي مان ائين ٿو محسوس ٿيئ تہ ڪنهن توهان جي دل کي رنجايو آهي. ڏسو مون توهان کي پنهنجي ڪهاڻي ٻڌائي هاڻي توهان کي بہ پنهنجي باري ۾ مونکي سڀڪجهہ ٻڌائڻو پوندو.“

... ۽ پوءِ... انهن ان رات رباطو رکڻ جو پروگرام ناهيو. ثوبيہ کي اڄ تڻ هئي تہ هاڻي ڏسجي تہ هو هڪ اڻ ڏٺي ڇوڪريءَ سنا ڪوڙ ٿو ڳالهائي يا وري سچ.

ان رات... ڪاشان رمشا کي پنهنجي متعلق ٻڌائڻ سروع ڪيو. پڙهائيءَ جو احوال. شادي ٿيڻ جو احوال ۽ شادي کان پوءِ سندن وچ ۾ ذهني هم آهنگي نہ هجڻ جو احوال... هن سڀ ڪجهہ سچ پٽي ڳالهايو. ثوبيہ کي ڪاوڙ لڳي تہ هڪ اجنبي ڇوڪريءَ اڳيان هو پنهنجي دل کولي رکندو ۽ سندس بابت سڀڪجهہ ٻڌائيندو؟! هن تهائين سوچيو بہ نہ هو. هو چئي رهيو هو:

”شادي کان پوءِ مون کي محسوس ٿيو تہ مون ثوبيہ کي غلط سمجهيو هو. مون کي سندس بابت جيڪي اميدون هيون هوءَ اهڙي نہ هئي. ٿي سگهي ٿو تہ توهان سوچيندوين هجو تہ آئون توهان کي تصوير جو فقط هڪ رخ ڏيکاريو رهيو هجان. يقيناً مون ۾ بہ گهٽتايون هونديون. شايد آئون بہ سندس اميدن تي پورو نہ لٿو هئس. پر مون جڏهن بہ هن آڏو پنهنجي دل کولي رکڻ چاهي تہ هن مون کي ڪجهہ چوڻ ۽ ڪائنس ڪجهہ ٻڌڻ جو موقعو ئي نہ ڏنو. هوءَ هر وقت جهيڙي جي موڊ ۾ هوندي هئي. گهر جي معاملن ۾ دلچسپي نہ وٺندي هئي...“

هو ڳالهائي رهيو هو پنهنجي ڏکن کي هن سان شيئر ڪري رهيو هو تڏهن ثوبيہ سوچيو:

”اڄ رمشا جي حيثيت سان آئون سندس هر ڳالهہ صبر ۽ غور سان ٻڌي ۽ سمجهي رهي آهيان... ڪاش... ثوبيہ جي حيثيت سان ائين ڪريان ها.“ ڪاشان چوندو رهيو:

”آئون پنهنجي ڪٽنب کان گهڻو پري رهي نٿو سگهان اهو ڄاڻندي بہ هن مون سان ڪراچي

هلڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. هن مون کي اڪيلو ڪري ڇڏيو هو. هوءَ نفسيات جي شعبي سان لاڳاپيل هئڻ جي باوجود اهو نہ سمجهي سگهي تہ آئون ڪراچي وڃن کان اڳ ئي ڊپريشن ۾ مبتلا ٿي رهيو هئس ۽... پوءِ... ڪراچيءَ ۾ سڄو ڏينهن هڻ هٽان کان پوءِ جڏهن گهر ايندو هئس تہ گهر جي اڪيلائي مون کي ويتر اڪيلو بنائي ڇڏيندي هئي. اها حقيقت آهيتہ مون کي اتي اهڙيون ڇوڪريون بہ مليون جيڪي مون سان دوستي ڪرڻ ۽ تنهائيءَ جو ساٿي ٿيڻ تي بہ راضي هيون، پر مون سندن آڇ قبول نہ ڪئي... آئون نٿو چوان تہ آئون وڏو پارسا آهيان ۽ مون ڪڏهن ڇوڪرين سان دوستي نہ رکي هوندي، پر شاديءَ کان اڳ توڙي پوءِ مون ڪڏهن بہ حد کان وڌيڪ ويجهو ٿيڻ نہ چاهيو. آئون ثوبيہ آڏو هڪ مهيني جي موڪل دوران رهيس پر هوءَ پنهنجي پڙهائي، سماجي ۽ ٻين مصروفيتن سبب ايتري مصروف رهي جو هن ڪڏهن مون کان منهنجو احوال نہ پڇيو... ڪي خبر هيئي تہ آئون اهڙو تہ نہ هئس جهڙو هان ٿي ويو هئس... مايوس... نا اميد.“

... ڪاشان ايترو چيو تہ ثوبيہ جي اکين مان لڙڪ لارون ڪري وهڻ لڳا. هو چوندو رهيو.

”... ۽... پوءِ اتي ڪراچيءَ ۾ جيڪڏهن منهنجي هڪ شفيق ۽ مرهبان آفيسر جي فيملي منهنجو خيال نہ رکي ها تہ آئون جيترو هاڻي ٺٺل آهيان ان کان بہ وڌيڪ ٺٺي پوان ها. هو مونکي هڪ سٺي ڊاڪٽر ڏانهن وٺي ويا جنهن ٻڌايو تہ آئون شديد ڊپريشن جي ڪيفيت ۾ مبتلا ٿي چڪو هئس تہ علاج سان گڏوگڏ جيڪڏهن منهنجو آفيسر ۽ سندس گهر واري منهنجو اولاد وانگر خيال نہ رکن ها ۽ مونکي پنهنجي گهر گهرائي منهنجو ڏک نہ ونڊين ها... تہ... شايد...“

ڪاشان جو آواز لڙڪن هاڻو ٿي ويو... ۽ ثوبيہ جا لڙڪ تہ ڇڻ لارون ڪري وهڻ لڳا. هن ڪيترو ئي روڪيو پر لڙڪن کي نہ روڪي سگهي. سندس سڏڪن جي آواز تي ڪاشان چيو:

”توهان روئو پيا. پليز ائين نہ ڪريو. آئون توهان کي ڏکوئڻ نٿو چاهيان... توهان اڳ ۾ ئي ڏکويل آهيو.“

ان ڳالهہ ٻولهہ کان پوءِ ثوبيہ جي شخصيت ئي بدلجي وئي. دل چاهيس جيڪر پر هجنس تہ اڏامي وڃي ڪاشان وٽ پهچي ۽ کي سميٽي ڇڏي. هر ڪوتاهيءَ ۽ لاپرواهيءَ جو ازالو ڪري. رمشا جي حيثيت سان تہ هوءَ اهو سڀ ڪجهہ ڇئي نٿي سگهي، ان ڪري ٻئي ڏينهن آچر تي صبح جي نائين لڳي هن ڪاشان جي ڪراچي جي نمبر تي گهران فون ڪئي. ڪاشان شايد رنگ جي آواز تي ننڊ مان اٿيو هو. سندس آواز ننڊ جي خمار سبب ڳورو هو. ثوبيہ چيو:

”ڪاشان! تون ڪيئن اهين؟ نيڪ تہ آهين نہ؟“

”ها... ڇو...!؟؟؟“

”مون کي لڳي ٿو تہ مون توکي ننڊ مان اٿاريو آهي.“

”خير آهي.“ هن چيو.

”چڱو تون پهرين فريش ٿي وٺ. مونکي تو سان ضروري ڳالهائڻو آهي.“

”چو...!؟“ هن طنز سان چيو ”اڄ صبح سان ئي جهيڙي جو موڊ آهي ڇا...؟ جيڪو بہ چوڻو اٿئي اهو چئي وٺ...! آئون ٺيڪ آهيان؟“

”ڪاشان!“ ثوبيہ جذباتي ٿيندي چيو: ”تون ڇو ٿو پاڻ کي اڪيلو سمجهين. آئون آهيان نہ. آئون توکي ٽٽڻ نہ ڏيندس... وکرڻ نہ ڏيندس.“

”پر... توکي اوچتو اهو خيال ڪيئن آيو.. ۽...“

هن انتهائي ڏک مان چيو ”تون خود ئي تہ مونکي ٽوڙي ڇڪين آهين ۽ هاڻي آئون ايترو تہ وکري وي آهيان جو ڪير بہ مون کي سميٽي نٿو سگهي.“

”ائين نہ چئو پاڻ گڏجي پنهنجي گهر کي پر سڪون ۽ خوبصورت بنائيندا سين. آئون هاڻي توکي ڪڏهن بہ اڪيلو نہ ڇڏيندس. مون کي هڪ موقعو تهڏي،“ ثوبيہ چيو

ڪاشان: ”ڪهڙو گهر؟ شايد آئون ئي غلط هئس جو مون سمجهيو تہ مون گهر ٺاهيو هو.. خدا جي واسطي هاڻي مون کي منهنجي حال تي ڇڏي ڏي.. مون کي ڪجهہ بہ نٿو گهرجي...“

ثوبيہ ”چڱو لا! اهو ٻڌائي تہ گهر ڪڏهن ايندين. مون وٽ تولاءِ ڪجهہ اهم خبرون آهن.“

ڪاشان: ”ڪهڙيون خبرون؟“

”اهي توکي تڏهن ٻڌائيندس جڏهن پاڻ پنهنجي گهر ۾ آمهون سامهون ويٺل هونداسين. آئون تنهنجو شدت سان انتظار ڪندس.“

ثوبيہ جي حيثيت سان تہ هن اهو سڀ ڪجهہ چئي ڇڏيو ۽ جڏهن رمشا جي حيثيت سان ساڻس موبائل تان رابطو ڪيائين تہ ڪاشان چيس:

”رمشا! توهان ٻڌايو تہ توهان حيدرآباد ۾ رهو ٿا. آئون هڪ ٻن ڏينهن ۾ حيدرآباد اچان پيو. آئون پنهنجي سٺي فرينڊ سان ملڻ چاهيان ٿو. توهان مون کي پنهنجي ايڊريس ڏيو.“

هاڻي ثوبيہ منجهي پئي ۽ پوءِ لکي موڪليائين:

”جڏهن توهان حيدرآباد پهچندا تہ پوءِ توهان کي ايڊريس ڏيندس.“

هن ڀيري جڏهن ڪاشان گهر آيو تہ ثوبيہ جي شخصيت ئي بدليل لڳس. خوشي سندس چهري مان ظاهر هئي. هن پنهنجي هٿن سان سندس پسند جون ڊشون ٺاهيون. اڄ هوءَ تمام خوبصورت لڳي رهي هئي. هن تمام سهڻي ڊريسنگ پاتي هئي ۽ نئين اسٽائيل جو هيئر ڪٽ ٿيل هو ۽ هلڪو ميڪ اپ پڻ.

”ڇو اڄ وري ڪنهن پروگرام ۾ وڃڻو اٿئي؟“ هن پڇيو.

”نہ... ڇو...؟“

ڪاشان سندس سموري وجود جو جائزو وٺي لاپرواهيءَ سان چيو:

”نہ... بس... ائين لڳو تہ... خير.“

اڄ سيني گڏجي رات جي ماني کاڌي ۽ پوءِ جڏهن سڀ پنهنجن ڪمرن ۾ ٽڙي پکڙي ويا تہ

ڪاشان پڇيس:

”توکي شايد ڪجهہ اهم خبرون ٻڌائڻيون هيون.“

ثوبيہ: ”ها! پهرين تہ اهو ٻڌايو تہ توهان هڪ اجنبي ڇوڪريءَ سان دل جو حال اوريندا رهيا ۽ مون کان ڇو پري ڀڄندا رهيا؟“

ڪاشان: ”ڇا مطلب؟... ڪهڙي اجنبي ڇوڪري؟“

ثوبيہ: ”ڪاشان! تون ڄاڻين ٿو تہ آئون ڪنهن جي ڳالهہ پئي ڪريان. منهنجو اشارو رمشا ڏانهن آهي.“

ثوبيہ تہ سمجهيو هو تہ رمشا جو نالو ٻڌي هو ڇرڪي پوندو، ڪنفيوز ٿي ويندو. پر... هن... هڪ زوردار ٽهڪ ڏنو... ۽ پوءِ چيائين:

”ها، رمشا!... مون انڪري هن سان دل جو حال اوريو جو هوءَ مون کي سمجهي ٿي. مون کي پنهنجي دل جي ڳالهہ ٻڌائي ۽ مون کان دل جو حال پڇي ٿي. هوءَ مون سان ملي نٿي، پر فقط منهنجي لهجي جي اسٽائل مان ئي سمجهي ٿي وڃي تہ آئون ڪهڙي موڊ ۾ آهيان، ڪهڙيون ڳالهيون مون کي خوشي ٿيون ڏين ۽ ڪهڙيون ڳالهيون ڏک. هوءَ منهنجي سچي فرينڊ آهي. مون ان لاءِ بہ هن سان دل جو حال اوريو تہ هوءَ انتهائي سادي يا بيوقوف آهي، پر اجنبي بهرحال نہ آهي؟“

ثوبيہ: ”ڇا مطلب؟... تون...؟؟!!“

ڪاشان: ”ها! پهرين ڏينهن آئون يقيناً ٻڌتر ۾ هئس تہ رمشا واقعي حقيقت آهي يا ڏوڪو پر جلد ئي خبر پئجي وئي تہ هوءَ ڪير آهي.“

ثوبيہ: ”ڪي ر آهي هوءَ ۽ ڪيئن خبر پئي توکي.“

ڪاشان: ”ياد اٿئي جڏهن هن مونسان ڳالهايو پئي ۽ دروازي تي زوردار ٺڪاءَ ٿيا هئا؟“

ثوبيہ: بي اختيار ”ها“ چيو. ڪاشان وري ڪلندي چيو:

”هن بيوقوف پنهنجي پر ۾ ڪال ڊسڪنيڪٽ ڪري ڇڏي هئي، پر حقيقت ۾ لائن disconnect نہ ٿي هئي ۽ مون سندس ۽ پنهنجي بيحد پياري ننيڙي ڏونش جو آواز ٻڌو پئي...“

”اوهہ! تہ اها ڳالهہ آهي.“

”ان کان علاوه...“ هن وڏيڪ مزو وٺندي چيو:

”منهنجي ڳالهين دوران هڪ ڀيرو هن ويچاريءَ ”گونگيءَ“ بي اختيار ”هون“ چيو هو. ڇا آئون تنهنجي ”هون“ بہ نہ سڃاڻندس؟!...“

”اوهہ!“ ثوبيہ ڪلندي چيو ”يعني تہ منهنجو منصوبو ناڪام ويو. ابتو آئون ئي بيوقوف بڻجي ويس.“

”جيڪي ماڻهو ٻين کي بيوقوف بنائيندا آهن اهي در حقيقت پاڻ کي بيوقوف بنائيندا آهن...

پر... نہ... آئون ان منصوبي کي ناڪام نہ سمجهندس ڇو تہ رمشا جي حيثيت سان تو مون کي پنهنجي ڳالهہ چوڻ جو موقعو ڏنو... جيئن تہ هوءَ ويچاري گونگي هئي، ان ڪري خاموسيءَ سان منهنجي ڳالهہ ٻڌندي رهي نہ تہ ثوبيہ تہ ڳالهائڻ ڄاڻندي آهي ٻڌڻ نہ...! چڱو هاڻي ٻي خبر ٻڌاءِ. اها تہ پراڻي نڪتي."

"ٻي خبر هيءَ آهي." ثوبيہ هن ڏانهن هڪ پيپير وڌائيندي چيو تہ ڪاشان اهو پڙهي ڪجهہ حيران ٿيو ۽ چيائين:

"تون Long Leave لاءِ اپلاءِ پئي ڪرين. ڇو؟ ۽ هو تنهنجو .Ph.D جو پروگرام... تنهنجي جاب، تنهنجو ٽئلنٽ..."

ثوبيہ چيو: "تو کان وڌيڪ ڪجهہ بہ تہ نہ آهي. اها ڳالهہ مون هاڻي سمجهي. آئون توکي هاڻي اڪيلو نہ ڇڏينديس. مون توکي ڏاڍي تڪليف ڏني آهي. پاڻ ٿي پوري پور ڪري ڇڏيو آهي اڳي وري نہ چئجان تہ تون اڪيلو آهين. اسين سڀ ڪراچي هلي رهنداسين."

"نہ... هاڻ: ان جي ضرورت ڪونهي."

ثوبيہ: "لڳي ٿو تہ اڃا ناراض آهين."

ڪاشان: "نہ... پر... مون وٽ بہ هڪ اهم خبر آهي." هن بہ پنهنجي فائيل مان هڪ پنو ڪڍي ثوبيہ کي ڏنو. هن پڙهيو ۽ پوءِ حيرت ۽ خوشي مان چيائين:

"تنهنجي بدلي حيدرآباد ٿي وئي آهي."

ڪاشان: "اها بہ منهنجي شفيق ۽ مهربان آفيسر جي مهرباني آهي، جنهن خود ڪوشش ڪري اهو ڪم ڪرايو."

"آءِ ايم ساري شان! ڪڏهن ائين بہ ٿيندو آهي تہ جيڪي ماڻهو گڏ رهندا آهن هڪٻئي کي سمجهي نہ سگهندا آهن تہ ڪڏهن اهي ماڻهو جيڪي غير هوندا آهن. جلد هڪٻئي کي سمجهي اجنبيت جون ديوارون ڊاهي ڇڏيندا آهن. آئون تنهنجون پريشانيون سمجهي نہ سگهيس، پر هڪ غير شخص تنهنجا مسئلا سمجهيا ۽ تنهنجي خوشيءَ جو احساس ڪيو." اهو چوندي ثوبيہ جي اکين ۾ لڙڪ اچي ويا.

"غلطيءَ جو احساس ٿي وڃي تہ اهو اڳتي اهڙيون غلطيون نہ ڪرڻ ڏيندو آهي. مون کي نتهنجي خوشي عزيز آهي. تون جاب ڪرڻ چاهين يا پڙهڻ، آئون توکي نہ روڪيندس. بس هڪڙي گذارش آهي ثوبيہ جي حيثيت سان منهنجي ڳالهہ نہ سمجهين سگهين تہ پوءِ رمشا ٿي وڃجانءِ."

"ڇا مطلب؟... توکي ثوبيہ کپي يا رمشا؟"... ۽ تو اهو ڇو چيو تہ تو محبت ناهي ڪئي ۽ ڪنهن تو سان محبت ناهي ڪئي؟... ۽... هاڻي توکي فيصلو ڪرڻو آ تہ ثوبيہ کپي يا رمشا؟"

"ڏس"... هن ٽهڪ ڏيندي چيو: "شروع ڪري ڇڏيئي نہ جهيڙو. مون کي ٻئي کپن."

ثوبيه چڙندي چيو: ”آخر ٻئي ڇو؟... هاڻي... رمشا جي ڪهڙي ضرورت آهي؟“ ”دراصل....“ ڪاشان ڪلندي چيو: ”رمشا ۾ هڪ اهڙي خاص خوبي آهي جيڪا هر شادي شده مرد جي دل وٺان آهي.“

”ڪهڙي خوبي آهي اها...؟!“ ثوبيه حيران ٿي پڇيو ته ڪاشان مزو وٺندي چيو:

”خوبي اها آهي ته هوءَ ”گونگي“ آهي.“

اها ڳالهه ٻڌي ثوبيه کي به کل اچي وئي ۽ ٻنهي کي کلندي ڏسي ڄڻ سندن ننڍڙي گهر جو ذرو ذرو به ساڻن گڏ شامل ٿي ويو. گهر جو ماحول ئي بدلجي ويو.

(هيءَ ڪهاڻي ان دور ۾ لکي وئي هئي جڏهن سيل فون / موبائيل اجان عام نه ٿيا هئا.)

# روشني

جيئن ئي ساحره شادي لان جي دروازي مان داخل ٿي اندر پهتي تہ ڏٺائين تہ لان ۾ ڪجهہ ڳڻتي رکيل ڪرسين کان سواءِ باقي سڀ ڀرجي چڪيون هيون. ڪيس ڪجهہ دير ٿي ويئي هئي. هوءَ پنهنجي ڀيڻ جي ڳولا ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڏسندي رهي جنهن جي ڏير جي شادي هئي. هوءَ ڪيس ايڏين عورتن ۾ نظر نہ آئي، تہ آخر ۾ خالي پيل ٽيبل ڏانهن وڌڻ لڳي. ان وچ ۾ ڪيترن ئي مهمان عورتن، مائٽياڻين ۽ ڀيڻ طاهره جي ساهرن سان ملندي بہ رهي. مهانگن ڪپڙن ۽ زيورن ۾ جنجهيل عورتون سندس سادن ڪپڙن، نازڪ زيورن ۽ هلڪي ميڪ اپ کي عجيب نظرن سان ڏسي رهيون هيون. اڳتي وڌندي هن ڪجهہ جملا ٻُڌا:

”مائي! نہ زيور نہ زَٽ... صفا ٻُٽي... ۽ لسا ڦيڦا ڪپڙا!“

”هونهن، ڪجهہ هوندس تہ پائيندي نہ...؟“

”پر لڳي سهڻي پئي ڳالهہ ڪجي حق جي.“

اهڙا جملا هن لاءِ نوان نہ هئا، ان ڪري هن گهڻو ڌيان نہ ڏنو ۽ آخر هڪ ٽيبل جي چوڌاري پيل ڪرسين مان هڪ تي ويهي اطمينان سان سڄي لان جو جائزو وٺڻ لڳي. اهي ئي ساڳيا چهرا، وڏ گهراڻيون عورتون زيورن ۾ جنجهيل، زرق برق ڪپڙا پهريل. الٽرا ماڊل، سِليوليس پاٽل، اسٽريڪ ۽ ڊاءِ ٿيل وار. ڳالهائڻ ۾ نخرو. هر پاسي بس دولت جي ڏيکا جا منظر هئا. ساحره کي هڪ سمپل ساڙهي، انتهائي نازڪ سونو سيٽ ۽ ڪجهہ نفيس سونيون چوڙيون ٻانهن ۾ هوندي بہ هوءَ ڪين ’ويچاري‘ نظر آئي، جڏهن تہ اُتي ٻيون شهري عورتون تہ موسم جي مناسبت سان لان جي وڳن ۾ بہ هيون. پر جيئن تہ اهي سندن خاندان جون نہ هيون، ان لاءِ ڪنهن کي فڪر بہ نہ هو تہ اُهي ڪهڙا ڪپڙا پائي آيون هيون. هوءَ چو تہ هميشہ کان سمپل رهندي هئي. ان ڪري هن سدائين پنهنجي لاءِ اهڙا ڪمينٽس ٻُڌا هئا. هن لاءِ اها ڪا نئين ڳالهہ نہ هئي.

اوچتو ڳائڻ ۽ نچڻ لاءِ ڳوٺان گهرايل شيديائڻين ڍُهل وڄائي سهرا ڳائڻشروع ڪيا تہ بہ نوجوان ڇوڪريون نچڻ لڳيون. ان سان گڏ دولت جو نماءُ گهور جو روپ ڌاري شروع ٿي ويو. هڪ ٻئي تان گهورون گهوري سَون سَون جا نوٽ ڏنا پئي ويا. اوچتو ڪنهن پاسي کان صدف اُٿي تہ ساحره حيران ٿي ڏٺو. هوءَ اڄ بہ اوتري خوبصورت، سمارٽ ۽ نوجوان پئي لڳي، جيتري شادي کان اڳ هئي... الٽراماڊل بيحد قيمتي ۽ نفيس ساڙهي پاٽل اهڙي اسٽائيلش، جهڙيون انڊين ڊرامن ۽ فلمن ۾

اڪيٽريسن کي پهريل هونديون آهن. سندس سنگ مرمر جهڙو وجود شاديءَ جي لائٽنگ ۾ جرڪي رهيو هو. نج گولڊ جو هڪ ڳرو سيٽ ۽ ڊگ سونيون چوڙيون. هڪ ٻانهن ۾ ته ڪڙا ٻيءَ ٻانهن ۾ ڊاءِ ٽيل وار. هن انتهائي غرور مان پنجن پنجن سَون جا نوٽ گهوري نچندڙ شيدياڻين ڏانهن اُڇلائي ڇڏيا، جن کي هو ديوانگيءَ مان ميڙڻ لڳيون.

پنهنجي مائٽياڻي صدف کي ڏسندي ئي کيس اهو وقت ياد آيو جڏهن هوءَ سندس ڪاليج فيلو هئي. هوءَ پنهنجي سونهن سوپيا ۽ اسٽائل سبب پوري ڪاليج ۾ مشهور هئي. انٽر ڪندي ئي جڏهن ساحره ٻڌو ته صدف جي شادي ڪنهن وڏيري سان ٿي رهي آهي، جنهن جي زال ڪجهہ وقت اڳ گذاري ويئي هئي ۽ ٻار بہ وڏا هيس ته هن ماءُ کي چيو هو:

”امي! هوءَ ته اجان ايڏي يَنگ ۽ ايتري حسين آهي، پوءِ کيس ڪهڙي ضرورت پيئي آهي اهڙي ماڻهوءَ سان شادي ڪرڻ جي؟“

”امان! ڇوڪرين کي ڇا گهرجي؟ سٺا ڪپڙا، زيور، پئسو... عمر ۽ ٻارن ٻچن سان ڪهڙو ٿو فرق پوي؟“

”آئون ته هن جي جاءِ تي هجان ته ڪڏهن بہ اهڙي شخص سان شادي نہ ڪريان...“

”تنهنجي ته هر ڳالهہ ئي نرالي آهي... توکي ڇا چئجي.“ ڀر سان وينٽل پيڊس طاهره چيس، جيڪا هٿن پيرن جي ننهن تي هنيل نيل پالش جي سُڪڻ جو انتظار ڪري رهي هئي.

”مون ته ان لاءِ پئي چيو جو صدف الٽراماڊلاهي ۽ هو شخص روايتي وڏيرو آهي، ان ڪري هوءَ Survive نہ ڪري سگهندي.“

”منهنجي خيال موجب اسان جي خاندان ۾ بہ اهڙا ڪيترائي مرد آهن جن جون زالون الٽراماڊل آهن. اهي شهرن ۾ رهن ٿيون ۽ کين هر قسم جي آزادي آهي.“ هن وڌيڪ بحث نہ ڪيو هو.

ڪجهہ عرصي بعد صدف جي شادي ٿي ويئي. هوءَ شهر ۾ کيس اڪثر ڪار ڊرائيور ڪندي، ته ڪڏهن خاندان جي شادين مرادين ۾ قيمتي ڪپڙن ۽ زيورن ۾ جنجهيل نظر ايندي هئي. روايتي وڏ گهراڻيون کيس رشڪ مان ڏسنديون هيون. ڪجهہ عرصي بعد هن کي پُٽ ڄائو ته هن پُٽ جي خوشيءَ ۾ سڄي خاندان جي شاندار دعوت ڪئي. هوءَ فئشن مطابق قيمتي ريشمي ڪم وارو پڙو ۽ چولي پهري ۽ معمول موجب سونن زيورن سميت سيني جي نگاهن جو مرڪز بڻيل هئي. نہ فقط اهو پر جڏهن پنهنجي ساهيڙين سميت اسٽيج تي فلمي گانن تي فلمي انداز ۾ نچڻ لڳي ته سندس سونهن سوپيا ۽ ادائون ڏسي ڪيترين ويچارين جو ”آهون“ نڪري ويون، جيڪي ٻي ڊوليون ۽ ڦيڦيون ٿي چڪيون هيون. ساحره ماضي جي سوچن ۾ گم هئي ته ڀر واري ٽيبل تي وينٽل هڪ ’وڏ گهراڻيءَ‘ جي ٻار جي زوردار رڙين ۽ رانياٽن تي هن ڇرڪ ڀري حيران ٿي ڏٺو ماڊرن پرٽيل ڇوڪريءَ پنهنجي سال ڏيڍ جي ٻار کي بيدرديءَ سان ڪڇ ان لاهي ڇڏيو هو. ٻار بيتابيءَ سان هر هر ڏانهس ٿي

وڏيوءِ هن هر پيري هٿن سان ڪيس پري ڪندي پاسي ۾ ويٺل ٻي ڇوڪريءَ کي چيو:

”ڇوري ناڳي الائي ڪيڏانهن ويئي. ننڍڙي کي سنڀالڻ بدران رُلندي ڦِري. هن تہ منهنجن ڪپڙن جي ڪريز ئي خراب ڪري ڇڏي آهي. نہ ڪنهن سان ڳالهائڻ ٿو ڏئي نہ ويهڻ ٿو ڏئي. او ڇوري بچل... اچين نٿي هيڏانهن يا...! وات پٽيو پيو اٿس دهل تي. شيدي شل نہ دُهل ٻُڌن.“

جڏهن ستن اٺن سالن جي هڪ ننڍڙي مزيدار لڳندڙ شيدياڻي، چمڪڻن ڪپڙن ۾ گهري ڪاري رنگ ۾ نمايان ٿيندڙ اڇين جرڪندڙ اکين سان ويجهو آئي، تہ وڏ گهراڻي نُنهن ڪيس پٺن تي هڪ زوردار دڦ وهائيندي چيو:

”توکي مون ننڍڙي کي سنڀالڻ لاءِ آندو اهي نہ. جلدي هن جو فيڊر ناهي ڪٿي اچ ۾ ڪٿي وچي ڪير پيارينس. اُٿي جلدي ڪر، تہ ڏاج تہ ڏسان ڪهڙو آهي؟“

شيدياڻيون ’وڏ گهراڻين‘ ڪان زيورن جا سيٽ وٺي ڪٽي ڪٽي ڏيکارڻ لڳيون:

”امان! هيءُ سيٽ ٽن لکن جو...“

”واهہ... واهہ...!“ ٻي شيدياڻي سُر وٺائيندي چيو.

”امان هي سيٽ اڍائي لکن جو“

”واهہ واهہ...“

”امان، لائون جو هيءُ وڳو خاص ڪراچيءَ جي وڏي دڪان تان ورتل....“

”واهہ واهہ...“

”آئي ويجهو وڃي تہ ڏسان...“ هڪ ٿلهي عورت ٿل ٿل ڪندي اڳتي وڌي،

اهو سڀ ڪجهہ ڏسندي ساحره کي وحشت ٿيڻ لڳي، پر اهي سڀ ڳالهيون تہ امير خاندانن جي شادين مرادين جو لازمي حصو هونديون آهن.

ڏاج ڏيکارڻ ڪان پوءِ خاندان جون نوجوان ڇوڪريون اسٽيج تي پهتيون. ايڪو سائونڊ تي ڌماڪيدار انڊين گانن تي فلمي انداز جي ڊانسن جو چڙ مقابلو شروع ٿي ويو. هر ڇوڪري هڪ اَپسرا ٿي لڳي. جن ’وڏ گهراڻين‘ کي پنهنجن پُٽن لاءِ رشتن جي ڳولها هئي اُهي خاص طور تي ’الرٽ‘ ٿي ڪين ڏسي رهيون هيون.

”اي ادي! (فلاڻي) ڪنهن جي ڌيءَ آهي؟“

”مڱڻو ٿيل تہ نہ اٿس؟“ وغيره غيره.

شيدياڻين جو ٽولو پنهنجن دهلن ۾ ڊفلين کي وڄائيندو ساحره جي پرسان آيو تہ ڪيس ڏسي سڀ واري واري سان سندس هٿ چُمي ڪيڪارڻ لڳيون:

”اي جيجان! تون ڪوهہ اِتي اڪيلي ويٺي آهين؟“ هڪڙي شيدياڻيءَ سوپاريءَ جي ٽڙ کي چاٻو

ڏيندي پڇيو.
”آئون آپي طاهره کي پئي ٻڌايان، پر لڳي ٿو تہ هوءَ ڪنوار سان گڏ ايندي.. توهان جو ڳائڻ وڄائڻ وارو ڪم ڪيئن پيو هلي؟“
”اي ڇڏ ڪٽي جيجان! هاڻي مڙئي پيا هلون... هي ڏس اسٽيج تي ڇا تہ ڊانسون لڳيون پيون آهن، سو هاڻي اسان جي سنڌي نموني کي ڪير ٿو پڇي.“ ٻي شيدياڻي منهن کي موڙو ڏيندي چيو.
”اوهين بہ ڊسڪو ڳايو تہ ماڻهو خوش ٿين نہ؟“ ساحره ائين چوندي پرس مان پئسا ڪڍي کين ڏنا تہ سيني پنهنجا ڪِتيل ڏند ڪڍي ڪڍيا.
پوءِ اُهي پاڻ ۾ ويهي گهور جو ليکو چوکو ڪرڻ لڳيون تہ ساحره وري ماضيءَ جي يادن ۾ گم ٿي ويئي. جڏهن صدف جي سنڌس عمر کان ٻيڻي شخص سان شادي پيئي ٿي تہ طاهره ان جو پاسو ڪنيو، پر جڏهن هن گهر وارن کي ٻڌايو تہ هوءَ هڪ اهڙي ماڻهوءَ سان شادي ڪرڻ ٿي چاهي جيڪو شادي شده هو تہ سڄي گهر ۾ هائيتال مچي ويو. سيني کان گهڻو گوڙ تہ طاهره مچايو:
”توکي هڪ شادي شده شخص مليو آهي، ٻيو ڪو دنيا ۾ ڪونهي رهيو؟“
”صدف جي شادي بہ تہ ٻارن ٻچن وارن سان ٿي تڏهن تہ هن جي پَر ورتي هُيئي.“
”هن جي زال گذاري چڪي هئي. تون ڇا ڪنهن جي ڀهاج وجي ٿيندينءَ؟“
”اسان جي خاندان ۾ ڪيترن ئي رئيسن جون ٻہ ٻہ زالون آهن، اها ڪا نئين ڳالهہ تہ ڪانهي. ٻي ڳالهہ تہ ڀهاج جو تصور ڪٿي ٻئي هنڌ هوندو، مسلمان مردن کي هڪ ئي وقت چئن زالن رکڻ جي اجازت آهي.“
”صدف جنهن سان شادي ڪئي ان جو سوشل اسٽيٽس بہ تہ ڏس! تون جنهن سان شادي ڪرڻ چاهين ٿي، هُن وٽ آهي ئي ڇا سواءِ نوڪرءَ جي؟“

”آئون خود بہ ليڪچرر آهيان ۽ توکي خبر آهي تہ مون زندگيءَ ۾ ڪڏهن بہ قيمتي ڪپڙا ۽ زيور ه پاتا آهن، جڏهن تہ اسين افورڊ ڪري سگهون ٿا پوءِ بہ اهي شيون منهنجي لاءِ اهم ڪونهن، تہ شاديءَ بعد افورڊ نہ ڪري سگهيس تہ مڙئي خير آهي. جيڪڏهن آئون بہ ڪنهن وڏيري سان شادي ڪريان جيڪو شادي شده هجي تہ ٺيڪ. باقي مخالفت ان ڪري جو هُو هڪ پوري ساري فيملي سان تعلق ٿو رکي، پر بُڪيو پيينگيو تہ نہ آهي.“
”سوچي وٺ ساحره. هڪ ٻيءَ عورت جو وجود برداشت ڪري سگهندين؟ عورت ڪڏهن نہ چاهيندي آهي تہ سندس مڙس جي زندگيءَ ۾ شيئر ڪرڻ واري ڪا ٻي عورت هجي.“
”مون کي يقين آهي تہ سجاد اهڙو ماڻهو نہ آهي جيڪو اسان ٻنهي مان ڪنهن سان ناانصافي ڪندو، نہ ئي آئون روايتي زالن وانگر ڪنديس. باقي رهي ڳالهہ عورت جي ٻيءَ عورت کي نہ برداشت ڪرڻ واري، تہ ڇا توهان کي خبر ناهي تہ صدف جو گهر وارو ۽ معاف ڪجو خود توهان جو گهر وارو،

ٻين عورتن ۾ اِنوالو رهيا آهن؟“
”مرد اهڙا هوندا آهن. ٻاهر جيڪو ڪپين وڃي ڪن، وڃي ڊوڙ پائين. پر گھر ۾ تہ ٻيءَ ڪي نٿا آڻين.“
”واهہ آپي واهہ! اسان جي عورتن جي اُن سوچ ئي تہ ٻيڙو ٻوڙيو آهي. ٻي شادي ڪرڻ تي زالون واويلا مچايو ڇڏين، يعني شرعي ڪم لاءِ گھوڙا گھوڙا. باقي گناهہ ڪرڻ جي مڪمل اجازت آهي... ۽ سجاد گناهہ نہ پيو ڪري بلڪہ گناهہ کان بچڻ لاءِ ٻي شادي پيو ڪري.“
طاهره لاجواب ٿي ويئي. نيٺ سيني ڪي سندس فيصلو مڃڻو پيو. شاديءَ بعد واقعي سجاد ٻنهي سان سُٺو پئي نباهيو. سندس پهرين گھر واري بہ تعليم يافتہ هئي ۽ سندس هڪ نياڻي هئي. شروع ۾ تہ هن بہ ٿورو رد عمل ڏيکاريو پر پوءِ ٻيئي پاڻ ۾ ائين ٺهي ويون جو جڻ گھريون ساهيڙيون هجن. ساحره کي پُٽ ڄائو تہ ڪانئس وڌيڪ هوءَ هن کي سنڀاليندي هئي ۽ نياڻي وري ساحره سان گھڻي هِري وئي. هن وقت بہ هوءَ پنهنجو پُٽ هن جي حوالي ڪري آئي هئي. ڪيس پنهنجي فيصلي تي ڪو بہ پڇتاءُ نہ هو بلڪہ هوءَ پنهنجي گھرو زندگيءَ مان خوش ۽ مطمئن هئي.
اوچتو ڪنوار جي اچڻ جو گوڙ شور ٿيو تہ ساحره پنهنجن خيالن مان نڪري آئي ۽ شيديائڻيون دهل ۽ ڊفليون ڪٽي اسٽيج ڏانهن وڌيون تہ جيئن موقعي مهل جا سَهرا ڳائن. ڪنوار قيمتي ڪپڙن ۽ زيورن ۾ آسمان تان لٿل ڪا پري تي لڳي ٿوري دير بعد طاهره وٽس آئي.
”تون اِتي پري ۾ اڪيلي ويٺي آهين ۽ حسب معمول توکي اهي ئي سادا سودا ڪپڙا ۽ زيورن بنا...! جڏهن تہ مون توکي فون ڪري تاڪيد ڪئي هئي تہ مون تان منهنجا ساهرا نہ ڪلائجانءِ... سنا ڪپڙا پائي اچجانءِ ۽ جيڪڏهن توٽ زيور نہ هئا تہ مون کان...“
”بس آپي بس“، ساحره جو موڊ آف ٿي ويو. ”پر مونکي انهن شين سان هميشہ کان دلچسپي نہ رهي آهي. آئون تہ اهڙي ئي رهنديس. جي شاديءَ ۾ نہ اچان ها تڏهن بہ توهان ناراض ٿيو ها. باقي جيڪڏهن منهنجي ڪري توهان جي ساهرن ۾ توهان جي بي عزتي ٿي ٿئي تہ يا تہ توهان اڳتي سڏجو نہ، يا تہ وري آئون نہ ايندس.“
”چري آهين ڇا؟“ ظاهره پيار ڪندي چيس:
”اهي تہ خانداني روايتون آهن، ڇا ڪجي؟ چڱو تون منهنجي ڳالهين کي دل ۾ نہ ڪجانءِ. الله توکي پنهنجي گھر ۾ آباد رکي“ ائين چوندي هوءَ اسٽيج ڏانهن هلي ويئي. هاڻي رات گھڻي ٿي چڪي هئي. مايون ۽ ٻار ٻُک ۾ ٻاهہ ٿي رهيا هئا. ٻارن تہ ٻک ۽ ننڊ سبب مائرن جو ويهڻ ۽ ڳالهائڻ جنجال ڪري ڇڏيو هو. خبر پيئي تہ مردن ۾ ماني لڳي چڪي هئي.
هن سوچيو: ”هن سماج جو سرشتو ڪڏهن بدلبو؟ ٻار هميشہ مائرن سان گڏ هوندا آهن، ۽ ننڊ ۽ ٻُک جا ڪچا هوندا آهن، ان ڪري اصولن تہ ماني اڳ ۾ عورتن ۾ هلڻ گھرجي يا، پوءِ هڪ ئي وقت ٻنهي پاسي شروع ٿيڻ گھرجي. پر ائين ٿيندو نہ آهي، ۽ پوءِ اڪثر مرد ماني کائڻ بعد زالن تي تڪڙو

نڪرڻ لاءِ ڏمريا آھن. اُھي ويچاريون تڪڙ ۾ ماني ڪاڍي نہ ڪاڍي ڪري نڪرنديون آھن ۽ پوءِ ٻيا تہ ھليا ويندا آھن. پر خاندان وارن ڪي رسمن لاءِ آڌيءَ رات تائين ويھڻو ھوندو اھي. جيڪي جاب ڪرڻ واريون ھونديون آھن. اُھي پريشان، تہ صبح جو سوير ٻار ڪيئن اُٿندا ۽ ھو ڪيئن جاب تي وينديون. آخر ڪڏھن اھي فضول روايتون ختم ٿينديون؟“

”گھوٽ اچي ويو...“ گوڙ ٻڌي ھن اسٽيج ڏانھن ڏٺو تہ ڪيس ڄڻ ڪرنٽ لڳو. ڪنوار جيڪڏھن Positive فوٽو ھئي تہ موصوف Negative سندس ماءُ ۽ ڀيڻيون مٿس نوٽ گھوري رھيون ھيون. پوءِ فوٽو ۽ مووي سيشن ھليو. ان دوران ماني لڳي، تہ نہ ڪنھن کي ڪنوار ياد رھي ۽ نہ گھوٽ. سڀ مانيءَ تي ائين اچي ڪِريا ڄڻ آخري ماني ھجين زندگيءَ جي.

“Oh teacher, you are looking gorgeous” اوچتو سندس اسٽوڊنٽ ڇوڪرين ڪيس ڏسي گھيري ورتو.

”ٿينڪس!“ ھن مُرڪي چيو ۽ سوچيو تہ اندر جو حسن تہ اھڙا ئي ماڻھو ڏسي سگھن ٿا. ھوءَ قميتي ڪپڙن ۽ زيورن بنا بہ پنھنجن شاگردن لاءِ خوبصورت ھئي.

ماني ڪائي ھرڪو روانو ٿيڻ لڳو تہ ھوءَ بہ طاھره ڪان موڪلائي لان جي دروازي ڪان نڪتي ۽ سجاد کي موبائل تي ميسيج ڪري ٻڌايائين تہ ھوءَ نڪري پيئي تہ جيئن ھو بہ مرداڻي شامياني مان نڪري اچي. اجان ھن دروازو پار ئي مس ڪيو تہ اوچتو اونداھہ ٿي ويئي. ھن سمجھيو تہ لائيٽ ھلي ويئي آھي، پر پوءِ خبر پيئي تہ فقط دروازي ڪان وڏي روڊ تائين جي فاصلي وارا بلب شايد ڪنھن تار وغيره نڪرڻ سبب اُجھامي ويا آھن. ساحره ٿورو گھبرائجي ويئي، ڇو تہ اڄ وچ نہ ھئڻ برابر ھئي. ھن کي سجاد نظر نہ آيو تہ اڳتي وڌندي ھوءَ اھڙيءَ جاءِ تي پھتي جتي مرداڻي پاسي واري قنات ۾ ٿوري وِڇي ھئي. ھوءَ پاڻ تہ اونداھہ ۾ ھئي سو ڪيس اُن وٿيءَ مان ڪير ڏسي نہ پئي سگھيو. ھن سجاد کي ڏسڻ لاءِ وٿيءَ مان جھاتي پاتي تہ اندريون منظر ڏسي پنڊ پھڻ ٿي ويئي. تيز روشنين جي شيڊ ۾ ڪجھہ ڊانسرز ڊانس ڪري رھيون ھيون، ۽ مرد مٿن سَون سَون جا نوٽ گھوري رھيا ھئا ۽ پوءِ صدف جي گھرواري ھڪ ڊانسر کي پنج سَو جو نوٽ ڏيکاري ويجھو سڏيو. ھوءَ نوٽ وٺڻ لاءِ سندس ويجھو ويئي تہ ھن جھٽ ۾ ڪيس ھٿ ڪان پڪڙي پاڻ ڏانھن ڇڪيو... سڀ مرد ٺھڪ ڏيڻ لڳا. ڊانسر بہ کِلندي پئسا وٺي آئي ۽ پوءِ تہ ڄڻ اھو سلسلو شروع ٿي ويو.

ساحره کي اھو منظر ڏسي بي انتھا وحشت ۽ ڪراھت محسوس ٿي. ھن ٿورو اڳتي وڌي موبائل تي ڪال ڪري ذري گھٽ روئڻھارڪي لھجي ۾ چيو:

”سجاد، سجاد، تون ڪٿي آھين؟ مونکي ھن اونداھي ڪان ڊپ پيو ٿئي.“

”آئون تہ تنھنجو ميسيج ملندي ئي روڊ تي بيٺل آھيان. تون ڏسڻ ۾ نہ پئي اچين. چڱو ترس، آئون اڳتي اچان ٿو.“

ھوءَ گھرا گھرا ساھہ کڻڻ لڳي. اوچتو موبائل جي روشنيءَ ۾ سجاد وٽس پھتو ۽ سندس ھٿ

پڪڙي ڪيس اونداه مان ڪڍي روشنيءَ ۾ وٺي آيو تہ سندس پيلو پئجي ويل چهرو ۽ اکين ۾ آلاڻ ڏسي پريشان ٿي پڇيائين: ”ڇا ٿيو ساحره!“

”اونداه کان ڊڄي ويس.“

”ڇو.. هاڻي تہ ٺيڪ آهين نہ؟“

”ها!... تو جو اونداهيءَ مان ڇڪي روشنيءَ ۾ آندو آهي.“

”اوهہ! اونداهہ کان ڊڄي وئينءَ.“

هن مضبوطيءَ سان سندس هٿ پڪڙي روڊ ڏانهن وڌندي چيو: ”آئون توکي ڪڏهن بہ اونداه ۾ بيهڻ ۽ خوفزده ٿيڻ نہ ڏيندس، توکي هميشہ روشنيءَ ڏانهن وٺي ايندس. اهو منهنجو تو سان واعدو آهي.“

# حادثو

اهو موڪل جو ڏينهن هو. اجا ڏينهن جي شروعات مَس ٿي هئي تہ معمول مطابق ٻنهي جي وچ ۾ تڪرار شروع ٿي ويو.

”مون کي اج ناشتي ۾ اڦراٽو کپي.“ ارشد چيو: ”منهنجي خيال ۾ سلائس تي مکڻ لڳائي کاءُ يا وري جيم. ايترو ڳرو ناشتو نہ ڪرڻ کپي ۽ اهو بہ تہ ڏس تہ مون کي اڦراٽو ناهڻ لاءِ ڪيڏي محنت ڪرڻي پوندي آهي چو تہ مون کي چڱي طرح اهو ڪم ڪرڻ ئي نہ ايندو آهي.“ نازيہ جواب ڏنو تہ ارشد وري چڙي پيو:

”تهنجي لاءِ تہ هر ننڍو ڪم بہ مشڪل هوندو آهي.“

”سڄو گهر تہ سنڀاليندي آهيان. اجان ڇا ڪريان“ سنئون سڌو چئو تہ توکي جهيڙي ڪرڻ جوکو بهانو گهرجي.“

”چڱو بابا! ختم ڪر قصو مون کي زبان کولڻ ئي نہ گهرجي ها.“

نازيہ کي گهرجي ها تہ ڳالهہ اتي ئي ختم ڪري ڇڏي ها پر هن ائين ڪرڻ بدران وري ڊيگهہ ڪندي چيو:

”توکي بہ مون وانگر ننڍڙي نوميءَ لاءِ راتين جو جاڳڻو پوي ها تہ خبر پوئي ها. ڪو بہ مرد ان ڳالهہ کي سمجهي نٿو سگهي، تہ ڇهن مهينن جي ٻار سان سڄو ڏينهن ٻن ڪمرن جي سوڙهي فليٽ ۾ جان کپائڻ ڪيڏو نہ ڏکيو ڪم آهي.“

هن ان تي بہ بس نہ ڪندي وري چيو:

”جڏهن کان نومي پيدا ٿيو آهي تہ تو مون کي ڪو ڊنگ جو ڪپڙن جو جوڙو بہ نہ وٺي ڏنو آهي جيڪو پائي آئون ڪنهن پارٽي يا شاديءَ ۾ شريڪ ٿي سگهان. پنهنجي ساهيڙين جي خوبصورت لباسن کي ڏسي مون کي پنهنجن ڪپڙن تي شرمندگي محسوس ٿيندي آهي.“

اهو سڀڪجهہ ٻڌي ارشد جي منهن جو پنو صفا لهي ويو ۽ پوءِ ڪاوڙ ۾ ايندي چيائين: ”توکي شاديءَ کان اڳ خبر هئي تہ منهنجي پگهار ڪيتري آهي ۽ هن فليٽ بابت بہ. پوءِ ڇو تون ان محل هن سوڙهي فليٽ ۾ اچڻ لاءِ تيار ٿي وئي هئين؟. توکي شادي ڪرڻ لاءِ نہ منٿ ڪئي هئم، نہ ئي هٿ ٻڌا هئم تہ مون سان شادي ڪر.“

هو ڪاوڙمان ڪمري کان ٻاهر هليو ويو. نازيہ جي دل ڀرجي آئي ۽ هوءَ سوچڻ لڳي:

”وقت بہ ڪيترو نہ جلدي بدلجي ويندو اهي. اڄ ڪان صرف ڪجهہ مهينا اڳ هر آچر جي ڏينهن جي شروعات پيار محبت جي ڳالهين سان ٿيندي هئي. هوءَ نيرن لاءِ ٽوش يا بيدن جو آمليٽ رکندي هئي يا اها شيءِ جيڪا ارشد کي پسند ايندي هئي.“ پر هاڻي تہ هر ڏينهن بوريت سان شروع ٿيندو هو ۽ هر شام بيزاريءَ ۾ ختم ٿيندي هئي. هو ننڍڙين ننڍڙين ڳالهين تي جهيڙو ڪندا هئا. نازيہ کي احساس ٿيڻ لڳو تہ انهن جهيڙن لاءِ گهڻو ڪري غلطي سندس هوندي هئي, ڪيس اهو احساس تڪليف پهچائڻ لڳو تہ هوءَ اٿي ڪچن ۾ آئي ۽ نہ فقط اڦراٽو پچاياٽين پر بيو بہ نيرن جو اهتمام ڪياٽين. ايستائين ارشد آيو ۽ ٽيبل تي رکيل نيرن کي ڏسي حيران ٿي نازيہ کي ڏسڻ لڳو تہ هن پيار سان چيو:

”الائجي اڄڪلهہ مون کي ڇا ٿي ويو آهي جو ايڏو جلد مون کي ڪاوڙ اچي ٿي وڃي.“

ڪجهہ دير ۾ ماحول بدلجي ويو ۽ ٻئي ائين کلي کلي ڳالهيون ڪرڻ لڳا ڄڻ ٿوري دير اڳ هنن ۾ تلخ ڪلامي ٿي ئي نہ هئي. تڏهن ارشد نازيہ کي ياد ڏياريو تہ اڄ کين ڳوٺ وڃڻو هو سندس ماءُ سان ملڻ. نازيہ کيس جواب نہ ڏنو ۽ جڏهن هن دل پري ناشتو ڪري ورتو تڏهن نازيہ کيس ٻڌايو تہ اڄ هوءَ ساڻس گڏجي ڳوٺ وڃي هن جي ماءُ سان نہ ملي سگهندي, تہ ارشد چيو.

”پر هوءَ اسان جو انتظار ڪندي هوندي.“

”ضروري آهي ڇا تہ هر آچر جو ڏينهن اسين وٽس گذاريون ۽ نہ وسار تہ اڄ تو مون کي لنچ ڪانپوءِ آئوٽنگ ڪرائڻ ۽ رات جو هوٽل ۾ ڊنر ڪرائڻ جو واعدو ڪيو هو.“

”اڄ آئوٽنگ کي ڇڏ ۽ ڊنر جي ٽائيم تائين تہ اسين واپس اچي ويندا سين آخر توکي ٿيءُ ڇا پيو ٿيندو وڃي؟ تون هاڻي منهنجي ڪا بہ ڳالهہ ڇو نہ سمجهندي آهين, امان ۽ بابا کي نوميءَ سان ڪيڏو نہ پيار آهي, هو سڄي هفتي ۾ فقط آچر ڏينهن ئي تہ کيس ڏسندا آهن.“

”تہ پوءِ تون نوميءَ کي وٺي هليو وڃ, آئون نہ وينديس.“

”پر امان تو سان بہ تہ ملڻ چاهيندي آهي.“ تڏهن نازيہ ڪاوڙمان چيو:

”آئون وينديس تہ هوءَ رات ڪان اڳ اچڻ نہ ڏيندي, بهتر آهي تہ تون نوميءَ کي پاڻ سان وٺي وڃ, ائين شايد نوميءَ جي روئڻ جي خيال ڪان هوءَ توکي جلد ڇڏي ڏي.“

ارشد بہ ڪاوڙمان چيو:

”تون ايڏي ضدي ڪڏهن ڪان ٿي وئي آهين؟ توکي منهنجي ماءُ جي خواهش جو ٿورو بہ احترام ڪونهي, توکي وڃڻو ئي ڪو نہ هو توکي صرف بهانا کپن“ نازيہ جي اکين ۾ لڙڪ ڀرجي آيا هن پنهنجن سڏڪن کي دٻائيندي چيو:

”مون توکي ڪڏهن بہ ماءُ وٽ وڃڻ ڪان جهليو آهي؟ تون وڃ شوق سان وڃ, منهنجي جان ڇڏ.“

”آئون ضرور وينديس ۽ جي امان سڄو ڏينهن روڪيو تہ ضرور ترسندس ۽ پوءِ رات جو دير سان

ايندس، گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڏينهن تہ سک سان گذاريندس.“

هن نوميءَ کي ڪڇ تي کنيو ۽ ڪاوڙ ۾ تکو تکو فليٽ کان ٻاهر نڪري ويو. نازيہ لڙڪ ڀرين اکين سان کيس ڏسندي رهجي وئي.

اهڙي طرح وري سندن وچ ۾ جهيڙو ٿي پيو. هن دفعي بہ شروعات نازيہ طرفان ئي ٿي هئي، در حقيقت کيس ارشد سان بي انتها پيار هو ان ڪري ئي هر جهيڙي کان پوءِ پنهنجي غلطيءَ جي احساس سبب کيس ئي تڪليف پهچندي هئي، کيس خبر بہ هئي تہ هو پنهنجن مائٽن جو اڪيلو پٽ ۽ هڪ ئي اولاد هو. ماءُ جي ساڻس بي انتها محبت هئي. ان لاءِ هر آچر تي هو وٽس ويندا هئا، هو تہ کين بہ پاڻ سان گڏ رهڻ لاءِ زور ڀريندا هئا، پر هو پراڻي سوچ جا ماڻهو هئا سو پنهنجا اباڻا ڪک ڇڏڻ لاءِ تيار نہ هئا. ڳوٺ ۾ ارشد جو پيءُ پنهنجي ڀاءُ ۽ ڀائٽن سان گڏ رهندو هو. جڏهن هو ڪجهہ ڏينهن وٽن ايندا هئا، کين ننڍڙي فليٽ ۽ شهر جي ماحول کان وحشت ٿيندي هئي. ان ڪري ارشد نازيہ سان گڏ هر موڪل واري ڏينهن تي وٽن ويندو هو. پر هاڻي نازيہ لاءِ هر هفتي اتي وڃڻ عذاب بنجندو پئي ويو. کيس محسوس ٿيو تہ محبت جي شادي ڪرڻ بعد فقط ڪجهہ مهينن ۾ هو سندس مڙس کان وڌيڪ پنهنجي ماءُ پيءُ جو پٽ بنجي ويو هو. سندس ماءُ تہ اجان بہ ننڍڙن ٻارن جيان سندس انگل ڪٽندي هئي، هوءَ تہ اجان بہ کيس ڏهن سالن جي ٻار جيان سمجهندي هئي، اها ڳالهہ هڪ ڀيري هن ارشد سان ڪئي تہ هو ڪاوڙ ۾ صفا و ڦلي پيو ۽ کيس مهڻا ڏيڻ لڳو جيئن تہ ازيہ جا مائٽ سندن فليٽ جي ويجها ئي رهندا هئا ان ڪري هوءَ تہ جڏهن بہ چاهيندي هئي تہ هنن سان ملي ايندي هئي پر کيس هفتي ۾ هڪ ڏينهن بہ ڳوٺ ۾ وڃڻ ناگوار ٿي لڳو.

نزيہ کي هن وقت سڀ ڪجهہ ياد اچڻ لڳو. هنن ٻنهي جا گهروارا سندن ننڍي عمر ۾ شادي ڪرڻ جي خلاف هئا. نازيہ جي ماءُ پيءُ کي ارشد سنو لڳو ۽ ارشد جي ماءُ کي نازيہ پسند آئي پر هنن فقط اهو ٿي چاهيو تہ ارشد پهرين پنهنجن پيرن تي بيهي ۽ سٺي نوڪري حاصل ڪري، خاندان جي ذميواري کڻڻ جي قابل ٿئي، تيستائين هر شادي نہ ڪري، پر هو ٻئي فيصلو ڪري چڪا هئا جو تہ کين هڪٻئي سان ملندي ٽي سال ٿي چڪا هئا. نازيہ ڪاليج مَس پاس ڪيو هو ۽ ارشد يونيورسٽيءَ ۾ آخري سال جو شاگرد هو. کين اها بہ خبر هئي تہ شروعات ۾ کين گهر جو خرچ هلائڻ ۾ ڏکيائي ٿيندي پر هو هڪ ٻئي جي محبت ۾ ايڏا گم هئا، جو ان وقت پئسي جي ڪميءَ جي حقيقت سندن اڳيان ڪا حيثيت نہ پئي رکي، پر شاديءَ بعد اها حقيقت جلد ئي سندن سامهون آئي. خاص طور تي نوميءَ جي پيدائش بعد. پر پوءِ بہ ٻئي ماءُ پيءُ بڻجڻ تي بي انتها خوش هئا.

خاص طور نازيہ جي دل تہ مامتا جي جذبي سان اٿلي پئي هئي. شاديءَ بعد ٻنهي نوڪري هٿ ڪئي، نازيہ هڪ پرائيويٽ اسڪول ۾ نوڪري ڪرڻ شروع ڪئي هئي پر نوميءَ جي پيدائش بعد کيس اها نوڪري ڇڏڻي پئي، جنهن سبب هڪ تہ سندن آمدني گهٽجي وئي ۽ ٻيو تہ هاڻي هوءَ سڄو ڏينهن نوميءَ جو ۽ گهر جو ڪم ڪار ڪندو ئي نہ هو ان ڪري هوءَ چيڙاڪ ٿي پئي هئي. ان لاءِ ذري

ذري ڳالهہ تان هوءَ ڪاوڙ ۾ اچي ويندي هئي. پر وقت گذرڻ سان هنن جي وچ ۾ اختلاف وڌي رهيا هئا. خاص ڪري ان ڏينهن نازيہ جو موڊ سخت خراب ٿي ويندو هو جنهن ڏينهن سندس ساهيڙيون وٽانئس گهمي ڦري ويندڀون هيون. هوءَ تہ پنهنجي مصروفيتن سبب وٽن وڃي نہ سگهندي هئي پر جڏهن اهي ڪيس ٻاهرين دنيا جا ايڏا تہ رنگين داستان ٻڌائينديون هيون جو نازيہ کي سندن زندگيءَ تي رشڪ ايندو هو. هوءَ سندس مهانگا ۽ نئين نئين فيشن جا ڪپڙا ڏسي پاڻ کي وڏيڪ گهٽ محسوس ڪندي هئي. جڏهن هوءَ اهو سڀ ڪجهہ ارشد کي ٻڌائيندي هئي تہ هو کانئس نرميءَ سان پڇندو هو:

”ڇا توکي واقعي افسوس ٿو ٿئي تہ جيڪو ڪجهہ تنهنجي ساهيڙين وٽ آهي، اهو تو وٽ ناهي.“

تڏهن هوءَ شرمسار ٿي ويندي هئي ۽ چوندي هئي:

”مون وٽ تون ۽ نومي آهيو مون لاءِ اهو ئي ڪافي آهي.“

”ڏس نازيہ! مون کي خود احساس آهي تہ پئسي جي اسان وٽ گهٽتائي آهي. تون جوان آهين، يقيناً تنهنجي دل ۾ سدا سنا ڪپڙا ۽ زيور پائڻ جي خواهش هوندي، مون کي بہ تہ پنهنجي پسند جون شيون خريد ڪرڻ جو شوق آهي. مثال طور جيڪڏهن آئون اڪيلو هجان ها تہ سيڪنڊ هئنڊ ڪار جو خرچ ڪٽڻ بدران هڪ نئين موٽر سائيڪل خريد ڪيان ها. ڇو تہ آئون موٽر سائيڪل جو شوقين آهيان، پر توکي حاصل ڪرڻ منهنجي لاءِ سڄي دنيا جون موٽرسائيڪلون خريد ڪرڻ کان وڏيڪ خوشيءَ جي ڳالهہ آهي. اسان هڪٻئي کي چونديو ۽ هڪٻئي جو احساس رکيو جڏهن تہ تنهنجون ساهيڙيون يا منهنجا دوست جيڪي شادي شده نہ آهن، فقط پنهنجي لاءِ سوچين ٿا ۽ پنهنجي خواهشن کي پورو ڪن ٿا.“

نازيہ جي دل ٺڙي پئي ۽ کيس پاڻ تي ناز ٿيڻ لڳو تہ هو ڪيڏو نہ سمجهو ۽ مخلص ماڻهو آهي. هن پنهنجي دل مان اهڙي تمنا ڪڍي ڦٽي ڪئي.

سندس ساهيڙيون اڳئين هفتي ڪوهہ مري گهمڻ پئي ويون. هن پنهنجا پراڻا ڪپڙا ڪڍي ڪٽ وڍ ڪري کين صحيح ڪري نئين فيشن مطابق پائڻ جي قابل بنايو. ماءُ جي گهران پراڻا پردا کڻي آئي ۽ ڏوئي فليٽ جي درن ۽ درين تي لڳايا هوءَ تہ آچر تي ڳوٺ ۾ سس سهري، وٽ وڃڻ لاءِ بہ تيار هئي پر اوچتو وري موڊ بگڙي ويو هيس جنهن سبب هن وڃڻ کان انڪار ڪيو ۽ ارشد ڪاوڙ ۾ نوميءَ کي پاڻ سان کڻي روانو ٿي ويو. هاڻي هوءَ پڇتائي رهي هئي تہ هن هروپرو کڻي ايڏي ڊيگهہ ڪئي پر هاڻي ڇا پئي ٿي سگهيو هوءَ مشيني انداز ۾ ٿانوَن ڌوئڻ ۽ صفائي ڪرڻ جي ڪم ڪرڻ کان پوءِ سوچڻ لڳي تہ ارشد جي موٽڻ کان اڳ تيار ٿي ويهي ۽ پوءِ هوءَ هن سان جهيڙو نہ ڪري تہ جيئن هو بہ ناراضگي ختم ڪري.

هوءَ اجان ڪپڙا مَس مٽائي آئي تہ فون جي گهنٽي وڳي. هن فون کنئي، ٻئي پاسي کان سندس پيءُ ڳالهائي رهيو هو جنهن ڪجهہ عجيب لهجي ۾ کيس چيو تہ هو ۽ سندس ماءُ کيس وٺڻ لاءِ اچي

رهيا آهن، هوءَ تيار ٿي ويهي.

”خير تہ آهي بابا...؟“ هن پريشان ٿيندي پڇيو. ”هڪ حادثو ٿي ويو آهي، ارشد هن وقت اسپتال ۾ آهي، هن اسان کي چيو آهي تہ توکي پاڻ سان گڏ وٺي اسپتال پهچون.“

”ڇا ٿيو آهي...؟ هن خوف مان پڇيو. سندس پيءُ وڌيڪ ڪجهہ نہ ٻڌايو ۽ فقط اهو چيو تہ هو ذهن منٿن اندر ڪيس وٺڻ ايندا، ان لاءِ هوءَ تيار هجي. هوءَ سمجهي وئي تہ يقيناً ڪا اهڙي ئي ڳالهہ هئي جو هن فون تي نہ پئي ٻڌائڻ چاهي. جيڪڏهن ڪا معمولي ڳالهہ هجي ها تہ ارشد ڪيس فون ڪري ها. هوءَ ڏاڪڻ تان لهي هيٺ آئي تہ ٿوري دير ۾ سندس ماءُ پيءُ ڪار ۾ آيا. جيئن ئي هوءَ ڪار ۾ ويٺي تہ سندس ماءُ سندس هٿ پنهنجي هٿن ۾ پڪڙيندي چيو:

”ارشد هڪ تيز رفتار ٽرڪ کان بچڻ لاءِ زور سان بريڪ هنئي... ۽ ننڍڙي نوميءَ جو مٿو زور سان ڪار جي دَر سان لڳو ۽ پوءِ هو سيٽ تان ڪري پيو...“

هن اهو ٻڌي پنهنجو منهن ٻئي پاسي ڪري ڇڏيو تہ جيئن نازيہ سندس اکين مان ڪرندڙ لڙڪ نہ ڏسي سگهي. نازيہ جي دل زور زور سان ڌڙڪڻ لڳي ۽ ذهن صفا مائوف ٿي ويس. گاڏي اسپتال پهتي ۽ جڏهن هو ايمرجنسي وارڊ ۾ پهتا تہ نازيہ جي نظر ارشد تي پئي ۽ بي اختيار سندس اکين مان ڳوڙها وهڻ لڳا. ارشد سدنس ويجهو اچي سندس هٿ پنهنجن هٿن ۾ پڪڙيا. سندس اکين ۾ بہ پاڻي هو.

”دماغ جو آپريشن ڪرڻ واري ماهر سرجن کي سڏايو ويو آهي.“ هن چيو.

”منهنجو ٻچڙو زنده تہ آهي نہ؟“ نازيہ ديوانن وانگر پڇيو.

”صبح جو جيڪر آئون ايڏي ڪاوڙ ۽ ذهني انتشار ۾ نہ هجان ها تہ...“ هو ذري گهٽ روئي پيو ۽ وري چوڻ لڳو:

”آئون ڪاوڙ ۾ تمام تيز اسپيڊ ۾ ڪار ڊرائيور ڪري رهيو هوس. جڏهن ڪورٽ روڊ جي چوراهي تي پهتس تہ ٽريفڪ قانونن جي هدايت مطابق مون کي ڪار روڪي جائزو وٺي اڳتي وڌڻ گهرجي ها پر مون ڪار جي اسپيڊ ٿوري گهٽ ڪري موڙ ڏنيو تہ ٻئي پاسي کان تيز رفتار ٽرڪ کي ايندي ڏسي مون يڪدم بريڪ دٻايو تہ شديد جهٽڪي سبب نومي زور سان مٿي ٿيو ۽ سندس مٿو شيشي سان ٽڪرايو اف خدايا! سچو منهنجو ڏوهہ آهي...“

نازيہ جي اندر عجيب جذباتي ڪشمڪش شروع ٿي وئي. هڪ پاسي سندس دل ۾ ڌڪار جي لهر پيدا ٿي تہ ٻئي پاسي سندس صبح واري رويي تي خيال ويس تہ آخر هو بہ پيءُ آهي، ڪيس تسلي ڏيڻ گهرجي. هو سڀ اتي رکيل سيٽن تي ويهي رهيا.

اوچتو ارشد چيو:

”امان کي بہ اطلاع ڏيڻ گهربو هو پر... هوءَ تہ پريشان هوندي تہ واعدي موجب آئون وٽس ڇو نہ پهتو آهيان. مناسب ٿيندو تہ آئون خود وڃي کيس اطلاع ڏيان.“

”ائين آئون هتي اڪيلي مران؟“ نازيہ ڪاوڙ ۾ چيو. نازيہ جي پيءُ ارشد کي سمجهايو تہ هو هن

وقت ذهين طور تي ڪار کي ڳوٺ تائين ڊرائيوَ ڪري وڃن جي حالت ۾ نہ هو ۽ هوئن بہ سندس اسپتال ۾ هجڻ ضروري هو. ان ڪري هو خود وڃي اطلاع ڏئي ايندو. نازيہ جي ماءُ بہ هن سان گڏ هلي وئي. هاڻي هو ٻئي اتي اڪيلا وينا هئا. ڪين ائين لڳو تہ وقت سيڪنڊن، منٽن يا ڪلاڪن ۾ نہ پر صدين ۾ ٿي گذريو. ڪجھہ دير بعد سرجن ايمرجنسي روم کان ٻاهر آيو. سندس چهري تي نظر وجھندي ئي ٻئي ڄڻا سمجهي ويا تہ نوميءَ جي حالت ڪيتري خطرناڪ هئي.

”ڇا... ڇا... هو ختم ٿي ويو اهي ڊاڪٽر؟“ نازيہ ڏڪندڙ آواز ۾ پڇيو تہ ڊاڪٽر هن ڏانهن همدرديءَ سان ڏٺو ۽ چيو:

”سندس حالت تمام نازڪ آهي مسز ارشد. آئون توهان کي ٻار تي فقط هڪ نظر ڏسڻ جي اجازت ڏئي ٿو سگهان پر نہ تہ توهان هن کي هٿ لائينديون ۽ نہ ئي ڪڇ ۾ کڻڻ جي ڪوشش ڪنديون. ڌَڪَ جي شدت جو اسين اڃان صحيح اندازو نہ ڪري سگهيا آهيون پر...“

”پر ڇا...؟“ ارشد بيتابيءَ سان پڇيو.

”اسان کي شڪ آهي تہ سندس دماغ کي نقصان پهتو آهي، پر ڪيترو؟ ان بابت اڃان ڪجھہ چئي نٿو سگھجي.“

هو ٻئي ڊاڪٽر سان گڏ هلندا ان ڪمري ۾ آيا جتي هڪ ڊگهي ٽيبل تي نومي بيهوش پيل هو.

نازيہ هن کي کڻڻ لاءِ هڪدم پنهنجون ٻانهون وڌايون پر جل دئي ٻارڻ کي سنڀالي ورتو. نوميءَ جي نڪ ۾ هڪ نڪلي لڳل هئي. هن جو رنگ ڏسي نازيہ جو هانءُ ڦاٽڻ لڳو. سندس ڳاڙهو ۽ سفيد چهرو هن وقت ڪنهن لاش جيان ڦڪو ٿي چڪو هو. سندس ننڍڙا ننڍڙا هٿ ۽ پير جيڪي ننڊ جي حالت ۾ حرڪت ڪندا رهندا هئا، هينئر انهن ۾ زندگيءَ جي حرارت ئي ڄڻ باقي نہ هئي.

ان ڏينهن اهو وقت گذارڻ نازيہ ۽ ارشد لاءِ هڪ عذاب هو. ٻنهي جا ماءُ پيءُ بہ اسپتال پهچي ويا. سيئي انتظار گاھہ ۾ ڄڻ پٿر جا بت بنيا وينا هئا. نازيہ پل پل رب کي ٻاڏائي رهي هئي تہ سندس نومي کيس موٽي ملي، شما جو ڪين نوميءَ کي ٻيهر ڏسڻ جي اجازت ملي تہ هنن ڏٺو تہ معصوم ٻار جي حالت اڳ کان بہ ابتر هئي. ڪجھہ دير بعد انچارج ڊاڪٽر ڪين پنهنجي دفتر ۾ سڏيو جتي دماغ جو ماهر سرجن بہ موجود هو. ڊاڪٽر ڪين چيو:

”مون کي افسوس اهي تہ آئون توهان کي ڪا چڱي خبر نٿو ٻڌائي سگهان. هن وقت توهان جو ٻار فقط مشين وسيلي زنده آهي. هن جي دل صحيح ڪم پئي ڪري، پر دماغ ۾ زندگيءَ جو ڪو بہ وجود ڪونهي، مون کي انديشو آهي تہ هو ٻن ٽن ڪلاڪن کان وڌيڪ زنده رهي نہ سگهندو.“

نازيہ ٻنهي هٿن ۾ منهن لڪائي روئڻ لڳي ۽ ارشد بہ مشڪل سان ضبط ڪري رهيو هو. تڏهن ڊاڪٽر وري چيو:

”منهنجا بہ ننڍڙا ننڍڙا ٻار آهن ۽ آئون توهان جي غم جو اندازو ڪري ٿو سگهان پر ڇا ڪجي هي سڀ قسمت جا کيل هوندا آهن. البت توهان چاهيو تہ نوميءَ جي وجود کي ٻارڻ لاءِ يادگار بنائي

سگهو ٿا. ائين جو هو ڪنهن جي ڪم اچي سگهي.“

”توهان جو مطلب اهو تہ ڪونهي تہ توهان کي ڪنهن لاءِ سندس دل جي ضرورت آهي ڊاڪٽر صاحب؟“ ارشد چِڙڪي پڇيو.

”تہ سندس دل نہ پر سندس اکيون هڪ ڀار جي اکين کي روشني ڏئي سگهن ٿيون.“ ڊاڪٽر ڪجهہ هٻڪيو ءِ پوءِ چيائين:

”هن وقت جڏهن توهان جو ٻار موت جي ويجهو ٿيندو پيو وڃي، مون کي خبر آهي تہ توهان کي اها ڳالهہ ٻڌڻ ۾ تڪليف ٿيندي، پر هڪ ننڍڙي ٻارڙي آپريشن لاءِ بلڪل تيار آهي جيڪڏهن توهان جي ٻار جون اکيون هن کي عطيو ٿي ملن.“

نازيہ هڪدم جذباتي ٿيندي چيو: ”مون کي سمجهہ ۾ نٿو اچي ڊاڪٽر تہ توهان منهنجي ٻار لاءِ اهڙي طرح پيا ڳالهايو ڄڻ هو مري چڪو هجي؟ نہ... توهان ائين نٿا ڪري سگهو ۽ آئون توهان کي اهو ظلم ڪرڻ جي اجازت هر گز نہ ڏينديس، ڪڏهن نہ هر گز نہ.“

”منهنجي ڳالهہ غور سان ٻڌو مسز ارشد!“ ڊاڪٽر هڪ هڪ لفظ تي زور ڏيندي چيو:

”جيڪڏهن نوميءَ جي زنده بچڻ جو ذرو بہ امڪان هجي ها تہ آئون توهان کي هرگز اهو نہ چوان ها. حقيقت اها آهي تہ هن وقت بہ هي فطري طور زنده ڪونهي، جيڪڏهن اسين مشينون هٽائي ڇڏيون تہ هو ختم ٿي ويندو. هن بيهوش هجڻ جي باوجود موت سان ڀرپور مقابلو ڪيو آهي، اها هڪ اهڙي ڳالهہ آهي جنهن تي توهان فخر ڪري ٿيون سگهو. آئون جنهن ٻارڙيءَ کي نوميءَ جون اکيون لڳائڻ ٿو چاهيان، ان جون اکيون اندران تہ بلڪل صحيح آهن پر سندس ڪورينا يعني اک جو پهريون پردو شفاف ڪونهي. جيڪڏهن کيس نوميءَ جو ڪورينا ملي وڃي تہ هوءَ يقيناً ڏسڻ جي قابل بنجي ويندي سوچيو جيڪڏهن توهان جو ٻار اکين کان محروم هجي ها تہ ڇا توهان کيس اکين جي روشني ڏيڻ لاءِ بي تاب نہ هجو ها“

”پر نومي اڃان زنده آهي.“ نازيہ وحشتسان چيو تڏهن ارشد ڳالهايو.

”ڳالهہ سمجهڻ جي ڪوشش ڪر نازيہ! منهنجي خيال موجب ڊاڪٽر صاحب هي چوڻ ٿو چاهي تہ هو ان وقت سندس اکين جو ڪورنيا ڪڍندا جڏهن... جڏهن هو ختم ٿي ويندو.“

نازيہ هن ڏانهن حيرت مان ڏسندي چيو:

”ڇا هاڻي وتڪي بہ يقين ٿي ويو آهي تہ نومي زنده نہ بچندو؟“

ارشد چيو: ”مون کي يقين آهي تہ سندس زنده بچڻ جي ذري بہ اميد هجي ها تہ ڊاڪٽر صاحباسان کي ائين نہ چئي ها.“

هو سڀ نازيہ ڏانهن ڏسي رهيا هئا. سڀني جون منتظر نظرون مٿس کتل هيون، نازيہ کي لڳو تہ هر ڪنهن جون نگاهون کيس اهو چئي رهيون هجن تہ هوءَ پنهنجي ماماتا جي قرباني ڏئي، اهو چئي ڇڏي تہ جيڪڏهن نومي موت ڏانهن وڌي رهيو آهي تہ بيشڪ سندس اکيون عطيو ڪيون وڃن.

نازيہ ڏڪندڙ قدمن سان اٿي ۽ دريءَ جي پر سان وڃي بيٺي. شام جي سرمئي رنگ جي پيش منظر ۾ گھرن ۾ ٻرندڙ روشنيون نظر اچي رهيون هيون. روڊ تي هلندڙ گاڏين جي هيڊ لائيٽس جي روشنيءَ سان سڙڪ تي رنگا رنگي روشنيون خوبصورت عڪس وڪري رهيون هيون. جيڪي آهستي آهستي پکڙجندڙ اونداهيءَ ۾ انتهائي خوبصورت لڳي رهيون هيون. سندس اندر هڪ لمحي ۾ جڻ نور جو تجلو ٿيو ۽ اندر مان آواز آيو تہ جيڪڏهن هڪ معصوم ٻارڙي اڳتي هلي اهي روشنيون ۽ رنگينيون ڏسڻ جي قابل بنجي ٿي تہ سندس نوميءَ جي حياتي جڻ ختم نہ ٿي، شايد هو ٻئي اجان سنا ماءُ پيءُ نہ بنجي سگهيا هئا، ان لاءِ ئي قدرت پنهنجي امانت واپس وٺي رهي هئي، پر کين هڪ موقعو ڏئي رهي هئي تہ هو پنهنجي جگر جي ٽڪر جي هڪ نشاني پوءِ بہ محفوظ رکي سگهن. روح جي ان انقلاب هڪ لمحي ۾ کيس هڪ فيصلو ڪرڻ جو حوصلو ڏنو. نازيہ سيني ڏانهن ڏسندي چيو:

”آئون پنهنجي ٻچڙي جي ساهہ جي آخري پساهہ تائين وٽس رهڻ ٿي چاهيان...“ ۽ هن هڪ هڪ ڏانهن واري واري سان ڏسندي چيو:

”۽... هن جي آخري پساهہ کانپوءِ... سندس اکيون... يا ڪو بہ عضوو... ڪنهن ٻئي ٻار جي ڪم اچي سگهي تہ توهان هن کي ڏئي سگهو ٿا.“

اهي لفظ چوڻ بعد جڻ هوءَ هوش ۾ نہ رهي، ارشد کيس نہ سنڀالي ها تہ هوءَ ضرور ڪري پوي ها نازيہ لڙڪن ڀريل اکين سان هن ڏانهن ڏٺو تہ سندس چهرو بہ لڙڪ ڀنل هو پر نازيہ کي هن وقت هڪ نئين احساس جو ادراڪ ٿيو تہ غم جي شدت جي باوجود بہ هوءَ پنهنجي دل جي گهرائين ۾، هڪ نامعلوم سڪون لهندي محسوس ڪري رهي هئي. ٿوري دير بعد هن نوميءَ جي اکين کي عطيو ڪري ڏيڻ جي ڪاغذن تي صحي ڪري ڇڏي.

نومي اڌ رات تائين زنده رهيو ۽ هو ٻئي سندس سيرانديءَ کان ويٺي. ڪڏهن سندس ٿڌن ۽ بي حرڪت هٿن کي پنهنجن هٿن ۾ وٺندا تہ وري آهستي ڪري ڇڏي ڏيندا رهيا. خاموش ڪمري ۾ فقط مشين جي هلڪي گهرڙاٽ جو ارتعاش هو جيڪي نوميءَ جي ساهہ کڻڻ جي سلسلي کي جاري رکي رهيون هيون. پر پوءِ اهو آخري وقت بہ اچي ويو جڏهن مشينون بہ اهو سلسلو جاري رکڻ ۾ ناڪام ٿي رهيون هيون ۽... نيٺ... نوميءَ جي ننڍڙي ڇاتي ساهہ جي اچ وڃ کان بلڪل محروم ٿي وئي.

نازيہ آخري دفعو هن جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ ڪٽي سندس هٿ جي ننڍڙي ترئي کي چميو پوءِ سندس هٿ جي پتڪڙين آڱرين کي بند ڪيو تہ جيئن مامتا جو اهو آخري ڇهاءُ هميشہ لاءِ سندس هٿن ۾ محفوظ ٿي وڃي. ڊاڪٽر جو خيال هو تہ هن جو يڪدم آپريشن ڪيو ويندو پر جڏهن هو ٻئي واپس گهر موٽي رهيا هئا تہ، نہ ڊاڪٽر نہ ئي ڪنهن ٻي ان ڳالهہ جو ذڪر ڪيو. نازيہ پنهنجي سس پرسان ڪار جي پوين سيٽ تي ويٺل هئي ۽ اڳين سيٽن تي نازيہ جو پيءُ ۽ ماءُ ويٺل هئا... ۽ ان مهل

ٿي... وري هڪ ڀيرو نازيه پنهنجي اندر هڪ نئين سوچ ۽ جذبي جي اڀرڻ جو ادراڪ ڪيو ۽ هاڻي ڪيس هڪ ماءُ جي پنهنجي اولاد لاءِ اونهي جذبي جو احساس ٿيو ۽ پهريون دفعو ڪيس احساس ٿيو ته سندس سس جي پنهنجي پٽ سان محبت ڪيڏي نه شديد هئي ۽ جڏهن سندس پٽ ڪانئس ڏار ٿي رهندو هو ته اها هن لاءِ ڪيتري تڪليف ڏيندڙ دوري هوندي هئي ۽هوءَ فقط هر آچر تي ڪجهه ڪلاڪ هن سان گذارڻ لاءِ سڄو هفتو انتظار ۾ ڪاٽيندي هئي. هوءَ به ڄاڻندي هيئ ته سندس پٽ، هاڻي شادي شده هو ان لاءِ هاڻي مٿس سندس اڳوڻو اختيار نه رهيو هو هاڻي هو به ڀيءُ بڻجي ويو هو. سندس گهر هو زال هئي ۽ هڪ ٻار هو ان جي ڪري هوءَ هر آچر تي ملندڙ ڪجهه ڪلاڪن جي خوشيءَ ۾ خوش هئي. هوءَ اڃان به ارشد جي پسند جا کاڌا پنهنجي هٿن سان پچائي خوش ٿيندي هئي، نازيه کي اهو ڀڇتاءُ ٿيڻ لڳو ته هن هڪ ماءُ کان اها خوشي ڇو کسڻ ٿي چاهي، فقط ان لاءِ ته هوءَ آچر تي گهمي ڦري ۽ تفريح ڪري، هن ڇو هڪ ماءُ کان سندس اڪيلو پٽ کسڻ ٿي چاهيو. هوءَ ڇو هڪ خود غرض عورت بڻجي وئي هئي ۽ پنهنجي سس سان حسد ڪرڻ لڳي هئي پر هن اهو وساري ڇڏيو هو ته اولاد ڪيترو ئي وڏو ڇو نه ٿي وڃي، ماءُ جو حق مٿس سدائين رهندو اهي، هاڻي جڏهن هوءَ ماءُ بڻجي وئي هئي ۽ اڄ هڪ پتڪڙي وجود جا ٽڏا هٿ، ڳل ۽ چپ ڇهي آئي هئي ته مامتا جو جذبو هن جي اندران ڄڻ ڦاٽ ڪائي ٻاهر نڪري رهيو هو. هن جي اکين مان لڙڪ لڙڻ لڳا ۽ هن پنهنجن ٻنهي هٿن سان پنهنجي سس جو هٿ پڪڙي چمي اکين تي رکندي چيو:

”امان! توهان گهر ڇو ڻتا هلو اتي اسان وٽ سهولتون ايڏيون ڪو نه اهن، ان ڪري شايد توهان کي آرما نه ملي پر توهان اڪيلا نه ٿيندا.“

ڪار جي شيشن تي پوندڙ ٻاهرين روشنين جي عڪس ۾ نازيه کي پنهنجي سس جي ڳلن تان ڳوڙها لارون ڪندي نظر آيا.

”ڏيءَ! اڄ تو مون کي اهو احساس ڏنو آهي ته آئون صرف هڪ پٽ جي ئي نه پر هڪ پياري ڏيءُ جي ماءُ به آهيان.“

هو ٻئي پهريون ڀيرو هڪ ٻئي لاءِ اهڙو احساس محسوس ڪري رهيون هيون. نازيه کي اهو سوچي اذيت پئي ٿي ته ان رشتي جي بنياد مضبوط ڪرڻ لاءِ هڪ ننڍڙي معصوم جان کي قربان ٿيڻو پيو.

ٽئي ڏينهن نوميءَ جي تدفين ٿيڻ بعد. جڏهن سڀ قبرستان مان موٽي رهيا هئا ته نازيه جي پيءُ کيس پاڻ سان ڪجهه ڏينهن لاءِ وني وڃڻ چاهيو ته نازيه چيو:

”نه بابا! آئون سمجهان ٿي ته هنوقت منهنجي مڙس ۽ منهنجي گهر کي منهنجي وڌيڪ ضرورت آهي.“

ارشد جي چهري تي نازيه جي ان جواب سان هڪ اطمينان لهي آيو. نازيه ٻيهر ڳالهايو.

”اڃان ته اسان ٻنهي کي نوميءَ جي استعمال جي شين کي گڏ ڪري پيڪ ڪري رکڻ جو ڪم

ڪرٽو آهي، سندس رانديڪا، ڪپڙا ۽ پينگهو... سڀ... سڀ... ۽... اسان کي هاڻي پنهنجي وڪريل زندگيءَ کي بہ تہ سهيڙڻو آهي.“

ٻئي ڏينهن کان ارشد پنهنجي نوڪريءَ تي وڃڻ لڳو. نازيہ بہ نوڪري ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. سندس اهڙو فيصلو ٻڌي ارشد کيس چيو:

”اهو تو سٺو فيصلو ڪيو آهي، ائين تنهنجي دل بہ وِندري پوندي، مون کي سڄي عمر پنهنجي دل ۾ اها خلش رهندي تہ نوميءَ جي جان منهنجي غلطيءَ سبب وئي.“

”نہ... نہ...“ نازيہ آلين اکين سان چيو: ”اسين ٻئي قصور وارو آهيون، ان صبح جيڪڏهن آئون توسان جهيڙو ۽ ضد نہ ڪريان ها تہ...“

”پر... ڪار تہ مون پئي هلائي نہ.“

”اهو هادثو تہ ٿيڻو ئي هو... قدرت شايد اسان کي اهو سيکارڻ پئي چاهيو تہ پهرين اسين سٺا ماءُ پيءُ ۽ زال مڙس بڻجون.“

”ها!... ۽ اجان اسان کي پنهنجي مالي حالت بہ بهتر ڪرڻي آهي تہ جيئن اسين پنهنجن ٻارن کي زندگيءَ جو سک ڏئي سگهون.“

”تون بالڪل صحيح ٿو چوين. پهرين اسان کي ذهني طرح ميچوئر ٿيڻ گهرجي، سٺي گهرو زندگيءَ جو هنر سکڻ کپي، تہ جيئن اسين اڳتي پنهنجي اولاد جي سٺي تربيت ڪري سگهون. آئون سمجهان ٿي تہ ان هادثي اسان کي گهڻو ڪجهہ سيکاري ڇڏيو آهي.“

ان حادثي کي اٺ مهينا گذري ويا. نازيہ جي دل ۾ ڪنهن ٻار جي روئڻ جو آواز ٻڌي درد جي لهر ڇُلي پوندي هئي ۽ ننڍڙن ٻارن کي ڏسي پئي ٿرندي هئي. هن ۾ سڀ کان وڏي تبديلي اها ائي هئي تہ هوءَ ۽ ارشد هاڻي جهيڙو نہ ڪندا هئا بلڪہ اڳي کان بہ وڌيڪ هڪٻئي سان پيار ۽ هڪٻئي جو خيال رکندا هئا.

نوميءَ جي تدفين جي ڇهن هفتن بعد ڊاڪٽر کين فون تي ٻڌايو هو تہ نابين ٻارڙيءَ جو آپريشن ڪامياب رهيو هو ۽ هاڻي هوءَ ڏسي سگهي پئي. تڏهن نازيہ ڊاڪٽر کي چيو:

”منهنجي لاءِ اها ڳالهہ خوشي ۽ اطمينان جو باعث آهي تہ نابين ٻارڙيءَ جي اکين کي نور ملي ويو آهي.“

”هن جا ماءُ پيءُ توهان ٻنهي سان ملڻ چاهين پيا.“ ڊاڪٽر چيو:

”کين خبر آهي تہ هو توهان جي احسان جو بدلو سڄي عمر چُڪائي نٿا سگهن پر پوءِ بههو خود توهان سان ملي، توهان جا ٿورا مڃڻ چاهين ٿا.“

نازيہ ۾ همٿ نہ هئي تہ هوءَ نوميءَ جون اکيون اهڙي ريت ڏسي ان لاءِ هن چيو:

”اسان لاءِ اهو ئي ڪافي آهي تہ هن دنيا ۾ هڪ ننڍڙي ٻارڙي موجود آهي، جنهن جي اکين ۾ نوميءَ جي اکين جي چمڪ موجود آهي، ۽ فقط ان سبب هوءَ سج جا ڪرڻا ۽ اندلٺ جا رنگ ڀَسي

سگهي ٿي.“

نازيه جي اک اجان به اوچتو رات جو گهري ننڊ مان کُلي ويندي هئي، ۽ کيس لڳندو هو ته هن نوميءَ جي روئڻ جو آواز ٻڌو آهي. يا ڪنهن باغ ۾ ويهندي جڏهن ٻوٽن جون ٽاريون لڏڻ لڳنديون هيون ته هڪ لمحي لاءِ کيس ائين محسوس ٿيندو هو جڻ اوچتو اتان نوميءَ جو مرڪندڙ ۽ کِلندڙ چهرو ظاهر ٿيندو.

وقت ڪجهه سال اڳتي سرڪي ويو آهي. ارشد جي پڙهائي پوري ٿيڻ بعد کيس هاڻي سٺي نوڪري ملي وئي آهي، ۽ هاڻي هو مالي طور سٺي پوزيشن ۾ آهن. تڏهن قدرت به مٿن مهربان ٿي هڪ ننڍڙي وجود جو دنيا ۾ اچڻ جو کين سنديشو ڏنو اهي. هو ٻئي بيحد خوش آهن ۽ هاڻي کين يقين آهي ته هن ڀيري هو بهترين ماءُ پيءُ ثابت ٿيندا، ڇو ته هو اڳي کان وڌيڪ سمجهدار ٿي چڪا آهن. هاڻي ته هو ٻار جي موجودگيءَ سان پيدا ٿيندڙ مسئلن تي هڪ ٻئي کي الزام نه ڏيندا بلڪ هر نئون ڏينهن هنن لاءِ خوشيءَ جو نئون نياپو آڻيندو.

نازيه کي اڄ حيرت ٿيندي آهي ته هوءَ ماضيءَ ۾ اڏي چيڙاڪ ڇو ٿي وئي هئي! جو کيس ذري ڳالهه تان ڪاوڙ اچي ويندي هئي. کيس مڙس جو خيال رکڻ ۽ ٻار پالڻ لاءِ مصروف رهڻ گوارا نه هو. اڄ اهو سڀ ڪجهه جيڪو کيس موهيندو هو يعني نت نوان لباس، بينڪ بئلنس، سير ۽ تفريح، پارٽين ۾ وڃڻ وغيره، هاڻي هو ٻئي پنهنجي ننڍڙي گهر جي سڪون خاطر هر قرباني ڏيڻ لاءِ تيار هئا. کين يقين آهي ته هو پنهنجي سيني ٻارن سان بيحد پيار ڪندا، پر سندن پهرين ٻار جي محبت، سندن دل مان ڪڏهن به ختم نه ٿيندي. اڄ سندن زندگي بلڪل بدلجي چڪي آهي، ڇو ته قدرت ڪڏهن ائين به سبق سيکاريندي آهي.

(مرڪزي خيال ورتل)

# مِنِي ڪهاڻيون

# اسٽينبرڊ

صفيہ: ”سلميٰ! مرد تنهنجي رشتي واري جيڪا ڳالهہ ٻولهہ هلي رهي هئي ان جو ڇا ٿيو؟“
سلميٰ: ”اها تہ ختم ٿي وئي. اسان هنن کي جواب ڏئي ڇڏيو.“
صفيہ: ”ڇو...!!؟“
سلميٰ: ”ڇو... جو... هو اسان جي اسٽينبرڊ جا نہ هئا.“

•

صفيہ: ”سلميٰ! تنهنجي رشتي واري ڳالهہ ٻئي هنڌ شروع ٿي هئي نہ... ان جو وري ڇا ٿيو؟“
سلميٰ: ”اها تہ ختم ٿي ويئي، هنن اسنا کي جواب ڏئي ڇڏيو.“
صفيہ: ”ڇو...!!؟“
سلميٰ: ”ڇو جو... اسان هنن جي اسٽينبرڊ جا نہ هئاسين.“

# صلو

هن سندس گهر واري جي خواهش تي، ڏينهن رات پورهيو ڪري ڪيس پرڏيهہ ڪمائڻ لاءِ موڪليو هو.

... اڄ... جڏهن سالن جي انتظار ڪان پوءِ پرڏيهہ مان سندس دوست هٿان هن کي سندس خط مليو تہ بند لفافي کي هٿ ۾ ڪڻندي هوءَ خوشيءَ ۾ نہ پئي ماپي تہ هن خط ۾ سندس وَرَ ڪيس اتي گهرائڻ جو پيغام موڪليو هوندو. سالن جون جدايون ختم ٿينديون ۽ هوءَ پنهنجي وَرَ وٽ ويندي. هن خوشيءَ سان ڏڪندڙ هٿن سان لفافو ڪوليو ۽ پڙهيو تہ واڻڙي ٿي وئي ۽ پنا سندس هٿن مان ڪري پيا... ڇو تہ خط ۾ هن جي پرڏيهہ ۾ شادي ڪرڻ جي اطلاع سان گڏوگڏ سندس لاءِ طلاق نامو بہ آيو هو.

# پناهه

هوءَ هڪ معصوم ڇوڪري هئي، جيڪا گهر جي چوڌيواريءَ اندر پاڻ سان ٿيندڙ ناانصافين، ناحقن، ڏاڍ ۽ جبر کان پناهه وٺڻ خاطر ان بند مان نڪري انهن سپنن جي ساپيان ماڻڻ لاءِ، جيڪي ڪيس هڪ مرد ڏيکاريا هئا، ان سان گهران نڪري شهر جي وسعتن ۾ گم ٿيوئي هئي، پر وقت گذرڻ سان گڏ جڏهن هوءَ پير پٿون ڪري چڪي ۽ معاشري جي منافقن، بدصورتين کي ڏسي چڪي ۽ سمجهي چڪي ته پناهه ته گهر کان ٻاهر ڪانهي ۽ ائين واڳوڻ ڏيهه جي وَر چڙهندي وئي، تڏهن قدم قدم تي ملندڙ بگهڙن کان پناهه فقط موت جي منهن ۾ ئي ڪيس نظر آئي... ۽ پوءِ سندس حياتيءَ جو سمورو ڪتاب هن ساڻ ئي لهرن ۾ لڙهه يويو ۽ زندگيءَ جي آخري باب جون آخري سِٽون ٻي ڏينهن جي اخبارن ۾ هن ريت ڇپيون:

”ڪالهه هڪ نامعلوم عورت، دريا ۾ ٽپو ڏئي، پنهنجي حياتيءَ جو انت آندو، سندس شناخت نه ٿيڻ سبب ڪيس لاوارث ڄاڻائي دفنايو ويو.“

# شناخت

نڪاح نامي تي سائن ڪري هڪ روايتي شخص جي مسز...؟ بنجڻ کان اڳ ۾ هوءَ الماريءَ ۾ رکيل سندس اعليٰ تعليم، قابليت ۽ مڃتا جا سمورا ميڊل، سرٽيفڪيٽ ۽ “Wishing Cards” ڪڍي ساڙي ۽ ضايع ڪري تي ڇڏي، ڇو ته ڪجهه ئي دير بعد ڪيس ڳاڙهو وڳو پهري هڪ سطحي ذهينت رکندڙ شخص جي وني بنجي هڪ روايتي گهر جي چائنٽ پار ڪرڻي هئي. جتي عور تجي ذاتي شناخت ڪا معنيٰ نه رکندي آهي!

# بار

پنهنجي سَتين ۽ آخري پيڻ کي پرڻائي رخصت ڪرڻ کان پوءِ هن ٿَڪ ۾ چُور لهجي ۾ پاءُ کي مخاطب ٿيندي چيو:

”ادا، ستن پينرن جي فرض کان الله ڪري آجا ٿياسون ته وري ڏيئرون جوان پيون ٿين.“

# سزا

مذھب شاديءَ جي معاملي ۾ عورت جي مرضي پڇڻ جي تلقين ٿو ڪري پر... سڀ مٽ مائٽ، پيءُ ۽ ڀائرن سان گڏجي ڪورٽ جي ٻاھران جمع ٿيا آھن. جن مٿس ڪيس ڪيو آھي.

مذھب جو حڪم آھي تہ عورت تي چار گواھن جي گواھيءَ ڪان سواءِ بدڪاريءَ جو الزام لڳائڻ تھمت آھي. جنھن ڪي ڪبيرہ گناھن ۾ شامل ڪيو ويو آھي پر... ھن پنھنجي مرضيءَ سان ڪورٽ ۾ وڃي شادي ڪئي تہ ھنن سيني مٿس بدڪاريءَ جو الزام لڳايو ۽ ھاٽي ھو سڀ ھٿن ۾ پٿر ۽ سرون کڻي سندس ڪورٽ مان نڪرڻ جو انتظار پيا ڪن.

مذھب عورت ڪي ماءُ، ڀيڻ، زال ۽ ڌيءَ جي حيثيت سان وڏو مان ڏنو آھي پر جيئن ئي ھوءَ ڪورٽ جي شنوائيءَ ڪان پوءِ ڪورٽ مان نڪتي ئي مس تہ... ھوءَ... جيڪا زال بہ آھي تہ ڀيڻ بہ، ڌيءَ بہ آھي ۽ ماءُ بڻجڻ واري آھي... مٿس سندس ئي پيءُ، ڀائرن ۽ مٽن مائٽن پٿرن ۽ سرن جو مينھن وسائڻ شروع ڪري ڏنو. ايستائين جو ھو رتو رت ٿي ڪري پئي ٿي، پر ھنن ڪي پوءِ بہ مٿس رحم نہ آيو. پٿر لڳندا رھيا ۽ ھوءَ پڙپي پئي. حيرت آھي تہ سرعام ٿيندڙ ان بربريت ڪي روڪڻ لاءِ ڪو بہ نہ آيو. جڏھن تہ ڪورٽ ٻاھران پوليس بہ بيٺل آھي ۽ تماشو ڏسڻ وارا بہ.

ھن آخري ھڏڪيءَ ڪان اڳ لڙڪن ھاڻي نظرن سان ڪورٽ جي دالان ۾ لڳل، ھٿ ۾ ترازو کڻي بيٺل انصاف جي ديويءَ ڏانھن ڏٺو جنھن جي اکين تي ڪاري پٽي ٻڌل آھي ۽ سندس ڪنن ۾ ھڪ آواز گونجي ٿو: "انصاف انڌو ھوندو آھي."

# غيرت

ھن جي گھر واري ڪي سندس 'ميڊيا' تي اچڻ پسند نہ ھو ان ڪري ھن ڪي اليڪٽرانڪ ميڊيا تي ڪمپيئرنگ ڪرڻ ڇڏڻي پئي. پر ٻئي پاسي آفيس ۾ مردن سان گڏ جاب ڪندي جڏھن "باس" بھانن بھانن سان ڪيس پنھنجي آفيس ۾ سڏي ٿو ۽ مرد ڪليگ ساٿس "دوستي" ڪرڻ لاءِ آتا ھوندا آھن تہ انھن سيني جون نظرون برداشت ڪندي ڪندي ھوءَ اڪثر وڪري ويندي آھي. تڏھن ھوءَ پنھنجا مسئلا پنھنجي گھرواري سان "شيئر" ڪرڻ چاھيندي آھي ۽ اڪثر جاب ڇڏڻ جو فيصلو ڪندي آھي ڇو تہ يڪس فقط پنھنجي گھر ۽ ور سان پيار آھي. ھوءَ فقط پنھنجي مڙس لاءِ سجڻ ۽ سنورڻ چاھيندي آھي نہ ڪي 'آفيشل پارٽيز' ۾ حوس ڀري نگاھن لاءِ.

پر... ھر مھيني ڪائنس سندس پگھار وٺي ڪٽيندڙ مڙس وٽ سندس 'مسئلا' ٻڌڻ جو ٽائم ئي ڪونھي.

# غيرت مند

پنهنج يمنزل تي پهچي جڏهن هوءَ رڪشا واري کي ڀاڙي جا پئسا ڏيڻ لڳي تہ هن چيو ”هاڻي ايڏو بيغيرت بہ ڪو نہ آهيان جو پيڻ کان پئسا وٺان.“

”ڀيڻ پر آئون تہ توهان کي سڃاڻان ئي نٿي...“

”ياد ڪريو.. يونيورسٽي ۾ پڙهڻ دوران اسين ڪلاس فيلوز هائسين توهان مون کي ڀاءُ سڏيو هو ۽ مون بہ سدائين سڳي ڀيڻ سمجهيو هو توهان کي.“

”اوهہ... منهنجا رب!... ادا توهان آهيو؟ توهان تہ تمام شريف ۽ نفيس انسان هئا. گولڊ ميڊلسٽ ۽ تقريرن جي مقابلن ۾ ٽاپ پوزيشن ڪٽندڙ.. توهان جي ذهانت ۽ ڪردار جو مثال تہ يونيورسٽي جا استاد پين شاگردن کي ڏيندا هئا... ۽... اڄ... توهان هن حال ۾ آهيو ۽ رڪشا ٿا هلايو؟“

”پوءِ ڇا ڪريان؟ سفارش ۽ رشوت ڏيڻ کان سواءِ اڄڪلهہ نوڪريون ڪٿان ٿيون ملن تہ پوءِ ڇا ڳچيءَ ۾ ميڊل پائي ۽ هٿن ۾ ڊگريون کڻي بيروزگار وينو هجان ۽ سماج ۾ پنهنجي ناقدريءَ جو روئڻو وينو روئان؟“

”پر... پوءِ... بہ ائين رڪشا هلائڻ...“

”نہ... نہ... براءِ مهرباني مون تي رحم کائڻ جي ضرورت ڪونهي. مون کي فخر آهي تہ آئون پورهيو ڪريان ٿو نہ ڪنهن کان پنان ٿو نہ ئي ڪنهن جو قرضي آهيان. خوش هجو شل سدائين منهنجي پياري ڀيڻ...“

اهو چوندي هو مونکي حيران ۽ پريشان ڇڏي اتان هليو ويو.

# محافظ

”اف خدايا! ايڏي درندگي؟... هي ڇا ٿي ويو؟“

”ڇو؟ توهان ڪيس نه سجاڻندا هئا ڇا؟“

”ها!... پر... مون ته سمجهيو هو ته هو منهنجي گهر جو محافظ بڻجندو.“

”هڪ مفرور مجرم؟“

”ها!... هو قانون ڪان ڀڄي نڪتل مفرور مجرم هو. هو منهنجي گهر تائين پهتو هو. مون ڪيس سجاتو ٿي، پر مون سمجهيو ته جيڪڏهن آئون ڪيس پناهه ڏيندس ۽ مٿس هٿ رکندس ته هو منهنجي گهر جي حفاظت ڪندو. ڇو ته مون پنهنجي لاءِ ڪيئي دشمن بڻائي ڇڏيا آهن هو بار بار جرم ڪري مون وٽ اچي محفوظ ٿي ويندو هو ۽ سندس هئڻ سان مون کي پنهنجو گهر محفوظ لڳندو هو پر پوءِ هن منهنجي مرضي کانسواءِ منهنجي ئي ويجهڙائي ۾ وارداتون ڪرڻ شروع ڪري ڏنيون ته مون کي تشويش ٿي ۽ مون ڪيس ائين ڪرڻ کان جهليو ته هو نه مڙيو. سندس اندر سرڪشي اچي وئي. مون ڪيس ان لاءِ سزا ڏني ته اڄ... اوهه خدايا!... هو منهنجي ئي گهر ۾ گهري منهنجن معصوم ٻچڙن کي گولين جا برسٽ هڻي رتورت ڪري ويو...؟“

”ڏاڙيلن کي محافظ سمجهبو ته ائين ئي ٿيندو نه!“

# قلم ۽ قلمدان

هڪ اهم عهدي جو خوبصورت ۽ نفيس ”قلمدان“ سنڀالڻ کان اڳ هن غريبن، مسڪينن ۽ مظلوم ماڻهن جي مسئلن تي شاهڪار ڪهاڻيون لکي بيحد شهرت ماڻي هئي ۽ عوامي طبقي ۾ بيحد مقبول هو پر هاڻي خود ڪرپشن جي مشينري جو اهم پرزو بڻجي ويو هو ايڏو تہ مصروف ٿي ويو آهي جو هاڻي تہ ڪيس اها فرصت بہ نہ آهي جو هو ڏسي سگهي تہ جنهن قلم سان هن ڪيئي شاهڪار تخليق ڪيا هئا، ان جي نِبَ ڪڏهوڪي زنگجي چڪي هئي.

☟

# زلزلو

زلزلي جو شديد جهٽڪو آيو ۽ زمين ڏڪڻ لڳي تہ ماڻهو ڊپ وچان پنهنجن گهرن مان نڪري آيا.

هن جو گهر وارو روزگار سان شهر کان ٻاهر ويل هو سندن پراڻي گهر جي ڀتين ۾ زلزلي سبب ڏار پئجي ويا هئا. پاڙي واري ڪيس ٻارن کي وٺي گهر کان ٻاهر نڪري ميدان تي اچڻ لاءِ چيو ڇو تہ آفتر شاڪس جو خطرو هو.

هن کي هڪ پٽ ۽ ٽي نياڻيون هيون جن مان هڪ نياڻي پيدائشي معذور هئي. هڪ تہ ڇوڪري.. ۽ اها بہ معذور.. هن کي ڏسي سدائين سندس اندر ۾ وڍ پوندا هئا تہ هتي سنيون سِڌيون نٿيون اگهامجن اوتي هي زنده لاش ڪيڏانهن ويندو...؟ هوءَ ڪيستائين هن کي سنڀاليندي؟ ڪانئس پوءِ هن جو ڇا ٿيندو؟...

هن پنهنجن صحتمند ٻارن کي سڏي گهر کان ٻاهر ڊوڙ پاتي ۽ هڪ ظالم سوچ سندس ذهن ۾ آئي تہ:

”ڇو نہ معذور ٻارڙيءَ کي اتي ئي کٽ تي پيل ڇڏيان ٻيو جهٽڪو ايندو تہ هي گهر هاڻي ڪرڻو ئي آهي... تہ... پوءِ... هوءَ ختم ٿي ويندي ۽ سبب تہ زلزلو ئي ٿيو نہ...!“

هوءَ ٻارن سميت دروازي ڏانهن ڊوڙي تہ اوچتو معذور ٻار جي درد ڀري دانهن ۽ روئڻ جو آواز ٻڌائين ۽ مڙي ڏٺائين تہ هوءَ ڪين ويندو ڏسي روئي رهي هئي. هن جي اکين ۾ حسرت ۽ خوف صاف ظاهر هو.

سندس ماِمتا جهٽڪي سان جاڳي پئي ڪاڏو ۽ هوءَ جن تہ هوش ۾ اچي وئي ۽ واپس ڊوڙي اچي کيس ڪڇ ۾ ڪنيائين ۽ سيني کي گهر کان ٻاهر آڻي ميدان تي ويهاريائين مس، تہ آفتر شاڪس جو جهٽڪو لڳو ۽ زمين وري لرزي ۽ سندس ڪجهہ دير اڳ واري بي رحم سوچ جيان هن جو گهر اچي پٽ پيو.

☟

# چماٽ

هوءَ پنهنجي ڪِرت سان عشق ڪندڙ پرائيويٽ اسڪول جي محنتي ۽ قابل استاد هئي. هن پنهنجي محنت سان ڪيترن ئي شاگردن جو مستقبل سنواريو هو ڪيس پنهنجي ايمانداريءَ تي فخر هو ۽ هوءَ پنهنجن شاگردن جي آئيڊيل استاد هئي.

هڪ ڀيري جڏهن هو فائنل امتحانن جا پيپر چڪاسي رهي هئي تہ وٽس سندس هڪ مائٽياڻي جي ڪال آئي، جيڪا تمام امير عورت هئي. سندس پٽ هن جو شاگرد هو. هن خاتون سندس پٽ کي سٺيون مارڪون ڏيڻ جي سفارش ڪئي تہ هن چيو: ”هو تہ فيل ٿي ويو آهي. هن پيپر ۾ ڪجهہ بہ نہ لکيو آهي. ٿوري گهڻي بہ گنجائش هجي ها تہ آئون توهان جي سفارش ڪانسواءِ ئي ڪيس پاس ڪري ڇڏيان ها.“

تڏهن هن خاتون ڪيس پيسن جي لالچ ڏنو تہ هوءَ تپي باهہ ٿي وئي ۽ ڪيس ڪتو جواب ڏنو: ”سوري! پنهنجي آفر پاڻ وٽ رکو آئون غلط ڪم نہ ڪنديس.“ ان خاتمون ڪيس ڏاڍي ٻڏائي ۽ خاندان ۾ سندس رڪائي جو چرچو ڪيو پر سندس ضمير مطمئن هو.

جنهن ڏينهن رزلٽ آئوٽ ٿيو تہ ڪيس اها خاتون اسڪول ۾ نظر آئي، هن اسڪول جي مالڪياڻي کان سندس پٽ جو رپورٽ ڪارڊ ورتو ۽ اتي بيٺي بيٺي هن کي پاس ڪرائي ڇڏيو ۽ پوءِ مالڪياڻي ڏاڍي گرمجوشيءَ سان خاتون سان هٿ ملايو تہ هوءَ يکس طنزيہ مسڪراهٽ سان نوازيندي سندس پر سان لنگهي وئي تہ ڪيس ائين لڳو تہ ڀري بازار وچ ۾ ڄڻ ڪيس چماٽ وهائي وئي هجي.

# خيال رکجو

جڏهن ڪيس بورڊ جي امتحانن لاءِ پرائيويٽ اسڪولن جي سينٽر لاءِ ”فڪٽوٽم“ ٺاھيو ويو يعني امتحان ونڻ جي انتظامن جون ذميواريون ڏينون ويون تہ ھن وٽ سڄو سڄو ڏينھن ماڻھن جا سفارشي فون اچڻ لڳا. ھوءَ حيران ٿي وئي تہ ھڪ ٻن ڏينھن اندر سندس سيل نمبر انھن ماڻھن وٽ ڪيئن اچي ويو ھو؟!

اڄ صبح جو وجيلنس ٽيم سان گڏ ايندڙ آفيسر خاتون جنھن امتحان دوران شاگردن سان نرمي ڪرڻ تي استادن جي بي عزتي ڪئي ھئي. شام جو ڪيس ڪال ڪري سندس نگراني ھيٺ ھلندڙ امتحاني سينٽر ۾ امتحان ڏيندڙ سندس مائٽياڻين جي پارٽ ڪئي بلڪ ڪين ڪاپي ڪرڻ جي سهولت ڏيڻ لاءِ چيو تہ ھوءِ سندس ڳالھہ ٻڌي حيران ٿي وئي.

وري.. ھڪ ناليواري NGO جي بااصول ۽ نالي واري سوشل ورڪر خاتون بہ پنھنجي ڌيءَ جي سفارش ڪندي چيو: ”منھنجي ڌيءَ تمام ھوشيار آھي ۽ ڪيس سيڪجھہ اچي ٿو.. بس ٿورو خيال رکجو.“

... سڄو سڄو ڏينھن اھڙائي جملا ٻڌندي ۽ ”خيال رکجو“ جو ورجاءُ ٻڌي ھن سوچيو تہ ڪاش ھو ڪين اھو چئي سگھي: ”جيڪڏھن ڪاپي ئي ڪرائڻي آھي تہ پوءِ ڳرين فين وارن پرائيويٽ اسڪولن ۾ ٻارن کي ڇو ٿا پڙھايو..؟!“

# ڪهاڻي مڪمل ڪريو

هن پنهنجي پسند جي ڇوڪري جي friend بڻجڻ چاهيو ۽ ان ۾ ڪامياب ٿي وئي.
ڪيس هن ڇوڪري سان پيار ٿي ويو ۽ هوءَ بہ هن جي پريميڪا بڻجي وئي.
هن ڇوڪري سان سندس مڱڻو ٿي ويو.
پوءِ هن ڇوڪري سان سندس شادي ٿي وئي.
هوءَ سني ننهن بڻجي وئي.
پوءِ هوءَ سني ماءُ بڻجي وئي.
پوءِ هوءَ سني سس بڻجي وئي.
پوءِ هوءَ شفيق ناني ۽ ڏاڏي بڻجي وئي.
هي ڪهاڻي آهي هڪ ڪامياب عورت جي

•

”هن ڇوڪري پسند جي ڇوڪريءَ سان دوستي ڪئي پوءِ هو سندس محبوب بڻجي ويو.“
پوءِ هو سندس ميندو بڻجي ويو.
پوءِ هو سندس مرس بڻجي ويو
پوءِ هو سندس ٻارن جو پيءُ بڻجي ويو.
پوءِ هو هن مان بور ٿيو ويو.

پوءِ هو ٻي عورت جو محبوب بڻجي ويو. پوءِ هن ٻي عورت سان شادي ڪري ڇڏي، جڏهن تہ سندس اولاد شادي لائق ٿي چڪو هو پوءِ هو ٻي زال جي ٻارن جو پيءُ بڻيو. حالانڪہ ڏاڏو بڻجڻ جي لائق هو پوءِ هو وري بور ٿي ويو.

پوءِ ڇا ٿيو؟؟؟

هاڻ توهان پاڻ ڪهاڻي مڪمل ڪريو. ضرور ي آهي ڇا تہ هر ڪهاڻي آئون ئي مڪمل ڪريان...!

# انصاف يا ناانصافي

هن بورڊ جي امتحانن دوران پنهنجي ڊيوٽي Invigilator جي حيثيت سان پوري ايمانداريءَ سان ڏني ۽ ڪنهن کي بہ ڪاپي ڪرڻ نہ ڏني. سندس سختي ڏسي ڇوڪرين احتجاج ڪندي چيو: ”مس! ان کان اڳ پيپيرن ۾ ايڏي سختي نہ هئي ۽ بين بلاڪس ۾ کلي عام ڪاپي ٿئي پئي. اسان بہ ان آسري تي هائسين توهان پليز ايڏي سختي نہ ڪريو.“

”منهنجو بئي ڪنهن سان واسطو ڪونهي، استاد ڪاپي ڪرڻ جي اجازت ڏين ٿا يا خود ڪاپي ڪرائن ٿا، پر آئون اهڙو ڪم نہ ڪنديس ۽ نہ ئي ڪرڻ ڏينديس.“

پيپير ختم ٿيو ۽ هوءَ ڊيوٽي ڏئي گهر وڃڻ لاءِ گيٽ تائين پهتي مس تہ هڪ ڇوڪري ڊوڙندي سندس ويجهو آئي، هوءَ اوڇنگارون ڏيئي روئي ڇوڙ لڳي. ”توهان اسان سان ظلم ڪيو آهي. اسين فيل ٿياسين تہ ذميوار توهان هونديون جڏهن هر طرف ڪاپي ڪلچر هلي پيو تہ فقط پنهنجي بلاڪ ۾ ڪاپي نہ ٿيڻ ڏيڻ سان توهان ڪهڙو ڪارنامو انجام ڏنو؟ ايڏو ئي ايمانداريءَ جو شوق آهي تہ پوءِ سڄي سسٽم کي صحيح ڪري ڏيکاريو. سڀ ڇوڪريون رئڻ پيون ۽ توهان کي پٽين پيون. اسان جو فيوچر تباهہ ڪري توهان کي ڇا مليو؟“

تڏهن هن سوچيو تہ هن واقعي انصاف ڪيو يا انصافي؟ جتي هر پاسي بي اصولي هجي اتي اصول تي هلڻ لاءِ مجبور ڪرڻ ظلم آهي يا انصاف؟ ڇو تہ واقعي سسٽم کي تہ هوءَ بدلائي نہ ٿي سگهي پر هو ان جو حصو بہ نہ ٿي بڻجي سگهي. ان ڏينهن بعد هن وري ڪڏهن بہ انويجيليٽر جي حيثيت سان بورڊ جي امتحانن ۾ ڊيوٽي نہ ڏني.

❧

# وقت

(حسن، شهرت، جواني ۽ دولت جي عروج وقت)
”چوڏهينءَ جي چنڊ کي تہ ڏس، ڪيڏو سهڻو ٿو لڳي!“
”دوکي جو روز ٿو ڏسان، ان جي ڪهڙي اهميت!“

●

(حسن، شهرت جواني ۽ دولت جي زوال کان پوءِ)

”لھندڙ سج کي تہ ڏس تہ ڪيئن ٿو لڳي!“
”روز ڏسندي آھيان، آئيني ۾!“

# رھجي ويل پل...

ان ڏينھن ھن وقت جي الماريءَ کي ڪوليو ۽ سالن بعد ان ۾ جمع ٿيل دز جي تھہ کي ڇنڊي صاف ڪيو تہ سامھون دل جو ڪتاب نظر آيس. ھن اتساھہ سان ان کي کوليو تہ ان جي محبت جي باب جا سڀ صفحا يادن جي بائينڊنگ مان نڪري وکري ويا. جيئن دريءَ کان ٻاهر پن ڇڻ جي موسم ۾ سرد ۽ خشڪ ھوائون لڳڻ سبب وڻن ۽ ولين مان پيلا پن ۽ ڪيترائي گل لاڻ جي ڇپر تي پکڙجي ويا ھئا.

وري جو نظر جذبن جي ڊائريءَ تي پيس تہ ھيج وچان ان کي کوليائين تہ ان ۾ رکيل چاھت جي ھڳاءُ سان واسيل ڪيئي محبت نامہ نظر آيس تہ کيس جھٽڪو لڳو.. ڇو تہ ھو انھن کي وقت تي پنھنجي پرينءَ کي پوسٽ نہ ڪري سگھي ھئي.

# چادر ۽ چئوديواري

پنھنجي معصوم ڀيڻ جي وراثت جي ھق کي غصب ڪري ذات برادريءَ ۽ ڪوڙي انا جي ور چاڙھي ھن جي شادي نہ ڪرائڻ ۽ ھن کي پابندين ۾ گھٽي گھٽي مارڻ بعد ھن کي ڪفن جي اڇي اجري ”چادر“ ۾ ويڙھي ڪندبر بڻيل پراڻي حويليءَ اندر ”نياڻين جي قبرستان“ ۾ دفن ڪرائيندڙ وزير عورتن جي حقن بابت ڪوٺايل سيمينار ۾ مھمان خصوصي جي طور تي جوش ۾ تقرير ڪندي چئي رھيو ھو:

”اسان سدائين چادر ۽ چئوديواري جي تقدس کي بحال ڪيو آھي ۽ عورتن جي حقن جي حفاظت لاءِ جاکوڙ ڪئي آھي.“

# چاٻي

هن جي دل تہ محبت سان ڀمتار هئي ڪيس سچي عمر هڪ اهڙي پيار ڪرڻ واري ماڻهوءَ جي ضرورت هئي جيڪو سندس دل جي بند دروازي جي چاٻي کڻي اچي. ان کي کولي ها ۽ ان جي اندر اڪٺ پيار جي خزاني کي حاصل ڪري ها.

پر...

افسوس تہ...

ڪوئي دوکي جي چاٻي کڻي آيو

ڪوئي جوس جي

ڪوئي خود غرضيءَ جي

ڪوئي محض لفظي ۽ کولي محبت جي ايستائين جو دل جي دروازي تي لڳندڙ ڏکن سبب اهو سيرون سيرون ٿي ويو پر کليو نہ.

افسوس!

ڪنهن بہ اهو ڏسڻ جي ڪوشش نہ ڪئي تہ هن جي دل جي دروازي جي چاٻي تہ پرسان ئي موجود هئي، جيڪا ڪنهن بہ نہ ڪنئين.

اها هئي

سچي محبت ۽ اعتماد

جي چاٻي...!

# نيٽ جي ڪهاڻي

ايڊ ڪرڻ لاءِ طرينڊ ريڪوئيسٽ موڪلڻ چيٽ ڪرڻ

عشق جو اظهار ڪرڻ

تصويرون شيئر ڪرڻ، موبائيل نمبر ڏيڻ... واعدا... بي چيني جو اظهار.

... ملاقاتون

اوچتو رويو بدلجڻ

نہ ڪا پوسٽ لائيڪ ڪرڻ نہ ئي چيٽ ڪرڻ سبب پڇڻ تي بيزاريءَ جو اظهار ڪرڻ....

“Leave me alone”

واعدا ياد ڏيارڻ تي اهو چوڻ:

”ڪو بہ آسرو نہ ڏنو هو نہ ئي واعدو ڪيو پاڻ expectation رکڻ شروع ڪيون. “

منٿ ميڙ ڪرڻ ۽ روئڻ تي بيزاريءَ جو اظهار.

آخرڪار...

اڪائونٽ بلاڪ... موبائل نمبر بلاڪ

👎

# ترقي

آفيس ۾ ڏينهن رات محنت ڪندي رهي، پر هر هڪ باس اهميت مس ايڪس کي ڏيندو رهيو.

هن مس ايڪس جو غلطيون نروار ڪيون، پر سٺي ڪارڪردگيءَ ج و ايوارڊ مس ايڪس کي ئي مليو.

هوءَ پنهنجي ميرٽ تي فخر ڪندي رهي ۽ مس ايڪس ترقي ڪندي رهي.

باس هن کي روبوٽ سمجهي هن کان بيگر وٺندا رهيا. جڏهن ته مس ايڪس ناز نخرن، بولڊ لباس ۽ ادائن سان باس کي متاثر ڪندي رهي.

هوءَ سالن کان ساڳئي عهدي تي رهي ۽ مس ايڪس ترقيءَ ڪند يڪندي سندس سندس باس بڻجي وئي.

در اصل هن کي ترقي ڪرڻ آئي ئي ڪونه، جو هوءَ ايتري ته سادي آهي، جو اجا به حيران ٿي سوچيندي آهي ته:

”آخر مس ايڪس ۾ اهڙي ڪهڙي ڳالهه آهي، جيڪا مون ۾ ڪونهي؟!!“

# سوري

”سوري! هيءَ نوڪري توهان کي نٿي ملي سگهي. ڇو ته توهان وٽ گهربل تجربو ڪونهي. “
”سر! جتي به وڃجي ته اهو ئي جواب ٿو ملي... ڪا نوڪري ملندي ته تجربو به ٿيندو نه. “
”سوري...! Next...! “

•

”سر! هاڻي ته مون وٽ گهربل تجربو آهي. “
”جي ها، پر ڇا توهان اشتهار نه پڙهيو جنهن ۾ عمر جي حد ٻڌايل آهي. توهان اوور ايج آهيو. “
”پر... سر! ايتري عمر ۾ گهربل تعليم سان گڏ تجربو ممڪن ئي ڪونهي، مون سمجهيو ته اشتهار ۾ عمر غلط لکجي وئي آهي. “
”اسان کي ٿو سيکارين؟... گيٽ آئوٽ! “
”سر پليز... منهنجي ڳالهه ته ٻڌو... “
”سوري...! Next...! “

# فرق

مرد لاءِ...
”ابا! زال جي گذارڻ کان پوءِ ڪيستائين هن جي سوڳ ۾ ويٺو هوندين؟ ٻي شادي ڪر هاڻي. “
”... اهڙي عورت کي ته ڪيڏم طلاق ڏجي. تو لاءِ رشتن جي ڪمي آهي ڇا؟ “
”مرد کي ته چئن شادين جي اجازت آهي. تون اڃان ايڏو سوچين ويٺو؟ “
”45 سال به ڪا عمر راهي مرد لاءِ... توهان کي ته ننڍي عمر جي ڪنواري ڇوڪريءَ ج رشتو ملي ويندو. “

•

عورت لاءِ...
”توبهن توبهن!... ڪهڙو زمانو اچي ويو آهي؟ ڇوڪريءَ طلاق ورتي ۽ ٻي شادي به ڪري ڇڏي! “
”ائي هن بيوه کي ته ڏسو اڃا عدت پوري ئي ٿيو ته فيشن ۽ گهمڻ ڦرڻ شروع...!! “
”ڇا چيو؟ ڇوڪريءَ جي عمر 35 سال آهي؟ هن عمر ۾ ته هن لاءِ ٻي شادي ڪرڻ وارن ۽ وڏي عمر وارن جا رشتا ئي ايندا هاڻي. “

# سزا

ڪالهہ... هڪ وقت هو جڏهن هن پنهنجي نُنهن جو جيئڻ حرام ڪري رکيو هو. ڇو جو هوءَ سندس پسند جي نہ پر پُٽس جي پسند جي هئي ۽ پوءِ نيٺ سازشون ڪري هن ڪي طلاق ڏيارڻائين ۽ پنهنجي پسند جي نُنهن پرڻائي وٺي آئي.

اڄ... هوءَ ڏاڍي لاچار ٿي پنهنجي پرڻيل ڌيءَ جي در تي اچي پئي آهي ڇاڪاڻ جو سندس پسند جي ننهن سازشون ڪري ڪيس گهر مان ڌڪاري ڪڍيو هو.

👎

# قلم

”قلم تلاور کان وڌيڪ طاقتور هٿيار آهي“ ڪنهن زماني ۾ چيل اها چوڻي سچ هوندي. پر هاڻي ”قلم جي طاقت“ فقط وزيرن ۽ ڪرپٽ آفيسرن جي ”قلمدانن“ ۾ وڃي واسو ڪيو اهي. سچ لکڻ واري قلم کي هاڻي يا تہ ٽوڙي ڇڏيو ويندو آهي يا وري ان جو رخ موڙي ڇڏيو ويندو آهي.

👎

# بهادري

اسٽوڊنٽ ليڊر جي جوشيلي تقرير ”اسين ڪنهن کان بہ نٿا ڊڄون. اسين وڪامڻ وارا ۽ ڀڄي وڃن وارا ڪو نہ آهيون. اسين جيلن کان نٿا ڊڄون. اسان کي اسان جي مقصد کان ڪو بہ هٽائي نٿو سگهي... اڙي!... ڀڄو... رينجرز وارا پيا اچن...!!“

👎

# انتقام

سالن جي محبت، وفا ۽ خدمت بعد جڏھن ھن کي خبر پئي تہ ھن جو مڙس ھن سان بيوفائي ڪري رھيو آھي تہ ھن بہ ساٿي آفيس ورڪر مردن ۽ رانگ نمبر تان آفر ٿيل دوستين کي قبول ڪري ڇڏيو آھي.

